# مزاحيه کهاڻيون



مزاحيه کهاڻيون

کهاڻي 2

ڪاوش گروپ آف پبليڪيشنز

کل ان وقت ايندي آهي جڏهن ڪا شي ٿيندي ٿيندي رهجي وڃي ۽ اسان جي توقع اچانک پاڻي جي ڦوٽي جيان ڦاٽي پوي.
(ڪانٽ)



# مزاحيه ڪهاڻيون

ڪاوش ڪتابي سلسلو- ڪهاڻي 2

# مزاحيه ڪهاڻيون

نگران: محمد علي قاضي • سهيڙيندڙ: سيد زوار نقوي

ڪاوش گروپ آف پبليڪيشن

B-2 سول لائينز حيدرآباد سنڌ

جولاءِ 2000ع

(ڪتاب جا سڀئي اختيار اداري وٽ محفوظ)

ڪتاب جو نالو : مزاحيہ ڪهاڻيون
موضوع : طنز و مزاح ڀريون ڪهاڻيون
مرتب : سيد زوار نقوي
ٽائيٽل : خالد قمبراڻي
ڇاپو : پهريون
سال : جولاءِ 2000
ڇپائيندڙ : ڪاوش گروپ آف پبليڪيشن
بي ٽو سول لائينز حيدرآباد، سنڌ.

ملهہ : =/45 روپيا

MAZAHIA KAHANION - 2000 - Selected New Sindhi Short Stories
Compiled by: Syed Zawar Naqwi
Published by: Kawish Group of Publications,
B-2 Civil Line Hyderabad, Sindh, Pakistan.
Price per Copy Rs: 45/=

# ترتيب


| | | |
|---|---|---|
| ● پنهنجي پاران | سيد زوار نقوي | 6 |
| 1- قدر ڪيئہ ڪونہ، الاڙي....! | نواز علي شوق | 9 |
| 2- انٽرويو ڪان اوتاري تائين | عطا محمد ڀنيرو | 14 |
| 3- عثمان حجم جو پلٽڻ ۾ پرتي ٽيڻ | علي احمد بروهي | 22 |
| 4- پرنس ڪروپاٽڪن ۽ ڪامريڊ برڪت علي آزاد | ادل سومرو | 29 |
| 5- ڪانڌي ڪرڪيٽي ٽياس | رحمت الله ماجوٺي | 36 |
| 6- زخمي صاحب | حفيظ ڪنير | 43 |
| 7- وتايو، ٽوائن بي ۽ ڪلارڪ | اڪبر سومرو | 48 |
| 8- هي شهر بہ ڪوئي بابل آ | عزيز سولنگي | 54 |
| 9- زندگي ڏکن ۾ ٿهڪ ڏئي ٿي | قادر بخش مٺو | 59 |
| 10-ياڳ اياڳ | شهزادو ڳلفام | 63 |
| 11-مان، منهنجي زال ۽ قرباني جو ٻڪرو | جاويد سوز هالائي | 70 |
| 12-پنهنجو ڇا وجي | ثريا سوز ڏيپلائي | 77 |
| 13-ڏراوت | قاسم فاني | 80 |
| 14-مرڪ | رجب آزاد سولنگي | 92 |
| 15-ڪهاڻي جي آڪاڻي | اسلم لغاري | 104 |
| 16-ٽٽل جيون سندر سپنا | نذير ڪمال | 114 |
| 17-ميرل منهنجو دوست | منصور ڳوهر | 125 |
| 18-بي دعوتيا ماڻهو | شمس الدين سومرو | 129 |
| 19-آءُ تہ پرچون پاڻ ۾ | ڊاڪٽر غلام قادر سومرو | 136 |
| 20-جن ڳهاڻي | ڊاڪٽر عزيز ٽالپر | 143 |

# پنھنجي پاران

## سيد زوار نقوي

مونکي خبر ناهي تہ هن جي دل جي ڦرهي تان منهنجو نالو ڪيئن مٽجي ويو هيو پر اهو ضرور معلوم اٿم تہ هو منهنجي زندگي ۾ بهار جي رُت جيان آئي هئي ۽ پنهنجي پويان پت جهڙي اداس ڪري ڇڏيندڙ موسم ڇڏي هلي وئي هئي. ان ڏينهن کان جڏهن بہ مان پنهنجي پلئہ مان سار جي ڳنڍ کوليندو آهيان تہ درد جي هڪ دنيا ليئاڪا پائيندي محسوس ٿيندي آهي. درد جي ان ڪيفيت جو اندازو فقط اها ئي دل ڪري سگهي ٿي جيڪا ان مان گذري هوندي. درد، درد هوندو آهي. ان جي ڪا بہ ٻولي، نسل ۽ قوم نہ ٿيندي آهي پوءِ چاهي اهو درد وڇوڙي جو هجي، غربت جو هجي، بک ۽ بيروزگاري جو هجي.

سچ بہ تہ مون کي خبر ناهي تہ سبب ڪهڙا آهن پر اها خبر ضرور اٿم تہ منهنجي ارد گرد هلندڙ ماڻهن جو هڪ وڏو انگ اداس موسمن ۾ پنهنجي زندگي جو سفر طئي ڪري ٿو. هن جي مقدر ۾ دردِ جانان کان وٺي دردِ دوران تائين جا اڻ ڳڻيا ڪتاب ٽڙيا پکڙيا پيا آهن.

اٽي جي اگهہ ۾ قاتل اڄ جي ماڻهو کان ڇڻ تہ مسڪرائڻ ئي وسري ويو آهي. گهر جو ڪرايو، بجلي، گئس، پاڻي، فون جو بل، ٻارن جي پڙهائي، ڪاڌو پيتو، ڪپڙو لٽو، اٽي وينٽي، هن کي ايترا ڪم ۽ مسئلا آهن جو هن کان اهو وسري ويو آهي تہ بهار ڇا ٿيندي آهي ۽ بهار ۾ ٽڙندڙ رابيل جي گلن کي سمور جهڙي سپرين جي چوٽي ۾ ڪيئن سجائبو آهي. انهي ڳهاڳهي ۽ زندگي جي شور ۾ هن لاءِ چنڊ ۽ چنڊ جي روشني ڇٽڪ رات جي پوئين پهر ۾ ڏٺل هڪ خواب ٿي پئي آهي. تڏهن اسان سوچيو تہ اسان زندگي جي انهن ڦيرن ۽ گهيرن ۾ ورتل سندن اهي درد گهٽائي تہ نٿا سگهون پر هن ڪتاب جي ذريعي سندن ڏکن، دردن ۽ پيڙائن ڀري زندگي ۾ لفظن جا گل، جملن جون خوشبوئون ۽ سٽن جا ٽهڪ اوتيندي خوشي ضرور محسوس ڪري سگهون ٿا. جيڪڏهن وقت جي گهما گهمي ۾ اگر هڪ لمحي لاءِ هن ڪتاب پڙهڻ دوران هنن جا اداس چهرا مرڪن سان ٻهڪي پون تہ اها يقينن اسان جي ڪاميابي هوندي.

اسان مڃئون ٿا تہ مزاح ادبِ جي هڪ سگهاري صنف ٿيندي آهي پر ٻين ڪيترن شعبن جيان اسان ان اسلوب کان بہ وانجهيل رهيا آهيون اها حقيقت آهي تہ سنڌ ۾ ڇڻ تہ مزاح لکڻ وارا رهيا ئي ناهن جنهن کان پيچ ڇٽي، ”اها دل ئي نہ رهي آهي جيڪا مزاح لکي. خوشي ۾ ٽهڪ ڏبا آهن ڏکن ۾ فقط روئبو آهي.“ اسان اهي جواب ٻڌي مايوس نہ ٿياسين پر وڏي محنت ۽ جاکوڙ ڪري پنهنجن مانوارن ليکڪن کان طنز و مزاح ڀريون نيون ڪهاڻيون لکرائي اوهان جي سامهون ان اميد تي پيش ڪري رهيا آهيون تہ اهي يقينن سنڌي ادب جي ڪهاڻي واري صنف ۾ طنز و مزاح واري اسلوب لاءِ لاپائٽيون ثابت ٿينديون. هڪ ٻي بہ ڳالهہ جيڪا هتي ڪندو هلان تہ هي ڪهاڻيون فقط مزاح ڀريون ڪهاڻيون آهن ۽ بس! جن جو مقصد صرف

شيون صرف ان وقت مزاحيه رنگ اختيار ڪنديون آهن جڏهن اسان خود مزاح جي موڊ ۾ هجون
(ايسٽ مين)



ڊاڪٽر نوازُ علي شوق، تاج محمد سهرياڻي بلوچ جي گھر واقع رحمت آباد تعلقو ڪنڊڪوٽ ضلع جيڪب آباد ۾ جنم ورتو. هن ايم اي سنڌي ۽ ايم اي اردو، ايل ايل بي ۽ پي ايچ ڊي جي ڊگري ڪراچي يونيورسٽي مان حاصل ڪئي. هن ملازمت جي شروعات اسلاميه ڪاليج سکر ۾ ليڪچرر شپ ڪان ڪئي ۽ بعد ۾ ڪراچي يونيورسٽي ۾ جتي اڳيان هلي هو سنڌي شعبي جو چيئرمين ٿيو ان کان سواءِ هو سنڌي ٻولي جي بااختيار اداري جو چيئرمين پڻ رهي چڪو آهي ۽ هن وقت شاهه لطيف چيئر ڪراچي يونيورسٽي جو صلاحڪار آهي.

هن ننڍي هوندي کان لکڻ جي شروعات ڪئي ۽ اجان تائين مسلسل لکندو رهيو آهي. هن ڪوڙ سارين ڪهاڻيون، مضمون، ڪالم ۽ مقالا لکيا آهن، جيڪي مختلف اخبارن ۽ رسالن ۾ شايع ٿيندا رهيا آهن. هن جا لڳ ڀڳ 26 ڪن ڪتاب پڻ ڇپجي پڌرا ٿي چڪا آهن.

هو هن وقت ڪراچي يونيورسٽي جي رهائشي ڪالوني ۾ رهائش پزير آهي.

# قدر ڪيئہ ڪونہ، الاڙي....!

## نواز علي شوق

پروفيسر پڙڀاٽي هڪ اهڙو ڪردار آهي، جيڪو اوهان کي هر شهر ۾ نظر ايندو. جيڪڏهن شهر ۾ نہ، تہ شهر کان ٻاهر قائم ڪيل يونيورسٽيءَ جي ڪنهن نہ ڪنهن شعبي ۾ضرور نظر ايندو. اسان جو يار بہ انهن مان هڪ آهي. هو نہ صرف پروفيسر آهي، پر خير سان پي ايچ ڊي بہ آهي، ڪيس اها شڪايت آهي تہ هيڏي قابليت هوندي بہ سندس قدر ڪونہ ٿو ڪيو وڃي، هر آئي وئي سان سدائين اها شڪايت ڪندو رهي ٿو.

ڪن دوستن ڪيس صلاح ڏني تہ ان لاءِ ڪيس نُوري نوسرباز ۽ جانو جانڊاهيءَ جهڙن جوانن سان صلاح مشورو ڪرڻ گهرجي ڇو تہ هو ٻئي هر فن مولا آهن، نيٺ وڃي هٿي هنڌ ڪندا. اها ڳالهہ ڪيس دل سان لڳي. هڪ ڏينهن هن ٻنهي همراهن نُوري نوسرباز ۽ جانو جانڊاهي جي دعوت ڪئي تہ جيئن پاڻ ۾ ويهي انهيءَ اهم مسئلي تي سوچ ويچار ڪجي.

ماني کائڻ کان پوءِ پروفيسر پڙڀاٽي ساٿن اندر جو احوال اوريو. سمورو سورن جو داستان ٻڌڻ کان پوءِ ٻنهي پروفيسر صاحب کي يقين ڏياريو تہ اسان اوهان جي هر ممڪن مدد ڪرڻ لاءِ تيار آهيون. گهڻي سوچ ويچار کان پوءِ اها صلاح بيٺي تہ جانو جانڊاهي سندس ساراهہ ۾ اخبارن ۾ مضمون ڇپرائيندو ۽ نورو نوسر باز اعليٰ عهدن تي ويٺل همراهن خلاف اخباري مهم هلائيندو. ڇو تہ اخبارن ۾ نوسرباز جا گهڻائي دوست ساٿي نوڪري ڪن ٿا، اهي پهر وهي ويندا. اهڙيءَ ريت پروفيسر پڙڀاٽيءَ لاءِ راهہ هموار ٿيندي، ڪا نہ ڪا ڪرسي ضرور خالي ٿيندي ۽ پوءِ پروفيسر صاحب کي ڇڪي ان تي ويهارينداسون اڳتي سندس ڀاڳ.

”تہ پوءِ سڀاڻي کان اسان ٻئي پنهنجي ڪرت کي لڳي وڃون.“ جانو جانڊاهي ڪنڌ کي چنبڪو ڏيندي چيو.

”اهو تہ ٺيڪ آهي، پر منهنجي مرضي آهي تہ ان سلسلي ۾ اڄا ڪو ٻيو قدم بہ وڌائڻ گهرجي، تہ جيئن من جو مطلب پورو ٿيڻ ۾ دير نہ لڳي.“ پروفيسر صاحب ٿورو سنجيده ٿيندي چيو.

”جيئن اوهان جو حڪم، نورو نوسرباز حاضر آهي.“

”۽ اوهان جو خادم جانو جانڊاهي پڻ حڪم جو منتظر آهي.“

”منهنجي صلاح آهي تہ ڪنهن جلسي جو انتظام ڪريو، جنهن جي صدارت آئون ڪريان.“

”واهہ واهہ، واهہ جو جلسو ڪنداسون، صدارت اوهان جي ئي هوندي.“ جانو جانڊاهي، پروفيسر پڙڀاٽيءَ جي هٿ تي تاڙو هڻندي چيو ۽ پوءِ نوري کي اک هڻي، ان سان زوردار تاڙو ملايائين.

”ڏسو نہ ڳاجن گوڙائي ڪيئن نہ شاعرن کي پئسا ڏوڪڙ ڏئي، مشاعرن جون صدارتون ٿو ڪري. جيڪو مشاعرو ڏس تہ ڳاجن صدر، جي نہ تہ خاص مهمان. جي اهو بہ نہ، تہ اعزازي مهمان واري ڪرسي تہ ڪاڏي وئي ئي ناهي.“ پروفيسر پڙڀاٽي ڏاڍي ڏک مان چيو.

"ها سائين اڄ ڳالهه هر ڪو ايئن پيو ڪري، ڊاڪٽر ڊبليو، ته پنهنجي پرائي هر جلسي ۾ اسٽيج تي وينل نظر ايندو ۽ هو پروفيسر پڪوڙائي ته وٽي اسٽيج تي ويهڻ لاءِ ڪتا کهندو. ويچاري کي آخر ۾ مهمانن جا ٽورا مڃڻ جي بهاني اسٽيج تي وهاريو ٿو وڃي. هو به انهيءَ ۾ خوش. گهڻ ۾ گهڻ اخبار ۾ خبر سان گڏ تصوير به ايندي، وڊيو به پربي ۽ مڙئي انڊي بُجي ۾ خوش. سائين! صدارت اوهان جو حق آهي، اوهان پروفيسر آهيو خيرن سان ڊاڪٽر آهيو ۽ "مساليات" جا ماهر آهيو. ڳالهه ۾ مرچ مسالحا ملائڻ ته ڪو اوهان ڪان سکي." وڏو ٺهڪ ڏيندي نوري نوسرباز سندس تجويز جي تائيد ڪندي چيو.

"وري هوءَ مائي مرادان ڏسو، ميڪ اپ جا تهن مٿان تهه چاڙهي، ادائن سان اچي ٿي اسٽيج تي ويهي. چاٽي وري ڇا ٿي؟ بس مڙيئي اک ڇنيءَ جي ڪري هر ڪو مئڊم مئڊم ڇئي سندس ساراهه پيو ڪري ۽ اسان کي ته پڇن ئي ڪونه ٿا." پروفيسر پڙهاٽي ڪجهه ڪاوڙ ۽ ڏک ڀريئي لهجي ۾ چيو.

"پر سائين! اوهان به وهي ۾ من هئا، هينئر ٽورا پڪا ٿي ويا آهيو ۽ ڪجهه وارن به بي وفائي ڪئي آهي ته ڇا ٿي پيو." جانداهي جوش مان چيو.

"اڙي! جانو توکي خبر ناهي ته پروفيسر صاحب وهيءَ ۾ مشهور "ڪتهڙو" هو. بيچانجي جا پناڻ مٿس اول گهول ويندا هئا. ڪيترا پيرا ته هنن جا چڪ جي چنن سان انهيءَ ڳالهه تي جهيڙا به ٿي پيا هئا." نوري نوسرباز وڏي اعتماد سان چيو. پوءِ ٻنهن هڪ ٻئي کي اک هڻي زور سان تاڙا ملايا.

"پر ان هوندي به ڪو قدر ڪونه ٿو ڪري. ڪنهن جلسي جي صدارت ته ٺهيو، پر ڪو خاص مهمان به ڪونه ٿو بڻائي." هن ٿڌو شوڪارو ڀريندي چيو.

"سائين! اوهان اهڙا ٿڌا شوڪارا ڀري، هرو ڀرو اسان کي به نه رئاريو. اوهان سڀ اسان تي ڇڏيو، پوءِ ڏسو ته ڪيئن ڳڙ مان ماکي ۽ دال مان سيرو بڻائي ٿا وجهون. پر ڪجهه خرچڙو ايندو." جانداهي رازداراٽي لهجي ۾ چيو.

"ان جي ڪا پرواهه نه ڪريو، اچي في الحال هي ڏهه هزار رپيا وٺو وڃي ڪم کي لڳو، باقي جيترو به خرچ ايندو، سو سمورو مون تي." هن ڪيسي مان لفافو ڪڍي نوري نوسرباز جي ترِيءَ تي رکيو.

"چڱو الله واهي."

"الله واهي."

ٻئي در تي وڃي وري واپس موٽن ٿا.

"وري موٽي ڇو آيؤ؟" پروفيسر پڙهاٽي ڪانئن پڇيو.

"سائين! پهرين اهو ته طئہ ٿئي ته "مساليات" جي موضوع تي مذاڪرو ڪوٺائجي يا ڪو مشاعرو ڪرائجي." نوري نوسرباز کين عرض ڪيو.

"بابا اوهان کي خبر آهي ته آئون ماهر مساليات آهيان."

"پر سائين! مرچ مسالحي واري موضوع تي جلسو ٿيندو ته ايندا رڳو پان ڪائو ۽ پڪوڙائي. هيءُ شاعريءَ جو دور آهي، تنهن ڪري مشاعرو ٺيڪ ڪيي. ڪيئن ڙي نورا عملين پورا."

”واهہ جو ڳالهہ ڪئي اٿئي.“ نوري، جانڊاهيءَ سان تاڙو ملائيندي چيو. ”وڏو ڪو آڙيڪاپ آهين!“

”آخر تہ تنهنجا ڪڙايل آهيون، اهي گر تہ توئي سيکاريا آهن.“ جانڊاهي ٺهڪ ڏيندي چيو.

”پر مون کي اها مشاعري واري ڳالهہ نہ ٿي وڻي.“

”ڇو سائين ڇو؟!“ نوري نوسرباز چيو.

”ڳالهہ اها آهي تہ مان شاعر ڪونہ آهيان.“

”تہ پوءِ ڇا ٿي پيو. اسان سڀ بندوبست ڪنداسون. اوهان ڪو فڪر نہ ڪريو.“ جانڊاهي وڏي اعتماد سان چيو.

”سائين! اوهان کي شايد خبر ناهي. شعر اوڌر ٿي، پئسن تي، سنگت ۾ بہ ملي ويندا آهن. مشاعرن ۾ اڌ شاعر ايئن اوڌر تي، يا ڏوڪڙ ڏئي يا سنگت ۾ ڪو غزلڙو، ٽيڙو يا چؤسٽو وٺي، ڪم ٽپائيندا آهن. جيئن يونيورسٽين جا استاد ٻين کان مقالا لکرائي پروموشن وٺي پروفيسر بڻجي ويندا آهن. سائين! جتي ڪٿي اهو ئي وهنوار پيو هلي.“ نوري نوسرباز اطمينان سان چيو.

”چڱو، جيڪا اوهان جي مرضي، پر هڪ ڳالهہ ٻڌو...“

”ڪهڙي؟“ جانڊاهي ڳالهہ اڌ مان ڪٽيندي چيو.

”مڙيئي ڪجهہ خواتين جو بندوبست ڪجو. انهن جي اچڻ سان جلسي جي سونهن سوبيا وڌي ويندي آهي. پيو تہ خبر اٿوَ تہ اسان مڙيئي ڪجهہ حسن جا پياسا آهيون. اکڙين جي خوراڪ بہ ضروري آهي.“ پروفيسر پڙٻاٽي چيو.

”سائين! اهو بہ بندوبست ٿي ويندو.“ نوري نوسرباز وڏي اطمينان سان چيو.

”تہ پوءِ ٺيڪ آهي، وجي بندوبست ڪيو.“ پروفيسر پڙٻاٽي کين سمجهائيندي چيو.

● ● ●

”قدر ڪيئہ ڪونہ، الاڙي، گهوڙاڙي....“ هڪ همراهہ ڏاڍي ڏک مان ڳائي رهيو هو. ڏٺم تہ اڙي! هيءُ تہ اهو پاڻ وارو پروفيسر پڙٻاٽي آهي. ويجهو وڃي کيس سلام ڪيم.

”ڊاڪٽر صاحب هي ڇا؟“

”ادا هن بيوفا دنيا ۾ بي قدرن ۽ ٺڳن سان واسطو پيو....“

”ڇا مطلب؟“

”جانو جانڊاهي ۽ نوري نوسرباز مون سان دوکو ڪيو.“

”توهان سان؟“

”ها، مون سان.“

”سو وري ڪيئن؟“

”هنن مون سان طئہ ڪيو هو تہ هو هڪ مشاعري جي محفل منعقد ڪري رهيا آهن ۽ ان جي صدارت واري ڪرسي منهنجي حوالي ڪئي ويندي.“

”پوءِ“

"پوءِ مون ها ڪئي. نہ رڳو ها ڪئي، پر خرچ پڪي لاءِ اڳواٽ ڪين ڏهہ هزار رپيا روڪ ڏنا. هنن مشاعري جو انتظام مسخري جهڙو ڪيو. اسٽيج تہ ٻئي ڇٽا بالم ٽي مون سان گڏ ويهي رهيا. اسٽيج سيڪريٽري گُلو گُندي کي بڻايائون. خواتين بجاءِ مڙهي مان ٻہ ٽي ڪدڙا وٺي آٽي وهاريائون. ٻہ چار رولو شاعر لعلو لٻاڙي، ٽمڪُو ٽڪو، لونگ لسو ۽ ڇٽڪُو ڇسو چانهن جي ڏٽي تي هليا آيا. جن ابتا سبتا شعر ٻڌايا. نثري نظم، نظماٽو نثر، ٽيڙو ٻيڙو ٻڌايا ۽ ڪدڙن ٽي تاڙيون وڄايون. هينئر آئون صدارتي تقرير ڪريان تہ ڪنهن جي آڏو ڪريان. مون ساڻن شڪايت ڪئي تہ چوڻ لڳا تہ، "ڪارڊ ڇپرائڻ وسري ويا هئا، تنهن ڪري سامعين ڪونہ اچي سگهيا، پر پرواهہ نہ ڪريو، اوهان شعر پڙهو فوٽو گرافر موجود آهي. گذريل مهيني جيڪو عورتن جو مشاعرو ٿيو هو. تنهن ۾ توهان جي تصوير چنبڙائي اخبار ۾ هلائي ڇڏينداسون." پروفيسر روئنهارڪو ٿيندي چيو، "مار ايڏي نڳي!"

"پوءِ."

"پوءِ منهنجا پئسا بہ پاڻي ۾ ويا. نہ رڳو پئسا پاڻي ۾ ويا، پر پروفيسري بہ پرزا پرزا ٿي وئي."

"چو؟"

"وائيس چانسلر صاحب جڏهن اخبار ۾ خواتين واري مشاعري ۾ منهنجي صدارتي تصوير ڏٺي تہ صفا باهہ ٿي ويو. هڪ ٻن ماين وچي متي پڪاريو تہ هيءُ پروفيسر آواره آهي. نوڪري ڇٽ ٿي وئي. ايئن چئي وري درد ڀريئي آواز ۾ ڳائڻ شروع ڪيائين، "قدر ڪيئہ ڪونہ. الاڙي، گهوڙا ڙي......" پوءِ پلٽو هٽي پٽ تي ڪري پيو.

●



**عطا محمد** پنھور جو اصل نالو محمد بچل پنھور آهي. هو خيرپور جي پرسان ڳوٺ محمد بچل پنھور ۾ ڄائو. هن لکڻ جي شروعات 1963ع کان ڪئي ۽ هن وقت تائين مسلسل لکندو رهيو آهي.

هن جي شايع ٿيل ڪتابن ۾ ”ڀٽ جو شاهه“، ”سنڌ جا قديم آثار“، ”سنڌ جي قديم آثارن جون کوجنائون ۽ کوٽايون“، ”سنڌ جو مهراڻ“، ”سنڌ جي ڇوڙ وارا علائقا“ ”سنڌي لکت جا بين الاقوامي لکتن سان لاڳاپا“ سرفهرست آهن.

هو هن وقت المصطفيٰ ٽائون فيز 2 قاسم آباد حيدرآباد ۾ رهندو آهي.

# انٽرويو ڪان اوتاري تائين

## عطا محمد ڀنڀرو

پنج گولي وٹ پهتس تہ ٻک ڪان مامي وسند واري ڪراڙي ڏاند وانگر ڄنگهون گهلجي رهيون هيون ۽ رستي جي ڊاپ تي اڏاٽي ٻيبائي ڀنگڻ سرائي الڻ واري اوطاق کي ٻهاري ڏئي رهي هئي، سڄيون، صويو ديرو واري سڙڪ هجي هان تہ ڌُڌڙ سان ڪکر ٿهندا هلن هان. ڦول باغ وٹ پهتس تہ پاسي سان پيل پٿرن سان ٽابو ڪائي وڇ روڊ تي سجدو ڪندي سمهي پيس. پويان ٽانگو چڙهندي چڙهندي رڪجي ويو ۽ ٽانگي واري جي هاف فراءِ گار هيانءُ ۾ چيي وئي. تڪڙ ۾ اٿڻ جي ڪيم، پير ڪائنچ جي پاچي ۾ وچڙي ويو وري وجي سئينءَ چوٽي روڊ سان لڳي. ٻئي پاسي ڪان هارن ڏئي جيپ اچي پرسان بيٺي.

”ٽاڪ منجهند جو روڊ کي پٺهين جي اوطاق سمجهيو ڄنگهہ ڄنگهہ تي چاڙهيو سيٽيو سمهيو پيو آن.“ نظر ڦيرائي تہ صوبيدار جيپ مان لهي رهيو هو. اٿيس ئي مس تہ چماٽ ٻہ زوزاٽ ڪندي اچي لوندڙي ۾ لڳي.

”اڙي ڪير آهين...“ هن قميص جي ڳچي ڪان جهليندي مون ڪان دڙڪو ڏئي پڇيو.

”ماڇي...“

”ڇا ڪندو آهي...“

”اڳي پڙهندو هوس هاڻي اٺن سالن ٿان انٽرويو ڏيندو آهيان.“

”ڏينهن ڏٺي جو وچ روڊ تي نہ سمهندو ڪر...“

”سائين مان سمهيو ڪو نہ هوس.“

”اڙي سمهيو ڪو نہ پيو هئين ڏپوس، منهن تي ڪوڙو ٿو ڪرين.“ منهنجي ڪنن کي جهڪائي ڪرنگهي ۾ زور سان چار پنج مڪون وهائي ڪڍيائين.

”ها! سائين ها! ها!! مان، نور جو قسم سمهيو پيو هوس.“ ٻئي هٿ اکين تي رکندي چيم، جيپ هلي وئي. ڏٺم اسپنج جي چپل پري پئي هئي. سرٽيفڪيٽن جو ۽ درخواستن وارو ٿيلهو گندي ناليءَ جي ڪناري تي اڌ پاسيرو پيو هو. ٿيلهو ڪنيم چپل پائي وک وڌايم تہ چپل جا ٻئي پادر مُري ۾ وچڙي ويا ڪَهين جي اڳين پاسن وارا ٽوپا ٽٽي چڪا هئا. خيري موچيءَ تي ڏاڍي خار آئي، اجا صبح تہ ٻَڌائي هئي مانس، وري خيال آيو تہ هن ويچاري تہ پائڻ ڪان اڳ ئي ٻڌايو هيو، ”جي ٻني تي چڙهئين ۽ منهنجي ڳنڊيل چپل ڇڄي تہ مان ٻڌل ناهيان. تڪو تڪو هلئين چپل ڇڄي مان ذميوار ناهيان، ڪتي پوئڻ ڪئي چپل ڇڄي مان ذميوار ناهيان، چپل پاتئہ ۽ ڇڄي تہ ٻيلي مان ٻڌل ناهيان. ساهہ تڪو تڪو ڪنهءِ يا تڪڙ ۾ اڌ ٽپيئن تہ ٻہ...“

”ڳنڍائي گهر رکي ڇڏيان!“ ڪاوڙ مان چيو مانس

”هٿ ۾ ڪٽي گهم.“ اڳيون ڪرڙيون ڪري جواب ڏنائين.

مان بہ تڏهن ئي چپل پاتي جڏهن اچي ريل گاڏيءَ ۾ چڙهيس لهڻ کان اڳ ئي لاهي ڪڇي ڪئي هئم هٿ ۾ ۽ ڪائنچ ڪُنجي ڪيم الله تو آهر. انٽرويو ۾ ائين ٿيو جيئن ٿيندو رهندو هو. آفيس کان ٻاهر نڪتس تہ چپل هاٿي هٿ ۾ هئي. پنج گولي وٽ پهتس تہ پير سڙي پچرجي ويا هئا. لاچار ٿي پاتم. ڦول باغ جي ڪنڌ وٽ پهتس تہ پٽڙ سان ڌاٻو ڪائي ڪري پيس. سامهون ڦول باغ ۾ هوش محمد شيدي شهيد جي 126 ورسي ملهائڻ لاءِ رنگا رنگي جهنڊيون لڳائجي رهيون هيون. پير سڙڻ لڳا ڊوڙي وڃي پرسان واري مڪان ۾ پيس. مڪان جي اوير پاسي ۾ بـرون پيس جون چليون ٿـي نـاهيون. اولهائينءَ ڪنڊ ۾ ڏنڊي ڪونڊي جي گهرڙ گهٽ لڳي پئي هئي. موالن جو ٽولو ڪڙهيل ڏوڏيءَ تي ڪريو پيو هو. منهنجي نظر انهن مان جڏهن ٻن موالين تي پئي تہ دل ٻڏڻ لڳي. مون سان چار سال لاڳيتا انٽرويو ڏيڻ ۾ ڪنا هئا. ولي محمد بي اي ۽ رجب علي انٽر پاس هو. منهنجي اچڻ ڪان اڳ منجهن ڪو بحث ڇڙيل هو. مون ڪي ڪو نہ سڃاتو هئائون. پيالن مان ڏوڏي سرڪي رهيا هئا. مان سوچڻ تي مجبور هوس، ٺري مان واڌو ڦل الهڏنو سيال نوڪريءَ لاءِ ڊوڙي ڊوڙي ٿڪجي نيٺ وڃي جهنڊي جوڳيءَ جو مڪان وسايائون. عبدالواحد ڄنير ۽ شيرو ناريجو بہ نوڪريءَ لاءِ ڊومائون کائي نيٺ وڃي پنهنجي اباڻي ڪرت چوري ڪي لڳا. هنگورجن مان عزيز ميمڻ ۽ قاسم سومرو بي اي پاس ڪري وڃي حيدر شاھ جي مڪان پيڙو ٿيا. ايوب ميمڻ بہ انٽر پاس ڪري نوڪري لاءِ وڏا وس ڪيا. بودلي بهار تي ست سومر ساندھ پريا هئائين. حاجي واڌو وڏڻ تي منٽي پت جي ديڳ باسي هئائين. پير سنگهراسي تي سَيـُنِ جو تالھ ورهايو هئائين. بڇل ڪلهوڙي ڪان بہ درزن دعائن جا لڪائي پاتا هئائين ڪنڌ ۾. سستر موسيٰ جا پيڙا تنهن ڪان جدا پر نوڪري نصيبن ۾ ڪا نہ هئس. تنگ ٿي ٺنياري واري ڪڏ ۾ خودڪشي ٿي ڪيائين. پر قاسم ڪٽيءَ جو ڪتو هو حرامي تنهن ڪڏ ڏانهن اچڻ نہ ڇڏيس. دُڪان ڪان رسو وٺي ڦاهو ڪائڻ چاهيائين ٿي پر حاجي هاشم چئن آنن جو انڊي آني وال ٿي پيس پر ڏهن جو ٻٽو نوٽ هئس. نوٽ پڳو تہ چٽو. نيٺ ٻڪريءَ وارو رسو ڪلي مان ڪڍي صفحي ۾ رڪيل ڪٽ جي پائي ۾ ٻڌي ڦاهو ٿي ڪاڏائين تہ پاڙس محمد بخش ڏسي ورتس. پوءِ تہ ڇڏائڻ وارا ڪٽي ويا نيٺ هي همراھ بہ وڃي حيدر شاھ جي مڪان ۾ پيو. قاضي احسان سميءَ جو ۽ جعفر ذرواڻ بہ مئٽرڪ پاس ڪري گهٽو ئي نوڪري لاءِ ڊوڙيا پر اهي بہ وڃي شاھ جي اوتاري جي ٻلي ٿيا.

”تہ چئبو رجب، سنڌي هاڻي روزگار سان لڳي ويا آهن.“ ولي محمد ڪڙهيل ڏوڏي پيـالي مان سرڪي پري ڇيو. هن چوڻ ٽشي ۾ اکيون اڏ ٻوٽيل ۽ ڪنڌ ڊُرڪيل هو.

”ها! ها!! هاڻي هو بزارن ۾ قطارون ڪري پني سگهندا. ريل گاڏيءَ جي گاڏي ۾ بيهي بہ سگهندا ۽ درن وٽ هيٺ وهڻ جي بہ کين اجازت هوندي.“

”ڪوڙن ماڻهن جا ڪن ننڍا زبان ڊگهي ۽ وات وڏو هونـدو آ. زبان سان گهٽ هٿن سان گهٽو ڳالهائيندا آهن پر مون ڪي ڪوڙ هٽڻ وارن سان اصل ڪو نہ پئي.“

”ويساھ ڪر نہ– مامون اڪن اکين سان ڏسي آيو آ، قلندر ٽي ويو هو.“

”اکين سان ڏسي! اسان جي زماني ۾ اکيـن ۾ حيا جون حويليـون هونديـون هيـون جن ۾ شرم جا شاميانہ هيا. ڏنو دل سان ويندو هو، ضمير نڪ جي چوٽيءَ تي ويهي هڪ ساميءَ جا سلوڪ چوندو هو. هن زماني ۾ ٻڌئون ٿا تہ نڪ سان رڳو ساھ کنيو ٿو وڃي.“

”کهڙي زماني جي ڳالھ ٿو ڪرين ابا ولڻ.“ هڪ مواليءَ ڏنبو پنگ گهوٽڻ ڪان جهلندي چيو.

"ان زماني جي ڳالھ آ جڏھن گھوڙا پيٽل ڏاٽن، سرھي جيري، سوئن بجاءِ لڏ لاھيندا ھئا ۽ گھـ زمين ۾ پوکيو نہ ويندو ھو. مينھن جي ڇيٽن جي رس ڇيٽن ۾ ئي سڪي ويندي ھئي ۽ ٻڪريون فقط ڪير ڏينديون ھيون."

"ھاڻي تہ ٻڪريون ٽٽن مان ڪير سان گڏ مڇي بہ ڏينديون آھن." رجب چيو.

"اسان جي زماني ۾ بہ ڪن ٻڪرين جي ھڪ پاسي وارن ٽٽن مان رڳو مڇي وھندي ھئي. ٻئي پاسي وارن ٽٽن مان ميربحر ٻيڙين ۽ رڇن سميت نڪري ايندا ھئا. ٻانڊو ٻڌجي ويندو ھو. مٽن جي منھن مڇي مرندي ھئي. باقاعدي نيڪو ۽ نيلام ھلندو ھو. اھڙيون ٻڪريون درياھ جي پرسان عام ھونديون ھيون جن ڪي ڍنڍن جي نالي سان سڏيو ويندو ھو. ڪلھ الائي ڪنھن تي ڳالھ ڪئي تہ انھن ڍنڍن جو بول بگھڙن ڦاڙي وڌو آ."

"تون ڪھڙو زمانو سنيرين ابا ولڻ." ھڪ موالي‍ءَ نشي ۾ جھولندي چيو.

"مان اھو زمان سنيران جڏھن انسان ڌرتيءَ کي ڌرتي ماتا چوندو ھو ۽ مٽيءَ سان محبت ڪندو ھو ۽...."

"ڌرتيءَ کي ڌرتي ماتا چوندو ۽ مٽيءَ سان محبت ڪندو ھو." رجب، ولي محمد کي اڌ ۾ ڪٽيندي چيو.

"چو تہ ڪڏھن ھو جيجل جي گود ۾ تي ڪڏيو، ڪڏھن ڌرتي ماتا جي ڇاتيءَ تي ٿي ريڙھيون پاتائين ۽ بانبارا ٿي ڏنائين. گوڏي جيڏيءَ ڏاڀ ۾ ٿي ليٽڙيو ۽ مٽيءَ جون ننڍڙيون منيون پري تي مٽي ۾ اوتيائين. سندس ڇاتيءَ کي چيريندڙ چشمن جو پاڻي ۽ سندس سيني تي ايرندڙ ان مان بنيل ٿڃ پي جوان ٿيو. ڌرتيءَ جي انچ انچ ۾ ھن جو ايمان ھو. سوٽ سوٽ ۾ سندس جيءَ جڪڙيل ھو ۽ تڏھن ماءُ کي امڙ ۽ پيءُ کي بابو ڪوٺيو ويندو ھو."

"پيءُ ماءُ!" رجب جو تعجب مان وات پٽجي ويو.

"چريا جنھن عورت جا آندا چيري انسان جنم وٺندو ھو. ان کي ماءُ چيو ويندو ھو. ان جي جنم ساٿيءَ کي پي ڪوٺيو ويندو ھو. ڌرتيءَ ماتا جي جيتري حد تائين جيجل ماءُ جي ٻولي ڳالھائي ويندي ھئي ان کي مادر وطن چوندا ھئا ۽ ماڻھو مادر وطن سان ڏاڍي محبت ڪندا ھئا. ان لاءِ سوري تي سر ڏيندا ھئا گھاٽن ۾ پيڙيا ھئا."

"ھاڻي تہ گھاٽن ۾ سرنھن پيڙي تيل ڪڍندا آھن ابا ولڻ." ھڪ موالي‍ءَ پٽڪيو.

"تن ڏينھن ماڻھو پيڙيا ويندا ھئا سرنھن جون سيون نھنديون ھيون ۽ پڪوڙا تريا ھئا. جڏھن ترجي تيار ٿيندا ھئا تہ انھن سان سوريون نڪري ايندين ھيون. تڏھن سنڌ ۾ سوريون بہ جام ٿينديون ھيون جن تي جوان جوان اجرڪن جون ڪانيو ڪدي ويھي رھندا ھئا. ھڪ ھٿ ۾ ترار ۽ ٻئي ھٿ ۾ موت جو لغام ھوندو ھون."

"اڳي موت کي لغام ڏنو ويندو ھو." رجب علي پيالي مان ڏوڏي سرڪندي پڇيو.

"لغام چا! ان تي تہ سما ۽ سومرا سواري بہ ڪندا ھئا. ملاکڙن ۾ پڇائيندا ھئا. تڏھن سنڌڙي سنڌ ھئي، سچ نہ ھئي. ان زماني ۾ اسان کي مينھون بہ ھونديون ھيون، جن جي مٽن ۾ سياري جو سگ نڪري ايندا ھئا. ھڪ سگَ مان ڪُنڍي ٻئي سگَ مان سون جون ڏنيون وھنديون ھيون. اسان جي گھر جي چوڏاري ھنداٽن، ڪدن ۽ ساين تورين جا وڏا ۽ گھاٽا جھنگ ھوندا ھئا. جڏھن برسات پوندي ھئي تہ انھن جھنگن ۾ بھَ، پيڻ ۽ مڇي ڦٽي بوندي،

”تون پاڳل آهين، مير صوبيدار جو ماٺهو هو. مير کي چيو هئائين تہ سنڌ کو ڪنو وڪر تہ ناهي جو انگريزن کي وه واه تي وڪڻي ٿو ڏين، ٻين ميرن جي گلمن جا ماٺهو بہ لٽيون ڪهاڙيون کڻي جو ٻاهر نڪتا تہ سندن لاش بہ قلعي ۾ ڪو نہ آيا، هر سنڌي جوان وڃي اڪيلي مير شيرڻ سان گڏيو.“

”۽ ٻيا مير؟“ رجب پڇيو.

”ٻيا مير ان وقت نائون مل بنجي چڪا هئا، هوشن لشڪر جي ڪمان تي ڪئي خبر لٽئي ڪيئن ٿي وڙهيو. هئي جي تو ڏسين هان.“

”ڳالهہ تہ اهڙي ٿو ڪرين چڻ پاڻ تون اتي هئين.“ رجب ٺوڪيندي چيو.

”مان! هي ڏس هٿ.“

”اهي تہ ميندي ۾ ڳاڙها آهن.“

”چتُو سائين توب هلائيندي هلائيندي سچا هٿ رت ٿي ويا هئا، ڪو هوش حوصلو نہ رهيو هو متو ننگو پير اگهاڙا هئا.“

”تڏهن تون هوشو جي فوج ۾ هئين.“ رجب چيو.

”مان تن ڏينهن هوشن جي توب خاني ۾ هڪ سپاهي هئس. ٿون جي هيڪر هنجا ڳوري رعبدار آواز ۾ فوجي حڪم ٻڌين ها، هو سفيد گهوڙي تي سوار هو، ڪڏهن لشڪر جي ڪبي هو ڪڏهن سڄي، ڪڏهن پٺ تي سنيالي ڪڏهن اڳ ۾ هو، ڪڏهن حڪم تي ڏنو ڪڏهن هدايت تي ڪئي، ڪڏهن همٿ تي ٻڌائي، ڪڏهن تلوار کڻي جلهون تي ڪيون، ڪڏهن بندوق تي هلائي ڪڏهن ڏس توب خاني ۾ هو، ڪڏهن توبچين جون پٺيون ٺي ٺپيون ڪڏهن توب جو نشانو تي ورتو. پوءِ ڪنهن نائو مل ناريجن جي ڳوٺ ۾ بارود کي باهہ ڏئي ڇڏي، مون کي اهو سڀ ڪجهہ ياد آهي تہ ڪيئن ڪيرو جوانن پتر ۽ سرونا کڻي انگريزن جي توبن تي هلان ٿي ڪئي.“

”چئيو تہ ٻين ميرن ٻوٿو ڪو نہ ٻاريو.“ ٻئي موالي ولڻ کان پڇيو.

”جيڪي مير بچيا سي پوني ۾ پڪا ڪائيندا وتندا هئا، جيڪي هري ويا تنڪي ڪاريءَ پاٽيءَ ڏانهہ ڪنڙي ٻير ۾ ڪابر ٻڌي قاسي تي لٽڪايو ويو...“

”ڪنڙي ٻير کان تہ اڳي اٽلون ايندون هيون.“ هڪ موالي‌ءَ اوچتو بل ڪائي چيو.

”ڪنڙي ٻير تہ ناني وسند واري ڪوهہ تي هئي.“ ٻئي رڙ ڪئي.

”اڙي جڏهن اٽل آئي تڏهن ڪنڙي ٻير ناني وسند واري ڪوهہ سميت لڙهندي وڃي ڪاري پاٽيءَ نڪتي.“ ولڻ ذرا ڪاوڙجندي چيو.

”ڪوهہ سميت ٻير اٽل ۾ لڙهي وئي!“ رجب پڇيو.

”ڪوهہ ۽ ٻير چا! اٽل ۾ تہ سڄي ساڌ ٻيلي جي واٽين جون جايون لنهوارو لڙهي ويون. هالاڻي ٻهلاڻي وٽ ميربحر درياهہ ۾ رچ اٽڪايون ويٺا هئا، انهن ۾ وڃي ڦاٽيون، ميربحرن چڪي ڳٽي ٻاهر ڪڍيون هاٽي. تون ڏسندين جهڙي نموني در دروازا هالاڻي ٻهلاڻيءَ وارن جاين کي اهڙي طرح طرح ساڌي ٻيلي وارن جڳهن کي، جهڙي طرح ساڌ ٻيلي جي جاين جا منهن ڏکڻ يا اوير بلڪل اهڙي ئي نموني هالاڻي ۽ ٻهلاڻي وارين جاين کي آهن بہ درياهہ شاهہ جي بلڪل ڪپر تي لاڙ وارو پاسو تہ اٽلون هٽي پڇي ڇڏيو ڪو ٽڪر لڙهي وڃي لاهور ۽ لائل پور نڪتو ڪو سرگوڌا ۽ سيالڪوٽ.“

"تہ پوءِ مھتا ۽ مھتيون مري ويون ھونديون ويچاريون؟" رجب پڇيو.
"اهي ست ماڙ جي متئين ماڙي تي رام ڀڳوان جا ڀڄن ڳائي رهيا هئا."
"ميربحرن جا ڏاڍا تورائتا ٿيا هوندا." هڪ موالي ويجهي کان سوال ڪيو.
"بابل اڳي اهي ڳالهيون ٿي ڪو نہ هونديون هيون."
"تہ سچاٽبا ڪيئن هئا ابا ولڻ." ٻئي موالي پڇيو.
"مسلمان ڪوڙا قسم کڻندا هئا، واٽيان هڻ هلائيندا ۽ ڪوڻن وڻن سان وکر وکڻندا هئا، پر جڏهن جنگ لڳندي هئي تہ ٿرن برن جهر جنگهلن جبلن ۾ جنگيون جوٽيندا هئا، سوپ سندن قدمن جي دز چٽيندي سوا گهوڙي وانگر سکي پور ۾ ڪڏ ايندي هئي، يا دشمن سندن لاش لتاڙي سنڌ ۾ داخل ٿيندو هو، انگريزن سان جنگ بہ اهڙي حوصلي ۽ قوت سان لڙيا هيا جو انگريزن جون فوجون بہ ميل پوئتي هٽي ويون هيون، سنڌ جو هر ماڻهو هوشو هو، هوشو تن ڏينهن دودو هو، دولهہ دريا خان هو، دبو ۽ مياڻي ننو بنجي چکو هو، جتي هر بزار، هر گهٽي، هر گهر، روپاءِ هو، وڳهہ ڪوٽ هو، جتي ننگر ننگ نپاهيو هو، دودي موت کي شکست ڏني هئي."
"دبو ۽ مياڻي ننو هو ننئي جي هربزار گهٽي گهٽي، گهر گهر، روپا ۽ وڳهہ ڪوٽ هو." هڪ موالي تعجب مان چيو.
"اڙي يار تون تہ ڪو چريڻ آهين زمين اٺ ئي پهر ڦرندي رهندي آ، اڙي ڪيئن رجب؟"
"ها بابل سچ آ."
"زمين سان گڏ موسم بہ ڦرندي رهندي آ، خبر اٿئي ڪڏهن روزا اونهاري ۾ هئا، هاڻي سياري ۾ آهن، ڪڏهن حشر سياري ۾ هوندو هو، ڪڏهن سانوڻ ۾."
"اڙي ها ابا ها ها! مون کي ياد آ اسان حشر سياري جي سيرم پٽيو وري جوارن جي لابارن ۾ بہ، چيٽ ۾ بہ تہ چاليهي ۾ بہ." هڪ جهوني موالي شهپرن تي هٿ ڦريندي چيو.
"تن ڏينهن سائين وڏل شاه وارو پڙ مکيءَ ۾ هو ۽ مکي انهن ڏينهن هڏ ۾هئي." رجب چيو.
"ڪڏهن ننو بہ هڏ ۾ هو، مون پنهنجن هنن گهنگار اکين سان ڏٺو. جڏهن ستر ورهين جي نوجوان ٻيڙي دولهہ دريا خان اجرڪ چيلهہ سان ٻڌي تلوار هٿ ۾ کنئي هئي تہ موت ٽي دفعا ڏند مٽي ويو هو، پورا ٽي سال راتين جا شاه بيگ ارغون دولهہ دولهہ ڪري رڙيون ڪندو ننڊ مان اوباءِ پري اٿي ڊوڙڻ شروع ڪندو هو، جو ڏهہ ڏهہ مڙس مس جهلي سگهندا هئا."
"تون وري تڏهن ڇڻ جيئرو هئين؟" هڪ موالي ٿورو منهن متي کڻي چيو.
"اڙي ها سائين، مان هئس مون کي تہ اها بہ خبر آ جڏهن هڏ وري حيدرآباد واري پڪي قلعي ۾ اچي جتي انگريزن پنهنجي ضمير سان فري اسٽائيل ڪشتي لڙي هئي، پر وارو ٽڪر سوداءَ ۾ سوچي سوچي گنجو ٿي پيو هو."
"ولي محمد اها خبر اٿئي جڏهن ڪوٽ ڏجيءَ ۾ قيامت اچي." رجب پڇيو.
"اها منهنجي مئي کان پنجويهہ سال پوءِ ٿي، مير جڏهن ڪراچي مان پرٽجي اچي گهڻن جي رنڍٽن ۾ رات پئجي وئي هئي، پوءِ ديرادون جا پولا ڪوٽ واري قلعي تي قبضو ڪري ويا."
"رڳو قلعي تي قبضو ڪري ويا، واري جا دڙا ۽ جبل بہ ڳڙکائي ويا واهڙ نديون درياهہ پي سکائي ڇڏيائون توبهہ ڪان اڳ اسان لاءِ سندن سڀ دروازا ئي بند ٿي ويا هئا." رجب چيو.

"موت واري سال تون وڏو هئين رجب؟"

"اڳ ۾ ماڪڙ آئي پوءِ پيو موت، مان تڏهن ڦاسي ڪائڻ جيڏو هوس."

"پوءِ تو ڦاسي ڪاڏي." ولي محمد چيو.

"اسان جا ٻار پيا ڪائيندا هئا ۽ اسان نوڪري لاءِ انٽرويو پيا ڏيندا وتندا هئاسون."

"اڳي به انٽرويو هوندا هئا ڇا؟" ولي محمد سوال ڪيو.

"ٽيشڻ جو هڪڙو... هڪڙو... ٽيشڻ جو... ٽيشڻ... جو." ٽانگي واري ڦول باغ ڪان ايندي ايندي رڙ ڪئي، مان ڏٺو ته منجهند لڙي وئي ڪائنچ ڪنجي چپل هٿ ۾ کڻيم ۽ اسٽيشن ڏانهن ڊوڙڻ لڳس.

●



علي احمد بروهي 11 نومبر 1920ع ۾ ڪريم بخش بروهي جي گهر ڪنيڙا ۾ جنم ورتو. هن جو اصل ڳوٺ ڳڙهي ياسين ضلع شڪارپور آهي. هن مئٽرڪ تائين تعليم سنڌ مدرسة الاسلام ڪراچي مان حاصل ڪئي. هن ورهاڱي کان اڳ ڪسٽم ۽ نيوي ڊپارٽمينٽس ۾ نوڪري ڪئي پر پوءِ ورهاڱي کان پوءِ .... مختلف اخبارون شايع ڪيائون ۽ ان ئي دوران لکڻ جي پڻ شروعات ڪيائون ۽ مزاح لکڻ جي حوالي سان خاصي شهر حاصل ڪيائون. هيل تائين سندس ڪوڙ سارا مضمون، ڪالم ۽ ڪهاڻيون مختلف اخبارن ۽ رسالن ۾ شايع ٿينديون رهيون آهن جن جا مختلف ڪتاب بہ ڇپجي پڌرا ٿي چڪا آهن.

هو هن وقت ڪراچي ۾ رهائش پذير آهي.

# عثمان حجم جو پلنڊ ۾ پرتي ٽيڻ

## علي احمد بروهي

آخر عثمان حجم جي غيرت جوش ۾ آئي ۽ ٺڪاءَ ڏيئي وچي پلنڊ ۾ پرتي ٽيو. ڏيهہ کي ڏندين آڱريون هيون تہ اهو قصو ٿيو ڪيئن؟ خبر پکڙجڻ شرط سموري سنگت ۾ هراس ڦهلجي ويو. عدو موچي جو پاهرين بني تہ عثمان حجم سان دوستيءَ جو دم ڀريندو هيو ۽ اندروني طور ساڻس ساڙ ۽ حسد ۾ پيو پچرندو هيو، سو تہ خبر ٻڌڻ شرط ڏنڊجي ويو. شڪر جو وٽس جتي ٻُنڊائڻ لاءِ گراهڪ آيل هئا جن سندس هٿ پير مهٽي ڪيس سامت ۾ آندو. سومر نانوائي کي اچي پنهنجي ڦڦڙيءَ ورايو تہ عثمان اڳيئي ڦڏئي، قسم جو ارڏو شخص ٿيو سو هاڻ پاور ۾ آئي الٽجي کهڙا ڪلور ڪندو ۽ اهڙو تصور ڪندي سندس لڱ ڪانڊارجي ٿي ويا. سردست سنگت جو رايو هي هيو تہ عثمان پنهنجي هوش حواس سالم هوندي اهڙو جوکم وارو قدم هرگز کڻي نہ ٿي سگهيو. البتہ هي ممڪن هيو تہ پرتيءَ وقت هو پنهنجي آپي ۾ نہ هجي. نہ تہ جو ماٺهو نما شام ٽاڻي مسجد ۾ ڏيئو رکڻ لاءِ اڪيلي سر وڃي نہ سگهي، چاڪاڻ جو مسيت ڀُوري هئي يا مقام لڳ هئس سو پاٽمرادو وڃي پلنڊ ۾ پرتي ٽئي، اهو ڪوڙو ئي نہ ٿي لڳو.

عثمان جو انهيءَ سلسلي ۾ جاري ڪيل پنهنجو بيان هي هيو تہ هن قوم، ملڪ ۽ ملت جي عزت ۽ حرمت خاطر اهو ڦاهو ڦڪيو هيو ۽ پنهنجي جان جوکي ۾ وڌي هئي. چاڪاڻ تہ سنڌين کي عام طور مٺن گيدي ۽ ڊرپوڪ هئڻ جا الزام مڙهيا ٿي ويا. هر طرف کان مٺن ميار ۽ ڏوراپا ڏنا ٿي ويا تہ ڪانئر قوم هئا ۽ ڊپ کان پرتي نہ ٿي ٿيا. اهڙا طعنا تنڪا ۽ ميارون مهڻا هر وقت صبر سان سهڻ سندس وس کان ٻاهر هئا.

اهڙي خواريءَ واري ماحول ۾ عثمان جو اولين ردعمل هي هيو تہ في الوقت سنڌي جو ڪوڏي مان بہ مشڪل هيو. ان ڪري هو انهيءَ نتيجي تي پهتو هيو تہ هو پاڻ کي اڳيان سنڌي نہ سڏائي. پر اهو ارادو بہ عمل ۾ اچي نہ ٿي سگهيو، چاڪاڻ تہ هو تاجي پيڻي پٽ سنڌي هيو. ان کان سواءِ عثمان هاڻ عمر جي اهڙي موڙ تي منزل انداز هيو جو هوند نہ پاڻ کي ڪاٺياواڙي سڏائي سگهيو ۽ نہ رانگڙ. سندس لاءِ عزت ڀريو ۽ مان وارو طريقو هي هو تہ جيڪڏهن هو فوج ۾ پرتي ٿي سنڌين جو ٻانُ اوچو ڪري نہ ٿي سگهيو تہ گهٽ ۾ گهٽ هو شرم کان ٻڏي مري يا ملڪ ڇڏي ٻاهر لڏي وڃي. اهي ٻيئي خيال سندس دل اندر ڪافي دفعا گردش ڪري رهيا هئا پر ٻڏي مرڻ يا لڏي وڃڻ جي تجربو نہ هئڻ ڪري هر ڀيري ٻيئي ارادا ملتوي ڪندو ٿي رهيو. توڻي جو ٻڏي وڃڻ جي شوق هڪ دفعي تہ ايتري شدت اختيار ڪئي هئس جو واقعي ئي درياهہ جي ڪنڌيءَ تي وڃي سهڻيءَ جيان گهڙي گهڙو هٿ ڪري الله توهار تي ڪيائين پر قدرت منهنجي قادر جي جو درياهہ ۾ ڏڏڙ تي اڏامي ۽ پاڻيءَ جو ٽيپو بہ تري

۾ ڪو نہ ٿي ڏنو. شڪر ٿيو جو شهادت جو هي حادثو ٽري ويو نہ تہ سنڌ جي لوڪ ادب ۾ وڏو انقلاب اچي وڃي ها ۽ ماڻهو "سهڻي ميهار" بجاءِ سنڌو ۽ عثمان حجم ڳائيندا رهن ها. عدو موجيءَ جو رايو هي هيو تہ عثمان کي درياهہ خشڪ هئڻ جي باوجود اڳواڻ پيل هئي، نہ تہ هو ڪنڌي ڪناري تي وڃڻ جي ڪوشش بہ ڪڏهن ڪين ڪري ها. سومر نانوائي جو اسلامي خيال جو شيدائي هو تنهن کي عثمان هيءَ ڪهاڻي سڻائي تہ جيئن جو اسلام ۾ خودڪشي حرام هئي ان ڪري هن ڄاڻي ٻجهي اهڙي غير اسلامي ڪم ڪرڻ کان نابري واري هئي.

آخر لاچار ٿي عثمان حجم منهن ڪوڙو ڪري رنگروٽ آفيس ۾ وڃي پاڻ کي ڀرتيءَ لاءِ پيش ڪيو. پوءِ تہ ڀرتي ڪندڙ عملي ۾ ٽرٽلو مچي ويو. اول تہ ڪين هي يقين ئي نہ ٿي آيو تہ ڪو اهڙو سنڌي بہ هن دنيا ۾ موجود هيو جو پاڻمرادو پاڻ کي ڀرتيءَ لاءِ پيش ڪري. بهرحال اهڙو سونهري موقعو هٿان نہ وڃائڻ سبب هڪدم بورڊ ميمبرن جي گڏجاڻي ترتيب ڏيئي عثمان حجم کان انٽرويو ورتو ويو. آڏي پڇا ۾ جڏهن سندس نالو پڇا ڪيو ويو تہ اهڙي ڦڙتيءَ سان جواب ڏنائين جو عملدار دنگ رهجي ويا. ڪين گمان گذريو تہ عثمان داناءُ ۽ دانشور هيو، نہ تہ هڪ ڳوٺاڻي سنڌيءَ لاءِ هي ممڪن هرگز نہ هيو تہ هو "ڪياڙي ڪنهڻ" سواءِ يا "آن آن ڪرڻ" بجاءِ ٺهہ پهہ ۽ روڪڙو نالو ٻڌائي سگهي.

وري جڏهن ڪائونس عمر جو سوال پڇا ڪيو ويو تہ اهڙو "دندان شڪن" جواب ڏنائين جو سوال پڇندڙ کي پانواٽيون ۽ گهيرٽ اچڻ لڳا هو مٽي کي ٻنهي هٿن سان جهلي ويهي رهيو. عثمان حجم جو اهو تاريخي جواب هي هيو تہ "منهنجي عمر تمام وڏي هئي پر وچ ۾ ڪجهہ عرصو بيمار رهيو آهيان." انٽرويو وٺندڙ ٽيم جو سربراهہ اعليٰ آفيسر ٿي ڏٺو تنهن عثمان حجم جي ذهني امتحان وٺڻ خاطر ڪائونس زباني حساب جو جواب گهريو. اعليٰ آفيسر فرمايو تہ هڪ ريل گاڏي ڪلاڪ ۾ سٺ ميل مفاصلو طئہ ٿي ڪري تہ انهيءَ حساب سان ٻڌاءِ تہ منهنجي عمر ڪيتري آهي؟ اعليٰ آفيسر جي حساب ڏيڻ تي حاضر مجلس ۾ واهہ واهہ ٿي وئي ۽ عثمان جي پيشانيءَ تي پريشاني جا پگهر جاري ٿيا. پر عثمان حجم بہ پنهنجي نالي سان هيو ۽ سندس دماغ تيز گام جي رفتار تي ڊوڙڻ لڳو. اڳرين تي حساب ڪري جواب ڏنائين تہ صاحب اوهان جي عمر آهي 40 سال. اعليٰ آفيسر اٿي بيهي عثمان حجم کي پاڪر پائي مبارڪباد ڏني ۽ گذارش ڪئي تہ جواب سئو سيڪڙو صحيح آهي، پر هاڻ ٻڌاءِ تہ ڪهڙي واٽ سان تو حساب جو جواب ڳولي لڌو؟ عثمان چيو تہ، "سائين منهنجي ڳوٺ ۾ منهنجو ننڍو ڀاءُ رهندڙ آهي جو اڌ مغزي آهي ۽ سندس عمر آهي ويهہ ورهيہ. اوهان جو خير سان دماغ سمورو ساڳئي رنگ ۾ رتل آهي. ان ڪري اوهان جي عمر ٿي ويهہ ۽ ويهہ چاليهہ سال."

عثمان حجم جي علمي لياقت، قابليت ۽ ذهني صلاحيت جو وڏيڪ امتحان وٺڻ غير ضروري سمجهيو ويو. ڇاڪاڻ تہ ڀرتي ڪندڙ گذريل اڌ صدي جي لڳاتار جاکوڙ جي باوجود ڪڏهن بہ ڪنهن سالم دماغ سنڌيءَ کي فوج ۾ آڻي نہ سگهيا هئا. هنن هي سونهري موقعو گنوائڻ مناسب نہ سمجهي هڪدم عثمان کي يڪراءِ حوالدار ڀرتي ڪيو. ڀرتي جي ڪاميابي ملهائڻ لاءِ ڍڪ کان هڪ ٻڪرو ڇڏائي حلال ڪري "ٻڙا ڪانا" تناول ڪيائون. عثمان کي وردي ۽ ٻيو ضروري سامان حوالي ڪري ڳيس هڪ هفتو سرڪاري موڪل منظور ڪئي وئي تہ پلي پنهنجا خانگي ڪم ڪار اڪلائي پوءِ نوڪلو ٿي اچي ڊيوٽيءَ تي چڙهي.

پھريون ڏينھن جڏھن عثمان باوردي پنھنجي گھر اچي اڳڻ ۾ پير پاتو تہ سندس گھر واري ھڪ اوپري ماڻھوءَ کي گھر اندر گھڙندو ڏسي گھل گھوڙا جا ٻرڙاٽ شروع ڪيا. جڏھن ڪيس چاڻ ٿي تہ ڏاريو ماڻھو دراصل سندس ور عثمان ھيو تہ مورچا ٿي ڏندڻجي ويئي. ڪافي ھٽ پير مھڻ پڇاڻان ھوش ۾ آئي پر عنودگيءَ ۾ مٿان بيٺل عثمان کي عزرائيل سمجھي پيھر بيھوش ٿي ويئي.

ائين بہ ھرويرو صحيح نہ ھيو تہ عثمان جي گھر واري جا پاڙي ۾ ماسي جادل نالي سان مشھور ھئي ڪو دل جي ڪمزور عورت ھئي، يا وري ڪيس ڪو حساب ٿيندڙ ھيو. ھرگز نہ... برعڪس ان جي نھايت جگر ۽ گرده واري عورت ھئي ۽ ٻن چئن پاڙي وارين کي تہ سندن گھر ۾ وڃي موچڙا ڏنا ھئائين. سندس بدحواسي ڪو بي سبب تہ نہ ھئي، پر عثمان جنھن حلئي سان گھر اندر داخل ٿيو ھيو سو پڻ ڏسڻ وٽان ھيو. ماسي جادل تہ فقط بيھوش ٿي ويل ھئي پر ٻارڙن کي ڊيڄڙو ۽ داھول ٿي پيو ھيو جو ھو ڪٽ ھيٺان لڪي ڪرڙيءَ جيان ڪنبي رھيا ھئا.

حقيقت ھي آھي تہ خاڪي وردي ڪن مھاندن کي تہ مناسب ۽ ٺاھوڪي پوشاڪ نظر ايندي آھي. پر جا ڊريس عثمان حجم کي پاتل ھئي اھا ھڪ تہ سندس جسم سان ٺھڪندڙ نہ ھئي. ٻيو وري پوشاڪ سندس قد ۽ بت جي ماپ کان ابتڙ ھئي. دراصل جا وردي عثمان حوالي ڪيل ھئي سان ان حوالدار جي ھئي، جنھن جي چنگھہ حادثي ۾ ضايع ٿي ويل ھئي. ھوندءَ بہ ھر رنگ روٽ کي شروعات ۾ ڊريس اٽپوري ۽ بي ڊولي ڏني ويندي آھي. جيسين ھو پاڻ درزي کي ماپ ڏيئي پنھنجي نئين پوشاڪ تيار ڪرائي پائي. وري عثمان وڏو ظلم پاڻ سان ھي ڪيو ھو جو سرڪاريورديءَ کي پنھنجي خانگي پوشاڪ مٿان غلاف جيان پھريو ھئائين. نتيجي ۾ ائين ڏسڻ ۾ ٿي آيو تہ ھڪ پير تي خاڪي پتلون جو پاڃو پاتل ھيو تہ ٻئي تي سٿڻ جو پاڃو لڙڪي رھيو ھو. معلوم ائين ٿي رھيو ھو چڻ تہ بہ مندا ماڻھو پاڻ ۾ پاڪر پائي ٻيلھہ گھمي رھيا ھئا. وري بہ شڪر جو عثمان ڏينھن ڏني جو گھر اندر داخل ٿيو ھيو. خدا نا خواستہ جي رات جي انڌيري ۾ وارد ٿئي ھا تہ شايد پاڙيوارن يا گھر ڀاتين جا ھنياءَ ڦاٽي پون ھا.

عثمان حجم جي پلٽڻي ٿيڻ جو چو ٻول چند جي چانڊاڻ جيان چوڏس چوڌار ڦھلجي ويو. پبلڪ ۾ ھراس جو عالم ھي ھيو جو آئي وئي جي وات اھائي وائي ھئي تہ "ھاڻ الاجي ڇا ٿيندو؟" پاڙي جي ٻيڙي ناني ايمٽان جا ڪار زباني آھي ۽ سندس ڪافي اڳ ڪٿيون سچيون ثابت پيئي ٿيون آھن تنھن اعلان جاري ڪيو تہ قيامت اڄ سڀاڻ ٿيڻ واري آھي ۽ عثمان جو فوج ۾ ڀرتي ٿيڻ قيامت جي پيشگي علامت ۾ ھڪ آھي.

دراصل عوام ۾ ٽرٽلو برپا ٿيڻ جو اصلي ڪارڻ عثمان جي اڳوٽي شھرت ھئي. ھن ڳالھہ کان ھرھڪ آگاھ ھيو تہ رُڪ سان راند ڪيڏڻ عثمان جو ابائي پيشو ھيو. سندس ابا ڏاڏا پڻ پنھنجي پيشہ ۾ ڪمال جي مھارت رکندڙ ھئا. واٽين جا مٿا ۽ ڏاڙھيون اھڙي ھوشياري ۽ حرفت سان رئي ڪري ڇڏيندا ھئا جو ڪين وار ونگو ٿيڻ جي ڪڙڪ ئي ڪا نہ پوندي ھئي. خود عثمان پاڻ جڏھن پنھنجي پاڪي نچڪٽي ۽ ڪٽنچيءَ کي تحرڪ ۾ آڻيندو ھيو تہ حشام رونشي ڪوڏيا اچي تماشو ڏسڻ لاءِ سندس چوگرد ڪٺا ٿيندا ھئا. چڻ تہ عثمان

تلوار سان پلٽي بازي ڪيڏي رهيو هيو. سندس هنر جو ڪمال هي هيو جو جڏهن ڪو ماڻهو سر بازار رت ڳاڙيندي ڏٺو ويندو هيو ته ماڻهن ڪي خاطري ٿيندي هئي ته پڪ اهو زخمي ماڻهو عثمان جي ور چڙهيو هوندو. ختني ڪرڻ جو ته لاثاني ماهر هيو. هن راز جو علم ٿورڙن ماڻهن ڪي آهي ته ڳڙهيءَ جا اڪثر ماڻهو نيري رنگ جي گوڏ بجاءِ ڳاڙهي حلوان جي چادر ڇا لاءِ ٻڌي گهمندا ڏٺا ويندا آهن.

عدو موچي، سومر نانوائي ۽ اوستہ عظيم، ٽيئي ڄڻا عثمان حجم جي اوچتو پاور ۾ اچڻ تي اندروني طور ناراض هئا. پر ظاهري طور ڏند شيڪ قائم رکڻ خاطر وٽس باجماعت وڃي مبارڪون پيش ڪيائون ۽ عدو موچيءَ ته رات جي مانيءَ لاءِ دعوت پڻ ڏني. عدوءَ جو دعوت لاءِ ڪو دلي ارادو ڪو نه هيو پر هن رک رڪاوٽ ڪندي هن اميد آسري تي پيشڪش ڪيائين ته عثمان حضور شرم هئڻ ڪري هڪوار نهڪر ضرور ڪندو ته جيئن ڪيس ٻيهر ايلاز ڪيو وڃي. ان صورت ۾ عدوءَ زور پرڻ بجاءِ خاموشي اختيار ڪندو ۽ اهڙيءَ ريت عثمان تي ٿورو به ٿيندو ۽ عدوءَ ڪي دعوت به ڪرڻي نه پوندي. يعني نانگ به مري ۽ لٺ به نه ڀڄي. پر چوندا آهن ته بندي جي من ۾ هڪڙي ۽ صاحب جي من ۾ ٻي. عثمان دعوت جي پڙلاءِ پرڻ شرط نه فقط وڏي واڪي هائو ڪئي پر ٿورا مجيندي هي پڻ ڇاڻايائين ته هو ٻارين ٻچين سوڌو شام ٽاڻي اچي عدوءَ جي گهر حاضر ٿيندو.

عدو دعوت جو ڇٽي ششدر ٿيو ته هاڻ قبول ڪيل دعوت ڪان ڪنڌ ڪيئن ڪڍائجي. عثمان ۽ سندس ٽبر ڪي دعوت ڪارائي عدوءَ ڪي ڪو پنهنجو گهر گروي ٿوروئي رکڻو هيو. بهانا تلاش ڪندي نيٺ سوچ ويچار ڪري ٽيهريءَ ڏاري عثمان جي گهر نياپو روانو ڪيائين ته سندس گهر واريءَ ڪي اوچتو، "حساب" ٿي پيو هيو ۽ ان حالت ۾ دعوت غير معين مدت تائين ملتوي ٿيڻ هڪ اٽڻر مجبوري هئي. عثمان جو اولين رد عمل هي هيو ته ٻه چار پويا گڏ ڪري ڪين وٺي عدوءَ جي گهر وڃي ساڻس همدردي ڪري ۽ سندس گهر واري جي علاج ۾ مدد ڪري. پر ڪيس پنهنجي هاڻوڪي آفيشل پوزيشن جو خيال ايندي ئي اهڙو ارادو ترڪ ڪرڻو پيو. عدوءَ جا ڀير زور هئا جو ڏنو وائنو ڪرڻ ڪيس ڦٻي ويو ورنہ عثمان جي سندس گهر اچڻ تي عدوءَ جو ڀانڊو ظاهر ٿي پوي ها، ڇاڪاڻ جو سندس گهر واري انهيءَ شام جو اگڻ واري ڪجهيءَ تي چڙهي ماڪي لاهي رهي هئي.

عثمان حجم جي عوامي مقبوليت ۾ روز بروز اضافو ٿيڻ هڪ لازمي امر هيو. ڇاڪاڻ ته هيل تائين ڳڙهيءَ جو ڪو به رهاڪو ايڏي وڏي پدويءَ تي نه پهتو هيو. هي برابر آهي ته زماني ۾ هن ڳوٺ جا ٻه چار فرد اعليٰ عهدن تي سرفراز ٿيا هئا. جيئن جونبو دايو جو پوسٽ مين هيو. اميرو ڪوڪو جيڪو ڊڪ منشي ۽ ڇاڇو جيوڻو جو پريمين جو پڪي هيو. پر هي ڳوٺ جي تاريخ ۾ پهريون دفعو هيو جو ڪو ڳڙهيائي ايتري فوجي عروج تي پهتو هيو. هاڻ ته ٻڌڻ ۾ ٿي آيو ته عثمان ڪي ڇهه مهينا ٽيپ ڏيڻ جي اختياري به ملڻ واري هئي. مائي ايمڻان عثمان ڪي اهڙي پاور ملڻ بابت افواهه ٻڌي بيان جاري ڪيو ته، "خدا گنجي ڪي نهن ڏيئي رهيو هيو جنهن لاءِ گمان غالب هيو ته هو پنهنجو منهن مٿو نه رهڙي وٺي."

عثمان جي سڪندري بخت ۽ ڀاڳ جو عوام تي ڪو اثر پيو يا نه. پر سومر نانوائي ۽ عدو موچيءَ جو ننڊ آرام ڦٽي پيو. آخر ٻه ته ٻئي سنڌي هئا. هڪ سنڌيءَ لاءِ ٻئي سنڌي جي ترقي برداشت ڪرڻ هڪ ناممڪن مسئلو هيو. ائين به نه هيو ته سومر نانوائي کي ڪو پنهنجي ترقي يا سربراهيءَ جو فڪر هيو. هر گز نه. هن فقط ڏي ٿي چاهيو ته ڪنهن به صورت ۾ عثمان جو تختو ڪڍيو وڃي. ويٺي واجهه وڌائين ۽ ڪهاٽ گهڙيائين ته عثمان جو ٽيو ڪيئن اونڌو ڪجي. انهيءَ سلسلي ۾ سنگت جي هڪ عدد هنگامي ميٽنگ جو انتظام پڻ ڪيائين. گڏجاڻي جي آجيان ڪندي سومر نانوائي پنهنجي تقرير ۾ چاٽايو ته هو عثمان کي مان مرتبو ملڻ تي هو ارهو هر گز نه هيو. پر اڳتي هلي جي اگرا نتيجا نڪرڻا هئا ۽ تباهي ٿيڻي هئي تنهن صورتحال ۾ ملڪ ۽ قوم جي سالميت ۽ بقاءَ کي خطرو لاحق هيو. اهڙي نازڪ مرحلي متعلق سوچ ويچار ڪرڻ ۽ جوڳا اپاءَ وٺڻ اشد ضروري هيا.

سومر واضح ڪيو ته عثمان حجم بسر خود هڪ شريف ۽ لائق ماڻهو هيو پر موجوده وقت پاور ۾ اچڻ ڪري هو پنهنجي وس ۾ نه هيو. ان سلسلي ۾ مثال ڏيندي سومر ٻڌايو ته بنيادي جمهوريت واري زماني ۾ عدو موچي فقط چئن مهينن لاءِ يئسڪ ڊيموڪريٽ چونڊيو هيو ته هن مٿل جانورن جي چم لاهڻ بجاءِ هن جيئرن جي کل ڪرڙڻ لاءِ سندرو ٻڌو ۽ ڀاڙي اوڙي لاءِ جنسي باهه ٻاري ڏنائين. جڏهن سندس پاور جو انت آيو ته مس مس وڃي ماڻهن تان شامت ٽري. اڄ عدو ماڻهن جهڙو ماڻهو آهي. حاصل مطلب هي آهي ته سموري لعنت پاور ۾ سمايل آهي. ماڻهو رشوت خور ۽ رهزن ٿي پاور ۾ آئي ڊينگهي ٿا ٿين. پر جي وڇون کان ڏنگ ڪڍيو وڃون بي ضرر ڪيڙو آهي.

عدو موچي، سومر نانوائي جي اهڙي بي موقعي ۽ بيهودي مثال ڏيڻ تي سخت اعتراض واريو. چيائين ته سومر نانوائي جو مقصد هي هيو ته شريف ماڻهن کي گهرائي ڪچيون گاريون ڏنيون وڃن ۽ سندن اباڻي ڪرت جي حرمت ۽ ڊينگهي وڌا وڃن. اهڙي بيعزتي عدو موچي هر گز برداشت ڪرڻ لاءِ تيار نه هيو. نه وري هو سومر جيان گار گند يا گلا ڪرڻ جو عادي هيو. مثال طور هن اهڙي ڳالهه جي ٻاف ڪڍهن به ٻاهر نه ڀاڦي هئي ته سومر نانوائي گذريل هفتي کان وٺي گراهڪن کي جو گوشت حلواڻ ڪري کارائي رهيو هيو سو دراصل انهي اٺ جو گوشت نه هيو جو سندس کان آڏي ٽرڪ ۽ اٺ گاڏيءَ جي حادثي ۾ هلاڪ ٿي ويل هيو. سومر راتو رات انهيءَ مئل اٺ جو ڊوند ڪٽائي ننڍيون ٻوٽيون وڌ ڪٽ ڪرائي رڌي ماڻهن کي کارائي رهيو آهي... سومر هڪدم ٽپو ڏيئي.... عدو موچيءَ جي تقرير ڪاٽي، ڀانهون ٻڌي ۽ ڳچيءَ ۾ ڳارو ڪري معافي ورتائين ۽ هڪدم ڪوڪا ڪولا ۽ شربت وٺي اچڻ لاءِ ڇوڪرو روانو ڪيائين. عدو موچي جذباتي ۽ جوشيلو ماڻهو آهي ۽ هڪ واري مست ٿئي ته پوءِ ڪيس ڪنٽرول ڪرڻ ڏکيو ڪم آهي. پر ساڳئي وقت "ڪوڪا ڪولا" سندس ڪمزوري به آهي. جنهن نالي ٻڌڻ شرط ويهي رهيو. سنگت جي اڪثر سڄڻن سومر نانوائي جي تقرير تي اعتراض واريو چاڪاڻ ته ڪين پنهنجي دل ۾ ملاوٽ واري راز واشگاف ٿيڻ جو خطرو هيو. پر ڪوڪا ڪولا جي ڪريٽ اچڻ تي ۽ ٻي انداز گلاس نوشجان ڪرڻ بعد ميٽنگ جو وايو منڊل ماٺو ٿيو ۽ عثمان هڪوار وري بحث جو موضوع بڻيو رهيو.

اوستو عظيم جو سموري سنگت ۾ سنجيده قسم جو ماڻهو آهي تنهنجو رايو هي هيو ته عثمان حجم خلاف ڪو قدم نه کنيو وڃي. بلڪ ڪيس موقعو ڏنو وڃي ته هو پنهنجو انت پاڻ آڻڻ جو انتظام ڪري جنهن لاءِ منجهس ڪافي صلاحيتون موجود هيون. خانو گهاٽائي جو خيال هي هيو ته عثمان جي ڪيسي ۾ چرس رکي آبڪاري وارن کي اطلاع ڏئي ڪيس گرفتار ڪرايو وڃي، جنهن رسوائي ڪري ڪيس فوجي ملازمت کان نيڪالي ڏني ويندي، سومر نانوائي پلٽڻ جي نوڪريءَ جي وضاحت ڪندي ڄاڻايو ته عام طور ماڻهو مارڻ جي سزا ڦاسي آهي پر عثمان واري نوڪريءَ ۾ ڏهه ٻارنهن دشمن مارڻ تي سونو ٻلو ۽ پينشن سا ٻه ٽن پيڙهين تائين ملڻ جي خاطري هئي.

سومر نانوائي جو فطرتي طور تي سازشي آهي تنهن جي ذهن تي هڪ اسڪيم تري آئي. سموري سنگت کي صلاح ڏنائين ته هو اوستو عظيم جي تجويز سان متفق هيو ته عثمان خلاف ڪا سازش نه سٽي وڃي ۽ ڪيس ڳجهو ڪاپاري ڌڪ هنيو وڃي جو هو عمر پر اُسري نه سگهي. ان سلسلي ۾ سومر ٺهراءُ پاس ڪرايو ته عثمان حجم جي مان ۾ پبلڪ جلسو سڏايو وڃي ۽ ڪيس سپاس نامو پيش ڪيو وڃي ۽ جڏهن پبلڪ جلسو ڄمين تي پهچي ته هر ڪنڊ ڪڙڇ کان "جيئي سنڌ" ۽ "سنڌو ديش" جا فلڪ شگاف نعرا هنيا وڃن ۽ اهڙو انتظام اڳواٽ رٿيو وڃي.

عدو موچي اوستو عظيم ۽ خانو گهاٽائي اها ڳالهه سمجهي نه سگهيا ته آخر "جيئي" سنڌ جي نعاري ۾ عثمان کي ڪهڙو جوکو پهچڻ جو امڪان هيو. پر سومر نانوائي جو صحيح معنيٰ ۾ سياستدان هيو ۽ ست سال سي آءِ ڊي ۾ فدويءَ جي پوسٽ نوڪري ڪري چڪو هيو تنهنکي پوري ڄاڻ هئي ته عثمان حجم جو ڪهڙو حشر ٿيڻو هيو ۽ ٿيو به ائين.

عثمان حجم کي ٻئي ڏينهن تي گهرائي مانپتر پيش ڪيو ويو ۽ سندس آجيان جيئي سنڌ جي نعرن سان ڪئي وئي. "عثمان جي گهر ٻاهران در تي سندس نالي جي تختي لڪرائي لڳائي وئي ۽ نالي هيٺيا هي لفظ لکيا ويا "عثمان حجم حولدار- سنڌ جو سپاهي." مانپتر ۾ هي ڄاڻايو ويو ته عثمان اولين سنڌي سپاهي هيو جو پنهنجي سنڌ ديس خاطر فوج ۾ ڀرتي ٿيو هيو ۽ اميد ڪئي ٿي وئي ته سنڌ جا ٻيا سپوت ۽ سورما پڻ سندس نقش قدم تي هلڻ جي ڪوشش ڪندا."

عثمان حجم اڄ ڪلهه اٽڪ جيل ۾ قيد آهي. مزو اهو جو ڪيس اجا سوڌو اها ڄاڻ نه آهي ته هو جيل ۾ ڇالاءِ واڙيو ويو آهي.

●



ادل سومرو جو پورو نالو عبدالڪريم سومرو آهي. هو 15 آگسٽ 1955ع ۾ سکر ۾ ڄائو. هن لکڻ جي شروعات 1971ع کان ڪئي ۽ سندس ڪهاڻيون سوجهرو، نئين زندگي، ٽماهي مهراڻ وغيره ۾ شايع ٿيون پر هن وقت هن جي سڃاڻپ شاعر جي حيثيت سان ٿئي ٿي. هن ايم اي سنڌي (فرسٽ ڪلاس فرسٽ پوزيشن)، ايم اي معاشيات (فرسٽ ڪلاس ٽرڊ پوزيشن)، پي ايچ ڊي (سنڌي ادب) ۾ ڪئي. هن جا هيل تائين 6 شاعري ۽ 4 نثر جا ڪتاب شايع ٿي چڪا آهن. هو هن وقت شاهه عبداللطيف يونيورسٽيءَ جي سنڌي شعبي ۾ استاد ۽ شيخ اياز چيئر ۾ ريسرچ ايسوسيئيٽ آهي.

هو هن وقت واري ٽڻ سکر ۾ رهندو آهي.

# پرنس ڪروپاٽڪن ۽ ڪامريڊ برڪت علي آزاد

## ادل سومرو

سکر جي ملٽري روڊ واري فوٽ پاٿ تي جولاءِ جي هڪ ٽاڪ منجهند جو، جڏهن ڪانوَ جي اک ۾ جهرڪيءَ جو جيرو ٿي جليو ته پاجامو ۽ ڪڙتو پهريل، قداور، سنهڙو، ڏاڙهي مڇ ڪان آجو، عينڪ پاتل ڪامريڊ برڪت علي آزاد، معمول مطابق تازن ڇپيل ڪتابن جو ٿيلهو ڪلهي تي ڪنيو واڇوڙن سان وڇڙندو پنهنجو پاڻ سان ڳالهائيندو وڃي رهيو هو.

اوچتو ڪاري رنگ جي هڪ مرسڊيز ڪار، وڏو چيڪاٽ ڪري، ڪامريڊ جي پرسان اچي بيٺي، ڪامريڊ جي خيالن جو سلسلو ٽٽي پيو ۽ سندس قدم رڪجي ويا. سفيد ڊريس پاتل، ڊينڊي مڪراني ڊرائيور، لهي ڪار جو پٺيون دروازو نهايت احترام سان کوليو. ڪاٽن جي پينٽ شرٽ پاتل، بٽ ۾ پريل، وچولي عمر وارو گهاٽي ڦهليل ڏاڙهيءَ سان هڪ شخص، جنهن جو ڙات، هن جي گهاٽين مڇن ۾ گم ٿي ويو هو. سنهي فريم واري عينڪ پائيندي، ڪار مان ٻاهر نڪري ڪامريڊ آزاد جي آڏو اچي بيٺو. ڪامريڊ کيس سڃاڻڻ جي ڪوشش ڪرڻ لڳو.

ٽالسٽاءِ جي مهانڊن واري ان شخص، ڪامريڊ جي ڪلهي تي پنهنجائپ مان هٿ رکندي چيو:

”پرنس ڪروپاٽڪن.* ڪامريڊ، خوشيءَ ۽ حيرانگيءَ جي گڏيل ڪيفيت ۾ گرمجوشيءَ سان کيس هٿ ملائيندي چيو: ”پرنس! تون هتي ڪيئن!؟ ڪڏهن آئين، ڇا پروگرام آهي؟“

”ڪامريڊ! اهي سڀ احوال روڊ تي ڪونه ٿيندا، هلُ ته ڪٿي ويهي ٿا ڪچهري ڪيون.“

پرنس ڪروپاٽڪن، ڪار ۾ ويٺل سکر جي اَن نوجوان ڪان ٿورا مڃي موڪلايو، جيڪو ڪامريڊ جو ڏس پتو ٻڌائڻ لاءِ ساڻس گڏ آيو هو.

پرنس ۽ ڪامريڊ گڏجي ڪار ۾ ويٺا- ٿوري دير ڪان پوءِ، ڪار هڪ ٿري اسٽار هوٽل جي دروازي آڏو اچي بيٺي، هو ٻئي ريسٽورنٽ جي هڪ ڪارنر ۾ وڃي ويٺا- ماٺن جي گهٽ هئڻ سبب ريسٽورنٽ ۾ خاموشي هئي.

ڪرسيءَ تي ويهندي پرنس چيو:

”ڪامريڊ! مان صرف توسان ملڻ لاءِ اَجُ هتي آيو آهيان. ڪراچيءَ ۾ هڪ ڪانفرنس ۾ شرڪت لاءِ آيو هوس. سڀاڻي منهنجي واپسي آهي.“

---

* پرنس ڪروپاٽڪن (Prince Kropatkin)

(روس جوزار شهزادو، جنهن طبقاتي شعور اڀارڻ لاءِ ڊاڪٽرن، استادن، انجنيئرن ۽ فنڪارن وغيره کي مخاطب ٿي هڪ ڪتابڙو لکيو، جنهن جو ترجمو ڪامريڊ برڪت علي آزاد ”نوجوان ڏانهن“ جي نالي سان ڪيو هو. اهو ڪتابڙو سوشلزم بابت پرائمري جي حيثيت رکي ٿو.)

روايتي حال احوال کان پوءِ ڪامريڊ چيو:

”پرنس ! تنهنجي ڪتاب، هتان جي نوجوانن جي سوچ ۾ وڏو ڦيرو آڻي ڇڏيو آهي. مون ان ڪتاب جون هزارين ڪاپيون هٿو هٿ ڪپايون آهن. ڪن نوجوانن ان ڪتاب کي پنج پنج دفعا به پڙهيو آهي. ڇا ته انقلابي ڪتاب آهي.“

”ڪامريڊ! مان تنهنجو احسانمند آهيان، جو تو منهنجي ان پيغام کي سنڌيءَ ۾ ترجمو ڪيو. سنڌين جي سياسي ذهانت ۽ طبقاتي شعور جي مون کي اڳ ۾ به ڄاڻ هئي.“

”پرنس! مان توکي ڇا ٻڌايان- ڊاڪٽرن، وڪيلن، انجنيئرن، ماسترن، آرٽسٽن، شاعرن ۽ ڪلاڪارن ۾ اڄڪلهه وڏي تبديلي اچي وئي آهي. هو سچا آدرشي ۽ انسان دوست بڻجي ويا آهن- پئسو هنن لاءِ ڪا اهميت نٿو رکي. زميندارن، هارين سان مٽيون مائٽيون ڳنڍيون آهن. ڪارخانيدار، مزدور کي شام جو پاڻ سان ڪار ۾ ويهاري، ڪلفٽن تي قلفي ڪارائڻ وٺي ٿو وڃي.“

ڪامريڊ، ڳالهه کي وڌيڪ جاري رکندي چيو:

”پرنس! تنهنجي ڪتاب جي اثر هيٺ ڊاڪٽر، سوڙهين گهٽين جي بدبودار گهرن ۾ رهندڙ، ڦاٽل ڪپڙن وارن غريبن وٽ وڃي، سندن علاج ڪرڻ ۾ ڪا به گهٽتائي محسوس نٿا ڪن. اسپتالن ۾ غريبن جي وڏي واهر ڪن ٿا. سِلهه، دَمُ ۽ ٻين غريباڻين بيمارين جو خاتمو ٿي چڪو آهي. ڪيترائي بيوقوف غريب هاڻ سِلهه واسطي سِڪن ٿا، پر سِلهه جوڪو ڏس پتو ئي ڪونهي ته ڪاڏي وئي. غريبن کي اَيترين ته مفت دوائون ملن ٿيون جو اڪثر غريب هاڻي مانيءَ بدران دوائون کائن ٿا.“

دوا جي ذڪر تي اوچتو ڪامريڊ آزاد کي پنهنجي دوا ياد آئي. هن پاسي واري کيسي مان هڪ دٻلي ڪڍي، دٻليءَ مان هڪ ٽڪي ڪڍي پاڻيءَ سان ڳهي ويو. خالي گلاس ميز تي رکندي، ڪامريڊ چيو:

”پرنس! اسان جي وڪيلن جي کهڙي ٿا ڳالهه پڇو- وڪيلن، لُچن، لوفرن، چورن ۽ قاتلن جا ڪيس وڙهڻ ڇڏي ڏنا آهن. تنهنڪري ڏوهه ڪونه ٿا ٿين- انصاف، عشق وانگر سستو ٿي پيو آهي. ڪورٽن ۾ ڪيس داخل نه ٿيڻ سبب، جج موڪلن تي هليا ويا آهن. ٿاڻن تي پوليس عملدار سچو ڏينهن ستا پيا آهن. جيڪي جاڳن ٿا سي عبادت ۾ مصروف آهن ماني به پنهنجن پئسن جي کائن ٿا. اٿي ماڻهن بدران پوليس وارن جون مينهون ٻڌل آهن. اڪثر ايف- آءِ- آر رجسٽر اڏوهيءَ جو کاڄ بڻجن ٿا.“

”اها اڏوهي ڇاهي ڪامريڊ!؟“

پرَنس ڪروپاٽڪن، ڪامريڊ جي ڳالهه اڌ ۾ ڪٽيندي پڇيو.

”ڏوهي جو ضد معنيٰ بي ڏوهي.

حليم بروهيءَ جو هڪ شعر آ ته:

ڏوهي، بي ڏوهي ٿيا، ڏوهي، بي ڏوهي

”حليم بروهي“! ڪهڙيون ٿو ڳالهيون پڇين.“

ڪامريڊ تڪڙ ۾ جواب ڏيندي، وري سلسلو جاري رکيو:

”ها ته پرنس! مون ڪنهن بابت پئي ڳالهايو.“

”ڳالهيون ته پيون ٿيندييون ڪامريڊ!

پر هاڻي ٻڌاءِ تہ مانيءَ ۾ ڇا پسند ڪندين."

مينو ڪارڊ تي نظر ڊوڙائيندي، پرنس، ڪامريڊ کان پڇيو.

"پرنس! مان صرف دال کائيندس، ڇو تہ:

دلبر هن دنيا ۾، وڃي رهندي دال،

ماڻ ڪري مسڪين تون پنهنجا ٻچا پال."

"اِهو ڪنهنجو شعر آهي ڪامريڊ!؟"

"اِهو شعر، سائينءَ ڪي ڇوان، اسان جو هڪ شاعر دوست آهي دربيلي جو، ديوانو دين محمد دِلاڻيءَ انهيءَ جو آهي."

پرنس ڪروپاٽڪن، ويٽر کي سڏي، مينو ڪارڊ مان کاڌي جا ڪجهہ اسم، دال سميت کيس نوٽ ڪرايا ۽ پوءِ وري ڪامريڊ آزاد ڏانهن متوجهہ ٿيو.

"اسان جا انجنيئر، پرنس! وڏي مهارت رکن ٿا. تازو انجنيئرن اهڙي سڙڪ تيار ڪئي آهي، جيڪا تيز کان تيز برسات جو پاڻي جذب ڪري ٿي ڇڏي. هاڻ سڄي ملڪ ۾ اهڙين سڙڪن جو ڄار وڇايو ويندو- انگريزن جي دور جون پليون زبون ٿي ويون آهن. اسانجن انجنيئرن، بنا ڪميشن کائڻ جي، نيون شاندار پليون تيار ڪيون آهن."

"اِها تمام چڱي ڳالهہ ٻڌي." پرنس مرڪندي چيو.

"پرائمريءَ کان يونيورسٽيءَ تائين مثالي استادن جو تعداد وڏي ويو آهي. ماستر علم کي هرگز بارُ نٿا سمجهن. هر ماستر جي گهر ۾ ننڍڙي لائبريري آهي. يونيورسٽيءَ جا استاد، پنهنجون ٿيسز پاڻ لکڻ لڳا آهن. پروفيسر ڊاڪٽر تہ ڪلاسن مان ٻاهر ئي نٿا نڪرن. ڪڏهن ڪڏهن تہ وائيس چانسلر پاڻ اچي کين گذارش ٿو ڪري، تڏهن ڪلاسن مان ٻاهر نڪرن ٿا."

"ڪامريڊ تون مون سان پوڳَ تہ نہ ڪري رهيو آهين."

"نہ پرنس نہ، اهڙي ڪا بہ ڳالهہ ناهي، پر جي توکي واقعي پوڳ ٻڌڻا آهن تہ مان توکي پنهنجي پوڳائي دوست پورل پنيري سان ملايان- جنهن جا پوڳ ٻڌي، ٻڌندڙن جي وات مان پُڪڙا ڪري پوندا آهن."

ڪامريڊ برڪت علي آزاد، پنهنجي عينڪ جو شيشو قميص سان اگهندي چيو:

"پرنس! تون پنهنجي ڪتاب ۾ سائنسدانن سان بہ مخاطب ٿيو آهين. پر افسوس جو اسان سنڌين ۾ سائنسدانن جي پيدا ٿيڻ جا امڪان گهٽ رهن ٿا. ڪجهہ سال اڳ هڪ همراهہ سائنسدان ٿيڻ جي ڪوشش ڪئي هئي تہ، ماٺهو اُن کي متل شاهہ مست جي درگاهہ تي ڇرين سان ڳَڏ، هڪ وڻ سان ٻڌي آيا هئا. جتي هو اڄڪلهہ ماڪوڙن تي تجربا ڪري رهيو آهي."

"ڪامريڊ تون پنهنجن سياستدانن بابت بہ ڪجهہ ٻڌاءِ تہ هو ڇا پيا ڪن."

"اسان جا سياستدان، ساڳئي جذبي سان جبلَ تي بيٺا آهن. ڇانوَ جي طلب نٿا ڪن. مال ڏوڪڙن ۽ آسائشن ڏانهن اک کڻي نٿا نهارين. هو ڊفينس ۽ ٻين وڏين سوسائٽيز ۾ رهڻ بدران، مڇر ڪالوني، غريب آباد، مڪراني محلي ۽ آچر گهٽيءَ ۾ رهڻ لڳا آهن تہ جيئن غريب عوام سان سنئين سڌي رابطي ۾ رهن."

"ڪامريڊ ڇٽبو تہ بهتر روايتن جو بنياد پئجي ويو آهي." پرنس مرڪندي چيو.

"سياستدانن، اسڪولي ٻارن ڪان چاڪنگ واسطي ڏنل رنگ جا دٻا ۽ برش ڪسي، سندن هٿن ۾ ڪتاب ڏئي ڇڏيا آهن. سياسي جماعتن، پنهنجن ذيلي شاگرد تنظيمن ۾ اخلاق، ڪردار، رواداري، صبر ۽ سهپ جي موضوعن تي ٽريننگ سيمينارن جو سلسلو شروع ڪري ڇڏيو آهي. هاڻ ڪاليجن ۽ يونيورسٽين ۾شاگرد اڳواڻ نهايت بااخلاق، محنتي ۽ ڏاها آهن. هو دنيا جي تاريخ ۽ سياست تي بحث ڪن ٿا. ڪلاسن جو بائيڪاٽ بنهه ڪونه ٿو ٿئي. هنن، ڇوڪرين کي ٻلن وانگر گهورڻ به ڇڏي ڏنو آهي."

"صحافين جو ڇا حال آهي؟"

پرنس، ڪامريڊ کان سوال ڪيو.

"صحافين جو قلم، سچ ڪانسواءِ، ڪنهن ٻي شيءِ کي قبولڻ لاءِ تيار ناهي. ڪوبه صحافي هاڻ توهان کي ڪرپٽ ڪامورن ۽ بدبودار سياستدانن جي ضيافتن، گَتن ۽ وڏيرن جي اوطاقن تي نظر نه ايندو."

ويٺي، ماني کٽي آيو ته ڪامريڊ آزاد ۽ پرنس ڪروپاٽڪن جي گفتگو رڪجي وئي ۽ هو ٻئي ماني کائڻ لڳا. مانيءَ کانپوءِ ڳالهه ٻولهه جو ٽٽل سلسلو جوڙيندي، پرنس، ڪامريڊ سان مخاطب ٿيو:

"ڪلاڪارن ۽ آرٽسٽن جو فن ڪٿي پهتو آهي؟"

"راڳين جو روزگار رنگين ٿي ويو آهي، هنن، عوامي جاڳرتا جا اهڙا نغما تيار ڪيا آهن، جو جڏهن به ڪو ٽريڪٽر، ڪنهن ڳوٺ وٽان گذري ٿو ته ڪيسٽ ٻڌڻ لاءِ سڄو ڳوٺ ٿو ان جي پٺيان ڊوڙي. اِهو آهي فن جو قدر- ڏَنُ ڊوڙ ٿي ويو آ ۽ فنُ بلندين تي پهچي ويو آهي."

"اديبن ۽ شاعرن جون ڪهڙيون خبرون آهن؟"

پرنس، پنهنجي قميص جو ڪالر ٺيڪ ڪندي پڇيو.

"سيني جا پنڪا محفوظ ۽ صاف سٿرا آهن. اديب، هڪٻئي جي ٽنگن ڇڪڻ بدران، ڪٽ جي واڌڻ ڇڪڻ کي ترجيح ڏيڻ لڳا آهن. سنڌ ۾ هاڻي ڪوبه ننڍڙو اديب نه رهيو آهي، سڀ مهان ۽ عظيم ٿي ويا آهن. عظمت جا سرٽيفڪيٽ، هر ننڍي وڏي ايڊيٽر وٽ ڇپيا رکيا آهن- جن اديبن پڪوڙا کائي ون يونٽ ٽوڙايو هو، انهن جو اَڄ به پڪوڙن تي گذران آهي. سنڌي قوم جي درد ۾ هنن جو هاڻ ڪاڇي ويو آهي. شاعرن، مشاعرن ۾ مسخريون ڪرڻ ڇڏي ڏنيون آهن. شاعرن جي تعداد وڌڻ سبب، سنڌ فڪري طرح خوشحال ٿي وئي آهي. ويجهڙائيءَ ۾ اديبن جي جماعت، اِهي فڪري ڪئپسول ٻاهر اماڻڻ جي هڪ رٿا تيار ڪئي آهي."

"ڪامريڊ واقعي تون سچ ٿو چوين!"

"سڪر جي گرميءَ جو قسم آ پرنس! اهو ڪوڙ نٿو ٿي سگهي."

"سڄي سنڌ تبديل ٿي وئي آ پرنس! هر طرف محبت، امن، پيار ۽ خلوص جون هوائون گهلي رهيون آهن. ڪو به طبقاتي فرق نه رهيو آهي، برابري ۽ مساوات قائم ٿي وئي آهي. سنڌي سماج، هڪ مثالي سماج بڻجي ويو آ- سال ٿيا آهن جو اخبارن ۾ ڪنهن ڪٺل ڪاريءَ جي تصوير شايع نه ٿي آهي، فقط پريمي جوڙن جا خوبصورت فوٽو ڇپجن ٿا. لاهوتي هوٽل وارو روزانو اِهي فوٽو اخبار مان ڪٽي، هوٽل جي پٽ تي چنبڙائي ڇڏيندو آهي.

پرنس! مان بہ ڪنهن اديبا يا شاعره سان نڪتل اهڙي پريمي تصوير اخبار ۾ شايع ڪرائڻ چاهيان ٿو."

"ڪامريڊ! هن عمر ۾ بہ نٿو مڙين!"

پرنس تعجب وارين نگاهن سان ڪامريڊ کي گهوريندي چيو.

"پريم پوڙهو نہ ٿيندو آ پرنس! عشق جي آتش اندر مان ٿڌي ٿي وڃي تہ پوءِ باقي ڇا بچيو. اهو عشق ئي تہ آهي، جيڪو ڌرتيءَ جو مون کي رلائي ٿو."

"واه يار ڪامريڊ آزاد! تنهنجو ڳالهيون ڏاڍيون دلچسپ آهن."

"پرنس! جيڪڏهن مان سياڻي جيڪب آباد نہ وڃان ها تہ توکي الوداع چوڻ لاءِ ڪراچيءَ ضرور هلان ها."

"تنهنجي مهرباني ڪامريڊ! پر تون ههڙيءَ گرميءَ ۾ اسلام آباد ۽ مريءَ وڃڻ بدران جيڪب آباد ڇو پيو وڃين!؟"

"پرنس! مان دستار بند اديب يا صحافي ناهيان- اسلام آباد محفوظ رتبي وارا اديب وينداآهن- اسان جو تہ اجان رتبو ئي ڪونہ ٺهيو آهي."

ڪامريڊ ٿوري ابهاڻڪي انداز ۾ وراڻيو.

"ڪامريڊ! جيڪب آباد جي گهوڙن واري ميلي جي ڏي خبر، ٿئي پيو يا نہ؟"

پرنس ڳالهہ جورخ ڦيرائيندي ڪامريڊ کان پڇيو.

"هاڻ اتي گهوڙن بدران اديبن جي ڊوڙ ٿيندي آ- اديب ڏاڍا حساس ٿيندا آهن. هنن کي گهوڙن تي رحم اچي ويو آهي."

ٿوري دير جي خاموشيءَ کان پوءِ، پرنس، ڪامريڊ کي مخاطب ٿيو:

"ڪامريڊ! توسان ڏاڍي سٺي ۽ يادگار ڪچهري ٿي، پر مان چاهيان ٿو تہ هتان وڃڻ کان اڳ، ڪنهن سياستدان، ڊاڪٽر، صحافي، شاعر يا اديب سان بہ مختصر ملاقات ضرور ڪريان. مهرباني ڪري تون مون کي ڪنهن بہ هڪ اديب سان ملاءِ."

"جيئن تنهنجي مرضي پرنس!

مان توکي پنهنجي هڪ شاعر دوست سان ملائڻ ٿو وٺي هلان."

پرنس ڪروپاٽڪن مانيءَ جو بل ادا ڪيو ۽ پوءِ ڪامريڊ برڪت علي آزاد سان گڏجي هوٽل کان ٻاهر نڪتو. دروازي تي ڪار جي پرسان ڊينبو مڪراني ڊرائيور سندن انتظار ۾ ڦڙتيءَ سان بيٺو هو. ڪامريڊ آزاد جي ٻڌايل ڏس تي ڊرائيور ڪار کي هڪ بنگلي جي آڏو اچي روڪيو.

هارن ڏيڻ تي چوڪيدار ڪار ڏانهن وڌي آيو ڪامريڊ آزاد ڪار جو شيشو هيٺ ڪندي چوڪيدار کي چيو:

"خير محمد "خوشحال" کي وڃي چئہ تہ پرنس ڪروپاٽڪن پاڻ آيو آهي." چوڪيدار پرنس جو نالو اچاري نٿو سگهي. هن ڪاغذ تي لکي ڏنو تہ "خير محمد خوشحال صاحب روس کان آيل پرنس ڪروپاٽڪن اوهان سان ملڻ چاهي ٿو."

ٿوريءَ دير بعد، چوڪيدار واپس اچي ڪامريڊ کي چوڻ لڳو تہ:

"صاحب ٿو چئي تہ هن وقت مان آرامي آهيان، شام جو اچجانءِ تہ مان توکان ڪجهہ ڪتاب خريد ڪندس."

ڪامريڊ آزاد ڪجھ پريشان ٿي ويو. پر لنوائيندي وري چوڪيدار کي چيائين:

"بابا تون خوشحال صاحب کي وڃي چئہ ته پرنس ڪروپاٽڪن ساڻس ملاقات ڪرڻ آيو آهي."

ٿوري دير کان پوءِ خير محمد "خوشحال" تڪڙو تڪڙو ڀڪندو پنهنجي بنگلي کان ٻاهر نڪتو.

"ويلڪم ٽو سنڌ ماءِ ڊيئر پرنس ڪروپاٽڪن! اها منهنجي لاءِ اعزاز جي ڳالهہ آهي جو اوهان جهڙو شاهي گهراڻي جو فرد مون سان پاڻ ملڻ آيو آهي."

خير محمد خوشحال زوريءَ وڏو ٻاڪر پائي نهايت حجت سان، پرنس ڪروپاٽڪن سان اچي مليو- سچو ڏيان پرنس ڏانهن ڏيڻ سبب، خير محمد خوشحال، ڪامريڊ آزاد سان هٿ بہ ڪونہ ملايو. پرنس ڪروپاٽڪن، ڪڏهن خوشحال ڏانهن تہ ڪڏهن ڪامريڊ آزاد ڏانهن ڏسڻ لڳو تہ هيءَ ڪهڙي ماجرا آهي.

خير محمد خوشحال، موڪلائڻ واري انداز ۾ ڪامريڊ برڪت علي آزد سان هٿ ملائيندي چيو:

"ڪامريڊ! تنهنجي مهرباني جو تو، منهنجي مهمان کي مون تائين پهچايو."

خير محمد خوشحال، پرنس ڪروپاٽڪن کي ٻاڪر ۾ ڀريندي، پنهنجي بنگلي اندر وٺي وڃڻ لڳو ۽ پرنس واڱڙن وانگر، منهن پوئتي ورائي ڪامريڊ آزاد کي ڏسندو رهيو، جيڪو آهستي آهستي ٽڪل قدمن سان واپس وڃي رهيو هو. ڪو لفظ پرنس ڪروپاٽڪن جي نڙيءَ ۾ اٽڪي پيو هو، جيڪو هن اچارڻ جي ڪوشش ٿي ڪئي، پر اچاري نہ سگهيو. خير محمد خوشحال هن کي ڊرائينگ روم ڏانهن ڌڪيندو ٿي ويو.



رحمت الله ماجوني نئين ضلع جي چوهڙ جمالي شهر ۾ جنم ورتو. ايم اي سياسيات ۽ بين الاقوامي تعلقات ۾ ڪرڻ کان پوءِ هن وقت اخبار ۾ نوڪري ڪري ٿو. هن جون ڪهاڻيون، مضمون ۽ ڪالم مختلف اخبارن ۽ رسالن ۾ شايع ٿيندا رهيا آهن ان کان سواءِ هن پاڪستان ٽيليويزن لاءِ به ڊراما لکيا آهن.

هن جو هاڻوڪو پتو 105 بمبئي هوٽل آءِ آءِ چندريگر روڊ ڪراچي آهي.

# ڪانڌي ڪرڪيٽي ٽياس

رحمت الله ماجوٺي

انهيءَ ٻڌتر ۾ آهيان ته مير صاحب ڏانهن وڃان يا نه؟ ٻه ڪلاڪ اڳ تائين انهيءَ نتيجي تي پهتل هئس ته مير صاحب ڏي ڪونه وڃبو. باقي رهي مئچ جي ڳالهه ته پنهونءَ جي هوٽل تي ويهي ٽي وي تي مئچ ڏسبي. پر هيتري دير هوٽل تي ويٺو رهيس لائٽ نه آئي ته نه آئي. اسان جي ڳوٺ ۾ لائٽ وڃي ته چڙ ايم اين اي ووٽ وٺي ويو. آگوٺو ڇاٽي لونگيءَ جا گهر ڪٿي! وري يا نصيب!! وري هوٽل تي به هلي وي سي آر سڄي ڳوٺ ۾ ڪرڪيٽ جو موالي آئون هڪڙو ٻيا ڏسن فلمون، پوءِ ٽئي منهن ماري. اهو به شڪر هوٽل وارو اهو لحاظ ڪندو هو ته لڏي جو پٽ رهي شهر ۾ ڪڏهن ڪڏهن مهمان ٿي ڳوٺ اچي سو سندس فرمائش پوري ڪجي. باقي ٻئي سڄي ڳوٺ ۾ ٽي وي آهي ئي ڪانه. سو لاچار پنهونءَ جي هوٽل تي ويٺي لائٽ جو انتظار پئي ڪيم پر صبح ڪان ويل لائٽ ڪانه آئي ته ڪانه آئي. ڪيترو انتظار ڪجي. پويان مئچ به شروع ٿيڻ واري. اهو سوچي گهر هليو آيس ته جهڙو تهڙو پوءِ به ريڊيو اٿم. ريڊئي تان ڪمينٽري ٻڌبي. مون وارو پاڪيٽ سائيز ريڊيو به رڳو ڪري سوساٽ رکي رکي آواز واري مهرباني ڪري ته سندس احسان باقي آواز لاءِ ٻڌل ڪونهي. سوير ڪان زور لڳائي ٻيهي رهيو آهيان پر ڪمينٽيٽر جي آواز ڪي سڪي مئو آهيان. انهيءَ ڪري ئي پيو سوچيان ته ڪٿي مير صاحب ڏانهن ئي وڃان.

مير صاحب اسان جي ڳوٺ جو ڪونهي. ويجهڙ ۾ اسان جي ڳوٺ ڪان پري زمينون ورتيون اٿس. اتي واهه جي اوطاق به نهرائي اٿس. ٻر ۾ بازار ڪيو ويٺو آهي. جنريٽر پنهنجا ته ٻه ٻه ڊشون به لڳل. گذريل مئچ ڏسڻ وقت جڏهن پنهونءَ جي هوٽل تي فلمن جي شوقينن سان منهن ماري ٿي ته ڪنهن ڏس ڏنو ته مير صاحب وٽ ڇو نٿو وڃي راند ڏسين. پلو ماٺو آهي. سو آئون به دل جهلي وڃي مير صاحب وٽ نڪتس. ڏاڍو قرب سان مليو. پاڻ ٽي وي تي "زي" لڳايو ويٺو هو.

پڇيائين: "ڪيئن آيو آهين؟"

چيم: "مير صاحب! الائي ڏينهن ڪان پوءِ ڳوٺ آيس. خبر پئي ته اوهان هتي آهيو، سو ملڻ هليو آيس..... پلا مئچ ته لڳايو."

چيائين: "ڀلي آئين، وڏيون مهربانيون، ڪوڙ مئچون." هن ريموٽ دٻايو. اسٽار تي مئچ لڳي پئي هئي. انهيءَ مهل ويسٽ انڊيز جو آخري رانديگر ڪرٽلي ايمبروز پيڊ ٻڌيو بيٽنگ لاءِ پئي آيو. مير صاحب، ڪرٽلي ايمبروز کي غور سان ڏٺو ۽ پوءِ مونکي ڏسندي چيائين: "پانيان ٿو اهو ڏاڍو واهه جو رانديگر هوندو."

چيم: "سائين! پانيان ٿو، واري ڳالهه ڇو ٿا ڪريو همراهه راند ڪري پيو ڏسي وٺو."

چياڻين: "انهيءَ مئي ڪرڪيٽ جي وري پاڻ کي بہ خبر ڪا نہ پوي."

مونکي ٿورڙي حيرت ٿي چيم: "سائين راند جي خبر ڪا نہ پئي تہ پوءِ ڪيئن ٿا چئو تہ همراهہ پلو رانديگر آهي!"

شوڪارو پري چياڻين: "اسان خانداني ماڻهو، ماڻهوءَ ماڻهوءَ جي قدبت مان ئي سمجهيو وڃون تہ واهہ جو رانديگر هوندو." پٺي ٽئي بال تي ايمبروز آئوٽ ٿي ويو تہ مير صاحب ٻيهر شوڪارو پري چيو تہ: "ڏاڏا واپس ڪو پيو وڃي ڪو تہ!"

چيم: "مير صاحب! آئوٽ ٿي ويو."

چياڻين: "معنيٰ ڪاپي ويو؟"

هاڪار ۾ ڪنڌ ڌوڻيم. چياڻين: "معنيٰ قدر ڪونهي، هاڻ راند مان مزو ئي هليو ويو.... پلا تون خبر ڏي نہ اڄين نہ وڃين. اڄ ترسي پئو، نالو اٿئي الله جو." مير صاحب منهنجو هٿ جهلي ٿورو پاڻ ڏانهن ڇڪيو. مون اٿڻ ۾ ئي عافيت سمجهي.

"ڪاوڙجي پئين ڇا ميان الهہ بچايا؟"

چيم: "نہ سائين ڪاوڙيو ڪونہ آهيان پر راند ٿي ختم هاڻ پاڪستان وارو وٺندو. تيستائين آئون هلان ٿو."

چياڻين: "منهن تي پوئي تہ پلين وچ پر آهي بي واجبي."

ائين مير صاحب کان اٿي آيو هئس. هينئر پنهونءَ جي هوٽل تي لائٽ نہ هئڻ ڪري ٽي وي بہ ڪانہ ٿي هلي ۽ ريڊيو بہ سر نٿو ڪري تہ بہ مير صاحب ڏانهن وڃڻ تي ارواح نٿو ٿئي.

وري الله کي سنيالي ريڊيو لڳائڻ جي ڪوشش ڪيم تہ ڪمينٽري لڳي وئي. ڪمينٽيٽر ٻڌايو پئي تہ: "ٽي رانديگر آئوٽ آهن. 19 رنسون ٿيون آهن. انضمام ۽ يوسف يوحنا کيڏن پيا."

وڄ!! اڄا بہ ٽي اوور ئي مس ٿيا هوندا تہ يڪا ٽي آئوٽ!! پر آئوٽ الائي ڪهڙا ٿيا؟ ڪمينٽيٽر ٻڌائي ڪو نہ پيو.

اوچتو ادا وڏو گهر ۾ داخل ٿيو. "بچايا! ڇگو ٿيو تون گهر ويٺو آهين. يار! رزاق ويو." ادا ڏک مان چيو.

"رزاق ويو؟!" مون حيرت مان دهرايو. "ون ڊائون تي آيو هو ڇا؟ تو ڪٿي ڪمنٽري ٻڌي!!؟"

"دماغ خراب ٿيو اٿئي ڇا؟ آئون ٿو چوان تہ رزاق شربت وارو گذاري ويو." مون سُک جو ساهہ کنيو، "ٻيلي شڪر، مون سمجهيو رزاق آئوٽ ٿي ويو."

چياڻين: "شرم ڪر، رزاق شربت واري جهڙا ماڻس ڪٿي؟"

چيم: "برابر مرحيات سڄي ڄمار سيڪرين وارا شربت ماڻهن کي ڪنڌ جا ڇئي پيارِيا."

چياڻين: "مئي سان ڇرچا نہ ڪبا آهن. مرحوم ڏاڍو پلو ماڻهو هو وڏو لحاظي هو. هڪ ڀيري مون کي سندس گهر مان ڊوڙايائون. منهنجو بوٽ اتي رهجي ويو. ٻئي ڏينهن وڃي گهريم تہ اشراف پاڙي جو ننگ سڄاڻي ورائي ڏنو. اڪر بہ ڪو نہ ڪڇيائين. ڏاڍو لحاظي هو پر يار آئون ڪانڌي ڪونہ ٿو وڃي سگهان تون وڃ پاڙي جي ڳالهہ آهي."

چيم: "ادا مئچ هاڻ شروع ٿي آهي. هينئر رات جا 8 پيا ٿين. مرحيات کي رات پيٽ ۾ ڇو ٿا دفنائن؟ مرحوم تي پنڻان قرض گهرندا آهن ڇا؟"

چيائين: "اهڙي ڳالھ ناهي، مرحوم کي ڪا اهڙي بيماري هئي جو ڊاڪٽرن چيو آهي تہ هڪدم دفن ڪريو."

چيم: "ادا! مس مس ڳوٺ اچان ۽ تون وري اهڙيون بيگرون مون ڪان وٺين. ڳوٺ اچڻ تان ارواح ٿي ڪٺائي ٿو ڇڏين. ڏٺيءَ ڪي مڃ يا تہ وارثن ڪي چئي آ تہ مرحوم ڪي سپاٽي ڪٺن، يا پوءِ تون ڪانڊي وچ آئون مٿڇ پيو ٻڌان."

ادا وڏو شوڪارو ڀريندي چيو: "بچايا! آئون اڪين سان وچان ها پر يار هڪڙو وڏو مسئلو آهي، اوڏانهن وڃڻو اٿم."

ادا اهڙي نموني چيو جو مون کي پڪ ٿي تہ جيڏانهن ادا کي وڃڻو آهي اوڏانهن خير ڪونهي، گهٽ ۾ گهٽ 5–7 ماڻهو تہ مئا ٿي مئا هوندا. پر مونکي نٿو ٻڌائي تہ متان ملول ٿيان.

چيم: "ادا! خير تہ آهي؟ اهڙو ڪهڙو ضروري ڪم آهي؟"

چيائين: "يار! اڪين سان ڪانڊي وچان ها پر ڇا ڪريان مون وارو يار سونهارو ماڇي...."

مون ڪان رڙ نڪري وئي: "ادا! ڇا ٿيو سونهاري ماڇي کي!!؟"

چيائين: "سونهاري کي تہ ڪجھ ڪونہ ٿيو آهي، سندس گهوڙي ويائي آهي سو آئون وڇيرو ڏسڻ ٿو وڃان."

مون سک جو ساھ کنيو ۽ چيم تہ: "ادا! پوءِ هاڻ وڇيرو تون سپاٽي بہ ڏسي سگهين ٿو. هينئر ڪٺي ڪانڊي وڃ، مون کي ڇڏ تہ ڪمينٽري ٻڌان."

چيائين: "نہ ڙي ابا! سپاٽي مون کي ضروري ڪم آهي اپلاٹن جي ڳوٺ ويندس."

پڇيم: "اوڏانهن تہ خير آهي نہ؟"

چيائين: "ها خير آهي، جمعي اپلاٹيءَ جي ڪڪڙ جون ڪڙائون لاهڻيون آهن. پريهين ميل آهي، سو سپاٽي اول خير، جمعي ڏانهن ويندس نہ تہ دل ۾ ڪندو، ٻين کي ڪهڙي خبر تہ ڪڪڙ جون ڪڙائون ڪيئن لاهجن!؟"

ماٺ ڪري ويهي رهيس پر دل ۾ سوچيم تہ ادا کي مرحيات رزاق جي لاچاري ڏاڍي آهي باقي رڳو مون تي ڪانڊي ٽيڻ لاءِ زور.

دل جهلي پڇيم: "ادا! پلا آئون ڪانڊي نہ وڃان تہ!"

ڪاوڙجي پيو: "ٻڌيو نٿو مرين؟ ڪانڊي ڪونہ وينديں! پاڙي جي ڳالھ آهي ضرور وڃ. توکي چيم ڪو نہ تہ مون کي ضروري ڪم آهن نہ تہ آئون پاڻ وڃان ها." ادا ائين چئي پوتارو چنبڙي ڪلهي تي رکندي چيو: "پريان، فوزيہ سومري جي ڪيسيٽ پئي آهي سا تہ ڪٺي ڏيم." مون ڪيسيٽ ڪٺي ڏني. ادا ويو هليو.

انهيءَ مهل سوسات ڪنڊڙ ريڊيو وري آواز جي مهرباني ڪرڻ لڳو. ڪمينٽيٽر اڳ آئوٽ ٿيل رانديگرن جو پٽي ٻڌايو. مون کي لاچاري هئي عمران نذير جي، سو خبر پئي تہ وڪيٽن ڪان ٻاهر ويندڙ بال کي ڪٽ ڪرڻ جي ڪوشش ۾ سلپ ۾ آئوٽ ٿيو. ٻيا بہ جيڪي آئوٽ ٿيا سي هئا يونس خان ۽ محمد وسيم ٻيا تہ ٺهيو پر نذير کي آئوٽ نہ ٿيڻ گهرجي ها. ڏاڍو ڏک ٿيم. مون کي اهو رانديگر ڏاڍو ٿو وڻي جيئن مير صاحب کي ايمبروز وڻيو هو.

بهرحال مون کي رزاق مرحيات جي جنازي ۾ شريڪ ٿيڻ جو حڪم هو. برابر پاڙو، پاڙو آهي پر مئچ به ته مئچ آهي..... ڇا ڪريان!؟ نيٺ هڪ اٽڪل سجهي آئي. ڇا ڪيم جو ادا جي ڪيسن واري گنجي ڪٽي پاتم. ريڊيو گنجيءَ جي ڪيسي ۾ وجهي ايئر فون هٽي وائر ڇڪي ڪن تي آندم قميص پائي مٿي تي وڏو رومال اهڙي ريت ٻڌم جو وائر ڪٽان به ڏسڻ ۾ نه اچي. هاڻي آئون خوش هئس ته ڪانڊي به ٿي سگهان ٿو ته ڪمينٽري به ٻڌي سگهان ٿو. گهران نڪري پيس. انضمام ۽ يوحنا ڄمي ويا هئا. ايمبروز ۽ والش زور ڏئي بيهي رهيا پر هي همراهه پڻ ڪڏي بيهي رهيا. ڪمينٽري ٻڌندي ٻڌندي مرحوم رزاق شربت واري جي گهر ٻاهران اچي بيٺس. ڏسان ته تڏا وڇايا پيا آهن. هڪڙو گولو پيو ٻري. مرحيات جو وڇڻ پڻ وينو آهي. ڪي ڳوٺ جا ته ڪي ڳوٺ کان ٻاهر جا همراهه هرويرو پاڻ کي ڏکويل ظاهر ڪيو وينا هئا. آئون به مرحيات رزاق جي پٽ کي هٿ ڏئي پري وڃي ويهي رهيس ۽ مزي سان ڪمينٽري ٻڌڻ لڳس. ڪنهن مهل هڪ نولو همراهه اچي منهنجي پر ۾ وينو. هيڏانهن هوڏانهن لوٽا هڻي مون کان پڇيائين: "همراهه ڪيئن ويو؟" آئون ان مهل عمران نذير جي آئوٽ ٿيڻ بابت ڪمينٽيٽر جي راءِ ٻڌڻ ۾ رڌل هئس. همراهه کي جواب نه مليو ته وري پڇيائين: "همراهه ڪيئن ويو؟ ٿيو ڇا هو؟" ڪمنٽري ۾ ٻڌو وينو هئس سو واتان نڪري ويو: "تجربي جي ڪوٺ، ٻاهر ويندڙ بال کي ڇهندو ته سلپ ۾ ڪئچ ته ڏيندو." همراهه حيران ٿي مون کي ڏٺو ۽ آئون به گهبرائجي ويس ته ڳالهه ته ڦٽائي ويهي رهيو آهيان پر شڪر ٿيو بنهه انهيءَ مهل هڪ بزرگ قسم جو ماڻهو اسان ٻنهي جي وچ ۾ اچي وينو ۽ پريان وينل ٻن همراهن کي چوڻ لڳو، "ابا! ڪجهري نه ڪريو قل پڙهو." منهنجي خدا جان ڇڏائي. مون کان سوال پڇندڙ همراهه قل پڙهڻ لڳو هو. گهڻي دير ماٺ رهي. ڪنهن به ڪنهن سان ڪونه پئي ڳالهايو. مون وارو ريڊيو ڪيڏي مهل سوساٽ ڪري ته آئون وري ٻئي پاسي تي ويهان ته ڳالهائڻ شروع ڪري وري بند ٿئي ته وري پاسو بدلايان. پر مان وينل بزرگ مون کي پئي ڏٺو، چيائين: "ابا! ڪنڌ کان وينو آهين، ماڪوڙا برابر هوندا، هوڏانهن ٿي ويهه، سوير کان پيو ڏسان تون ڏکيو وينو آهين."

چيم: "سوساٽ نه ڪري ته سولو به ٿي ويهان." ائين چئي اٿيس پر مون کي وري به غلطي جو احساس ٿيو لوٽو هڻي ڏٺم ته بزرگ ڇپن ئي ڇپن ۾ ڪجهه پڙهيو پئي. پريان جتي وڃي وينس. اتي ريڊيو واهه جو وڄڻ لڳو. ڪمينٽيٽر ٻڌايو پئي ته، "هاڻ پاڻيءَ جو وقفو آهي تيستائين آئون توهان کي هيل تائين ٿيل راند جو تفصيل ٿو ٻڌايان."

آئون مزي سان تفصيل ٻڌڻ لڳس. اتي اوچتو مون کان پر واري همراهه سوال ڪيو، "ابا! ڇا صورتحال آهي؟"

چيم: "ساڳيا ئي آئوٽ هينئر پاڻيءَ جو وقفو آهي."

چيائين: "مون کي ڪجهه چيئي ڇا؟" آئون گهبرائجي ويو هئس، سوچيم "پانيان ٿو اوهان مون کان ڪجهه پڇيو؟

چيائين: "نه بابا! مرحيات جي پٽ کان پيو پڇان." مون ڏٺو ته مرحيات جو وڏو پٽ گهر کان نڪري منهنجي پويان اچي بيٺو هو. مون رب جو شڪر ادا ڪيو ۽ وري مئچ ۾ گم ٿي ويس، سوچيم پئي ته عمران نذير کي آئوٽ نه ٿيڻ گهرجي ها، ائين آئوٽ ٿيندو رهيو ته ٽيم

۾ ڄاءِ پڪي نہ ڪري سگھندو. اوچتو منهنجو ڌيان پڙ ۾ اچي ويٺل هڪ نئين ماڻهوءَ ڏانهن ويو. جنهن پٺي سان مرحوم جي پونيرن جي گلا پئي ڪئي. پر منهنجو ڇا وري ڪمينٽري ٻڌڻ ۾ لڳي ويس. پر واري پئي چيو، ”مڙس هو سو ويو، پويان صفا نڪما ۽ ڇٽ آهن. ڪو سوجھرو ڪونهن.“ ائين چئي هن لوٽو هٿي ڏنو تہ ڪير ٻڌي تہ ڪو نہ ٿو پر مون کي جو هڪ ٽڪ پاڻ ڏانهن ڏسندي ڏٺائين، سو سمجھيائين آئون بہ ساڻس متفق آهيان تڏهن اعتراض ڪونہ ٿو واريان، سو وري مونکي چوڻ لڳو، ”پويان سوجھرو ڪونهي. سڀ ڇٽ آهن.“

مون چئي ڏنو: ”ڇو پويان سوجھرو ڪونهي. بہ پلا ڪيڏن پيا. اڄا معين خان آهي. رزاق آهي. وسيم اڪرم آهي.“

مون کي ترت ئي احساس ٿيو پر منهنجو لهجو شايد ڪاوڙ وارو هو سو هو همراهہ مون کان ئي وڌ ڪنفيوز ٿي ويو. چيائين: ”نہ بابا! الله رکي پويان بہ اسان جا ٻچا آهن، سون آهن، اسان لاءِ ڇڻ رزاق ويٺا آهن. آئون ائين ڪونہ ٿو چوان پر سر سر جي پنهنجي ڪلا آهي.“

مون بہ آهستي چيو: ”برابر سڀ تہ عمران نذير ڪو نہ ٿيندا.“

همراهہ اڳ ئي مياري ٿي چڪو هو سو زور سان ”الله“ چئي ڪنڌ گوڏن ۾ هٿي جيئن ويٺو تيئن وري ڪنڌ مٿي نہ ڪيائين.

ٿوري دير ۾ مرحوم رزاق جو جنازو گھر کان ٻاهر آندو ويو آئون جيئن تہ منهن ۾ ئي ويٺو هئس سو يڪدم اٿي ڪلهو ڏنم. انهيءَ مهل انضمام الحق زوردار چوڪو هنيو ۽ منهنجي وات مان بي اختيار نڪتو، ”واهہ انضمام واهہ“ يڪدم غلطيءَ جو احساس ٿيو پر ڪلمي جي آواز ۾ انضمام کي ڏنل مون وارو داد ڪنهن ڪونہ ٻڌو. مس مس هڪڙي همراهہ مون کان ڪلهو ورتو ۽ منهنجي جان ڇٽي. سيني ڪان آخر ۾ هلندو ڪمينٽري ٻڌندو پئي آيس. ڪنهن مهل هڪل ٿي، ”بابا! جنازي نماز هتي ئي ٿا ادا ڪريون.“ جنازو رکيو ويو. ڪانڌي وضو ڪرڻ لڳا. انهيءَ مهل يوحنا خلاف ايل بي ڊبليو جي اپيل ٿي. منهنجو ساهہ مٺ ۾ اچي ويو پر شڪر ٿيو امپائر آئوٽ ڪونہ ڏنو. مولوي تڪبير هنئي. آئون بہ صف ۾ بيهي رهيس. هڪ چاچي پڇيو: ”چوڪرا! تو وضو تہ ڪونہ ڪيو هو؟“ اصل ۾ ايل بي ڊبليو جي اپيل ۾ مون کي خيال ئي نہ رهيو تہ ڪو صف ۾ اچي بيهي رهيو آهيان، يڪدم چاچا کي چيم: ”چاچا آئون وضوءَ سان آهيان.“

چيائين: ”شاباس پٽ شاباس! شل سڀ جوان مڙس تو جھڙا نيڪ ٿين.“ نماز جوڻ شرط ئي يوحنا لڳاتار ٽي چوڪا هنيا ۽ منهنجا هٿ ڌمال هڻڻ واري انداز ۾ مٿي ٿي ويا. اڪ ٽيڏي ڪري ڏٺم تہ ڪنهن مون واري حرڪت تي ڌيان ڪونہ ڏنو هو. نماز ختم ٿي. موڻ وري جنازي کي ڪلهو ڏنو. نماز کان پوءِ گھٽا ڪانڌي واپس موٽي ويا هئا سو مون کان ڪنهن ڪلهو ورتو ئي ڪونہ. ڏاڍي ڪاوڙ آير تہ، هڪ مرن رات جو، سو بہ ڪرڪيٽ جي موسم ۾ ۽ وري ڪانڌي بہ ٿورا. اوچتو الائي ڇا ٿيو جو مون واري ريڊيئي مان ايئرفون وارو وائر نڪري ويو ۽ آواز ٻڌڻ ۾ اچڻ لڳو. ڇا ڪيم جو اچي ڪلمن تي زور رکيم جيئن ريڊيو وڃي تيئن زور سان ڪلما پڙهان ۽ بت- هيڏانهن هوڏانهن پيو واريان تہ جيئن مٿو وري بہ گھڻجي وڃي. ايترو محسوس ڪيم تہ ماڻهن ريڊيي جي آواز تي هيڏانهن هوڏانهن لوٽا هنيا آهن. پر مون ڪلمن کي چڪي رکيو نيت هڪ همراهہ مون کان ڪلهو ورتو ۽ آئون پري هٽي، پيشاب

جو بهانو ڪري ويهي رهيس ۽ وائر وري ريڊيي ۾ هٿي ڇڏيم ۽ پويان پويان هلڻ لڳس. قبرستان اچي ويو. جنازو دفن ٿيو. مولوي صاحب وڏي آواز سان دعا گهري ۽ مون به دل ئي دل ۾ دعا پئي گهري ته: "ياالله گهڻ ۾ گهڻ سؤ رنسن جي پارٽنر شپ ٿئي، جيئن ٽيم جي پوزيشن مضبوط ٿئي." مولوي صاحب چيو: "آمين!" سيني ڪانڌين چيو: "آمين!" پر منهنجي واتان نڪتل "آمين" سيني کان مٿانهون هو.

●



حفيظ ڪنڀر 27 جولاءِ 1964ع ۾ ضلع ميرپورخاص جي تعلقي ڪوٽ غلام محمد جي ڳوٺ حاجي عرس ڪالرو ۾ محمد الياس ڪنڀر جي گھر ڄنميو. هن پرائمري تعليم حاجي شاهه محمد شر اسڪول ۽ مئٽرڪ ڪوٽ غلام محمد هاءِ اسڪول، انٽر گورنمينٽ ڪاليج سعيدپور، بي اي آنرز ڪرڻ کان پوءِ ايم اي انگريزي ۾ سنڌ يونيورسٽي ڄامشوري مان ڪئي.

هن سنڌ يونيورسٽي ۾ پنهنجي تعليمي سفر دوران لکڻ شروع ڪيو ۽ انهي عرصي ۾ ٽماهي مهراڻ ۾ هن جون ڪهاڻيون ڇپيون ۽ ان ڪانپوءِ هن ٽيليويزن لاءِ لکڻ شروع ڪيو ۽ سنڌي ثقافتي رسمن تي مشتمل سيريل ”هٿين گل ميندي“، ”مور اڏاڻا مور“ ۽ ٻيا ڪيترائي ڊراما لکيا. هن جي لکڻ جي فيلڊ نثر ۽ نظم ٻئي آهن. جنهن ۾ هن جي هڪ سڃاڻپ مزاح نگاري پڻ آهي. هن وقت هو گورنمنٽ مسلم سائنس ڪاليج حيدرآباد ۾ انگريزي شعبي ۾ ليڪچرار آهي ۽ گھر نمبر C-55 نسيم نگر فيز ون قاسم آباد حيدرآباد ۾ رهائش پذير آهي.

# زخمي صاحب

حفيظ ڪنير

ريجنل آفيس ۾ ٽرانسفر ٿيڻ کان ٽي چار ڏينهن پوءِ ئي زخمي صاحب مون سان فري ٿي ويو هو. هن جو قد ڪاٺ ڏسي ماڻهو کي ماس، هڏ، چم، جي ٺهيل ماڻهو بجاءِ پٽڙ جي ٺهيل شخص جو گمان ٿيندو هو. هن کي ڏکڻو ٿيڻو هو پر شايد ناناڻڪي ۽ ڏاڏاڻڪي پيڙهين جي ڇڪ ڇڪان ۾ ويڪرو ٿي ويو هو. جيڪڏهن هن جو رنگ اڇو هجي ها ته سندس مٿو رس گلو ٿي لڳي ها پر گنجو مٿو انهيءَ ڪري گلاب جامن لڳندو هو جو ڪيس چمڙي جي بيماري هئي. سندس چهرو ڏسي ڪو به ماڻهو اهو گمان ڪري سگهيو ٿي ته زخمي صاحب شهر جي چئونڪ مان "گڏهه واري سرگس" کي اڌ ۾ ڇڏي ڀڄي آيو آهي يا رضاڪارانه طور وڃي رهيو آهي ۽ گڏهه جي ٻين ڪارجن سميت سرگسي ڪارج بخشي سگهي ٿو. خود ئي ڪڏهن ڪڏهن پر ۾ ٻي ٻي خبر ۽ پرائي ڳوڏي تي ڌڪ هڻي چوندو هو، "سائين! قدرت اسان جو منهن ڪارو ڪري دل اڇي ڏئي ڇڏي آهي."

مون کي اتي ئي ڪنهن ٻڌايو هو ته، زخمي صاحب جو گهر اتي ئي آهي جتي ڪنهن نه ڪنهن رهواسي کي در جي مٿان "خبردار! هي گهر آهي، اندر اچڻ منع آهي." جي وارننگ واري تختي لڳائڻي پوي ٿي. زخمي صاحب ڪڏهن به پنهنجي رنگ روغن تي غرور نه ڪيو نه ئي پنهنجي گنج کي مايوس ٿيڻ ڏنائين جيڪا ڦٽي هن کي نوجواني کان اڳ ۾ ملي هئي، اها ڦٽي سنڀالي رکي هئائين. ڦٽي جي سنڀال ڪئي هئائين جو چوندو هو ته "سائين! هي نياڻي ڪاري ڏهن سالن ۾ ٿي آهي نه ته هن جو رنگ به پهرين مون جيان ڳاڙهو لڳو پيو هوندو هو." بهرحال! ڦٽي جي ڏندن جي تعداد ۽ زخمي صاحب جي وارن جي تعداد ۾ اوڻيهن ويهن جو فرق ئي هو. "بس! سائين ڦٽيون به ڪڏهن ڪڏهن خود ئي رستا ناهي وٺنديون آهن."

"ميان! رستي ۽ رڻ پٽ ۾ فرق هوندو آهي." سينيئر ڪلارڪ عبدالله ڪيس ٽوڪ هڻندي چٽي ڪڍيو.

"اڙي! اڃا به مايون مرن ٿيون، تون ڇا ٿو سمجهين ته ڪو گهٽ آهيون ڇا؟"

"يلا! شادي ڪئي هيئي ته مائٽن موڙ ٻڌايا هئا يا ڪا ننڍڙي منجهڻ ٻڌائي ڪنواريتن وٺي ويا هئا." سينيئر ڪلارڪ وجهه نه ڇڏيو.

"چپ ڪر ڙي! بندوق جي نڪاءِ تي ڇاول. اڙي! تڏهن ته وار اصل پنيا لڳا پيا هئا..."

"ڏسو سائين! آئون جڏهن کان ڪيس ڏسندو اچان ته اهو ئي گهاٽي جي لٽ جهڙو مٿو اٿس... وات ۾ به پهر ڪو نه اٿس. رات جو ڇاڙي ڪڍي پوءِ سمهندو آهي. زبان وات ۾ ڦرندي اٿس جهڙو سڄي گهر ۾ ڪتو پيو ڦري..."

زخمي صاحب چشمي جو شوقين هوندو هو. چشمي جي فريم کان وٺي گلاسن جي رنگ تائين هن جو پسنديده ۽ قدرتي رنگ ساڳيو هيو. آئون سندس جنهن به ڳالهه کي صحيح سمجهندو هئس ته 24 ڪلاڪن جي مختصر عرصي کان پوءِ اهي ڳالهيون بولائيون ڪائي ڪنڌ هيٺ ۽ ٽنگون آسمان طرف ڪيل نظر ايندڙيون هيون.

آفيس جي ڪجهه ماڻهن جو خيال هو ته، "زخمي صاحب ڇائي ڇم کان ڪوڙو آهي، ڪن جو شديد اختلاف انهيءَ تي هو ته ڪنهن به ٻار کي ڳالهائڻ لاءِ گهٽ ۾ گهٽ اڍائي سالن جو عرصو درڪار هجي ٿو. 24 ڪلاڪ ڪوڙي هجڻ تي پڻ اهڙو ئي ڪو اختلاف هو ته ماڻهو انهيءَ عمر ۾ ڇهه ڪلاڪ ننڊ به ڪري ٿو. زخمي جا موضوع مٿو بالا ان مغل اعظم ۽ سائين مايا رام جو ميٿاميٽڪس پڙهائڻ جو طريقو هوندو هو.

ڪجهه ڏينهن کان آفيس ۾ مون ڏٺو ته زخمي ۾ اها ڦنڪي نه رهي هئي، خاموش ۽ ڪنڊائتو رهڻ لڳو، نه ڪنهن وارن واري کي ڦٽي آڇڻ، نه پنهنجي گنج جي رڻ تان ڦٽي جي راهه ناهڻ.

ٽيبل تي ويٺي خود کي فائيلن ۾ گم ڪري ڇڏڻ، ڪنهن مهل بخيلي ۾ پٽيوالي کي پنج پيڙهين تائين متاثر ڪندڙ گار ڏيڻ، پنهنجي ليکي ٽڪڻ، سگريٽ ٻي کان پني پيئڻ بجاءِ پاڪيٽ گهرائڻ جهڙيون حرڪتون ڪرڻ لڳو.

ٻن ٽن ڏينهن کان پوءِ معلوم ٿيو ته گهر ناچاڪائي جو سبب ڇاٽائي زخمي پنجن ڏينهن جي موڪل تي هليو ويو آهي.

آفيس مان غير حاضري باوجود زخمي صاحب بحث جو موضوع بڻيو رهيو. ڪنهن کي به زخمي جي گهر متعلق تفصيلي خبر ڪو نه هئي. فقط ايتري خبر هئي ته زخمي کي اولاد ڪونهي ۽ نوجوان ملازم اولاد مان مراد فقط ڇوڪريون ئي وٺندا ۽ افسوس ظاهر ڪندا هئا. "نياٽي پاڳ آهي" جي سري هيٺ ڳالهائي پنهنجون پيٽون وساري پاڳ جي گهٽي ۽ گلي پرائي گهر ڏي موڙيندا هئا.

پنجن ڇهن ڏينهن ڪانپوءِ زخمي جي واپسي ٿي، خبر چار ورتي. ڏاڍو خوش هو.

"بس سائين! مس مس وڃي چڱي ڀلي ٿي آهي."

"اهڙو ڪو سيريس پرابلم ٿي پيو هو ڇا زخمي؟"

"ها سائين! پهرين ته ڪيس بک نه لڳي، جهڙوڪر ڪائڻ پيئڻ ڇڏي ڏنائين، پر آئون سدائين آفيسن جي گذر ۾ گهيريل سو ڏيان ئي نه پيو ڏيان."

"پلا ڊاڪٽر ڇا چيو؟" مون زخمي کان پڇيو.

"ڊاڪٽر هو ٻه ٽي ڏينهن موڪل تي تيستائين ته پئي مڙئي ديسي علاج هليو.... پر هاڻ خير ٿي ويو، شڪر جو ڊاڪٽر وٽ وٺي وڃڻ جي مت ٻه مون کي آئي نه؟ هينئر ڪجهه آرام ۾ آهي."

ٻي ڏينهن زخمي مون کي پولٽري اسٽال تي مليو.

"ٻن ٽن ڏينهن جي بيماري به وڏي گهانچ آهي سائين! سوچيم پاءُ ڪن ڪڪڙ ڪائيندي ته.... وري سولي هلڻ چلڻ جهڙي ٿي ويندي...! پلا توهان کي ڇا پيئارجي، ڪهڙي خدمت ڪجي!؟" حسب معمول اهي ئي نقلي ڏندڪيي اصلي وات سان مرڪڻ لڳو.

”ڪجھ بہ نہ زخمي!! تون رڳو گھر واري مسئلي مان آجو ٿي... پوءِ پيا ڏسنداسون.“

”بس سائين! اوهان جون رڳو دعائون گھرجن. دعا ڪريو سيني جي صحت سلامت هجي.“

هڪ ٻہ ڏينهن مون کي ڳوٺ وڃڻو پئجي ويو. جڏهن واپس آفيس آيس تہ لڳم زخمي ٻن ڏينهن کان انتظار ۾ سگريٽ جو ڪش هڻي پاڪر وجهي ٻي فرصت ۾ ڊونهون مون ڏي منتقل ڪري ڇڏيائين. پاڪر ڪڍندي ڳالهہ ڪرڻ کان اڳ ٻروات جي ڊپ منهنجي نڪ معرفت دماغ جي ڪنڊ ڪنڊ واسي ڇڪي هئي. مون کي هاڻ خبر پئي تہ هڪ ڏينهن زخمي نزلي جي بيماري تي هڪ ڪلاڪ پنجويھ منٽ جو ڳالهايو هو؟

”سائين! هنن آفيس وارن کي کهڙي ڪل پرائي سورن جي. جتي باھ لڳي سا جاءِ جلي. قسم ساڻ اسان جي دل بہ اهڙي آهي جو جنهن تي اچي تہ پوءِ پلي بادشاهيون پيرن ۾ پيون هجڻ. هو چوندا آهن نہ تہ ”دل لڳي تہ پريءَ سان لڳي.... ڪيا چيز هئي.“ زخمي سدائين انهيءَ چوٽي کي لاشعوري طور ابتو ڇئي پنهنجي ننڍپڻ ۽ نوجواني جو ڪتاب کولي ٻين اڳيان رکي ڇڏيندو هو.... ”سائين! هاڻ هلڻ چلڻ جهڙي ٿي وئي آهي... اڄ بہ صبح جو دروازي تائين آئي هئي....“

”هان! شڪر... هاڻ تہ فڪرمند ٿيڻ جي ضرورت ڪونهي...“

”بس سائين! توهان جي بہ مهرباني جو انهن گهڙين ۾ يادگيري ڪريو ٿا ابو مرحيات چوندو هو تہ جيڪڏهن ڱنهنجو ڪکڙ بہ مري وڃي تہ بہ ان کي تسلي ڏيڻ گهرجي... سائين! هتي تہ پوءِ بہ سالن جو ساٿ آهي. ڪيئن سائين!؟..“

”بلڪل!! آئون توڙي جو ٽڪل بہ هئس. آفيس جا رهيل فائيل اٿلائيندا هئا پر زخمي جي سگريٽي دونهين ۽ وات جي ڊپ، ڳالهين جو گهيرو تنگ هو. ڪيس ٽارڻ لاءِ مون کي پٽيوالي کي ڪڙڪ نموني ڳالهائڻو پيو تہ آرام سان ويٺي ويٺي چيائين. ”صاحب! جيستائين انهن سان اها ٻولي نہ ڳالهائيندو تيستائين هنن جو دماغ ايئن خراب رهندو.“ وري ٻي جونيئر ڪلارڪ کي گهرائي ذري گهٽ گاريون ٿي ڏنم تہ ڪلارڪ جي وڃڻ ڱانپوءِ بہ اتي ئي ويٺي ويٺي چيائين تہ ”سائين! انهيءَ جي تہ ذات ئي اهڙي آهي جنهن کي گار سان اٿارجي گار سان ويهارجي.“

انهيءَ گهڙي... جنهن مهل هو رضاڪارانا طور اٿي وڃڻ لڳو تہ ٽيبل ڪرسي تي مون کي ويٺي ويٺي اهو بہ انڪشاف ٿيو تہ ڊپ رڳو نزلي جي ڪري نٿي ٿي سگهي... ”اوڪو ٻيو ڪم...“

زخمي صاحب جي گهيري کي تنگ ٿئي هاڻ ڪافي عرصو بہ ٿي چڪو هو. اتفاق سان جنهن بہ ڏينهن آءٌ خوشگوار موڊ ۾ ڪتان گذرندو هئس تہ هي وري بہ ملي ويندو هو.

انهيءَ ڏينهن ڪير جي دڪان تي ملي ويو. ٽي پاءُ دهي ۽ ٽي پاءُ ڪير پارسل ڪرائي رهيو هو.... ”ڇا ڪجي؟ ڪير تہ ضروري آهي نہ سائين..“ مون کي خبر هئي تہ زخمي چانهن ناهي پيئندو... گهر ۾ ضرورڪير پيئندو هوندو تڏهن ٻڌائي ڇڏيائين.

”جيستائين ڏيڍ پاءُ ڪير نہ پيئي تيستائين سڪ نہ مون کي اچي نہ هن جي آنڊ مانڊ وڃي...“

”زخمي لڳي ٿو تہ هن کي ڏاڍو ڪو پيارو آهين...“

”رڳو آئون ڇا؟ سائين!! منهن ڪارو اٿم دل ته اڃي آهي. هن ڪير جهڙي هوءَ ته تو اجان ڏٺي ناهي... اصل مون ڪانسواءِ جهڙي ڇوري ڇني...“

زخمي اڄ مون کي فروٽ جوس جي گاڏي تي وٺي وڃڻ ۾ ڪامياب ٿي ويو.

”قسم سان! اجان به وار اهڙا ٿي اٿس... گهاٽا، نرم. پر سائين! پاڻ ۾ وفاداري ڪٿي؟ اسان ۾ وفاداري هوندي ٿي ناهي.“

”زخمي! انهيءَ ڪانسواءِ ٻيو به ڪو عشق ڪيئه يا نه؟“

”بس سائين! ڳالهه پڇي ڇو ٿا ڦٽ اکيڙيو... بس اسان جي ته هاڻ دنيا ئي اها آهي....“

”رڳو ڀاڇائي... بس!“ زخمي صاحب مون ۾ گهورڻ لڳو...

”بس سائين! آئي ان سان هئي. پر بيگم وفا نه ڪئي گهر سان. وڃي اتي ئي ويهي رهي پر وري به وفا وڃي رهي آهي، جانورن ۾.... گهر سان محبت ته واقعي ٻلي ڪان ڪير سڪي...“

زخمي گهڙي ڏسي اٿيو ”سائين! آئون هلان ٿو.“ چئي گهر ڏي روانو ٿيو.

●



اڪبر سومرو 25 جنوري 1959ع ۾ عبدالڪريم سومرو جي گهر واقع ٽنڊوالهيار ضلع حيدرآباد ۾ جنم ورتو. هن 1974ع کان لکڻ شروع ڪيو ۽ هيل تائين هن جون ڪهاڻيون، مضمون، ڪالم ۽ شاعري مختلف اخبارن ۽ رسالن ۾ شايع ٿيندي رهي آهي. هن جي ڇپيل ڪتابن ۾ ”ڊائري جا پنا“، ”من جي هن پار“، ”چهرا، چهرا شهر“، ”ڪڏ ڦل“، ”شهر جي ڳالهه“ شايع ٿي چڪا آهن.

# وتايو، ٿوائن بي ۽ ڪلارڪ

## اڪبر سومرو

هيءَ انهن ڏينهن جي ڳالهه آهي، جڏهن عالمي تاريخدان ٽوائن بي، پنهنجا تاريخ جا ڏهه تاريخي جلد اجا نه لکيا هئا ۽ هن رضاڪارانه طور پنهنجيون تاريخي خدمتون وتائي فقير تي، اسان کي وڏيڪ ڄاڻ ڏيڻ ۽ جديد سائنسي تحقيق ڪرڻ لاءِ آڇيون هيون ۽ ان سلسلي ۾ هو اسان جي ثقافتي وزارت وٽ پهچي چڪو هو.

تن ڏينهن، منهنجو پيٽ ڪامياب ڪاموري جيان نڪري هر هٽ ڏيندڙ ڪي ڇهي، ڪيس منهنجي گريڊ جو احساس ڏياريندو هو. منهنجو مٿو ڪسي چڪو هو ۽ آئون گنجو گابار ٿي چڪو هئس. وار ڪارا هئم پر نوجوانيءَ ۽ جوانيءَ جون سرحدون ٽپي چڪو هئس! منهنجو خيال آهي ته آئون پوڙهو ٿي ويو هئس پر مون واري پرائيويٽ سيڪريٽري، مس الهورائيءَ جو خيال هو ته مان اڃا نوجوان هئس.

انهن ڏينهن ڇا ته منهنجيون موجون هيون. آفيس ۾ روزانو سوين ماڻهو مون سان ملڻ لاءِ آتا هوندا هئا پر آئون پنهنجي سيڪريٽري مس الهورائيءَ عرف زيبا سان چيمبر اندر ڪلاڪن جا ڪلاڪ ڏند - ٽيڙ ڪندو رهندو هئس ۽ ماڻهو ٻاهر مکيون ماري ماري، نيٺ "صاحب ميٽنگ ۾ آهي!" ٻڌي هليا ويندا هئا. مون واري پرائيويٽ سيڪريٽريءَ لاءِ، ڪن دشمنن جي ايجنٽ ڪلارڪن هلايو هو ته هوءَ ڇوڪري هئي. ڪن ڪي وري شڪ هو ته هوءَ گهٽي هئي (يعني نڪ مان ڳالهائيندي هئي) پر مون کي پڪ هئي ته اهي ته صرف هن جون ادائون هيون.

سنهڙو سيپڪ مسٽر ٽوائن بي اميريڪي هو، ڪيس پاڪستان آئي ڪافي ڏينهن ٿيا هئا. ڪيڏي ڪيڏي مهل هو پنهنجين سوچن ۾ وينو هوندو هو ته سمجهبو هو ته ٻگهه پکيءَ جيان سنو پيو آهي پر هو تمام ڦڙت، چالاڪ ۽ هوشيار هوندو هو. شايد ائين پاڻ ٺي ڪندو هو، يا، ڪرڻو پوندو هئس، يا وري ڪري سگهندو هو!

ان ڏينهن منهنجا ڪلارڪ به بينا هئا ۽ منهنجي هڪڙي ڪلارڪ بصر، (جيڪو ٻاڙي ۾ بدمعاشي ڪندو هو ۽ آفيس ۾ ڪلارڪي) ٽوائن بي کي ڏسندي چيو ته:

"ٽوائن بي جيئن ته تربيت يافته ماڻهو آهي، تنهنڪري ٻگهه پکيءَ وانگر اکيون بند ڪري الله الله پيو ڪندو آهي."

"اڙي مات ڪر بصر بدمعاش! هو تو ڪان ٽوروئي ڏڄندو آهي، آمريڪي آهي ميان! ڪنهن ڪان به ڪو نه ڏڄي." نارائڻ داس ڪلارڪ راءِ زني ڪئي.

"نارائڻ داس ناريل! وڏو ڪو بسڪوٽ، يعني بيوقوف آهين، خبر اٿئي ته آمريڪي نه رڳو پاڻ نه ڏڄن پر ٻين راڄن کي به ڏيڄارين. وتايو فقير ڪو نه ڏڄندو هو..... جو.... چوندو هئس."

”اڙي! وتايو تہ انگريز سرڪار ڪان بہ ڏاڍو ڊڄندو هو.“ نارائڻ داس ناريل، بصر جي ڳالهہ ڪٽيندي چيو ۽ سندس ناريل جهڙي مٿي مان جونءِ ڪڍي مارڻ لڳو.

عالمي تاريخدان، مسٽر ٽوائن بي ڪلارڪن جو سنڌيءَ ۾ بحث ٻڌي مرڪي رهيو هو ۽ مون ڏٺو، سندس مرڪ مشهور اداڪار سين ڪونري جيمس بانڊ 007 ڪان ڪنهن بہ صورت ۾ گهٽ رعب واري نہ هئي.

”وڏا ڪين چريان آهيون!“

(وڏا ڪي چريا آهيو!“)

”وتايو فقير جين انگريز سرنڪار بهاندر ڪان ڊڃين هان تہ گهٽ ۾ گهٽ سر جو خطانب تہ ملينس هان!“

(وتايو فقير جي انگريز سرڪار بهادر ڪان ڊڄي ها تہ گهٽ ۾ گهٽ سر جو خطاب تہ مليس ها!)

مس الهہ ورائي پنهنجي گهٽي آواز ۾ ڳالهائڻ لڳي.

”جيئڻ بانبان سانئين، ڏاڙهونءَ مان خانبنهاندر ڏاڙهون خان ڏهر سڏجڻ لڳون.“

(جيئڻ بابا سائين، ڏاڙهونءَ مان خان بهادر ڏاڙهون خان ڏهر سڏجڻ لڳو.) مون واري پرائيويٽ، سيڪريٽ سيڪريٽري جنهن ڪان منهنجي زال سدائين سڙندي هئي، پنهنجي مخصوص ادا سان مسٽر ٽوائن ڏانهن داد وٺڻ لاءِ نهارڻ لڳي، جيڪا ڳالهہ مون ڪي ٺپ نہ وڻي.

بحث هاڻ اينگهجڻ لڳو هو ۽ مون ڪي جيئن تہ ان ڏينهن مسٽر ٽوائن بي ڪان وتائي بابت ڪي بنيادي سوال پڇڻا هئا تنهنڪري چيومانس:

”اڙي ڇورا! هاڻ هلو، ٽرو، هتان نڪرو، اهو مسئلو توهان ڪان حل نہ ٿيندو. ان مسئلي بابت اڳتي سوچ ويچار ڪئي ويندي.“

”مسٽر! ان مسئلي ڪي گڏيل قومن جي معتبر اداري جي پليٽ فارم تان ڪٿڻو پوندو!“ ٽوائن بي اکيون کولي ڳالهائڻ لڳو. ”چو تہ مون کي امڪان آهي تہ چوٿين عالمگير جنگ نہ ڇڙي پوي!“ هن خدشو ظاهر ڪيو ۽ ٽوپلو لاهي پنهنجو روهيءَ جهڙو لسو مٿو هاڪار ۾ لوڏيندي هو پائيپ ۾ تماڪ ڀري رهيو هو.

”سائين اڃا تہ ٽئين عالمي جنگ بہ ڪانهي لڳي!“ بصر بدمعاش مداخلت ڪندي چيو.

”توکي ڪهڙي خبر ڇڻ ڇانيي ڪائڪ!“ چوٿين مارشل لا جا امڪان ٿي سگهن ٿا تہ پوءِ دنيا ۾ چوٿين عالمي جنگ چو نٿي لڳي سگهي؟“ نارائڻ داس پنهنجو منطق ٻڌايو ۽ داد وٺڻ لاءِ ٽوائن بي ڏانهن نهاريائين، جيڪو هاڻ پائيپ دکائي رهيو هو.

”اڙي پر ڇورا! توهان جو اهڙن نازڪ مسئلن ۾ ڇا وڃي؟ ڇگو هاڻ هلو ڪمري مان نڪرو، جيستائين گڏيل قومن جو معتبر ۽ طاقتور ادارو اهو مسئلو حل ڪري، تيستائين توهان کي ڳالهائڻ جو ڪو بہ حق ناهي.“ مون ڇند ڪڍي مان تہ ٻئي ڇڻا مس الهہ ورائيءَ ۾ گهوريندا نڪري ويا. مون مس الهورائي عرف زيبا کي چيو:

”ڪمري جا پردا ڪيرائي ڇڏيو.“

هن ڀريائين آفيس جي اڳين درين مان نهاريو. ڪير بہ نہ هو. هن دري وارائي پردا ڪيرايا وري پوئين پاسي رستي ڏانهن کلندڙ درين ڏانهن ويئي ۽ ٽئين منزل تان هيٺ نهاريندي هوءَ ڪجهہ شڪجي ويئي. ٿوري دير تائين هوءَ دريءَ مان هيٺ نهاريندي رهي. ٽيٺ پنهنجي گهٽي آواز ۾ مون کي چيائين:

"سر! روڊ تان سڀ ماڻهو وڃي رهيا آهن پر هڪڙو ڇڙو بلڪل اسان جي آفيس جي دريءَ هيٺان گرائونڊ فلور وٽ بيٺو آهي، شايد پنهنجي ڏيئي بيٺو آهي يا پٽ کي ڪن ڏيئي بيٺو آهي ۽ اسان جون ڳالهيون ٻڌڻ ٿو چاهي يا بگنگ ڪرڻ ٿو چاهي..... ۽ هٿ ۾..... ها، هٿ ۾ رائيفل، نہ ڪلاشنڪوف بہ اٿس، مون کي شڪ آهي تہ شايد ڪنهن ٻاهرئين ملڪ مان تربيت وٺي آيل تخريبڪار ٿو لڳي!" الهورائي سخت پريشانيءَ مان ٽئين منزل تان هيٺ سماج دشمن عناصر کي گهوري رهي هئي.

"هان.....! ڪلاشنڪوف اٿس؟..... ڳالهيون ٿو ٻڌي....." پوءِ واقعي اهو ڪجهہ ڪرڻ جو ارادو ٿو رکي. اهو سوچي آئون سڄو ڏڪي ويس. منهنجو هيئون بہ ڏڪي ويو ۽ منهنجون ٽنگون بہ ڏڪي ويون.

وڏي همٿ سان مون عالمي تاريخدان مسٽر ٽوائن بي، جي ٽيلهي مان دوربيني ڪنئي ۽ ڏٺي، ڏٺي دريءَ تائين پهتس. ٽوائن بي، بہ اهو ٻڌي ڏڪي ويو هو ۽ پائيپ ڇڪڻ بند ڪري ان وقت چپ چوري رهيو هو. شايد ڪا دعا پڙهي رهيو هو ۽ سيني تي ڪراس ٺاهي رهيو هو. مون سيني پيرن کي ياد ڪري هيٺ غور سان نهاريو. واقعي هڪڙو ماڻهو پٽ ڏيو اسان جي آفيس جي گرائونڊ فلور پرسان ٻاهر بيٺو هو. سندس هٿ ۾ ڪلاشنڪوف بجاءِ ڏنڊو هو. هو شرپسند عناصر يا تخريبڪار بلڪل ڪو نہ هو پر هو ڪو نابين فقير هو ۽ پني رهيو هو. منهنجي ساهہ ۾ ساهہ آيو ۽ ڏند ڪڍندي جڏهن ٽوائن بي کي ٻڌايم تہ سندس منهن تي بہ سرهائي آئي. هن ڪراس ٺاهڻ بند ڪيا. مس الهورائي ششدر ٿي ويئي، پر هن چيو: "اڇا بيهنجو!" (اڇا بيهجو) ۽ دريءَ جا پردا ڪيرائي پيڊ ۽ پينسل کڻي اچي منهنجي پرسان ويٺي.

مون نڙي صاف ڪئي ۽ ڳالهائڻ شروع ڪيم:

"مسٽر ٽوائن بي، اسان کي نهايت گهڻي خوشي ٿي آهي جو اوهان اسان جي ثقافتي اداري کي پنهنجيون قيمتي ۽ رضاڪارانا خدمتون آڇيون آهن ۽ سرڪار پاران اوهان کي گهرايو ويو آهي، جيئن توهين سنڌ جي ابن بطوطا، وتائي فقير بابت اسان کي پنهنجي بهترين ڄاڻ ڏيئي سگهو ۽ ان تي وڌيڪ ريسرچ ڪري سگهو تہ هو ڪهڙا ڪهڙا ملڪ گهميو، ڪهڙن ڪهڙن بادشاهن ۽ راجائن جون حاضريون ڀريائين، ڪهڙن ڪهڙن دريائن ۾ تريو ۽ ڪهڙا ڪهڙا سفرناما لکيائين."

ٽوائن بي، ان وقت پائيپ ڇڪي رهيو هو ۽ پنهنجو روهيءَ جهڙو مٿو ڍڻ ڍيرج سان لوڏي رهيو هو.

"پر ان کان ڀرين، توهين مون کي ڪجهہ بنيادي سوالن جا جواب ڏيڻ پسند ڪندؤ؟" مون ڀڇيومانس.

"بلڪل! پر وتائي بابت هجڻ ڪپن." هن ڳالهايو.

”جي سائين.“ مون وري گلو صاف ڪيو ”پلا اوهان کي خبر آهي ته وتائي فقير جي قبر ڪٿي آهي؟“

”ها! وتائي جي قبر سپ کان پهريائين سرجيڪب ڳولي لڌي هئي. اها جيڪب آباد ۾ آهي.“ هن رازداري واري انداز ۾ ٻڌايو.

”مهرباني.“ مون چيو.

”پلا سائين، وتائي جي قبر جي ڊيگهه ۽ ويڪر گهڻي آهي؟“ مون ٻيو بنيادي سوال ڪيو.

”اهو سوال آف دي ريڪارڊ آهي، ٻيو ڪو سوال ڪر!“ نوائن بيءَ چيو. مون پنهنجو وارن کان خالي مٿو کنهيو ۽ پڇيم:

”پلا وتائي جي مقبري بابت ٻڌائي سگهندؤ ته اهو ڪهڙي مغل بادشاهه ٺهرايو هو؟“

”تاريخ ٻڌائي ٿي ته اهو مقبرو اورنگزيب عالمگير جي دؤر ۾ ٺهيو هو، جيڪو پوپال يا جالنڌر جي ڪاريگرن اچي ناهيو هو، جيئن موهن جو دڙو جالنڌر جي ڪاريگرن ناهيو هو.“ هن بيڌڙڪ جواب ڏنو.

مون واري آفيشل پرائيويٽ سيڪريٽريءَ جو قلم تڪڙو هلي رهيو هو.

”پلا سرڪار اهو ٻڌائيندا ته وتايو فقير ڪير هو....“

”توکي اها به خبر ڪانهي ته وتايو ڪير هو؟“ هن ٻيهر رازداريءَ واري انداز ۾ پڇيو.

”نه سائين! مون کي ڪهڙي خبر ته ڪير هو. آئون ويهين گريڊ جو آفيسر آهيان.“ مون پيٽ تي هٿ ڦيرائيندي چيو ”۽ توهان جي دعا سان جيئن ئي وتائي فقير تي پراجيڪٽ ختم ٿيو ته پروموشن جا قوي امڪان آهن.“

نوائن بي پائيپ مان ڪش هنيو ۽ ڪجهه دير ته اونهيءَ سوچ ۾ غلطان ٿي ويو. الهورائيءَ ان مهل مون کي پنهنجي هڪ ادا هنئين ۽ نوائن بي جي مٿي ڏانهن نهارڻ لڳي، جتان سندس پائيپ جي دونهاڻ جا ڇلا مٿي رهيا هئا.

”دوست! جديد سائنٽيفڪ ريسرچ مان معلوم ٿيو آهي ته وتايو فقير پڪو عيسائي هو ۽ سينٽ پال ۽ سينٽ ٿامس جهڙي حيثيت جو مالڪ هو. سندس اصل نالو ”سينٽ وائيٽل“ هو، يعني سنت وائيٽل! اوهان سنت کي ڇٺو فقير ۽ توهين سنڌي ته چڱي ڀلي نالي کي به ڦٽايو ڇڏيو! يعني غلام سرور کي گلو يا سرو، الهه بچائي کي بچو، سچل کي سچو، سو مسٽر وائيٽل کي ڦيرائي ڪيو وتايو يا وتو.“

”واهه سائين.... واهه! ڏاڍو سٺو.“ مون سندس احسان مند ٿيندي چيو.

”سائين.....! وتايو ته پڪو هندو هو!“ اوڏي مهل آفيس جي اندرئين دريءَ مان آواز آيو.

”مسٽر! سيڪريسي آئوٽ ٿي رهي آهي!“ تاريخ واري تاريخي ماهر ڪاوڙ ۾ ڇٽڪيو.

مون واري پرائيويٽ (مون واري زال کان سيڪريٽ) سيڪريٽري الهورائي عرف مس زيبا ٽپ ڏيئي اٿي ۽ دريءَ جو پردو هٽايائين ته اتي نارائڻ داس ناريل بيٺو چئي رهيو هو:

”سائين! تاريخ جي صفحن کي غلط رنگ ڏنو پيو وڃي، وتايو فقير هندو هو، هن ٽنڊي الهيار واري راما پير جي مندر ۾ چاليهن ڏينهن جو ورت به رکيو هو ۽ آرتيءَ ۾ به شامل ٿيندو هو.“



عزيز سولنگي جو اصل نالو عبدالعزيز آهي. هن چنيسر خان جي گهر واقع جهمپير ضلع ٺٽو ۾ 15 آگسٽ 1958ع ۾ جنم ورتو. هن 1975ع کان لکڻ جي شروعات ڪئي ۽ هن وقت تائين کوڙ ساريون ڪهاڻيون، شعر، مضمون ۽ ڪالم لکيا آهن جيڪي مختلف اخبارن ۽ رسالن ۾ شايع ٿيندا رهيا آهن.

هو هن وقت جهمپير ضلع ٺٽو ۾ رهائش پذير آهي.

حياتوءَ تاڙيءَ جو تعارف هنن لفظن ۾ ڪرايو. ”هيءَ تاڙي آهي، پر اها تاڙي ناهي، جيڪا ٻن هٿن سان وڄندي آهي. هيءَ تاڙي پيئندڙ پاڻ وڄائڻ شروع ڪندو آهي. ايسٽائين، جيسٽائين سرتار ۾ نہ اچي.“ ماستر حياتوءَ ان مهمان کي وڏيڪ ٻڌايو هو تہ، ”يار، ڪڏهن ڪڏهن ائينءَ لڳندو آهي تہ ڇڻ مها ڪويءَ پنهنجون هي سٽون ”هي شهر بہ ڪوئي بابل آ!“ هن ئي شهر لاءِ چيون هجن. ڦهر جو ٽيلينٽ آهي هن شهر جي ماڻهن ۾. هڪ دفعي هوٽل جي هڪ پورهيت کي ڇوريءَ ڪجيءَ جي وڻ تي چڙهي لوٽي مان جڏهن تاڙي پيئندي پڪڙيائون ۽ ڪيس ڪجيءَ تان لهڻ لاءِ چيائون تہ خماريل پورهيت قصور جي صوفي شاعر جون سٽون معروضي ترميم سان ڪجھ هن ريت اچاريون:
”مار نہ تاڙي (تاڙيءَ جا نشا نہ مار) اتار نہ سانون،
اسان آپ هي اترڻ هاري هو!“
تہ ان ويل آواگون ۾ منهنجو ويساھ وڌي ويو هو.“ ڪيس استاد بادليئو پڻ هڪ عجيب ڪردار لڳندو آهي، جيڪو هر سڳوري رات تي وڏي واڪي دعا گهرندو آهي تہ ”هتي تاڙيءَ جو هڪ کوھ ڏياري ڇڏ!“ ڪيس ان ”دعا“ تان مار بہ ملي هئي. پر ڪيس ويساھ هو تہ سندس دعا ضرور قبول ٿيندي. هو کوھ کوٽيندو رهيو. ڪيس يقين هو تہ ڪنهن نہ ڪنهن کوھ مان پاڻيءَ بدران تاڙي ضرور نڪرندي.
”مان عاشق تنهنجو آهيان“ محراب خان جي هوٽل تي رکيل گرامو فون تي ماسٽر چندر جي هن ڪلام تي ڳوڙها ڳاڙيندڙ هن شهر جي اڪيلي شيديءَ جو نالو تہ ڪنهن کي بہ معلوم نہ هو، پر سڀ ڪيس ڏاڏا سڏيندا هئا. هو هميشہ ڪارا ڪپڙا پائيندو هو ۽ اڪيلو رهندو هو. پر اڄ ڏاڏي کي ڪو پراڻو پيار ياد پيو هو، جنهن اکين ۾ سيلاب آڻي ڇڏيا هئا. هن لڙڪ اگهي، نسوار جي دٻلي ڪڍي هڪ زوردار چپٽو هنيو ۽ پوءِ دٻليءَ جي ٽڪ تي پنهنجو منهن ڏسي هڪ آھ ڀريائين. ٽڪ ۾ ڪيس اکين ۽ ڏندن ڪانسواءِ ڪجھ بہ نظر نہ آيو. هي ننڍڙو شهر هو ۽ شهر کي اڃا بجلي نہ ملي هئي، ان ڪري هوٽلن ۽ دڪانن تي گولا (گيس بتيون) ٻرندا هئا ۽ گهرن ۾ لالٽين، جڏهن تہ گهٽين ۾ اونده هوندي هئي.
ڏاڏو ڪيترائي دفعا سائيڪل وارن جي ٽڪر ۾ زخمي پڻ ٿي پيو. سائيڪل سوارن جو چوڻ هو تہ ڏاڏو رات جي رنگ سان ملي هڪ ٿيو وڃي، جنهن ڪري خبر ئي نٿي پوي. سائيڪل سوارن جي ٽڪرن سبب نيٺ ڏاڏي رات جي وقت پاڻ سان لالٽين ٻاري ڪڍڻ شروع ڪيو پر پوءِ بہ سائيڪل سوارن سان ٽڪرائجي ويندو هو. سائيڪل وارن جو چوڻ هو تہ لالٽين ڏسي هو اندازو لڳائي وٺندا آهن تہ ڏاڏو پيو اچي پر اهو لالٽين جي ڪهڙي پاسي آهي، اها خبر نہ پوندي آهي، جنهن ڪري ٽڪر ٿئي ٿو. ڏاڏي کي ڏسي شاٽو ٻڪر اڪثر ڪري سوچيندو هو تہ ڪنهن ڪاري ماڻهوءَ جو ڪارو منهن ڪرڻ ڪيڏو نہ ڏکيو ڪم آهي، سواءِ ان کي اڃا ڪپڙا پارائڻ جي.
نيٽن تي جهڙ تہ هاٿي ئي چڙهيو هو، پر هونئن ڏاڏو صبح کان وٺي بيحد خوش هو. ڪيس تاڙيءَ جي هڪ دلي ملي هئي، جيڪا اڌ پڻ پيتي هئائين. باقي اڌ اردوءَ جي ان پوڙهي حيدرآبادي پروفيسر لاءِ بچائي رکي هئائين، جيڪو اڄ اچڻو هو. توٽي جو هو اڻ پڙهيل هو

پر ڪيس ان مارڪسوادي پروفيسر جون ڳالهيون وٽنديون هيون. پروفيسر جو هن شهر ۾ گهٽو "ڪم" ٿيل هو. سندس اچڻ جو ٻڌي شهر جا پڙهيل ڳڙهيل ماڻهو ڪچهريءَ لاءِ اچي گڏ ٿيندا هئا. دهليءَ جو رهواسي اهو پروفيسر ورهاڱي ڪانپوءِ پارٽيءَ جي حڪم تي پنهنجا سمورا گهر ڀاتي ۽ ڪڙم قبيلو ڇڏي هتي آيو. خبر ناهي تہ محروميءَ جو احساس هو يا ڪا ٻي شئي جو ڪيس ڏرتيءَ جي نالي ڪان چڙ هئي. هو بين الاقواميت جو حامي هو. ڪيس دم جي بيماري هئي، ڊاڪٽرن جو خيال هو تہ ڪيس "مٽيءَ" ڪان الرجي آهي. تشخيص بهرحال درست هئي.

●



قادر بخش منو ڳوٺ محمد يوسف بلوچ نانگو لائين ڪوٽڙي ضلع دادو ۾ محمد حسن بلوچ جي گهر جنم ورتو. هن فقط پرائمري تائين پنهنجي ڳوٺ مان تعليم حاصل ڪئي.

هن مختلف ڪم ۽ نوڪريون ڪيون. هن وقت ايريگيشن فيڊر سب ڊويزن ڪوٽڙي ٽيڪنڊ رڪشاپ ۾ نوڪري ڪري ٿو. هن مزاح جي حوالي سان ڏيهه ڏيهه توڙي پرڏيهه ۾ اڻ ڳڻيا ٽيج پروگرام ڪيا آهن. ان ڪانسواءِ هن ريڊيو پاڪستان ۽ ٽيليويزن سينٽر تان پڻ متعدد پيرا پروگرام ڪيا آهن ۽ ان سلسلي ۾ ڪيس ڪيترائي نعام بہ مليا آهن.

# زندگي ڏکڻ ۾ ٺهڪ ڏي ٿي

## قادر بخش مٺو

اها شام بہ ٻين شامن جهڙي وڻندڙ ۽ دلڪش هئي. مان محفل لٽڻ لاءِ شهر جا ڪنهن نانگ جيان ور وڪڙ ڏيندڙ رستا لتاڙيندو وڃي ريلوي اسٽيشن تي پهتس. ريل جي پليٽ فارم تي ماڪيءَ تي مکين جي ميڙ جيان ماڻهن جا انبوهہ لڳا پيا هئا. ڪي ڊگها، ڪي بندرا، ڪي گنجا، ڪي سنها. پڇا ڪرڻ تي خبر پئي تہ اجها ريل اچڻ واري آهي. ماڻهن جي ان هجوم مان ڪي ماڻهو ريل گاڏي ۾ سوار ٿي پنهنجي منزل ڏي وڃڻ لاءِ اتاولا هئا ۽ ڪي وري ان ريل جي ذريعي ايندڙ پنهنجن ڪي وٺڻ لاءِ بي چين نظر اچي رهيا هئا. وڏي گهماگهمي لڳي پئي هئي. مان ڇيڙي ڪري پليٽ فارم نمبر "ون" جي ان ٿنڀي ڪي ٽيڪ ڏئي بيهي رهيس جنهن تي انگريز بهادر جو گهڙيال لڳل هو. مان پنهنجن ڏکين ڏينهن ۾ ان پليٽ فارم تي ڳاڙهي قميص پائي ڪليءَ وارو ڪم ڪندي ڪيڏي ڪيڏي مهل پاڻ ڪي اميتاب پيو سمجهندو هيس. منهنجون اکيون پٽڙيءَ جو پيڇو ڪنديون ان طرف ڏسڻ لڳيون جتان ريل اچڻي هئي. الائي ڇو ان وقت مون کي محمد فقير مسخري جي ڳالهہ ياد اچي وئي. هڪڙي محفل ۾ مرهيات چيو تہ، ريل اجا نئين نئين نڪتي هئي تہ هڪڙي همراهہ ڪي ان تي چڙهڻ جو اچي شوق ٿيو سو ڪنهن سياڻي کان ان ريل بابت پڇيائين تہ، اها ٿيندي ڪهڙي آهي؟ ان ٻڌايس تہ، ميان ريل رنگ جي ڪاري هوندي اڳيان بلب پيو ٻرندس ڏونهون پيو نڪرندو ۽ پٽڙين تان پئي ايندي تون ٽڪيٽ وٺي ان تي چڙهي پئجان. همراهہ ٽڪيٽ وٺي اچي پليٽ فارم تي پهتو. ان زماني ۾ گاڏين تي رش هوندي ڪانہ هئي ۽ ان وقت اتفاق سان بجلي بہ هلي وئي. همراهہ اڪيلو ئي اڪيلو ريل جو پئي انتظار ڪيو تہ ڇا ڏسي پريان پٽڙين تان هڪڙو شيدي ٻيڙي پيئندو پيو اچي. هن جو سندس ڪارو رنگ ڏٺو، ٻتي ٻرندي ۽ ڏونهون نڪرندي ڏٺائين تہ همراهہ ڊوڙ پائي وڃي مٿس چڙهيو تہ شيدي ڪاوڙجي چيس "ابا مارين ٿو." هن ڪلهي تي چڙهندي ورندي ڏنس "پائو خير آهي مون بہ ٽڪيٽ ورتي آهي." اوچتو مٿي تي ڪا ٺڏي شيءِ اچي لڳي ۽ مان خيالن جي دنيا مان موٽي آيس. ڪنڌ کڻي مٿي ڏٺم تہ ڪنڌ جي لوڏي سان اها پاڻياٺ سڄي مٿي تي وگهري وئي ۽ گهڙيال تي ويٺل پاريهل ڪبوتر ڳرڙ ڳرڙ ڪري ڄڻ مون کي شرمائڻ جي ڪوشش ڪري رهيو هو. سچ بہ تہ اهو منهنجي زندگي جو پهريون ڏينهن هو جڏهن مون کي پنهنجي گنجي هئڻ تي ٻڇان لڳي هئي، حالانڪ ٻڌو اهو هيم تہ گنجا ڀاڳن وارا ٿيندا آهن. اجا اخبار ڦاڙي گنج صاف ئي ڪري رهيو هئس تہ پريان ريل نمودار ٿي ۽ آهستي آهستي اچي پليٽ فارم تي بيٺي. مان پنهنجي گنج کي صاف ڪرڻ وارو پروگرام اڻ ڇاٽايل مدي تائين ملتوي ڪري ريل ۾ چڙهي پيس. هڪڙي گاڏي مان ٻي، ٻي گاڏي مان ٽين، ٽين گاڏي مان چوٿين گاڏي ۾ ائين گهڙيس جيئن

مداري رسي ٽپندا آهن. پليٽ فارم واري پاسي جي دري جي آمهون سامهون سڄيون ساريون ٻه سيٽون خالي پيون هيون. هڪ تي مان بالم ٻٽجي ويهي رهيس ۽ ٻي تي پنهنجي ڪلهي تي پيل سامان لاهي رکي ڇڏيم ۽ ان کان اڳ جو ڪير منهنجي گنج تي وکريل وِٽ ڏسي آئون ويهي رهيس اڻ کي اخبار جي ٽڪري سان صاف ڪرڻ. ڪڏهن ڪڏهن اخبار پڙهڻ کان سواءِ ڪنهن ٻي ڪم ۾ به ايندي آهي اها مون کي ان ڏينهن خبر پئي. اجا مان سامت ۾ ئي نه آيو هئس ته هڪڙو ڳول مٽول تلهو تنيرو چپ جهڙو همراهه اچي وڃ جيان ڪڙڪيو، ”هي ڪهڙي مرض جو سامان آهي.“ ان همراهه منهنجي سامان کي ڏسي ڪنهن صوبيدار جيان گجندي چيو، ”ڪنهن مرض جو سامان ته ڪونهي پر منهنجو رلي وهاڻو آهي سفر لاءِ ڪنيو اٿم.“ مون مسڪيني منهن ڪري ڪيس جواب ڏنو.

”ڪڻ هتان! هي منهنجي جاءِ آهي.“ هن وري دابو ڏنو. مون پنهنجو سامان کڻي هنج ۾ رکيو ۽ ويهي رهيس اوٻاسيون ڏيڻ. ريل اجا هلڻ شروع ئي مس ڪيو ته همراهه وٺي ٻڌا ٺهڪ ڏنا ۽ مان ڦريل واٽئي وانگر فقط ڪيس ڏسندو رهيس جڏهن هو ٺهڪ ڏئي ٿڪو ته هڪ لمحي لاءِ هن مون کي غور سان ڏٺو ۽ پوءِ چيائين، ”ڪر خبر استاد! ڪيئن لڳي مون واري ائڪٽنگ؟ جي دابو نه ڏيائين ها ته ڪو تون هي سامان کڻين ها!“ واهه ڙي اداڪار واهه مون دل ئي دل ۾ سوچيو، ”مان به چوان منهنجا ڳول مٽول فٽبال جهڙا همسفر دال ۾ ضرور ڪو ڪارو مرچ آهي پر تون ڏڪ ڪري وئين.“

”ها! آئون ته آهيان فٽبال جهڙو ۽ تو پنهنجا پرون ڏنا آهن، جهڙو استاد رجب الغوزو پيو وڄائي.“

”ڏس چرچو نه هڻ زيرو جي بلب جهڙيون اکيون کڻي اچي ويٺو آهين. مان اهڙو پوڳ ڪندومانءِ جو وري پوڳ ڪرڻ ئي وسري ويندئي.“

”تون پوڳ وري ڪهڙو ڪندين. مڇن کي پوريا پاڻ ڏئي تاتي کڻي وڏو ڪيو اٿئي ڏي خبر مقابلي ۾ لاهيندين ڇا؟“

”ڏس چرچو نه ڪر.“ هن ورندي ڏني.

”مان آهيان ڳالهين جو ڳهير سڄو ڏينهن پيو چرچن واريون ڳالهيون ڪندو مانءِ.“ مون چيومانس.

”پلي ڪندو ڪر پر پوءِ منهنجون به ٻڌڻيون پوندئي.“ هن ورندي ڏني.

”ها ته پوءِ ٻڌاءِ.“

”ها ٻڌ! هڪ ڀيري ڇا ٿيو جو چاچا ڪريم فون ڪيو ته هيءَ اچنئي ٽڪيٽ تي 8 بجي ايئرپورٽ پهچ 10 بجي اسلام آباد مان همراهه توکي کڻي ويندا. مان 12 بجي تائين اسلام آباد ايئرپورٽ تان لهي بيهي رهيس هڪ همراهه انگريزي اسٽائل ۾ اچي وٺي ويو وڏي ڪار ۾، ڪار جي ٻنهي پاسي پوليس جون موبائلون هجن ۽ ڪار جي ڪارن شيشن مان ڪجهه به ڏسڻ ۾ نه پئي آيو. مون کي اچي سنڌ هائوس ۾ ڇڏيائون ۽ چيائون ته، توهان تيار رهو ٿوري وقت کان پوءِ هلڻو آهي. اتي هڪ ملازم آيو اچي چيائين ته، ”سائين اوهان کي ڪهڙي کاتي جو وزير ٿا ڪن.“ مون نوڪر کي چيو ته، ”جيڪا به وزارت ملي مون کي قبول آهي.“ دل ۾ سوچيم ته مون کي چاچا ڪريم ته اهو ڪجهه ڪو نه ٻڌايو هو ته ڪو مون کي وزير ٿا ڪن. اجا ٿوري دير ئي نه گذري ته وري هڪ بورچي آيو. جنهن چيو ته، ”سائين توهان ڪيترن ووٽن

تان ڪامياب ٿيا آهيو.“ مون چيومانس ته، ”4 لک ووٽ کڻي ڪامياب ٿيو آهيان.“ چيائين ته، ”توهان جي مقابلي ۾ ڪير هو.“ چيومانس ته مقابلي ۾ ڪير به ڪو نه هو.“ اهڙي ريت دير جو ننڊ وٺي وٺي. صبح جو سوير مون کي اسلام آباد جي ايئرپورٽ تي آندو ويو ۽ چيو ويو ته توهان کي ماسڪو پروگرام ۾ وڃڻو آهي. مان جڏهن مئي مهيني ۾ روس ۾ ويس ته اتي سرديءَ ۾ ڏڪڻ لڳس. روسي چون ”براندي پي ته سيءُ لهندئي.“ مان چوان ته، ”زيراندي ڏيو ته ڪاوان.“ نه هو منهنجي ڳالهه سمجهن نه مان هنن جي ڳالهه سمجهان. هو چون براندي آئون چوان زيراندي. بيراندي، زيراندي بيراندي، زيراندي ڪندي ٻئي کک تي ساٺا تي اصل ڳاهه ٿي ڪري پياسين. ها ابول ياد پيو اتي هڪڙي همراهه پاٺي پي پياريو لڳي ٿو ته اتي تون به هئين جنهن توکي ڏسي چيو، ”خوش آهين.“ تو سندس اکين ۾ نهاريو ته ٿي پڇون اکين ۾ پيون هيس پوءِ توکيس چيو هو ”چو ابا پرائي لاش تي روئي آيو آهين ڇا.“ ان توکي ورندي ڏيندي چيو هو، ”هائو پر تون اهو ته ٻڌاءِ ته تون ڇو مڇن کي ڊرائي هٿائي آيو آهين.“

”هاڻي تنهنجي ڳالهه پوري ٿي.“ همراهه ڳالهه جي تياري ڪندي چيو.

”نه هلي پئي.“ مون چيو.

منهنجي جڏهن پهرين شادي ٿي ته منهنجي پهرين گهر واري فوت ٿي وئي ان کي مدي جو تپ ٿي پيو هو، جنهن ۾ ڪاڏو ڪاراڻڻو ڪو نه هو اسان ڇڻ ماڻهو ان کي وري سڀ ڪجهه ڪارايوسين ته جيئن هوءَ جلد نيڪ ٿي وڃي پر هو ويچارڙي فوت ٿي وئي. اسان وٽ ڪفن جا پئسا به ڪو نه هئا. منهنجي پيءُ کي هڪ دڪاندار پريشان ڏسي 500 رپيا ڏنا، جيڪي پوءِ اسان واپس ڪيا. مان ڪوٽڙيءَ جي ڪارخاني مان ميت ۾ شرڪت لاءِ اچي رهيو هئس ته مون سان گڏ ڪم ڪندڙ مزدور ڊوڙندو آيو چوي، ”منو جي ٻولي ٻڌاءِ. پوءِ جڏهن مون ٻي شادي پئي ڪئي ته ڪو به نه آيو چون ته منو مسخري پيو ڪري.“

”بس ڳالهه پوري ٿي.“ اڍائي مٽي ٻوري جهڙي ان همراهه چيو.

”ها پوري ٿي، ڇو وڙهندين ڇا؟“

”نه! نه! وڙهندومانءِ ڇو ڳالهه به ايتري جو مون واري ٽيشڻ اچي وئي. خير مون واري ڳالهه قرض ٿيئي..“

همراهه وڏي محبت ۽ اکير سان موڪلائي ريل مان لهي ويو. ريل جڏهن هلڻ شروع ڪيو ته مون کي به اچي اوٻاسين ڪنيون ته مٿان ”چاءِ والا، چاءِ والا“ جا هوڪا هڻندو هڪڙو بيرو اچي گاڏي ۾ نڪتو مان ڇانهه پيئڻ جو سوچي جيئن ئي ڪيسي ۾ هٿ هڻان ته ڪاري وارو کک. ”واهه ڙي چرچائي واهه چرچي چرچي ۾ ڀهاري ڏئي وئين.“ مان پنهنجي منهن پٽڪيس ۽ پاريهل ڪان بچڻ لاءِ پاتل ٽوپي لاهي کڻي جهولي ۾ رکي ته ڏٺي جي بندن کڻي پري. پوءِ.... ميلو هو ۽ منو هو.

●



شهزادو گلفام جو اصل نالو غلام محمد ميمڻ آهي. هن علي محمد ميمڻ جي گهر 10 مارچ 1935ع ۾ جنم ورتو. هن ايم اي سوشيالاجي ۾ ڪرڻ کان پوءِ سنڌ يونيورسٽي ۾ ملازمت اختيار ڪئي جتان هينئر رٽائرڊ ٿيو آهي.

هن ننڍي هوندي کان لکڻ جي شروعات ڪئي ۽ هن وقت تائين ڪيترائي مضمون، ڊراما، ڪالم ۽ ترجما ڪري چڪو آهي جيڪي مختلف اخبارن ۽ رسالن ۾ شايع ٿيندا رهيا آهن.

هو هن وقت C-35 سنڌ يونيورسٽي ايمپلائيز هائوسنگ سوسائٽي ڄامشوري ۾ رهندو آهي.

# ڀاڳ ڀاڳ

## شهزادو گلفام

چونڊا آهن تہ ڦلاڻي ڦلاڻيءَ جو ڪو ڇيهہ ئي ڪونهي. ٻئي وڃي تہ ان ڪان وڌيڪ خوامخواهہ جي ٽڪا ٽڪي، ٽرڙپائي، ٻچڙائي ۽ بي افعالي جو ڪو ڇيهہ تہ نهيو، پُڇڙي تہ نهيو پر ڪو منهن مُنڍي ئي ڪانهي... پر بهرحال ڳالهہ انهيءَ ڪي ئي ڳنڍ ٻڌٽي آهي تہ ”ڦلاڻي ڦلاڻيءَ جو ڪو ڇيهہ ئي ڪونهي...“

ماسي ڀاڳيءَ جو ڳاٽيٽو بہ اهڙين ئي ڳامون سچار مائين ۾ ٿيندو هو، جن لاءِ مٽين چوٽيءَ ٽاهہ ڪاڏو!.... واهہ!.... مائي تہ نہ هئي، بس مائو هو مائو!.... مٽائي وارو مائو نہ، پر مونث ”مائي“ جو مذڪر ”مائو.“ جهڙو تهڙو تہ نهيو پر ڇڳو خاصو مڙسالو بہ ماسي ڀاڳيءَ جي در وٽان يا ڀرسان لانگهائو ٿيندو هو، تہ ڪلما شريف، درود شريف ۽ آيتون پڙهندو لنگهندو هو!.... سندس ڏيئرون، پٽ، ناٺي، ننهرون، پوٽا ڏوهٽا تہ نهيو، پر اوڙو پاڙو، ڀاءُ برادر، ڳوٺ راڄ، بلڪ ڀري ڀري تائين (ڀري ڀري مان اها مراد هرگز ڪانهي تہ ڪو بنگلاديش ۽ ڀوٽان تائين) ائين ڪٽي چئجي تہ جيسين ڳوٺ ۾ رهندي هئي، تيسين ان ڳوٺ جي تر ٻر ۾، ۽ جڏهن ڪان شهر ۾ اچي رهي هئي تہ ان شهر جي گهٽين گهوٻين ۾ ماسي ڀاڳي جي ڀوتاريءَ جا واڄٽ ڀيا وڄندا هئا... گهر ڪان ٻاهر نڪتي ناهي، ڀانڊي ڪانڊي، هاٽائو ڪاٽائو، ريڙهي پڙيءَ وارا، ٽانگي رڪشا وارا، ايتري قدر جو ڏٻرا سٻرا ۽ ڏٽا مٽا فقير فقراءِ بہ، يا تہ گولي تي گم تي ويندا هئا يا وري ڪڪڙ بنجي، هرويرو جا ڏند ڪڍي، ڦڪائي واري مرڪ مرڪندي اچي سندس آجيان ڪندا هئا. مطلب تہ سڀ ڪوهن ۾ نہ سندس ڪو مٽ هو نہ دلو هو، نہ ڪا نادي هئي نہ ڪا گهگهي!.... بس هوءَ پاڻ ئي پنهنجو مٽ هئي، دلو هئي، نادي هئي، گهگهي هئي!

اصل ۾ ماسي ڀاڳي صرف مائي ئي هئي. نہ تہ هوءَ ڪا ڏائڻ هئي ۽ نہ جنڙي هئي، نہ جهيڙاڪ هئي ۽ نہ ويڙهاڪ هئي، نہ ملهہ هئي ۽ نہ ڪا ريسلنگ واري پهلوان هئي، نہ گن مشين هئي ۽ نہ ڪو خطرناڪ روبوٽ، نہ بندوق هئي ۽ نہ ڪو ڪارتوس، نہ ڪلاشنڪوف هئي ۽ نہ ڪو راڪيٽ لانچر، نہ طوفان هئي ۽ نہ ڪو سيلاب هئي، نہ چٽنگ هئي ۽ نہ ڪا باهہ هوءَ تہ فقط سچ جي سير ۽ حق جي هير هئي!.... ها، هڪ ڳالهہ برابر هئي جنهن جي ڪري هاٽائو ڪاٽائو، مرگهيل سرگهيل، روٺي ٽوڙ ڪم چور، ٽلڙو سُلڙو، ڦڏائي فسادي، اَڪن تي اٽو هارڻ وارا، ڦوهہ ۾ ڦوڪون ڏيڻ وارا، چيٽيءَ تي چونگ ڏيڻ وارا، نهيءَ نڪيءَ تي ٽا ڪرڻ وارا، يا وري ”پرائي مال تي ٽوپي نراڙ تي، اسلام عليڪم“ ڪرڻ وارا، ”هڙ ۾ هريڙون ڳوڏ ۾ نڪريون، هل پنهل!“ ڪرڻ وارا، ”تنهنجو مال منهنجو، منهنجو مال هين هين“ ۽ ”ڀنندي جي ڀري تہ مڙس چو ڪري“ جي مقولي وارن موالين لاءِ سو برابر هوءَ ڀڙي هوندي هئي!.... ڇو تہ هن وٽ هوندي

هئي "سڌي راند سونٽي جي!" جي ها، پلي خان، خان جو پٽ هجي، هر ڪنهن ڪي بنا رڪ رڪان جي اهڙو ته سڌو سنئون سچ جو سڱڪو ڪرائيندي هئي جو اڳلو يا ته "رلي ڪلهي تي، ماني ڍاڄڻ تي، جوڳي رمتا پلا" وانگر ڳولي تي ويندو هو، يا وري ڳاٽو لاڙي بيهي ڪياڙي ڪنهڻ لڳندو هو!... بس اهو هو ڏوهه، گناهه، جرم، قصور، ڪمي ڪوتاهي، عيب ثواب، ظلم زور، زبردستي زيادتي ماسيءَ پاڳيءَ جي، جنهن جي ڪري هرڪو ڄڻڻ خان ۽ ڦنڊڻ خان هن جي سچ جي سوسٽ کان ڪڙڪي جي ڪوڪٽ کان، دڙڪن جي ڏوڪٽ کان، دهشت جي ڏوڏڻ کان ۽ ست سري رينگٽ کان ٽڙڪڻ لڳندو هو.... سچ ته هوندو ئي سچ آهي!... سچ جي سِٽَ، سَٽَ ۽ سَڱڪو ڪي ڪونٽر قلندر ئي جهلي سگهندا آهن. ڇو ته سچ ۾ هوندا آهن مرچ، سي به نه ساوا، نه ڪارا بلڪ ڳاڙھا، سي به لوئنگي!

هڪ ڏينهن پاڙي واري مائي ڦاپل جو اچي پاڳ ڦٽو، سو گهر جو ڪن ڪچرو ڪڍي ڪٺي در اڳيان اڇلايائين، بس پوءِ ته ڇڻ ڪو زلزلو اچي ويو!...

"ائي مائي ڦاپل بندي، شل ڪو ڳاٽو پڃئي، خدا ايترو به عقل ڪين ڏنو اٿئي، جو ڪن ڪچرو گهر کان ٿورو پريرو ڪٺي اڇلائين!"

"پر ماسي، ڪچرو به ته پنهنجي گهر اڳيان اڇلايو آهيم، تون ڪوهه پئي تپين؟"

"آءِ هاءِ! مائي، چڱائي جو ڇئو ته مرڳو دوڏا پئي ڦوٽاري!... ٻڙي، گهر تنهنجو هجي ڪي منهنجو، هاڻ هي ڪچري تي مکين جا ميڙ اچي مڙيا آهين، اهي تون رڌي کائيندينءَ ڪي تو وارو مڙسالو؟"

"ائي هان!... ڇئين ڇا پئي ماسي پاڳي؟"

"ٻڙي هاڻ بس ڪر بس!.... ڦلهيار پونئي، هيءَ ڏپ، هي ڊوندي هي مکين جا ميڙا، هن هان نه جيڪي اگهايون اچي اوڙي پاڙي مٿان ڪڙڪنديون ۽ تون به پوءِ مڙسهين سوڌي هانءُ ڦاڙيو پئي هوندينءَ، انهين کان ڪين تو خدا جو خوف ٿينئي!"

"پر ماسي، اهڙو ٿورو گهٽو ڪن ڪچرو ته سڄي دنيا پئي گهرن گهڻين آڏو اڇلائي، پوءِ مون جي ڪٺي اڇلايو ته کهڙي اربع خطا ڪري وڌم؟"

"اربع؟... ٻڙي تو ته سومر اگارو ئي خطا ڪري ڇڏيو، رڳو اربع جي ڳالهه پئي ڪرين!... وري مٿان چي: سڄي دنيا پئي اڇلائي!... ٻڙي مائي، سڄي دنيا پئي پنهنجي ٻوٽ ۾ ڦلهيار وجهندي ته تون به وجهندئين ڪينن؟"

بس ايتري ۾ خدا ڪٺي خير ڪيو جو ان گوڙ گهمسان، هل هنگامي، شور غل، سر سنگيت ٻُڌندا پٽ تي مائي ڦاپل جو گهر وارو ٻاهر نڪري آيو، جنهن اچي ماسي پاڳيءَ اڳيان هٿ پير، ٺنگون ٻانهون ٻڌي، آزي نيازي، ٿوبه زاري ڪري مائي ڦاپل جي جند ڇڏائي، نه ته لڳو ائين پئي ته اگر مائي ڦاپل اجا وڌيڪ ڦوڪ شوڪ ڪري ها ته ماسي پاڳي ڪيس دسيندي به دير نه ڪري ها!....

جيئن ته سچ جو سڱڪو ڪرڻ لاءِ، مير پير ڪي به ڳاٽي ۾ هٿ وجهڻ ته ماسي پاڳي پنهنجو فرض سمجهندي هئي.... سو ڦاپل وري هن جي اڳيان کهڙي مير جي باغ جي موري هئي!

ابا، هڪ ڀيري وري ماسي پاڳل چڙهي تي رڪشا ۾!.... سائين، رڪشا اجا ڦٽڪ ڦٽڪ ڦرڙاٽ ڪندي سڏ پنڌ جو ئي مس ڪيو ته ماسي پاڳيءَ جو ڪڙڪو اصل رڪشا جي ڦرڙاٽن کان به چوٽ چڙهي ويو!....

"آ روڪ روڪ مٺا ڦرڙاٽ!"
"اي ڇا ٿيو ماسي؟"
"ڏوڙ پئي ٿوڪي ۽، ته ماسيهين ڪي ٻه.... جهل رڪشا نه ته ڀناخون ڪيدي رڪنديسين!"
"اوهو امڙ، رڪشا ته روڪيان ٿو، پر آخر ٿيو ڇا؟"

"مٺا ڳاٽي ڀڳا، هيءَ رڪشا اٿئي ڪي ڳن مشين؟.... هتان ڪان هيستائين هڪڙي پاسي هن مٺيءَ جي ڪرڙاٽن ڪياڙي، وڃي ورتي آهي، ته ٻئي پاسي اهڙا ته کڏڪارا پئي ڪري جو هلي پاسراتيون ئي الوڙي وڌيون اٿس!.... مٺا ٻڍڙ مهاندا، رڪشا هلائڻ ڪين ٿي اچئي، ته پوءِ اجايا کڏڪارا ڪوهه پيو ڏيارينس؟"

"اوهو ماسي، تون ته بنهه ڪا درويش ٿي ڏسجين.... ڏسين پئي ته سڄي شهر جا روڊ رستا ئي پوڙهن جي ڏند وانگر ڪڙ ڪوبڙ لڳا پيا آهن، ته پوءِ منهنجو ڪهڙو ڏوهه. رڪشا جو ڪهڙو ڏوهه!"

"شل ڪا ڦلهيار پونئي!.... مٺا، پاسراتيون ٻه منهنجون الوڙي رکيون اٿئي، وري مثال (مثال) به مون پوڙهيءَ جي ڏندن جا پيو سٽائينم!"
"اي ته پوءِ ماسي...."

".... ماسيءَ جا سڪا، آئون جوئين ٿي مون سان وات ڪيم ڪر.... مٺا، جي روڊ رستا رڳو ڪڙ ڪوبڙ ٿيا پيا آهين ته پوءِ مون ته اٿهن جو ٺيڪو ڪو نه کنيو آهي!... ڦلهيار پونئي، ڀن اهي ٺيڪا کنيا اهين، جن ماڻهين ۽ پٽهين جي ڏندن جهڙا هي ڪڙ ڪوبڙ رستا ٺاهيا آهن، انهن کي ڪوهه نٿا وڃي ڳاٽي مان جهلي ڏونڊاڙيو!"
"توبهه توبهه!.... هن پوڙهيءَ مان ته مرڳو اڙجي ويس!"

"آ هاڻ بس ڪر بس!.... اها مڻ مڻ ماڻهين جي اڳيان وڃي ڪج!... هڪڙو ڏڪن تي آندا اوجهريون اچي وات ۾ پيون آهين، ته مٿان وري مڻ مڻ بيٺو ڪري!... مٺا، هاڻي پاڙي ڪان به اهنئي جباب، هلندو ٿي!"....
"ڀ ڀ ڀ پر ماسي....."

"آئون جوئين ٿي مٺا ٿنبڻ اها ڀ ڀ وڃي پٽهين ڳي ٻڌاءِ. نه ته جهڙا واڇڻ منهنجي ڪنن ۾ تو واري رڪشا وڄايا آهين، اهڙا واڇڻ وري آئون ٿنهنجا وڄائي ڇڏينديس!"

خدا سائيهه ڏني رڪشا واري کي جو ٿورو ڇيو گهٽو سمجهي ماٺ ٿي ويو. نه ته ماسي پاڳي هاڻي وار به مٿي تي ڪا نه ڇڏيس ها!....

ساڳي طرح هڪ ٻيري وري هڪ ٽانگي واري جا نصيب ڦٽا، سو سواري مليس ماسي پاڳي جي!... هلندي هلندي ٽانگو جڏهن چڙهائيءَ تي چڙهڻ لڳو ته ٽانگي واري جي ڦتي، سو حسب عادت گهوڙي کي هوشيار ڪرڻ لاءِ ٻه ٽي چهبوڻ ٻه ڏناٿينس ته هڪل سان گڏ ٻه ٽي چهبڪ ٻه وهائي ڪيڍيائينس.... بس ابا، جيئن ئي همراهه گهوڙي کي ٻه چهبڪ هنيا، ماسي پاڳيءَ پٺي هٿ وڌس ڳچيءَ ۾!....
"مٺا ڳاٽي ڀڳا، ڳڳدامڻ کي ائين سنبو ڪنبو آهي!... مٺا، خدا جو خوف به ڪين ٿو ٿيئي!"
"اوهو مائي، ڪنڌ مان ته هٿ ڪڍ، گهٽو ڏئي مارينديئم ڪيئن؟"

"نہ نہ، گھڻو ڪين ٿي ڏيئن، گھوگھو ٿي ڏيئن!.... مٺا، ساھ واري زناوَر کي ائين ڪٽبو آهي!.... توکي ڳاٽي ۾ رڳو هٿ پيو آهي تہ ڪيئن پيو سوسڙاٽ ڪرئين، هن بي زبان کي ڪين ايذاءُ ٿيندو هوندو!"....

"اوهو مائي، ڇڙهائيءَ تي سيڪو گھوڙي کي ڇڙپ سڙپ ڏيندو آهي، ان ۾ سٽ ڪٽ وري ڪهڙي آهي!...."

"هاها، پوءِ مٺا، مون جي تنهنجو ڳاٽو پڪڙيو آهي تہ پوءِ ڪنجهڪو ڪوھ پيو ڪرئين!... مار پُونئي، خدا جو ڪو خوف ڪر.... ڪٽيو بہ ڪائين هن بي زبان زناوَر جو، ۽ وري سٽڪا بہ ڪدين انهي کي!.... آئون چوئين الله سائين کان ڊڄ!"

"اي مائي بابا، منهنجي ابي ڏاڏي ٽانگي هلائڻ کان ئي توبهہ ڪئي، رڳو ڪنڌ مان چنبو ڪيينم!...."

سائين، ڳالھ تہ هتي بہ ماسي ڀاڳيءَ حق سچ جي ڪئي، تہ رڪشا واري سان بہ حق سچ جي ڪئي... بي زبان جانورن کي وقت تي ڇڙپ سڙپ تہ برابر ڏبي آهي، پر بيدردي سان ڪٽڻ يا پنهنجي فائدي لاءِ ڪري مٿن وت کان وڌيڪ بوجھہ ڊوئڻ بہ تہ ظلم ۽ زيادتي آهي!.... ساڳي طرح رڪشا وارا همراھ بہ ميٽرن مٿان تہ چاڙهيو گھمن نقاب، ڀاڙو بہ اوڳاڙين بيٺو ٽيٺو.... ۽ وري رڪشائن جي حالت اها جو ڪي سڌ پنڌ تي بہ ست پيرا ڪٽڪ ڪٽڪ ڪري بيهو رهن، تہ ڪن ۾ وري لهندي چڙهندي ڪڏهن قميص جي داون ۾ اڏ هوندي، تہ ڪڏهن وري سلوار جو پانچو لغڙ بنجيو پيو ڦڙ ڦڙ ڪندو!.... شايد اهو ئي سبب آهي ۽ ماسي ڀاڳيءَ جهڙا ڪي ڪي انسان سچ جو سندرو ٻڌيو ميدان تي نڪريو نروار ٿين!....

بهرحال، چوندا آهن تہ ڪڏهن ڪڏهن چڱائي بہ ڳچيءَ ۾ پئجي ويندي آهي... سو چڱائي جون چپٽيون وڄائڻ واري، ڀلائي لاءِ پوت بنجي پويان پوڻ واري، سچ جو سندرو ٻڌي چڱن چوڻن کي چپ ڪرائڻ واري، ٺوڳين جا ٺاھ ڦٽائڻ واري، سماج جي خود غرض، ڦورو ۽ نفعي خورن جي ٺڪ ۾ سچ جي سئيءَ سان ناڪيلي وجھندڙ ماسي ڀاڳيءَ کي بہ ان سچ جي سٽن هڪ اهڙو تہ جھٽڪو ڏنو، جو توائي ٿي وئي!...

ان ڏينهن ماسي ڀاڳيءَ جو ملاڪڙو گھر جي ڪڪڙن سان ٿي پيو....

"آ قلهيار پُونئي ابا جوسب، ڪيڏا پيرا چيو اٿمين تہ ٻڙا، هاڻ تہ پٽ جو پيءُ بہ ٿي ويو اهينن، هاڻ تہ نڪري کو پنهنجو بہ هٿ پير هڻ!.... آخر ڪيستائين مُجن کي وَٽ ڏيو، سچو ڏينهن رڳو ڪنوار ڪچ ۾ نسيو پيو هوندين!"

"اوهو امان... وري بہ ساڳيو ڪينرو!"

"مٺا ڳالهي ٻڳا، چڱائي جي ڳالھ ٿي ڪريان تہ توکي ڪينرو ٿو لڳي!... آخر پٺهين مرهيات کا ڏراوت تہ ڪين ڇڏي ويو آهي، جيڪا سچي عمر ڪٽ تي چڙهيو ويٺو چٽيندين!"

"او اهو!... وري بہ اهي ئي طعنا ۽ اهي ئي ٽوڪون!.... اما، هي ڏهون پيزو تہ مون کي بابي جي ڏراوت جون ٽوڪون هنيون آهن.... هاڻ چئين تہ گھر ڇڏي هليو وڃان؟"

"ٻڙي ڦاڻ!... سچ ٿي چوئين تہ ٽاندا ٿا لڳنئي مٺا تندڻ!.... ڪٽڻ ڪمائڻ لاءِ چيومين، کو ٽقٽي تپائي ڏنپ تہ ڪين ڏنومين، جو تپي ڳاڙهو ٿي ويو آهين!.... جوٺهين کو لغڙ تہ ڪينهي جو منجهانس هٿ ڪيندين تہ اڏامي ويندي!...."

”ماسي ڀاڳي، جوسب برابر تنهنجو پٽ آهي. جيئن وٽئي تيئن ڇيري ڪٽي ڇوڙهن ٽڪر ڪرينس. پر آخر منهنجو به ته مڙس آهي، ۽ گهڙيون جي مون وٽ اچي ويٺو ته توکي ڇو ٿي مڻيان لڳي!.“

”اٿي بس ڪر ڙي ميسٽي مر!... مڻيان لڳندي منهنجي جتيءَ کي!.... سچاڻان ٿي توکي ٻ، ته تنهنجي اڙم ڪڙم کي ٻه!.... آڱوٺي جيڏي ڏيڏريءَ کي ٻه منهنجي ڳالهين تو زُخام (زڪام) لڳي!....“

”اٿي هونش ڪر ادي ڀاڳي، هونش ڪر!.... نٽي ڪچان ته من ڪين وڏائي!.... جيڪڏهن انهين سوڏل پٽهين ۾ ڪر افعال ڪينهين ته ٽنگو ٽالي ڪري وڃي گنديءَ ۾ پوري ڇڏئينس..... منهنجي سڪيلڏي بانوءَ تي ڪچاڙي لاءِ پئي گجگوڙون ڪرئين!....“

”بلي ڙي بلي!.... ست ڪٺا ڪاٺي ٻلي هلي حج تي!.... پنهنجو اهو پاروتي پت جهڙو ٻوٽ بند رک مائي ممل، نه ته پوءِ جي گجگوڙون ڪري ڪري وَسي پيس، ته پوءِ لڪڻ لاءِ لانڊي به هٿ ڪين ايندئي!“

”اڙي اڙي امان، تون ته بنهه وِتان نڪرندي وڃين!.... ڪين جهڙي ڳالهه تان مون کي ته ڪٽي ٽڪي جو ڪيو اٿئي، پر منهنجي زال ۽ سس تان به ڪانه ٿي ترين!“

”نري دائي!.... هوءَ سوٽل سسٽهين، جيڪا سڄو ڏينهن اوڙي پاڙي جي گهرن ۾ لوهون ڏيندي وتي، تولاءِ اها به مون کان مٺيري ٿي پئي، هوڏانهن هوءَ ميسٽي جوٺهين، جنهن ۾ اٺو ڀوهڻ جو به افعال ڪينهي، انهين کي به ٿي چڱائي جا چار اکر چوان، ته توکي پيٽ ۾ ٿا وٽ پون!.... مٺا، مون مڙهي ماءُ جو توکي ذرو به کهڪاءَ ڪينهين!.... هو ٻلي منهنجو ڇوٽ پٽين، باقي آئون سندن نڙيءَ تي ننهن نه ڏيان، ڇڏي ڏيان!“

”ٻلا شڪرانا!.... نڙيءَ تي ننهن وجهي ڏي پنهنجن هوندن سوندن کي مائي ڀاڳي! مون پنهنجو آندو ڪڏي پٽهين کي ان لاءِ ڪين ڏنو ته اٽندي ويهندي سڄو ڏينهن ويني ڪاڪڙو پٽئينس!.... اٿي ڇوري بانو، اٺ ٻڌ ٽپڙ ته هلون پنهنجي ڳوٺ.... هن گهر جي ٽڪ لعنت جي ٽڪر کان، ڳوٺ ۾ سڀڪي خدا ڏنو آهي، بک ڪين مرنداسين!“

”آءِ هاءِ!.... ٻلي بک ٻرم جي، شال مر وڃي شان!.... ڪتو ڪوهه ڇاٽي ڪٽڪ جي مانيءَ مان! ڳوٺ ۾ ته اوهان لاءِ رڳو ڇٽيل ڇانورن جون ٻوريون پريون رکيون آهن، سي وڃي ڪائيندا!“

”ها ها مائي، ڇو ڪين؟.... ڪو تنهنجي گهران ويندا سون ته بک مري وينديوسين ڪيئن؟“

”نه نه، بک ڪوهه مرنديون!... سڄو ڏينهن جُهوت جُهوت ڪري، اوڙي پاڙي جي گهرن مان پيٽ پريو پيون ايندي يون، بک وري ڪچاڙي لاءِ مرنديرن!“

”اوهو امان، هاڻي ته ٻلا خدا جي واسطي وات بند ڪر، هاڻي ته ٽپڙ ٻڌيو وينا آهيون، وڃون ٿا، ته به بس ڪين ٿي ڪرين!“

”ها ها، وڃو ٿا ته آيا منهنجي جتيءَ تان!.... مون پٺهين مرهيات جي ٿي ڪاڻ ڪانه ڪئي، ته تون ڪو وري آشمان تان لهي آيو اهين ڪيئن؟“

”هائو هائو، هاڻ آسمان تان جيڪي اچئي، تن کي وٺي ويهارج گهر ۾.... اسين هاڻ هتي هڪڙو پل به ڪو نه ترسنداسون!.... هل بانو، ڪڻ ٽپڙ!....“

"ها ها، هلندو ٿي.... آئين منهنجي جتيءَ تان!... وڃي ڦلهيار پاءِ!"

پوءِ ٿيو بہ ائين..... خود سندس پٽ بہ سچ جي سٽ سهي نہ سگهيو ۽ سينجي ڦوڪجي زال پٽ وٺي وڃي ساهراڻي گهر سکيو ٿيو... ۽ هيڏي ساري ڀانڀاڻ گهر ۾ ماسي ڀاڳي اڪيلي رهجي وئي!

بس اهي ڏينهن، اهي ڻينهن.... چوڙ وارا چون تا تہ جڏهن کان پنهنجو اڪيلو ۽ سڳو پٽ بہ ماسي ڀاڳيءَ کي ڇڏي هليو ويو، تڏهن کان هن سچ جي سمنڊ جون ڇوليون وري نہ ڪنهن ڇلندي ڏٺيون، ان ڪاڀاري ڏک بعد ان دهشت واري درياهہ ۾ وري نہ ڪا لهر لهواري يا اوڀاري ايري..... بس ڏٺو ويو تہ آهستي آهستي اهو سچ جو گجگوڙون ڪندڙ درياهہ خاموش خاموش، اداس اداس، ڏترڙيل ڏترڙيل، ويران ويران، چپ چپات ۾ رڙهندو رهي ٿو، رڙهندو رهندو... الائي ڪيستائين!.... ڀاڳ اڀاڳ جي ڀوائي تي!....

●



جاويد سوز هالائي جو اصل نالو جاويد حسين پنهور آهي. هن 1 مارچ 1978ع ۾ سوز هالائي جي ڳهر هالا پراڻا ضلع حيدرآباد ۾ جنم ورتو. هن لکڻ جي شروعات 1992ع کان ڪئي ۽ هن وقت تائين ڪوڙ سارا شعر، مضمون ۽ ڪهاڻيون لکي چڪو آهي، جيڪي مختلف اخبارن ۽ رسالن ۾ شايع ٿينديون رهيون آهن.

هو هالا پراڻا ضلع حيدرآباد ۾ رهائش پذير آهي.

# مان، منهنجي زال ۽ قربانيءَ جو ٻڪرو

جاويد سوز هالائي

سڄو ڏينهن آفيس مان ڪم جي هڻ وٺ ڪندي به آفيس جو رهيل ڪم گهر اچي ڪندو آهيان. سڄو ڏينهن صاحب جو منحوس چهرو ڏسي ڏسي هاڻ ته دل ڪچي ٿي پئي آهي، هن جون چشمي مان گول نڪتل اکيون چٻري جهڙيون لڳنديون آهن. آفيس ۾ ايندو آهي ڇڻ آفيس ۾ خاموشي جو راڪاس گهمي ويندو آهي. ڪالهه جڏهن رهيل ڪم جي لاءِ ڇنڊ ڦٽيائين ته دل ۾ آيو ته هوند هن جي ڳلي ۾ هٿ وجهي ڪيس ڪرسي تان اٿاري گهر موڪلي ڇڏيان يا سندس ٽيبل تي پيل ڳاڙهو پيپر ويٽ ڪڍي سندس مٿي ۾ وهائي ڪيس به ڳاڙهو ڪري ڇڏيان پر چاچي جي سفارش تي سورن سان وڃي هٿ ڪيل نوڪريءَ ڪي ڇڏي پنهنجي جهنگلي حسينا جهڙي سدا ملوڪ زال ۽ ٻن ٻارن کي جنجال ۾ وجهڻ جو منهنجو گهٽ ۾ گهٽ ڪو ارادو ڪو نه هو. هونئن به دوستن کان مختلف بهانن سان اڌارا پئسا وٺندو رهيو آهيان، سو هينئر ڪنهن ۾ به ڏيڻ جو آسرو ڪو نه هو. ان لاءِ اهو خطرناڪ ارادو ترڪ ڪري صاحب جي آفيس مان چپ چاپ نڪري آيس. اڃا مون صاحب کي رت ۾ ڳاڙهو ڪرڻ ڪانپوءِ پوليس جي ڪارروائي جي باري ۾ سوچيو به ڪو نه هو، جيڪا ٻين الزامن سان گڏ مون تي هي الزام هڻندي به دير نه ڪري ها ته آئون اندران ئي اندران آفيس جا فائيل ٺيڪيدارن کي ردوبدل ڪندو رهندو آهيان، توڙي جو اهو ڪم بذات خود صاحب ڪندو آهي. ڏينهن جي ان سڄي واردات ڪانپوءِ رات آئون آفيس جي رهيل ڪم کي پورو ڪري رهيو هئس ۽ ليمپ جي ڏيمي روشني ۾ منهنجي زال پنهنجي بستري تي اڪيلي جاڳي رهي هئي. منهنجي زال ۽ منهنجي نوڪري جي عمر ذري گهٽ هڪ جيتري آهي. 10 سال اڳ جڏهن بيروزگار هوندو هئس ۽ گهٽين ۾ رولو ڪتن وانگر پيو نوس نوس ڪندو هئس. ڪيترين ئي ڇوڪرين کي اکيون پيڇڻ جي ڪري بابي جا موچڙا به کائڻا پوندا هئا. سچ ته اهو آهي جو مان پاڙي جو نامي گرامي عاشق رهيو آهيان، اڄ به دلبر ملائي واري جي زال مون کي در جي وٿين مان گهوري ڏسندي آهي، جيڪا نوجوانيءَ جي دور ۾ به ڏسندي هئي. اوچتو ئي اوچتو چاچي جي سفارش سان وڃي ميونسپل ڪميٽي ۾ ڪلرڪي جي نوڪري ملي، مائٽ جيئن ته منهنجي عادتن کان واقف هئا تنهن ڪري نوڪري جي ٻئي مهيني ۾ ئي منهنجي شادي ڪرائي وئي، بابا جو چوڻ هو ته پنهنجن مان شادي ڪرڻ سان زال جا نخرا ناز وڌي ويندا آهن، سو پنهنجن سان دشمني پرائي به منهنجي شادي ڌارين مان ڪرايائين ۽ ڳنڍيل ڏهن سالن کان اهو عذاب منهنجي ڳچيءَ ۾ آهي. انهن ڏهن سالن ۾ منهنجا حال اهڙا ٿي ويا آهن جهڙا ميونسپل ڪميٽي طرفان نهرايل گهٽين ۽ روڊن جا. منهنجي زال سنڌ جي انهن پڙهيل ڳڙهيل عورتن مان آهي جيڪي پڙهي به شڪ ڪرڻ ڪو نه ڇڏينديون آهن. منهنجي زال 11 درجا پڙهيل

آهي، سندس مطابق تہ شهرجي رولو ڇورن جي تنگ ڪرڻ سبب هوءَ پنهنجي اعليٰ تعليم جاري نہ رکي سگهي. منهنجي زال مون کي مسلسل ڪم ۾ مشغول ڏسي اٿي آئي ۽ منهنجي ڪرسيءَ جي مٿان اچي ويهي رهي. ڪجهہ پل خاموش رهي پوءِ ڳالهيائين:

”سڄو ڏينهن آفيس ۾ ڪم ڪرين ٿو ۽ گهر ۾ بہ. منهنجو تہ ڏرو بہ خيال ڪو نہ ٿو ڪرين.“

”جيڪڏهن رڳو تنهنجو خيال ٿي ڪيم تہ پوءِ پاڻ وارا ٻئي شهزادا هلي فوٽ پاٿ وسائيندا.“ مون رکائيءَ مان چيو.

”هر وقت رکو ٿو رهين، نہ ڄاڻ ڪهڙي پاڙي واريءَ جادو ڪيو اٿئي، دلبر ملائي واري زال تہ توکي گهوري گهوري ڏسندي آهي، دل ۾ ايندو آهي تہ چنڊن ٿان وٺي نالي ۾ وجهي ڇڏيانس.“ منهنجي زال جي لهجي ۾ رکائي پرچي آئي هئي.

”رڳو شڪ! توهان عورتن کي پلا شڪ ڪانسواءِ ٻيو ڪو ڪم بہ آهي، ڪڏهن شڪ ڇڏينديون؟“

”جڏهن اوهان لوڙها لتارڻ ڇڏيندؤ ۽ گهر ۾ جلد اچڻ شروع ڪندؤ.“ منهنجي زال وٽان مون کي اهڙي قسم جي فلمي فنٽاسٽڪ جملي جي توقع قطعي ڪو نہ هئي.

”لڳي ٿو اڄ ڪلهہ ڪي فلمون پئي ڏسين؟“

”نہ نہ.“ منهنجي زال وراڻيو.

”تہ پوءِ اهو لفظن جو انقلاب ڪٿان آيو؟“

”ضروري ٿورئي آهي تہ اُهي لفظ فلمن ۾ ئي هجن.“

”پوءِ پڪ سان ڪنهن فيمنسٽ ”مائي“ جو ڪو دل جلائيندڙ ڪالم پڙهيو هوندئي.“

”نہ نہ هاڻ آئون اهڙي بہ ويل ٿورئي آهيان، منهنجي پيءُ جي لائبريري ۾ وڏن وڏن اديبن جا ڪتاب رکيل آهن، بابا بہ صفا ڪو ويل ڪونهي روينيو جو تپيدار آهي ۽ ادب جو صفا پارکو.“

”پوءِ پڪ سان چورايا هوندئين يا ڍل جي بدلي ۾ ڪنيا هوندئين.“ مون کي مذاق سجهيو.

”منهنجي پيءُ جي باري ۾ آئون ڪا اهڙي ڳالهہ ٻڌڻ ڪا نہ ٿي چاهيان ۽ تون ايترو اديب ٿيڻ جي ڪوشش نہ ڪر.“ منهنجي زال غصي ۾ بنا ميڪ اپ جي ڳاڙهي لال ٿي وئي. مون کي لڳو تہ هوءَ اجهو ڪي اجهوڏوئي ۾ هٿ وجهندي، هوءَ اڪثر مون سان ڪاوڙ ڪندي آهي ۽ پوءِ گهٽو ڪري منهنجي مٿان ٽانون سان ڪامياب حملو ڪري ڏيندي آهي. ڪاوڙ ڪان پوءِ هڪ ڏينهن گهر هلي وئي، پوري مهيني ڪان پوءِ مس وڃي ڪيس پرچائي آيو هئس، اها ٻي ڳالهہ آهي تہ اهو سارو مهينو سڪون سان گذريو هيم ۽ سيڏي جي ٻچت جدا ٿي هئي.

”ڇڏ ڪٿي هاڻ.“ هن مون ڪان پيِن ڪسي ورتي.

”ڦاٽ پلا... صبح جو گنجو صاحب رات جو تون اصل گدو واري گهر جا ٿا لڳو.“ منهنجي زال ان جملي تي هيڪاري غصي ۾ اچي وئي.

”مئو وڃي ڪڏ ۾ پئي.“ هن ٻي ساختہ پنهنجون ٻانهون منهنجي ٻانهن ۾ وجهي ڇڏيون، منهنجي زال ڪا رنگ جي ايتري سهڻي ڪانهي ان لاءِ آئون ڪيس جهنگلي حسينہ ڪري پڪاريندو آهيان. منهنجا ٻار جيڪي هن جا بہ آهن اهي بہ اڪثر ڪيس ان نالي سان سڏيندا آهن، جنهن تان اڪثر هوءَ ڪاوڙ ۾ تپي باهہ ٿي پوندي آهي، جهڙو ڳاڙهو لوهہ. هن جون ٻانهون سنڌ يونيورسٽي جي ڪنهن ڪامريڊ وانگر جذباتي ڪيفيت ۾ مٿي ڪجي ايندين

آهن. هن جي دل ۾ ايندو آهي تہ هوءَ مون کي شوٽ ڪري ڇڏي پر هوءَ ايترو جلد بيواهہ ٿي پنهنجي ٻن شهزادن جي مستقبل کي اونداهو ڏسڻ نٿي چاهي.

"جانان او جانان!" زال جي زبان تي جانان جهڙو لفظ پنهنجي لاءِ ٻڌي ڀهريان تہ اعتبار ئي ڪو نہ آيو ڇو تہ هوءَ اڪثر ڪاوڙ ۾ رهندي آهي، جنهن جي ڪري هن جي چپن تي مرڪ ۽ اهڙو لفظ منهنجي لاءِ ڪنهن ڪرامت کان گهٽ ڪونہ هو.

"تون مون کي پيارو آهين نہ." اهي لفظ ٻڌي سمجهي ويس تہ ضرور منهنجي زال کي ڪا فرمائش پوري ڪرائڻي آهي ڇو جو هن کي خبر آهي تہ مهيني جي پنجين تاريخ پگهار ملندو آهي، هي سچو انقلاب پنجين تاريخ جو ٻيا ٽيل آهي. اهو سوچي آئون دل ئي دل ۾ ڪلي پيس. مون فائيل بند ڪري ڇڏيو ۽ اڳين تان ايئن چشمو لاهي ٽيبل تي رکي ڇڏيو جيئن ڦدا سمهڻ کان ڀهريان وات مان ٻٽهي ڪڍي ميز تي رکندا آهن. هو جيڪا منهنجي ڪرسي جي پٺيان بيٺي هئي، منهنجي اڳيان ٽيبل تي ويهي رهي، هن جي هٿان فائيل ڇڻ تہ ماڪوڙين جيان چيپاٽجي رهيا هئا. هن پنهنجا هٿ منهنجي هٿن ۾ ڏيئي ڇڏيا.

"ڏس زوجہ محترما! اسان وارا ٻئي شهزادا خوابن جي دنيا کان ٻاهر نہ نڪري اچن."

"تہ نہ ڏوڏي ڏئي سمهاري ڇڏيا اٿم."

منهنجي زال جيڪا مون کان ڪڏهن بہ Motivate ٿي نہ سگهي آهي. اها پاڙي جي ليڊي هيلٿ ورڪر کان جلد Motivate ٿي وئي آهي ۽ گنريل ڪجهہ سالن کان فيملي پلاننگ تي سختيءَ سان عمل ڪندي آهي. فيملي پلاننگ جنهن جي ڪا بہ پلاننگ ڪونهي. مون کي تہ اها ٿلهي ليڊي هيلٿ ورڪر بہ زهر لڳندي آهي. هو پاڙي کان ٻاهر لوڙهن تي لوڻ هاريندي رهندي آهي. چادري تہ ڇا مٿي تي رئو بہ پورو ڪو نہ اوڍيل هوندو اٿس ۽ اسان جي گهر ايندي آهي تہ صفا پرديدار. مون کي ڏسي پنهنجي هٿيءَ جهڙي ٻي ڊولي ڇهري کي ڍڪي ڇڏيندي آهي. پاڻ کي اصل لارادتا سمجهندي آهي ۽ اسان پڻ "دوٻجي هي اچي" واري جملي تي عمل درآمد ڪري رهيا آهيون.

"خبر اٿئي عيد ويجهي آهي." منهنجي زال جو آواز ڪمري ۾ وري گونجيو.

"ها! تہ پوءِ مان ڇا ڪريان." مون اٻجاٽائيءَ مان چيو.

"قرباني ڪرڻي آهي. توکي تہ خبر آهي تہ اڳي سال بہ قرباني ڪو نہ ڪئي هئي سون، ماٺهو تہ ڪليا پر ڏک بہ ڪيڏا ڏناسين. توکي سسپينڊ ڪيئون مس مس وري چڙهيو آهين."

"هائو." ڳالهہ ٽارڻ لاءِ چيم.

"ڏس ڪالهہ بہ رحيمو ماستر جي زال پنجن ماين جي اڳيان ٽوکي وئي آهي تہ سچا آهيو کهڙي قرباني ڪندؤ." منهنجي زال جي لهجي ۾ اڄ واقعي بہ تماٽائي هئي لڳو تہ رحيمو ماستر جي ڏند پڳهہ زال جو جملو منهنجي زال جي دل ۾ اٽڪي پيو هو.

"آئون ڪو ڊِي سي ڪو نہ آهيان. ڇئن هزارن مان ڪپڙا بہ وٺا آهن پوءِ ٻڪرو ڪٿان ايندو... ايترا پئسا مون وٽ ڪونهن." مان غصي مان چيو.

"شير خان کان اڌارا پئسا ڇو نٿو وٺين." مون واري زال چيو.

"توکي خبر آهي تہ شير خان وياج کان سواءِ پئسا نہ ڏيندو آهي." مون چيو.

"تون وجي مجبوري ٻڌائينس ڏاڍو نيڪ ماڻهو آهي. توکي ضرور اڌارا پئسا ڏيندو."
"ڇري ڇغلخور! قرباني وياج جي يا اڌارن پئسن تي ڪا نہ ڪبي آهي." منهنجي ڳالهہ ٻڌي مون واري زال ٿوري دير لاءِ چپ ٿي وئي. "لڳي ٿو تون مون کي پنائيندينءَ."
"الله نہ ڪري ڪا وائي تہ وات مان سڻي وار مٺا.... پلا هن دفعي قادن ڪيريي ڪي پاڇيءَ جا پئسا ڪٽي نہ ڏيندين تہ ڇا ٿيندو؟ اينڊڙ مهيني ڏجانس." مون واري زال ڪنهن سينٽئي ڪي بيروزگار صحافي پاران اخبار ڪڍڻ جهڙي ان صلاح تي نازان هئي.
"لڳي ٿو تہ اينڊڙ مهيني کان بڪ هڙتال ڪري ڇاڇي عارب کان گوءِ ڪٽائڻ جو پروگرام اٿئي."
"بڪ هڙتال ڪن منهنجا دشمن."
"ڇگو هاڻ مون کي آفيس جو ڪم ڪرڻ ڏي تون وڃي ڊهہ."
"آئون ڪا نہ سمهنديس. نيڪ آهي سڀاڻي گهر هلي وينديس. بيزار آهين تون مون مان." منهنجي زال جي لهجي ۾ هن دفعي غصي گاڏڙ معصوميت هئي.
"تون اهڙا جملا ڏاڍا گهڻ ڳالهائيندي آهين، جيکي مون کي ڏاڍا سٺا لڳندا آهن. سچ بہ تہ تون ان جو اندازو بہ نٿي لڳائي سگهين." مون مرڪي کيس چيڙائيندي چيو.
"الائي ڪهڙي بدنصيب گهڙي توسان زندگيءَ جو سودو لکجي ويو هو." منهنجي زال وري سانت ٽوڙيندي چيو.
"بيگم صاحبہ! اسان جي شادي حادثات طور تي آهي. خوشنصيب آهين جو اسان جهڙي درياهہ دل رکندڙ مرد سان ڦاٿي آهين. اسان جهڙا مرد هر ڪنهن عورت جي نصيب ۾ ڪو نہ هوندا آهن." مون کيس دلجاءِ ڪرائي پر هوءَ اجا ڪنو ٻوٿ ڪري ويٺي هئي.
زال جي گهر ڇڏي مائٽن ۾ هلي وڃڻ واري ڌمڪيءَ منهنجا ڪن ڪڙا ڪري ڇڏيا.
مون پهرين ننڊ ۾ ستل پنهنجن ٻن شهزادن جي ڇهرن ڏي نهاريو ۽ اڳ جڏهن ڪاوڙجي مهينو کن گهر هلي وئي هئي تہ ماني پچائيندي باهہ تي ويهي ويهي منهنجا لاهہ ٿي نڪري ويا هئا.
"نيڪ آهي سڀاڻ قربانيءَ جو ٻڪرو وٺڻ هلنداسون پر جي ٻن هزارن ۾ مليو تہ." منهنجي جملي ڪان پوءِ هن جي ڇهري تي اهڙي مرڪ تري آئي هئي جهڙي دينو پنيوالي جي ڇهري تي بخشش ملڻ مهل تري ايندي آهي. هن جو سانورو ڇهرو ليمپ جي روشنيءَ ۾ چنڊ جيان چمڪي پيو هو ۽ هوءَ جهٽ ٽپ ڏئي بستري تي وڃي ڪري ۽ ٿڌو ساهہ پري آئون وري آفيس جي ڪم ۾ جنبي ويس.
آئون بہ انهن هزارين مظلوم مردن مان هڪ آهيان جيکي زالن جي گهر هليو وڃڻ وارين ڌمڪين هٿان ائين بليڪ ميل ٿي ويندا آهن جيئن پوليس وارن جي هٿان ڳوناٺا.
صبح جو شارٽ ليو ڪٽي صاحب جي آفيس ۾ ويس. شارٽ ليو پڙهي هن جو ڇهرو ائين ٿي ويو هو ڄڻ ڪکر کيس ڏنگيو هجي پر پوءِ راتوڪو ڏنل ڪم مڪمل ڏسي خوش ٿي موڪل ڏنائين.
ٻنپهرن جو گهر پهتس تہ هونئن جيڪا ماني مون کي شام جو پنجين بجي ڏهن سڏن کانپوءِ ملندي هئي سا رسڻ شرط حاضر ٿي وئي. مون واري زال ڪلاڪ کن ميڪ اپ ٿڦي ٻاهر نڪتي. هو واقعي بہ اڄ جهنگلي حسينا کان گهٽ ڪو نہ پئي لڳي.

"عورتن کي هميشہ اها فرسٽريشن رهندي آهي تہ کين ماڻهو ڏسن." مون کيس چيڙائيندي چيو، "هاڻي تون بہ کا ڏسڻ جهڙي آهين؟" "جهڙي ڏيڻ." دل ۾ چيم.

"هروڀرو عورتن جي خلاف، آهيو ڇڻ اخبار ۾ کالم لکيو پيو آهي اها سنڌي مردن جي نفسيات رهي آهي." مون واري زال جو اهو دانشوراڻو جملو منهنجي دل ۾ ککي پيو.

"بيگم صاحبہ! ان ۾ سنڌي مردن جي کا بہ ڳالهہ کونهي پر هوندن بہ تون اسان جي سياسي ۽ جذباتي دور کان واقف ناهين اسان پنهنجي دور جا ڪامريڊ رهيا آهيون. اسان جي ڪامريڊي واري حس جاڳي پئي تہ سڀ ڏوڙ تي ويندو." گهر کي تالو ڏئي ٻاهر نڪتاسون. رڪشا ۾ چڙهي ٻڪرامنڊي پهتاسين. ماڻهن جا انبوهہ ڏسي اسان وارا ٻئي شهزادا تہ دهلجي اشون اشون ڪري روئڻ لڳا مون واري زال کين پرچائيندي رهي.

مون هر هر کيس باور پئي ڪرايو تہ، "جيڪڏهن ٻن هزارن ۾ ٻڪرو نہ مليو تہ هتي هڪ منٽ بہ بيهي وڃان تہ نالو لاهي ڇڏجان." ٻڪرامنڊيءَ ۾ ٻڪرا، ٻڪريون، اٺ، ڍڳا... مختلف واڪ آواز..... "صاحب هيڏانهن اچو." منهنجي جسم تي اوورڪوٽ ڏسي (جنهن کي مون واري زال تڪڙ ۾ استري ڪرڻ بہ وساري ڇڏيو هو) واپاري رڙ ڪئي ان واپاري جي واتان صاحب جو لفظ ڏاڍو پلو لڳو. مون سندس پرسان بيٺل ٻڪري تي هٿ رکيو جيئن هو وري "من صاحب" چوي.

"گهڻو حساب رکيو اٿئي هن جو."

"صاحب صرف 4 هزار." واپاريءَ بي حجاب ٿي چيو.

چئن هزارن جو ٻڌي منهنجو تہ ذري گهٽ اڌ ساهہ نڪري ويو.

"پلا هن کان گهٽ بہ کو آهي يا...." مون چيو.

"سائين اوهان جي پرسنلٽيءَ مطابق هي ٻڪرو فس ڪلاس آهي." واپاري هيناهين ونڻ جي ڪوشش ڪئي. تلهي متاري جسم واري واپاريءَ کي پهراڻ سان گوڏ ٻڌل هئي جنهن مان هو صفا جڻ دا ڪڙاڪ وارو سلطان راهي پئي لڳو.

گهر ۾ زال هتان ۽ آفيس ۾ صاحب هتان خوار ٿيڻ واري جي ڪهڙي پرسنلٽي هوندي پيارا. مون دل ئي دل ۾ چيو.

"سائين ڪٿي گم ٿي ويا." واپاري ايئن چئي مون کي ڇڻ تہ هوش ۾ آندو هو. مون چرڪ ڀريو.

"يار هن کان گهٽ کو ٻڪرو ڏيکار." مون وري چيو.

"سائين ٻڪرو ونڻ آيا آهيو يا پتنگ. پاڻ صفا اي ون قسم جا واپاري آهيون مال بہ رکندا آهيون اي ون." واپاري پنهنجي هوڏ تي اجا بہ قائم هو.

"پلا گهٽ گهٽا ڪندين؟"

"سائين ڏسو مهانگائيءَ جو دور لڳو پيو آهي. ماڻهو جون ضرورتون بہ وڌي ويون آهن، مون صفا مناسب پئسا ٻڌايا آهن، توهان جي مرضي، رپيو بہ گهٽ نہ ٿيندو."

مون کي لڳو واپاري سياستدانن وانگر اڪانامي‌ءَ جون ڳالهيون ڪري مون کي قائل ڪري رهيو هو.

"صفا قادو ڪاسائي جو بہ ابو لڳي." مون آهستي چيو.

”ڇا ڇيوَ سائين؟“ واپاري پڇيو.
”ڪجهه نه...“ مون لنوائيندي چيو.
”سائين وڏو اٿوَ ته وٺو نه ته منهنجو وقت نه وڃايو.“ واپاريءَ رڳائيءَ مان چيو.
ڪنو منهن ڪري آئون، منهنجي زال ۽ منهنجا ٻه شهزادا، رش کي چيريندي اڳتي نڪري آياسين.
”ننڍا ٿڪر ٻه هليا ٻڪرو وٺو.“ واپاري پنهنجي منهن پٽڪيو.
اڳتي هڪ واپاريءَ اچي مون کي هٿ کان ورتو. ايئن لڳو ڄڻ هالا جي مارڪيٽ ۾ وينل ڪو پراڻين هالين جو پاڇيءَ وارو هو.
”صاحب ٻڪرو ڏيکاريانوَ. اي ون قسم جو ٻڪرو اٿوَ. ٻڪرو ڪونهي سون آهي سون.“
”مون کي ٻڪرو نمائش ۾ ڪونهي رکڻو قربان ڪرڻو آهي. بي ڪلاس وارو ٻڪرو به هلي سگهي ٿو.“
”سائين صرف ٻه هزار روپيه.“ واپاري جي وات مان ٽن هزارن جو لفظ ٻڌي منهنجي دل بهار بهار ٿي وئي. منهنجي زال جي ڄڻ خواهش پوري ٿيڻ تي هئي.
”اچو سائين توهان کي ڏيکاريان.“ اسان واپاريءَ جي پٺيان هلڻ لڳاسين. منهنجي زال مون کي صلاح ڏيڻ لڳي.
”مغز امان کي موڪليندا سين، هڪڙي ران ورهائيندا سين ٻي ران رحيمو ماستر جي زال جي منهن ۾ وڃي هڻنديس ٺوڪوڻ ٿي هٽي..... هون.“
واپاريءَ جي پٺيان اڳتي نڪري آيا هئاسين. هو هڪ تنبوءَ ڏانهن وٺي آيو. ”سائين ڏسو ته ٻڪرو.“ واپاري خوش ٿيندي چيو. هو ايئن چئي تنبو جي اندر ويو.
”تون سٺو سياستدان ٿي سگهين ٿو.“ سياستدان جو لفظ ٻڌڻ تي هو مشڪڻ لڳو.
ٻڪرو ڏسي منهنجو دماغ وائڙو ٿي ويو. ٻن هزارن واري ٻڪري جون اکيون بيماري کان ٻاهر نڪري آيون هيون، هن جون پاسرائيون ڪمزوريءَ ڪان صاف ظاهر نظر اچي رهيون هيون. ڄڻ هن سالن کان گاهه ئي ڪو نه کاڌو هو. واپاريءَ ٻڪري کي بيهارڻ جي ڪوشش ڪئي پر ٻڪرو ڪمزوري جي ڪري ڪري ٿي پيو ۽ هو هر هر ڪيس سڌو بيهارڻ جي ڪوشش ۾ مصروف هو.
مون واپاريءَ ڏانهن ڏٺو پوءِ پنهنجي زال ڏانهن جنهن ڪنڌ هيٺ ڪري ڇڏيو هو. ٻي لمحي آئون منهنجي زال ۽ منهنجا ٻئي شهزادا ٻڪرا منڊيءَ ڪان ٻاهر اچي چڪا هئاسين ۽ واپاري اسان کي سڏ ڪندو رهيو هو، ”سائين مون وٽ ٻيو به ٻڪرو آهي ٿلهو متارو، اي ون صفا.... اوهان جي پرسنلٽي....“



ثريا سوز ڏيپلائي جو اصل نالو نسيم اختر آهي. هن 25 نومبر 1945ع تي سنڌي ٻولي جي نامور اديب محمد عثمان ڏيپلائي جي گهر واقع حيدرآباد ۾ جنم ورتو. هن جي پهرين لکڻي "تهذيب" رسالي ۾ 1958ع ۾ شايع ٿي ۽ ان وقت کان هيل تائين مسلسل لکندي رهي آهي. هن جون ڪهاڻيون، شعر، ڪالم ۽ مضمون مختلف اخبارن ۽ رسالن ۾ شايع ٿيندا رهيا آهن.

هو هن وقت ماڊل اسڪول سنڌ يونيورسٽي جي ڪاليج سيڪشن ۾ پڙهائي ٿي.

هو بنگلو نمبر A-36/200 عبدالله ٽائون نسيم نگر قاسم آباد حيدرآباد ۾ رهائش پذير آهي.

# پنهنجو ڇا وڃي...!

## ثريا سوز ڏيپلائي

ٽرن... ٽرن.... ٽرن....!

"هيلو.....؟" ڇگي دير کان پوءِ آخر ڪنهن رسيور کنيو.

"سائين.... مان ترار پيو عرض ڪيان....!"

"سائين تلوار صاحب.... ارشاد!"

"سائين تلوار نه پر ترار آهيان ۽ شعر ٻڌائڻ نه پر دلشاد صاحب سان ڳالهائڻ چاهيان ٿو....!"

"تلوار ۽ ترار ۾ ڪهڙو فرق آهي؟ ڀلا شعر ٻڌائين يا نه ٻڌائين ڪو فرق پوندو ڇا؟"

جواب ۾ وري به سوال موصول ٿيا.

"سائين شعر ٻڌائڻ نه ٻڌائڻ سان فرق پوي نه پوي.... پر دلشاد صاحب سان نه ڳالهائڻ سان ضرور فرق پوند....!" ٿڏائيءَ سان چيائين.

"اڙي ته ڀلي ڳالهائي نه....! مون ڪو توکي جهليو آهي ڇا...."

ترار وري به ٿڏائيءَ سان عرض ڪيو:

"سائين.... ڀلا فون ڏيوس....!"

"دماغ خراب اٿئي ڇا؟ ڇو ڏيانس؟ فون منهنجو آهي يا تو واري دلشاد جو."

"سائين هي دلشاد صاحب جن جو نمبر آهي نه؟" ترار پڇا ڪئي.

"اي ميان، مون کي ڪهڙي خبر ته دلشاد جو نمبر آهي يا نه؟ هي نمبر ته پڪ منهنجو آهي، گهر به منهنجو آهي ته نمبر به منهنجو هوندو!"

"هوندو ضرور هوندو....." پرسڪون انداز سان ترار چيو "پر سائين توهان پاڻ ڪير؟"

"مان ارشاد پيو وري ڪير؟"

"سائين گستاخي معاف.... شايد رانگ نمبر ملي ويو آهي...." جواب کان اڳ ئي ترار رسيور رکي ڇڏيو.

"توبهه....! اسڪرو ئي ڍرا ٿي ويا..... دلشاد صاحب جي کاٽي ملڻ کان اڳ منهنجو ڊرامو نه لکجي وڃي..... ڪهڙيءَ ڪٽيءَ ڪنيم جو ترار تخلص اختيار ڪيم.... سڀ ڪو ڀهريائين پڇندو معنيٰ.... پوءِ ٻڌندو ڳالهه.... معنيٰ اسان کي وري ڪهڙو ٿي اچي.... مڙوئي فيشن! ڏکيو تخلص اختيار ڪرڻ گهرجي..... ڀل ته ماٺهو پيا منجهن..... پر.... آئون ڇو اچي منجهيو آهيان؟" ترار سوچيو "منهنجو ڪم آهي ڪتاب لاءِ مواد گڏ ڪرڻ.... لکڻ واري جي مرضي.... ڀلي ڪٿي پريمي جوڙن تي لکي يا ڪارو ڪاريءَ تي.... ڀلا بجيٽ تي لکيل هوندو ته به اسان کي ڪهڙو اعتراض؟ جي ايس ٽي تي هجي ته به پاڻ کي ڇا؟

اڙي واهه جو ياد آيو! پلا دلشاد صاحب جو نمبر ڪيئن ملندو... دُڪان تہ سڀ بند پيا آهن هڙتال جي ڪري....!

هڙتال! وڏي ڳالهہ آهي....! عام ڪي تہ تڪليف ٿئي پر ڏهاڙيءَ تي ڪم ڪندڙ تہ مارجي ويا نہ.....! وڏا واپاري تہ گذارو ڪري سگهندا..... پر ڇڏ يار! پاڻ ڪي ڇا آهي، هر ڪو پاڻ ڇاٽي اسان جو "پڳهار" تہ پڪو آهي!" ترار پاڻ ٿي سنڀاليو. "رانگ نمبر" ۾ سندس وجود ٿي وڪري ويو هو.

● ● ●

"اڄ ڪنهن بہ صورت ڪهاڻي لکبي!" دلشاد فيصلو ڪيو....

"ڪجهہ بہ ٿي وڃي پر اڄ ڪهاڻي مڪمل ڪرڻي آهي. ترار ڪي بہ شابس هجي هتي هُتي اچيو گڏجي.... ۽ پوءِ ڪهاڻيءَ لاءِ اصرار.....!

چي: "هن مجموعي ۾ توهان جي ڪهاڻي نہ هوندي تہ مزو ئي نہ ٿيندو.... اصل پڪ ٿي ويندي تہ "مهان" ۽ "پلوڙ" ليڪڪن لکڻ ڇڏي ڏنو آهي ۽ ڪهاڻي جڻ تہ مري چڪي آهي يا وري پوين پساهن ۾ آهي....! ائين وري ڪيئن ڪهاڻي ڪي مرڻ ڏبو....؟

اسان جو فرض آهي تہ انهيءَ صنف ڪي وڌايون ويجهايون پلي ڪٽي اسين مري وڃون... شهيد تہ سڏباسون. نيڪ آهي لکون ٿا ڪهاڻي.... پر موضوع.....!

موضوعن جي پلا ڪهڙي کوٽ.... اڄڪلهہ زور آهي پريمي جوڙن جو.... پلي ڪٽي بجيٽ تي بہ لکجي نہ تہ بہ تازو موضوع تہ آهي جي ايس ٽي ۽ هڙتالين جو....!

پر ڇڏ يار....! پاڻ جو ڇا وڃي....!"

پر وقار گڏجاڻي ۽ ڪهاڻين جي مجموعي جي رونمائي سڀ مهمان توڙي ميزبان بيحد خوش نظر ٿي آيا.

تقريب جو آغاز ٿيو. ان ڪان پوءِ مجموعي جي رونمائي ٿي. مختلف مقدرن مختلف ڪهاڻين تي تنقيد ۽ تبصرو پڻ ڪيو. مختلف رايا هئا. دلشاد جي ڪهاڻيءَ تي پڻ تبصرو ڪيو ويو ۽ گهڻي حد تائين سڀني مقررن ڪهاڻيءَ کي وقتائتي ۽ خوبصورت تحرير قرار ڏنو. هر ليکڪ پڻ ڪتاب بابت اظهارِ خيال ڪيو پر دلشاد نظر نہ آيو. تقريب ختم ٿيڻ ڪان پوءِ ترار وري بہ آفيس ويو. جتي معلوم ٿيس تہ ڪنهن دوست جي فون آئي هئي. ترار ڪال بيڪ ڪئي تہ اها خبر ٻڌي سڪتي ۾ اچي ويو تہ "دلشاد کي اڄ منجهند جو پري بازار مان لنگهڻ وقت اوچتو گولي لڳي ۽ سخت زخمي ٿيڻ ڪان پوءِ آخر اسپتال ۾ دم ڏنائين." چڱي دير تائين تہ ترار ان ڪيفيت مان نڪري نہ سگهيو. پر جڏهن ايڊيٽر ضروري ڪم ڪار جي سلسلي ۾ ڪيس پاڻ وٽ گهرايو تڏهن فقط هي الفاظ سندس زبان تي آيا. "بيشڪ ڪهاڻي زنده آهي....! پر ڪهاڻيڪار مري ويو......"

"پر ڇڏ يار.... پنهنجو ڇا وڃي.... پنهنجو پڳهار پڪو....!"

●



قاسم فاني جو اصل نالو محمد قاسم آهي. هن محمد عثمان نهڙيو راڄڻ جي گهر نومبر 1947ع ۾ جنم ورتو. ايم اي اقتصاديات ۽ سنڌي ۾ ڪرڻ کان پوءِ هو هن وقت بورڊ آف انٽرميڊيئيٽ اينڊ سيڪنڊري ايجوڪيشن لطيف آباد حيدرآباد ۾ نوڪري ڪري رهيو آهي.

هن 1965ع کان لکڻ شروع ڪيو ۽ هن وقت تائين مختلف اخبارن ۽ رسالن ۾ هن جون ڪهاڻيون، شعر، مضمون شايع ٿيندا رهيا آهن. هن جا لکيل ڊراما ريڊيو پاڪستان ۽ پاڪستان ٽيليويزن تان نشر ۽ ٽيليڪاسٽ پڻ ٿيندا رهيا آهن. ان کان سواءِ هن جي هڪ سچاٽپ صداڪار ۽ اداڪار واري پڻ آهي.

# ڏراوت

## قاسم فاني

شهر کان گهڻو پري هر هنڌ ڪئين ڳوٺ آهن ڳوٺن ۾ ڪئين قسم جا خاندان، قبيلا ۽ مختلف ماڻهو رهن ٿا. انهن سيني ماڻهن جو واسطو شهر سان آهي. ڇو جو انهن مان ڪي شهر ۾ مختلف نوڪرين ۾ آهن. نوڪرين ڪرڻ وارا گهڻا ته شهرن ۾ ئي جايون مسواڙ تي وٺي ويٺا آهن. ڪي وري صبح جو وڃن ته شام يا رات جو واپس ورن. ڳوٺن ۾ ايتري رش يا گهماگهمي ڪانهي جيتري شهرن ۾ هوندي آهي. اڳ ۾ ته شهر جا ماڻهو چالاڪ هوندا هئا پر هاڻي ته ڳوٺن جا ماڻهو به ڪنهن شهريءَ کان هوشياري، چالاڪي ۽ گوءِ کڻڻ ۾ پوئتي ڪونهن. ڳوٺن ۾ رستا به سولا ڪونهن ۽ نه ئي ڪو اسڪول سهڻو انداز پيش ڪري ٿو ڇو ته جڏهن کان اسڪول ٺهيو ته اڄ تائين سنڌس مرمت ته پري رهي پر ڪڏهن پڇي به ڪا نه ٿي. ٻار بينچن کان وڌيڪ ڳوٺين ۽ پراڻن ڳوٿرن تي ويهي پنهنجا پنهنجا سبق ياد ڪندا آهن. شهرين وانگر ڳوٺاڻا ويچارا نه ته رستن جي گهر ڪن ۽ نه ئي وري گيس يا بجليءَ لاءِ سٽون ڪن. شهرين ۽ ڳوٺاڻن جي فطرت ۾ زمين ۽ آسمان جيترو فرق آهي. ڳوٺ وارن مان لاچار ڪو شاگرد ميڊيڪل يا انجنيئرنگ يا اڄڪلهه جي ضرورت موجب ڪمپيوٽر ۾ ويندو آهي. ڳوٺ وارن ڪي گهڻي ڀاڱي مئٽرڪ يا انٽر پاس ڪرڻ بعد پنهنجن پٽن ڪي يا خود مئٽرڪ يا انٽر پاس ڇوڪرا به ماستر ٽيڻ، ٽپيداريءَ ۾ وڃڻ يا وري ڪو ننڍڙو هٽ ڪڍڻ جي ڪندا آهن.

وري ٻئي پاسي شهر وارا يا ڳوٺن وارا ڪرڙ فقير جون چونڪيون ڏيندا رهندا آهن. ڪرڙ ڪي سنڌس برادريءَ وارا فقير ۽ پينار ڏاڍو ڪرڙ ڪري سڏيندا آهن. ڳوٺن وارا فقير هڻ کڻ ۽ شهر وارا وڏو پهتل شخص ڪري ليکين. ڪرڙ فقير جي عمر ذري گهٽ 77، 78 سال هڪ ٽنگ کان معذور، متي تي صرف ڪياڙي ۽ ڪنن متان وار ۽ نظر اڃا تائين جهڪي نه ٿي اٿس. آواز خرج ۾ يعني ميوزڪ جي حساب سان ٻي ڪاري تي آهي. مڇون وڏيون، ڏاڙهي وڏي ۽ اڇي شڪل ڏپ ڀ هڙي. قد ساڍا چار پنج فوٽ. ڳالهائڻ ۾ چالاڪن کان پڙ. ڳالهائڻ شروع ڪيائين ته چڻ ٽيپ رڪارڊر تي لت اچي وئي. پوءِ ڪيس ڪير ماٺ ڪرائي.

ماستر اوڀايو پنجن ڇهن سالن کان فقير جي پونگيءَ جا پنڌ ڪندو هو. سنڌس پونگي هڪ واهه جي ڪپ تي نمن ۽ ٽالين جي وڻن جي وچ ۾ هئي.

ڪرڙ فقير وٽ سدائين ماڻهن جي اچ وڃ لڳي پئي هوندي هئي. وٽس هڪڙو ڇاڙتو شمن فقير جيڪو ميڙن جي موسم ۾ بنا موڪلائي ڀڄي ويندو هو سو ماڻهن ڪي نمبروار هڪ هڪ ڪري اماڻيندو هو. جيئن حيدرآباد ۾ وڏا ڊاڪٽر ڪندا آهن. شمن فقير جنهن جي عمر 40 سال، قد جو جاٺو ۽ پنهنجي پاڻ ڪي ڪرڙ فقير جو ٻالڪو ڪري ليکيندو هو. ماستر الهه اوڀايو هڪ رٽائرڊ پرائمري ماستر هو. هو سنڌس مئٽرڪ پاس پٽ معشوق عليءَ لاءِ روزانو

ڪرڙ فقير وٽ ايندو هو. ڪرڙ فقير وٽس اچڻ واري ڪان سندس ڪيسو خالي ڪرائي وٺندو هو. ڇو ته هن وٽ اهڙا ته ٻول وچن هوندا هئا جو اڳيون سوالي ائين ڪرڻ تي مجبور ٿي ويندو هو. پر ماستر اوڀايو گهٽي گهوڙيءَ ڪان پوءِ پنج ڏهه رپيا ڪرڙ فقير کي ڏيئي ويندو هو ۽ ڪيس ڏنل درخواستن جو پڇندو هو ته ڇا ٿيو. اهو انهيءَ ڪري جو ڪرڙ فقير وٽ ننين وڏن سوالين سان زميندار، ڪمدار، ڇڳا مٺا، هاري ناري، مرد توڙي عورتون به تعويذ وٺڻ لاءِ ايندا هئا ۽ ماستر اوڀايو به ڪيس اها ڳالهه ياد ڏيارڻ لاءِ ايندو هو ته، ”منهنجي درخواست جو ڇا ٿيو؟“ ۽ اڪثر ڪري ڳوٺن وارا ماستر سان سندن مسئلا کڻي ايندا هئا ۽ پوڙهو ڪرڙ فقير پنهنجي هنرمندي ۽ چالاڪي جي ڪري تمام گهڻو مشهور ٿي ويو هو.

اڄ وري صبح ساڻ سوالين جا ميڙ اچي کٺا ٿيا آهن. شمن فقير حسبِ معمول انهن کي نمبر وار فقير سان انٽرويوءَ لاءِ ڇوي پيو. ڪجهه عورتون به آهن جن مان چار پنج شهر جون ٿيون لڳن، ڇو ته ٻاهر ٻه ڪارون به بيٺيون آهن. شمن ترماس کڻي اندر ويو ۽ چند سيڪنڊن ۾ ڪرڙ فقير ۽ شمن فقير نعرا هڻڻ شروع ڪيا.

شمن ٻاهر آيو ۽ چوڻ لڳو ته، ”فقير جي نذراني سان گڏ منهنجو به خيال ڪجو ڇو ته آئون به هڪ خدمتگار آهيان.“ اجان ٻه ٽي ماٺهو فقير وڏي سان ملي وڃڻ لڳا ته شمن عورتن کي چوڻ لڳو ته، ”امان هاڻي توهان وينديون. سڀ سٺايون ٿي وينديون. فقير جو تعويذ هر مسئلي لاءِ پڙي آهي.“

اجا شمن فقير ڳالهائي بس ڪيو هو ته اوچتو ئي اوچتو پوليس جي وردي ۾ جمعدار ستابو سندس نئين هوندا CD70 اچي روڪي گاڏي ذري گهٽ شمن کي ٽنگن ۾ لڳي ها پر شمن ڦڙتيءَ سان ميچي جمپ هٽي پاڻ بچايو. ستابو ڪلڻ لڳو ۽ چوڻ لڳو ته، ”اڙي پوڪ تون ته صفا ڪو ٻڪري آهين ٻيو.“ اسڪوٽر کي بيهارياڻين ۽ وڏي وجي هڪ زوردار مڪ شمن جي ڇاتيءَ تي هنيائين. شمن گهوڙاڙي ڪري ڪِري پيو ۽ جمعدار پاڻ وڏي رڙ ڪري اندر پونگيءَ ۾ ڪاهي پيو ۽ وڏي واڪي چوڻ لڳو ته، ”استاد ڪرڙ فقير وينو آهين نه.“ ڪرڙ فقير ستابي جمعدار کي ورديءَ ۾ ڏسي حيرت مان ڏسڻ لڳو ۽ بي ساخته چوڻ لڳو ته، ”جمعدار وڏا توکي ڪيترا پيرا چيو اٿم ته اها ڊريس پائي نه ايندو ڪر.“ ستابو ساڻس هٿ ملائيندي هٿ کي زور سان دٻائيندي چوڻ لڳو ته، ”اڙي ساهه نه وجنئي! ”اڙي اڙي اڙي...“ ڪرڙ هٿ ڇڏائيندي چيو، ”ٻيلي ستابا اهو هٿ جو مذاق ڇڱو ناهي.“ وري سياست ڪان ڪم وٺي ڪيس خوش مرحبا ڪرڻ لڳو..... ”خوش چاڪ“ اتي ستابو ڳالهه کي ڪٽيندي چوڻ لڳو ته، ”ٻيلي اڄ مون وٽ وقت ڪونهي. هڪڙي جاچ ۾ آيا هئاسين همراهن کي چيم ته توهان هلو آئون فقير وٽان گهتاري ڏيئي اچان ٿو. ڇڱو هاڻي ڇڏاءِ....“ فقير چوڻ لڳو ته، ”ڇانهه ته پيئندين نه....“ ستابو چوڻ لڳو ته، ”نه نه. پئسا ڏي ته وڃان.“ فقير چيو ته، ”صفا تڪڙو آهين ٻيو!“ ۽ جنهن ڳوڻ تي وينو هو تنهن جي هيٺان سو سو وارا نوٽ ڪڍيا ستابو نوٽ ڏسي چوڻ لڳو، ”ڪرڙ ٻوري هيٺان بينڪ کوليو وينو آهين ٻيو.“ ”هي فقط ارڙهن سو رپيا آيا آهن. هاڻي هيٺن ڪر جو نو سو تنهنجا ۽ نو سو منهنجا.“.... ستابو ڪيس تڙي ڏيندي اکيون ڪڍي وڏين ميڇن تي هٿ رکي چوڻ لڳو ته، ”اسان سان ڦٽاءِ نه... نه ته وري.... ڪٽي توکي....“ اتي ڪرڙ فقير سوچ ڪان ڪم وٺي چوڻ لڳو ته، ”ٻيلي ستابا تون مون سان ٻي

راجبي ٿو ڪرين....“ ستابو وٺائنس سڀ نوٽ ڦري ڇوڻ لڳو، ”اڙي نڳ تو کهڙي ڪوڏر هٽي هي ٻاڙها نوٽ ڪمايا آهن.“ ۽ تکڙو تکڙو ٻاهر نڪري اسڪوٽر اسٽارٽ ڪري اک ڇنڀ ۾ اکين کان اوجهل ٿي ويو ۽ شمن ڪيس نفرت وچان ڏسندو رهيو. جيڪي ماڻهو ۽ مايون ٻاهر ويٺا هئا تن مان فقط ٻه ڄڻا ويٺا رهيا ۽ ٻيا فقير جي حالت ڏسي رمندا رهيا. بيزاريءَ مان ڪرڙ فقير رڙ ڪئي، ”اڙي ڇورا نانگ ڪائينئي..... ڪو شجي تہ موڪلينس.“

ستابو جمعدار عمر جو اڌڙوٽ مٽي تي ميندي لڳل گهاٽا وار، قد ساڍا ڇهہ فٽ، هڪ ميري رنگ جي ٻاڙهي اترادي ٽوپي پاتل اٿس ۽ اڇ ٻاڙهي رنگ جي سٿڻ قميص پاتل اٿس. سندس گهران نڪري اسڪوٽر اسٽارٽ ڪري ڪافي پري نڪري ويو مڃاڻ پري ڪان ماسٽر اوپايو آيو پئي. سڌو اسڪوٽر وڃي ماسٽر وٽ روڪيائين. ماسٽر ڪيس ڏسي هٽ ٻڌي بيهي رهيو. ستابي خوش مرحبا بعد چيس تہ، ”ماسٽر ڪيڏانهن پنڌ پيو آهين؟ ڪرڙ فقير....“ ماسٽر جلديءَ ۾ چيو تہ، ”نہ نہ جمعدار وڏا ڪرڙ فقير رڳي ڏنا تو ڏئي. آئون اڄ وڏيري ڏٽي بخش ڏانهن ٿو وڃان ڇوڪري جي نوڪريءَ لاءِ....“

ستابو کلي ڇوڻ لڳس... ”هون وڏيرو ڏٽي بخش پناهہ.... ڇگو ٻيڙي تہ پيار.“ ماسٽر ڪيس ٻيڙي ماچيس سوڌي ڏني ۽ ستابو ٻيڙي دکائي ماچيس ماسٽر کي واپس ڪري ڇوڻ لڳس تہ، ”وڏيري جو ڳوٺ ڪافي پري آهي هلي آ تہ آئون وٺي هلانءِ ويهہ ويهہ....“ پر ماسٽر لهرائيندي چيس تہ، ”تون هل مون کي هيڏانهن ٿورو ڪم آهي.... تون هل....“ ۽ هو اسڪوٽر اسٽارٽ ڪري رمندو رهيو.

● ● ●

انگريزي ڪئلينڊر مطابق گرمي يا شديد گرمي فقط جون جي مهيني ۾ ٿيندي آهي پر هتي تہ اٺهيئي گرمي. اسڪولي ڪتابن ۾ سيارو، آرهڙ، سرءُ ۽ بهار لکيل آهن پر اڄ ڪلهہ سڀ موسمون لڏي ويون آهن ۽ آرهڙ هميشہ جي لاءِ رهجي ويو آهي. شهر حيدرآباد کي اڳي تہ هل اسٽيشن چوندا هئا ڇو تہ اهو ٽڪريءَ تي آهي. پر هاڻي تہ هتي سدائين گرمي هوندي آهي ۽ هر هڪ ايئرڪنڊيشنر جون سڌون ڪندو آهي. شهر حيدرآباد جي هڪڙي سوڙهي گهٽي ۾ هڪڙي پاسي ٻہ فقير هڪڙو عيدن فقير جيڪو پنجونجاهہ کن ورهين جو هوندو فقيرن وارا ڪپڙا، ٽڪن واري ٽوپي، هڪ پراڻو ڪشتو جنهن کي جست جون پٽيون لڳل آهن هڪ ميري ڳوڻ تي ويٺو آهي. سندس پر ۾ وري هڪڙو نوجوان ڪنڌو فقير ميرن ۽ ڦاٽل ڪپڙن ۾ هٿ ۾ هڪڙو جست جو وڏو وٽو ڪنيو ويٺو آهي. ٻئي صدائون پيا هڻن، ”آ صبح جا سائين ٻيڙا ٻنين لائين، آ امڙ بابا فقيرن کي خيرات ملي، جي جي امان.“ پري کان ٻہ عورتون اچن پيون. ڪپڙن ۽ پرسن مان محسوس ٿو ٿئي تہ وڏي خاندان جون آهن. انهن کي ڏسي عيدن تکڙ ۾ چندڪري وڏيون رڙيون ڪرڻ لڳو. ”امان جي جي او امان....“ ننڍو فقير وڏي کان پڇڻ لڳو، ”استاد پنجاهہ رپيا گهران“ اتي وڏي فقير ڪاوڙ مان چيو تہ، ”نہ نہ ڇورا تکڙ نہ ڪر... ترس.... ترس....“ ايتري ۾ ٻئي خواتين ويجهو اچن ٿيون. عيدن فقير فل اداڪاري ڪندي چوي ٿو تہ، ”جي جي امان ڏٽي جي نانوَ تي پنج سو رپين جو سوال آهي.“ ڪنڌو ٻہ بناوٽي صدائون هڻندو رهي ٿو. انهن عورتن مان هڪ پٽوڻءَ مان ڏهين جو نوٽ ڪڍي فقير ڏانهن هٿ وڌائي ٿي پر نوٽ هن کي نٿي ڏئي. ”امان ڏهن رپين مان تہ هڪ پليٽ ٻوڙ جي ٻہ نٿي

ڪاوڙ مان ڏسندي چوڻ لڳو، ”اڄ وري پٺهين مري ويو اٿئي ڇا جو پار ڪڍيو پئي روئين!“ سپاڳي منهن مٺو پٽيندي چويس ٿي ته، ”مرڻ وارا ويا مري پر مون کي تو هڇا سان ٻڌي ويا انهي ڪان ته سنو ٿئي ها جو ڇمڻ سان ئي کهنو ڏيئي ماري ڇڏين ها....“

...”ڇڳو ڇڳو هاٿي اها اداڪاري ڇڏ ته ڪتي هٽي ڊڙي نه رڪانءِ.“

اڃان هنن جو جهيڙو هليو پئي ته پريان سندن پٽ ڪنبو رڙيون ڪندو اچي ٿو سندس ڪپڙا ڦاٽل، هٿ ۾ اهو ساڳيو جست جو وٽو ۽ هڙ به اٿس، ”امان امان.“ فقيرياڻي چويس ٿي، ”جي پٽ“ ”مونکي ڏاڏي ڪرڙ ڏاڍو ماريو آهي ۽ ڪم نه ڪرڻ تان ستابي جمعدار ڪان به پادر هٽايائين.“ ڪنبو روئڻ لڳي ٿو. اتي پٽس عيدن چويس ٿو، ”اڙي ڇورا جيستائين پادر نه ڪائيندين ته نود ڪيئن ٿيندين ۽ پوءِ پرايون مانيون ڪيئن ڪائيندين. ڏاڏو ڪرڙ وڏو ظالم ماڻهو آهي. ابي مرحيات منهنجي ٻاڻهن به هن جي حوالي ڪئي هئي ۽ مڪمل ڇوٽ ڏني هئائينس ته چوويهه ڪلاڪ ڪٽيندو رهي. ڪنبو ٿو ٻڌي، هڪڙي ڀيري ته سندس لوهه جي ڪڙن واري لٺ هٽي ٽنگ ڀڃي ڇڏي هئائين. ٻه مهينا راتين جا سرڪاري سول اسپتال ۾ ٽڪيو پيو هوس ۽ وري چند ڪري ڇهه مهينا راتين جا ستار ايڊيءَ واري اسپتال ۾ هوس ۽ پورا ٻارنهن تيرهن مهينا مڪر ڪري منڊڪائي هلندو هوس. اها ٽريننگ آهي جيڪا تون پيو ڪرين. ڪنهن اسڪول يا ڪاليج ۾ پڙهين ها ته هينئر ڪلارڪي يا ٽپيداريءَ لاءِ سٽن ۾ هجين ها. اهو تنهنجو امتحان آهي.“ پٽس چوي ٿو. ڪنبو پٽس کي ڏسندي چوي ٿو، ”بابا اهڙو سون ئي گهوريو جو ڪن ڇني، امتحان موچڙن جو...“

ماڻس سپاڳي ڪاوڙ مان مڙسهنس عيدن کي ڏسندي چوڻ لڳي، ”اڄ ڪان پوءِ ڪنبو ڏاڏي ڪرڙ وٽ ڪونه ويندو. ڇورا ويهي رهه، مٺو منبو قبر مٿان وينو آهي ۽.... ۽ ها عيدو ڪن ڪولي ٻڌي ڇڏ هل ته هلي ڏاڏي ڪرڙ کي ست سريون ٻڌائي اچون.“

”تون به هن نپاڳي جي چوڻ تي لڳي آهين. ڪوڙو ڪوڙي جو پٽ آهي. اڙي ڇورا انهي سٽيي هڙ ۾ ڇا آهي. مال مليدا تا لڳن، ڪولينس ته ڪائون.“ ڪنبو اها هڙ ماڻس کي ڏئي ٿو. سپاڳي هڙ ڳولي ڏسي خوش ٿئي ٿي، ”شابي شابي.... هي شيرو، هي حلوو، هي اڦراٽا ۽ شير مال، هي زردو، واهه واهه اڄي هي پٺهين کي به ڏي. تن ڏينهن کان لنگهڻ تي آهي.“ ڪنبو جست جو وٽو واپس وٺندي چوي ٿو، ”نه نه امان، بابا کي ڪو نه ڏيندس.“

”ابا ڪنبا آخر تنهنجو پيءُ آهي.“ ماڻس چوي ٿي.

● ● ●

شمن هڪ گڏهه تي سوار آهي ۽ هر هڪ ڳوٺ ۾ گهمندو رهي ٿو. شمن اعلان ڪندي فقيرن کي اهو ٻڌائي رهيو هو ته، ”وڏيري ڏتي بخش جي ڳوٺ ۾ خيرات آهي. تنهن ۾ سڀ فقير هلن اهو اعلان ڏاڏي ڪرڙ جو آهي ته سڀ ٽولن جي شڪل ۾ وڏيري جي ڳوٺ ۾ خميس جي ڏينهن پهچي وڃن.“

شمن سڀ ڳوٺ پيلي پيلي عيدن جي جهوپڙيءَ تي به آيو. انهن کي ڏاڏي ڪرڙ لاءِ چيائين. اتي سپاڳي ڪاوڙ مان شمن کان پڇڻ لڳي ته ”ڏاڏو ڪرڙ ڇتو ٿيو آهي ڇا؟ ڇا جي لاءِ ڪندي کي تو ماري. اسان هن کي سڌرڻ لاءِ ڇڏيو هو يا موچڙن ڪائڻ لاءِ.“ شمن پير ۾ پيل

دلي مان پاڻيءَ جو وٽو پري پيئندي چويس ٿو، "بابا فقيرياڻي جيڪي چاريندا سي واريندا بہ. هي تو وارو ناطالع ڇورو تاڏل پي ستو پيو هوڏنو هو. اجهو عيدن بہ اچي ويو. ادا عيدن ڏاڏي ڪرڙ چيو آهي تہ توهان وٽس اچجو تہ ڪا گاڏي ڪري اوڏهين هلبو. آئون وري سندس پونگي سنياليندس."

● ● ●

وڏيري ڏٽي بخش جو ڳوٺ قلن پراڻن جي پر ۾ درياءَ جي ڪپ تي آهي. هن ۾ هڪ هزار جي لڳ ڀڳ گهر ٿيندا. وڏيو ڏٽي بخش هڪ مالوند ۽ تمام اشراف ماڻهو آهي. هو ٻہ پيرا حج ڪري آيو آهي. عمر 60 سال کن ٿيندس قد بت ۾ پريل، ڳوٺ واڄ ۾ سندس گهڻي عزت آهي ۽ هڪ معتبر جي حيثيت رکي ٿو. سندس نالو ڏاڏس جي نالي تي آهي. اهو مرحوم بہ هڪ نيڪ ۽ خدا ترس ماڻهو هو. جنهن کي اڄ بہ سندس ڳوٺ وارا ياد ڪن ٿا. ڏاڏي ڪرڙ فقير جي چوڻ تي فقيرن جا هشام هڪ ڏينهن اڳ ۾ ئي هتي پهچي چڪا آهن.

اڄ خميس جو ڏينهن آهي ۽ وڏيري جي ڳوٺ ۾ ذات فقير موجود آهي. ڪرڙ فقير هلڻ کان هلاڪ آهي پر سندس ڳوٺ کان هڪ سوزوڪيءَ ۾ پاڻ، ڪنبو، سپاڳي، عيدن ۽ اٺ ڏهہ فقير ۽ فقيرياڻيون صبح ساڻ نڪتا آهن ۽ خيرات تي اچن ٿا. سپاڳي ڪرڙ کي چوي ٿي، "تون مرڻ ڪنديءَ تي ويٺو آهين پر پوءِ بہ پاڻ ڪٺائي هتي پهتو آهين." "اي ها ها هاڻي جهڳي نہ هڻ تہ ڪٿي...." ڪرڙ فقير تڙي ڏيندي چويس ٿو. عيدن کان رهيو ڪو نہ ٿيو، "اي ڏاڏا ڪرڙ تون ڪو تونگر ڪو نہ آهين جو وهلور پيو وڃين."

۽ پوءِ فقيرن ۾ رڙيون پئجي ويون تہ، "وارو ڪريو جلدي هلو." عيدن ۽ سپاڳي اڳتي وڌيا. ڪرڙ ڪنبي سان گڏ ڪنبي جي ڪلهي تي هٿ رکي هلڻ لڳو. ڪنبو اڳ ۾ ئي بيزار هو سو چوڻ لڳس تہ، "ڏاڏا ڪرڙ تون هتي ترس تہ آئون خيرات وٺي ٿو اچان." ڪرڙ فقير ڏنبو اولاريندي ڇوري کي چوي ٿو تہ، "نياڳا جهڙو پٺهين تهڙو تون.... مون کي وڏيري ڏٽي بخش جي اوطاق تي وٺي هل.... مون کي ڏسندو تہ خوش ٿيندو." ڪنبو نفرت مان ڪرڙ ڏانهن ڏسندي چويس ٿو، "اي ڏاڏا ڪرڙ جو اچي بڇڙو ٿيو آهين. وڏيرو تنهنجي ڦڪيءَ جو پٽ ڪونهي جو توکي ڏسي ٺرندو. هتي تہ فقيرن جا هشام آهن...." اتي ڪاوڙ مان ڪرڙ سندس لٺ سان ڪنبي کي مارڻ شروع ڪري ٿو ڏي ۽ ڪنبو رڙيون ڪرڻ لڳي ٿو، "گهرڙاڙي مري ويس....."

اوچتو ئي اوچتو فقيرن ڊوڙڻ شروع ڪيو ۽ چوندا رهيا، "ڀڄو ڀڄو فائرنگ پئي ٿئي." برابر فائرنگ جا آواز بہ ويجها اچڻ لڳا. اڳي ست اٺ ڄڻا جن کي منهن تي ڇنڊبون پڌل هيون، انهن جي پويان پوليس ۽ انهن جي پويان ڳوٺ جا ماڻهو.... "وٺو وٺو.... ڌاڙيل آهن. چور آهن.... وارو ڪريو وٺو وٺو.... پڪڙيو...." پوليس وارا برابر فائرنگ ڪندا انهن جي پويان ڊوڙندا ٿا وڃن ۽ ماڻهو بہ....

ڌاڙيلن، پوليس ۽ ڳوٺاڻن جي رستي ۾ جيڪو بہ آيو ٿي تنهن کي لتاڙيندا ويا ۽ جيڪو پيرن هيٺان آيو تنهن دانهون ڪيون پئي ڊپ مان، "اڙي گهوڙا ڙي... بچايو بچايو" سپاڳي رڙيون ڪرڻ لڳي، عيدن کي تہ ڌاڙيلن سميت سڄو ڳوٺ لتاڙي ويو..... "هان هان. هان.... اڙي مري ويس.... ڀڄو ڀڄو... اڙي گهوڙا ڙي...."

ڏاڏو ڪرڙ هڪڙي هٿ وجهه وني لڪي ويو ۽ ڊپ مان چوڻ لڳو. "مري ويس اڙي هتي ڇو آيس!!"

عيدن جتي پيو هو ان جي پر ۾ هڪڙي هڙ بہ پئي هئي. شايد پڇڻ وارا.... ڊوڙندي ڊوڙندي ڪِرائي ويا هئا.

"اڙي گهوڙا ڙي هي ڇا هو.... شايد ڏاڏو ڪرڙ مارجي ويو.... هان.... منهنجي ٻانهن ڪي ڇا ٿيو؟ اڙي هي تہ منهنجي ٻانهن بہ ٻچي ويا.... هي سڀ ويا ڪيڏانهن.... سياڳي.... ڪنبو پر پر هيءَ هڙ.... هان.... سڀ ويا هليا.... ڳري آهي، شايد..... لوهہ.... يا....."

عيدن هڪڙي پاسي ڪري وجي اها هڙ کولي. "هان.... هان.... اڙي سون ئي سون، ۽ هي نوٽ ئي نوٽ، هان.... متان سڀ اچي نہ وجن. هن هڙ کي هٿيڪو ڪريان.... سامهون ڪپڙن ۾ لڪائي ڇڏيان." عيدن تمام گهڻو خوش ٿئي ٿو. وري پاڻمرادو چوي ٿو. "پانيان ٿو تہ مائٽن جون دعائون اڄ لڳيون اٿم."

اها هڙ عيدن ڪپڙن جي وچ ۾ ڪڏ ڪٽي لڪائي ڇڏي ٿو ۽ پاڻ ٻاهر اچي ٿو. سندس هٿ ۽ ڪپڙا مٽيءَ ۾ لت پت آهن. هو ذري گهٽ هوش وڃائي وينو آهي. اجان ڪپڙن مان ٻاهر آيو تہ اسڪوٽر تي جمعدار ستابو آيو پئي. ستابو هن کي ڏسي اسڪوٽر کي بريڪ هڻي بيهي رهيو.

"اي عيدو فقير تون اتي.... هي ڪپڙن ۽ هٿن تي مٽيءَ جا مڻ لڳا پيا اٿئي ۽ مون کي ڏسي شڪل ئي مٽجي ويئي اٿئي؟ خير تہ آهي؟" عيدن بهانا ڪرڻ لڳي ٿو.

"سائين اصل تہ غريب پينار فقير آهيون نہ سو...."

"نہ نہ ڳالهہ ڪا ٻي آهي... لڪاءِ نہ، لڪاءِ نہ.... هتي ڳوٺ ۾ ڇو آيو هئين. خبر ڪا نہ اٿئي تہ هتي ڌاڙو لڳو آهي؟؟"

گهبراهٽ وچان عيدن هٿ ٻڌي چوڻ لڳيس ٿو، "جمعدار صاحب اسين غريب آهيون اسان کي ڪهڙي خبر.... آئون تہ پنڻ آيو هوس." پر چالاڪ جمعدار ستابي کي اجا تسلي ڪا نہ ٿي ٿئي. وري تڙي ڏيندي چويس ٿو، "ڪا ڳالهہ ضرور آهي.... ڊڄ نہ. آئون توکي ڪان ڪو نہ ٿو." عيدن وري ڳالهہ مٽائي چويس ٿو تہ "سائين هتي ڏندڻ پنڻ ويو هوس."

"ڪوڙا ڪوڙي جا پٽ.... ڏندڻ پنڻ ويو هئين تہ هٿ تہ خالي اٿئي.... هين ڇنڊا ڪنهن جاءِ جا...."

اهو چئي جمعدار ستابو اسڪوٽر اسٽارٽ ڪري رمندو رهي ٿو ۽ عيدن سوچيندو اڳيان وڌي ٿو.

● ● ●

ستابو جمعدار ٿاڻي ۾ شمن فقير کان پڇا ڪري پيو. ستابو رعبدار آواز ۾ شمن کي ڏاڍيون ڌمڪيون ڏئي ٿو ۽ موچڙا هڻي ٿو پر شمن جي اهائي وائي تہ، ڪيس ڪا بہ خبر ناهي.

ستابو انهيءَ ڳالهہ تي ضد ڪيو بيٺو آهي تہ وڏيري جي چوري ڪنهن ڪئي آهي. اهي ڪير آهن يا ڪٿي آهن؟ ستابو ڪيس اسڪوٽر تي وهاري ڪرڙ فقير وٽ وٺي وڃي ٿو. پر شمن ڪرڙ جي آڏو روئي چوي ٿو تہ هو ميڙا گهمڻ ويو هو. وڏيري جي ڳوٺ ۾ خيرات لاءِ بہ ڪو نہ ويو هو. ڪرڙ فقير شمن کي انهيءَ شرط تي ستابي کان آزاد ڪرائي ٿو تہ هن کي انهي ڌاڙي جي باري ۾ ڪا بہ خبر هوندي تہ ستابي کي ضرور ٻڌائيندو. ستابو خراب موڊ ۾ اسڪوٽر اسٽارٽ ڪري هليو وڃي ٿو.

ڪرڙ فقير شمن کي چوي ٿو ته، ”ڪا به ڪڙڪ هجيئي ته ستابي کي نه ٻڌائجانءِ پر مون کي ضرور ٻڌائج.“

● ● ●

رات جو ڪتن جو ڀونڪڻ ۽ تڏين ۾ ڏيڏرن جا آواز هڪڙوعجيب ماحول پيدا ڪن پيا هوڏانهن رات جا پوڻا چار يا چار ٿيا هوندا ته عيدن سندس ڀونگيءَ جي ٻاهران هڪ کٽولي تي ستو پيو آهي ۽ ننڊ ۾ ورڙي پيو. ”نه نه..... مون کي انهن زيورن جي، ڏاڙي جي ڪا به خبر ناهي.... مون کي نه مار ستابا. مون کي نه مار.“

پر ۾ فقيرياڻي سياڳي به زمين تي ستل آهي. اها عيدن جون رڙيون ٻڌي اٿي ويهي ٿي رهي ۽ عيدن کي ٻانهن کان ڌونڌاڙي چوي ٿي، ”آ ڪنڊي جا پيءُ.... آ عيدن.... هي کهڙي پيو بکواس ڪرين.“

عيدن ڇرڪ ڀري ننڊ مان اٿي ٿو، ”هان هان.... ستابو ڪٿي آهي.“

”آ مئا شل ڪوراڙ بلا تي پير اچيئي ستابو ڪٿان آيو.“

عيدن سندس گهر واري کي تريون هڻي تکڙو تکڙو ٻاهر نڪري وڃي ٿو. سياڳي پڻس ڪنڊي کي پٽي اٿاري ٿي. ”آ ڪنڊا او ڇورا.“

ڪنڊو ڏپ مان ڇرڪ ڀري اٿي ٿو. ”ڇا آهي امان“

”آ مئا پٺهين رڙيون ڪري ٻاهر نڪري ويو آهي ڏس ته ڪيڏانهن ويو؟“

ڇورو ڏپ مان اوٻاسيون ڏيندي چوي ٿو ته، ”امان آئون ڏجان ٿو.“

عيدن رات جي اونداهه ۾ انهن ڪپڙن ۾ وڃي ٿو هٿوراڙيون هڻي پر ڪيس اها پيٽي نظر ئي نٿي اچي. دل ۾ چوي ٿو ته پلي سچ اپري ۽ پوءِ فجر ويل ڪجهه روشني ٿئي ٿي ته هو اها هڻ اتان ڪيي هٿي پاسي ڪڏ ڪٽي لڪائي ڇڏي ٿو.

● ● ●

”ڪرڙ فقير مون تنهنجي تمام گهڻي هاڪ ٻڌي آهي. هاڻي پنهنجو حساب لڳائي اهو ٻڌاءِ ته اها چوري ڪرڻ وارا ڪير آهن، ۽ ڪٿي آهن.“

ڪرڙ فقير وڏيري ڏاٽي بخش جي مجبوري مان فائدو وٺندي ٿڌا ساهه ڀري ڏارو هڻي ٿو، ”هان... هي ڇا.... واهه جو ڪپ، درياءَ جو ڪنارو..... ۽.... وڏيرا ڏاٽي بخش خبر ٻڌي اٿيئي وڏا ڪشالا ڪڍڻا پوندا.... چوريءَ جو مال وڏن شاهينگن جي ور چڙهي ويو اٿئي!“

وڏيرو تکڙ مان چويس ٿو، ”اهي آهن ڪير؟“

”سائين رقم خرچ ٿيندي. ڏاڍو ڏکيو ڪم آهي.“

وڏيرو کيسي مان هڪ هزار جو نوٽ ڪڍي ڪرڙ فقير کي ڏئي ٿو.

”خبر ٻڌي اٿيئي وڏيرا اهو ڪم پوپو بچايو ڪندو.“

”هان پوپو بچايو.“

”ها.... تنهنجا ٻچا بچن.“

وڏيرو چويس ٿو، ”اهو همراهه ڪٿي هوندو؟“

”وڏا ڪشالا ڪڍڻا آهن.“ فقير چوي ٿو. ”اڙي پر بابا اهو همراهه ڪٿي هوندو.“ وڏيرو وچ ۾ ٽوڪيندي چويس ٿو.

”همراهہ نہ پر پوپو چو. اهو ڏينهن جو ڏونگرن ۾ ۽ رات جو پنڌ ڪندو آهي.“
”هان ڏينهن جو ڏونگرن ۾ ۽ رات جو پنڌ ۾. ڪري ڇا ٿو. اي ڳجهارتون پيو ڏين ڇا؟“
”ڳجهارت جي ڪا جاءِ آهي؟ ڏکيو ڪم آهي.“ وڏيرو پيو بہ هزار وارو نوٽ ڪڍي فقير کي ڏئي ٿو.
”هاڻي ڪم جي پارت اٿيئي بيڙا پار!“
”نہ نہ سائين ائين بيڙا پار ڪو نہ ٿيندا. ڇڏاءِ ڇڏاءِ ڪيسو ڍرو ڪر.... ڏاڍو ڏکيو ڪم آهي وڏيرا.“
وڏيرو وري پاسي واري ڪيسي ۾ هٿ وجهي ٽي نوٽ هزار هزار وارا ڏئيس ٿو. فقير اهي نوٽ وٺي چويس ٿو، ”ٽوٽل رقم ويهہ هزار رپيا لڳندي.“
”ڪو بہ الڪو نہ ڪر. توکي ويهن جي جاءِ تي پنجويهہ ملندا.“ اهو چئي وڏيرو هليو وڃي ٿو.
هوڏانهن وري عيدن فقير رات جو ساڍي ٽين ڇئين بجي پنهنجي پونگيءَ مان نڪري ساڳين ڪبڙن ۾ اچي ٿو. هڙ جي تسلي ڪري وري واپس وڃي ٿو.
● ● ●
روز روز جي اها حالت ڏسي فقيرياڻي سپاڳي ڪرڙ فقير وٽ اچي روئي ٿي، ”ڏاڏا ڪرڙ اسان جو ٿوڪان سواءِ ڪير آهي.... عيدن چريو ٿي پيو آهي. سڄي رات غائب ٿو رهي. تون مهرباني ڪري ڪنهن کي چئہ تہ ڪيس حيدرآباد واري گاوبندر ۾ چرين جي اسپتال ۾ ڇڏي اچي.“
ڪرڙ فقيرسندس ڳالهہ ٻڌي چويس ٿو، ”هو آهي ڪٿي؟“
”چوان تہ پيئي تہ ڏينهن رات گم آهي.“ سپاڳي چوي ٿي.
”ڀلا هو ڇورو ڪندو ڪٿي آهي؟“
”اهو ڪيس ڳولڻ ۾ دربدر آهي. ڏاڏا ڪرڙ منهنجو تہ گهر ويران ٿي ويو.“ هو روئڻ ٿي لڳي.
● ● ●
ستابو ڪرڙ وٽ اچي ٿو. ڪرڙ ڪيس سپاڳيءَ جي اچڻ جو ٻڌائي ٿو. ستابو چويس ٿو تہ ”عيدن وڏو نياڳو آهين.“ مون شمن کي بہ ٻڌيو آهي. پر آهي اهو بہ چنبو.“
عيدن جو روز جو اهو ئي معمول هو. هن پنڻ بہ ڇڏي ڏنو هو. ڏاڙهي وڌيل، وار پريشان، هڪڙي ڏينهن سپاڳيءَ کي موچڙا هنيائين ڇئيس، ”هاڻي اسين بلڪل ڪونہ پنداسين. بلڪہ وڏا ماڻهو ٿي وينداسين.“
سپاڳي خار مان ڪيس ڏک هٽندي چوي ٿي تہ. ”ڪهڙو تنهنجو پيءُ يا ڏاڏو ڏراوت ڇڏي ويو آهي. آئون چوانءِ ٿي عيدن تہ ڪڻ ڪشتو ۽ بگري وڃي پني اچ نہ تہ آئون وڃان ٿي ڏاڏي ڪرڙ وٽ... تون چريو ٿي پيو آهين. وڏا ماڻهو ڪٿان ٿينداسين. ڪو ڏاڙو هٽندين ڇا؟؟“
”ڏاڏي ڪرڙ کان ڏچان ڪو نہ ٿو هو وڏو ننگ آهي. ماڻهن کي ابتيون سبتيون ڳالهيون ٻڌائي، پئسا ٿو ڇڪي. آئون ڪو پٽس جي ڪڙئي تي ڪو نہ وينو آهيان.“ اهو چئي عيدن ڪاوڙ مان ٻاهر نڪري وڃي ٿو.
● ● ●
عيدن سڌو انهن ڪبڙن جو رخ ڪري ٿو، جن ۾ هڙ پوريل هئي. هو سوچي ٿو تہ اڄ هڙ ڪڍي وڃي فقيرياڻيءَ کي ڏيان ٿو. پوءِ اسان جا سڻا ڏينهن اچي ويندا. ڪبڙن ۾ ڪهڙي وڃي اها جاءِ

ڏسي ٿو جتي هن هڙ لڪائي هئي. پر اتي اڳ ۾ ئي کڏ کنيل هئي ۽ ڪيس ڪٿي به اها هڙ نٿي ملي. عيدن آهستي آهستي سڏڪا ڀري روئڻ لڳو. "هاءِ هاءِ منهنجي ٻيڙي ٻوڙي ويا...."

ٻاهر نڪري هيڏانهن هوڏانهن ڏسي ٿو. پريان جمعدار ستابو پنڌ پيو اچي. عيدن ستابي ڪي دانهن ڏيندي چوي ٿو، "سائين اها چوري ٿيل هڙ شمن فقير چورائي آهي." اڃان هو اهي ڳالهيون ڪن پيا ته شمن به سامهون ڪان اچي ٿو. جمعدار ستابو ڪيس ڏسي تڙيءَ مان چوي ٿو، "هيڏانهن اچ، اها هڙ ڪٿي آهي؟"

شمن ڏاڍي عاجزي مان ڪيس چوي ٿو ته، "مون کي ڪا به خبر نه آهي." پر سندس ٻُڇيءَ ۾ ٻڌل رومال ڪي ڏسي عيدن شڪ مان ڪيس ڪٿي ٻُڇيءَ کان وٺي ٿو، "چوريءَ جو اهو مال هن رومال ۾ ٻڌل هو." ستابو شمن کي ڇڏائي پاڻ ٻُڇيءَ مان جهلي ٿو، "مال ڪڍ ٻاهر.... نه ته اهو ڪم ڪندوسانءِ جيڪو جت پٽڻ تي اٺ سان ڪندا آهن. اهڙا موچڙا هڻندوسانءِ جو...."

شمن ڪائنس زوريءَ ٻُڇي آزاد ڪرائيندي چوي ٿو ته، "اڙي ٻئي ڇتا ٿيا آهيو ڇا، ڏاڍو ڪرڙ ڪلهه رات ڪان وٺي سندس پونگيءَ مان غائب آهي. هي رومال اتي پيو هو جيڪو مون ڪٿي ٻُڇيءَ ۾ ٻڌو آهي."

"پوءِ دير ڇا جي آهي هلو هلو...." عيدن، جمعدار ستابو ۽ شمن تڪڙا تڪڙا ڪرڙ فقير ڏانهن وڃن ٿا. اڳيان وڏيرو ڏٽي بخش به هلين ٿو ان کي ستابو سڄو احوال ٻڌائي ٿو، "تنهنجي چوري ڪرڙ فقير ڪئي آهي."

"هان ڪرڙ فقير، هلو اچ ٻڇيو ته نئون ڇائو."

هو اڳيان وڌن ٿا ته ڪين رستي تي سپاهي ۽ ڪنبو به ملن ٿا. اڳيان وڌن ٿا ته ماستر اوپايو ملين ٿو ۽ وڏيري کي فقيرن سان گڏ ڏسي چوي ٿو، "وڏيرا تون فقيرن سان گڏ.... خير ته آهي."

"ماستر هلي آ... هلي آ، منهنجي چوري ڪرڙ فقير ڪئي آهي." وڏيرو ڏٽي بخش ماستر کي چوي ٿو. ماستر وچ ۾ ڳالهائيندي چويس ٿو ته، "اڙي واهه جي ڳالهه ٻڌائي اٿوَ ٻيو، مون ڪرڙ فقير کي ڪلاڪ ڪن اڳ ۾ پتڻ ڏانهن درياءَ جي طرف ويندي ڏٺو هو."

هو اڳتي وڌن ٿا ته ڪين هڪڙي سوزوڪي ملي ٿي جمعدار ستابو سوزوڪي کي روڪي ٿو، "هلو هلو هن ۾ ويهو.... بابا درياءَ جي پتڻ تي هل جلدي ڪر." ويهن پنجويهن منٽن ۾ سڀ پتڻ تي درياءَ وٽ پهچن ٿا. اتي ڪين ٻيڙي هلائڻ وارو پوڙهو مهاڻو ملي ٿو جيڪو ٻڌائين ٿو ته هڪڙو منٻو فقير زبردستي ٻيڙي ڪاهي ويو آهي. هن کي ٻيڙي هلائڻ به نٿي اچي هڪڙي هڙ به هئس. هو اشارو ڪري هنن سيني کي ڏيکاري ٿو. وڏيرو، جمعدار ستابي کي چوي ٿو ته، "جمعدار اچ ڦيهه ڪيجانس متان پئسا وٺي ڇڏي ڏينس." جمعدار ستابو ڪاوڙ ۾ اچي فائرنگ ٿو ڪري. "او ڪرڙ فقير واپس اچ نه ته مان فائر ٿو ڪريان."

"آ ڏاڍا ڪرڙ ٻيڙي ٻڏيئي واپس اچ.... واپس اچ." سپاهي رڙيون ڪري چويس ٿي.

ٻيڙي وارو مهاڻو هنن کي ٻڌائي ٿو ته، ٻيڙي جو هڪڙو تختو به ڍڳل آهي ڪٿي ٻڏي نه مري.

جمعدار ستابو وري فائر ڪري ڪرڙ فقير کي چوي ٿو، "ڪرڙ موٽي اچ.... ڪرڙ فقير.... واپس اچ."

ڪرڙ فقير وچ سير ۾ ٻيڙي مان وڏي آواز ۾ چوي ٿو، "نه نه.... آئون واپس ڪو نه ايندس. هي زيور، هي رپيا، هي نوٽ، هي سون، منهنجو آهي. هاڻي آئون لڪاپتي ٿي ويس."

ڪناري تي بيٺل سڀ رڙيون ٻيا ڪن.

ٻيڙيءَ ۾ آهستي آهستي پاڻي ڀرجي ٿو ۽ اتي درياءَ مان ڪرڙ رڙيون ڪري ٿو، ”بچايو، بچايو.... ٻيڙي ٻڏي ٿي.... مون کي بچايو.... بچايو.“

آخر ٻيڙي ٻڏي وڃي ٿي ۽ سڀ مجبوريءَ ۾ ڏسندا رهن ٿا.

●



رجب آزاد سولنگي 15 سيپٽمبر 1961ع ۾ جنم ورتو. هن لکڻ جي شروعات 1989ع کان ڪئي ۽ هن وقت تائين مسلسل لکندو رهيو آهي. هن جون لکڻيون مختلف اخبارن ۽ رسالن ۾ وقتن بہ وقتن شايع ٿينديون رهن ٿيون. هن جي مزاحيہ شاعري جا ڪتاب ”رانيوٽا“ ۽ ”ڏمچر“ جڏهن تہ کهاڻين جو ڪتاب ”ڪارو چشمو“ شايع ٿي چڪا آهن.

هو پيشي جي لحاظ کان استاد آهي ۽ دادو ۾ رهائش پذير آهي.

ڊاڪٽريءَ جي سيٽ پڪي، پر اوهان کي اي بي سي ٿي نه اچي ۽ اوهان جي جوابي ڪاپيءَ تي پنجن ماڻهن جا اکر هجن. ڪو به فرق نه پوندو رزلٽ هر حالت ۾ اِي ون.

● ● ●

اهي اٺ ٿي پهر خدن جي ماءُ لاءِ ڏاڍا ڏکيا گذريا، ان آس ۾ ته سڀاڻي هن جو انٽرويو آهي ۽ سڄي رات ڏٺيءَ کي پئي ٻاڏايائين خدن جي نوڪريءَ لاءِ. خبر ناهي ته ڪيڏيءَ مهل اک لڳي ويس. سجاڳ ٿي ته فجر جي آذان اچي رهي هئي ۽ هوءَ نماز جي تياري ڪرڻ لڳي. نماز ۽ دور مان فارغ ٿي خدن مٿان آئي ۽ کيس اٿارڻ لڳي.

"ابا خدن! اٿ پٽ دير نه ڪر."

"چڱو امان سمهڻ ڏي نه." خدن آرس ڀڃندي چيو.

"ابا انٽرلو تي نه اٿئي وڃڻو ڇا؟"

"ها امان!" هن ٽپ ڏئي اٿندي چيو.

وهنجي سهنجي تيار ٿي ناشتو ڪري ماءُ جي پيرن تي هٿ رکي فائيل ڪڇ ۾ ڪري ٿو. انٽرويو لاءِ. هو سوچيندو سوچيندو انٽرويو واري آفيس ۾ پهچي ٿو. هيءَ فيملي پلاننگ جي آفيس آهي ۽ هو ميل هيلٿ ورڪر جي نوڪريءَ لاءِ انٽرويو ڏيڻ آيو آهي. جايون ڪل ويهه آهن ۽ اميدوارن جي ڊگهي قطار. قطار کي ڏسندي هن جو انٽرويو ڏيڻ تان روح ئي ڪڇي ٿو وڃي. هر اميدوار پنهنجي پنهنجي واريءَ جو انتظار ڪري رهيو آهي. خدن انهن اميدوارن کي غور سان ڏسي رهيو آهي جيڪي انٽرويو ڏئي ٻاهر نڪرن ٿا، نااميد ۽ مايوس.

خدن کي سڏ ٿئي ٿو. هو وارن ۽ منهن تي هٿ گهمائي فائيل کي ڪڇ ۾ ڪري ٿو، جيئن خفتي ميل مهل ڪڪڙ ڪڇ ۾ ڪٽندا آهن. هو آفيس ۾ اندر داخل ٿي سلام ڪري ٿو. انٽرويو آفيسر کيس خاص ڪرسيءَ تي ويهڻ جو اشارو ڪري ٿو جيڪا اميدوارن لاءِ رکائي وئي آهي. انٽرويو ۾ هڪ هيڊ ڪلارڪ، جيڪو لک پڙهه ڪري ٿو ۽ ڪاغذ ڏسي ٿو، ٻه سوالن پڇڻ لاءِ ميمبر ۽ هڪ ڊائنوسار جهڙو ٿلهو متارو آفيسر ويٺل آهن. خدن جي جيئن ئي ان آفيسر تي نظر پوي ٿي ته هو ڏڪي وڃي ٿو ۽ ڪنفيوز پڻ. ڇا ته پرسنالٽي آهي ڊگهو قد، پکال جهڙو وڏو پيٽ، اٺ جي گوڏي جهڙي لسي ڪاري ٽڪڻ، پاڙي وانگي ناسون، اچا ٿلها پرون، ڪارا ٿلها چپ، پنگ جي موالين جهڙيون ڳاڙهيون اکيون ويکرو ۽ ٿلهو منهن ڇڻ ڪيس ٽڪر ڪاڏو هجي، ويتر جو ريل جي ڪاري انجڻ وانگر سگريٽ جا دونهان ڪڍي رهيو هو، ان حالت ۾ هو آفيسر گهڻ انڊين فلمن جو ولن وڌيڪ لڳي رهيو هو. خدن اندر ئي اندر ۾ ڏڪي ۽ ڪنبي رهيو هو.

"ها مسٽر خدا بخش! اوهان انٽر پاس آهيو." آفيسر پڇيو.

"يس سر." خدن وراڻيو.

"اوهان کي ڪو تجربو آهي؟"

"ڊش ڏسڻ جو ڏهن سالن جو تجربو اٿم."

"بابا! اڳ ڪٿي نوڪري ڪئي اٿئي منهنجو مطلب."

"سائين پنجن سالن کان انٽرويو ڏيندو اچان پر قسمت جي تالي جي چابي گم آهي. پر جي نوڪري ڏيندؤ ته پوءِ تجربا به ٿي ويندا."

"ڀلا ٻڌاءِ تہ ڳٺلن ۾ ڳهڻا لٽر آهن؟" ڪاميٽي ميمبر سوال ڪيو.

"سائين مون ڪي پيٽرول پمپ جي نوڪري لاءِ گهرايو ويو آهي ڇا؟" خدن چيو.

"ڀلا ماڻهوءَ کي ڪيترا ڀيرا ڇٺڻ گهرجن؟" ٻئي ميمبر سوال پڇيو.

"سائين! جيڪا الله جي مرضي پنهنجي هٿ ۾ تہ ڪو نہ اٿس ڀيرا ڇٺڻ پر جي پنهنجي وس اٿس تہ پوءِ رکي سٺ تي ڪانٽو گهٽ ۾ گهٽ فٽبال يا ڪرڪيٽ جي ٽيم تہ هجيس مئنيجر ۽ ڪوچ سميت."

اهو ٻڌي آفيسر مسڪرائي هڪٻئي ڏانهن نهارڻ لڳن ٿا ۽ آفيسر ڪائنس ٻيو سوال ڪري ٿو.

"سال ۾ ڪيٽيون مندون آهن؟"

"سائين! اڄڪلهہ ڇئن مندن کان ڪم گهڻو ڇڙهي ويو آهي. بهار، سياري، اونهاري ۽ سرءُ کي ڇڏي ڪرڪيٽ جي مند، امتحانن جي مند، اليڪشن جي مند ۽ سائين احتساب جي مند."

"اوهان جي نظر ۾ صحيح معنيٰ ۾ جمهوريت پسند ڪير آهي." ميمبر سوال ڪيو.

"سائين! اسان جي پوليس، جيڪا شريف ۽ لوفر کي ساڳئي نظر سان ڏسندي آهي ۽ ها ٻيو ڪاٺو ماڻهو جيڪو پڻ هر ماڻهوءَ کي هڪ نظر سان ڏسندو آهي."

آفيسر ٿهڪ ڏئي کلن ٿا. خدن جي جوابن مان ڪين مزو اچي ٿو ۽ هو ڪائنس وڌيڪ سوال پڇن ٿا. نہ تہ ٻين اميدوارن کي ٻہ ٽن ٻيٽي ٻيٽي فارغ ڪيو آهي.

"امير ۽ غريب ۾ ڪهڙو فرق آهي؟" ٻئي ميمبر پڇيو.

"امير کي ٻارن بجاءِ گهڻي دولت هوندي آهي ۽ غريب ماڻهوءَ کي دولت جي جاءِ تي گهڻا ٻار هوندا آهن."

اوهان کان آخري سوال تہ ملڪ جي آباديءَ تي ڪيئن ڪنٽرول ڪري سگهجي ٿو؟" آفيسر پڇيو.

"سائين! اها بہ ڪا ڳالهہ آهي، عورتن سان شاديءَ تي پابندي وڌي وڃي تہ ملڪ ان مسئلي مان آرام سان جان ڇڏائي سگهي ٿو."

"چڱو چڱو تون هاڻي وڃي سگهين ٿو." آفيسر ڳنڀير وجهندي چيو.

"سائين! ڀلا منهنجي نوڪري پڪي؟"

"نتيجو بن ڏينهن بعد پڌرو ٿيندو." آفيسر وراڻيو.

"سائين نتيجو وري ڪهڙو. اسان وٽ نوڪريون يا ملن سفارش تي يا پئسن سان. ماڻهو تہ اڳيئي ڪٽي ڇڏيا هوندوَ مڙيئي اسان کي ٻچڙو ڪيو اٿوَ انٽرويو لاءِ." خدن چيو.

"گيٽ آئوٽ نان سينس." آفيسر دڙڪو ڏيندي چيو.

خدن آفيس مان بوٽ سڄائي ٻاهر نڪتو ۽ ان آفيسر کي دل ئي دل ۾ برو ڀلو پڻ چوڻ لڳو هو چو تہ اها ڪيس خبر آهي تہ اڄڪلهہ نوڪريءَ جي حاصل ڪرڻ جا محرڪ، پئسو ۽ سفارش آهن. انٽرويو تہ هڪ فارملٽي آهي، جيڪا آفيسر پنهنجي عزت ۽ ڪرسي بچائڻ لاءِ استعمال ڪندا آهن.

● ● ●

خدن جي ماءُ پورهئي مان فارغ ٿي گهر ۾ خدن جو انتظار ڪري رهي آهي. هوڏانهن خدن به انٽرويو ڏئي واپس وريو آهي. دروازي جي ڪڙڪڻ تي هو اچي دروازو کولي ٿي ۽ پئي هٿ ڪنن پرسان گولائيءَ ۾ ڦيرائي سندس نظر ڪڍي ٿي. خدن ڪمري ۾ داخل ٿي کٽ تي ڍهي پوي ٿو ۽ ماڻس دروازو بند ڪري اچي پرسان ويهي مخاطب ٿئي ٿي.

”ڏي خبر ڪيئن ٿيئي انٽرلو.“

”امان سيني سوالن جا جواب ڏنا مان. هاٺي مرضي اٿن. پر امان لڳي ٿو تہ اها نوڪري بہ ڪا نہ ملندي.“

”ابا خير آ اها نوڪري نہ ملي تہ خير آ مان توکي نوڪري وٺي ڏيندي س.“

”امان توکي خبر آهي تہ اسان وٽ وزيرن جي سفارش سان يا وري پئسي سان نوڪريون ملنديون آهن. توکي ڪير سڃاڻي.“

”ابا! سچ ٿي چوانءِ مان صاحب کي چيو آهي.“

”ڪهڙو صاحب.“ خدن پڇيس.

”ابا سپريڊنٽ صاحب پڪ ڏني آ. چيو اٿس تہ پوليس ۾ ڀرتي (ڀرتي) چالو آ. سياڻي ڪاڳر ڏٺي اچي تہ ڀرتي ڪرايانس.“

”ڇا؟ مان پوليس وارو ٿيان.“ خدن چيو.

”ابا! باقي ڪهڙي تپيداري ملندئي.“

”امان! تپيداري ملي يا نہ ملي پر مان پوليس ۾ نوڪري نہ ڪندس.“

”ابا! ڪهڙي برائي آ پوليس ۾ هوءَ تہ هر ڪنهن جي مدد ڪندي آهي.“

”امان خبر اٿم پوليس جي مدد ڪرڻ جي هوءَ تہ رڳو حق چنڻ ڇاٽي، اهو دؤر ئي ويو جو پوليس عام ڀلائيءَ جا ڪم ڪندي هئي، پر اڄڪلهہ غريب ڪاٺو آهي.“

”ابا! ڏاهو ٿيءُ لهہ ضد تان.“

”امان! مائرون تہ پٽن کي دعائون ڏينديون آهن، تون وري مون کي پوليس ۾ ڀرتي ٿيڻ جي بددعا ٿي ڏين. امان مان پاڻ کي ماري ڇڏيندس پر پوليس ۾ نوڪري نہ ڪندس.“

”ابا ڪجهہ سوچ تون نوڪري ڪندين تہ تنهنجي شادي ڪرائيندس. تنهنجو گهر آباد ٿيندو. ابا بيروزگار ماڻهوءَ مان تہ خدا بہ ڪڪ آهي ۽ مون ۾ هاڻي وڌيڪ پورهئي ڪرڻ جي طاقت نہ رهي آ. ابا، ڏاهو ٿيءُ.“

”امان چئين تہ مان گهر ڇڏي وڃان.“

”ائي منهس هاڻي پيريءَ ۾ مون کي بہ ڇڏي ويندين. مون توکي گنجي پير کان ان ڪري گهريو هو تہ تون سهارو بڻجڻ بجاءِ مون کي اڪيلو ڪري ويندين. ابا لهہ ڪٺي آئي تان نہ تہ تج نہ بخشيندي سانءِ.“

”امان! ايڏو وڏو بار رکيو اٿئي، چڱو جيڪا تنهنجي مرضي.“ خدن هٿيار ڦٽا ڪندي چيو.

● ● ●

صبح جو سوير خدن تيار ٿي فائيل ڪڇ ۾ ڪري ايس ايس پي آفيس پهچي آفيس سپرنٽينڊنٽ سان ملي ٿو. جنهن کي خدن جي ماءُ ميڙون منٿون ڪيون هيون. ڪاغذن جي

جاچ پڙتال ۽ ٻي قانوني ڪارگذاريءَ کان پوءِ ڪيس ڪانسٽيبل ڀرتي ڪيو ويو ته ۽ هو سوچڻ لڳي ته، "مان رشوت نه وٺندس غريبن جي حقن جي حفاظت ڪندس. ڪين انصاف ڏياريندس." جڏهن ته ڳالهه ان جي ابتڙ آهي پوليس جي نظر ۾ ڏوهاري ۽ ٻي ڏوهي هڪجهڙا آهن، جو ته اسان جي پوليس جمهوريت پسند آهي. شل نه ڪٿي ڪا واردات ٿئي، جيستائين ڏوهاري هٿ اچي، تيستائين ٻيا فرياديءَ جو تيل ڪڍندا.

ڏسندي ڏسندي ڪيس نوَ مهينا گذري وڃن ٿا. ان وچ ۾ هو ٽريننگ ياترا پڻ ڪري آيو آهي، پر طبيعت بلڪل ساڳي اٿس. صفا ڀوڳهلو حالانڪ ٽريننگ سينٽرن تي ٻيا سپاهي يا آفيسر نون مهينن ۾ گارين ۾ پي ايچ ڊي ڪري ويندا آهن پر هو جهڙو ويو هو تهڙو ئي موٽيو آهي. صاف گو، سچو، کرو ۽ سادو!

ٽريننگ تان موٽڻ بعد ڪيس پوليس لائين ۾ رکيو ويو آهي، جتي ڊيوٽي تي وڃڻ لاءِ هر وقت ڪين حاضر رهڻو هوندو آهي. ڪيس هڪ ڪوارٽر به مليو آهي، جنهن ۾ ٻه ٻيا به سپاهي روم پارٽنر اٿس. واندڪائيءَ واري وقت هو پنهنجي ماءُ جي سار سنڀال لهڻ لاءِ گهر به ايندو رهندو آهي.

خدن ماءُ سندس شاديءَ جا سپنا ڏسندي رهندي آهي، هن ۾ اجا ايتري همت ڪا نه ٿي آهي، جو ڪنهن مڻ مائٽ وٽ خدن جي شاديءَ لاءِ وڃي دروازو کڙڪائي. جڏهن ته خدن هينئر روزگار سان به آهي. سادو، صاف گو ۽ سچو آهي. بس هڪ خرابي اٿس اها اها ته ڀوڳهلي وارو ليبل اجا تائين نه لٿو اٿس.

اوهان کي پبلڪ تائين پهچائڻي هجي ته خدن اڳيان ڪري ڇڏيو. پڙهي جا پئسا بچي پوندا.

ڪوارٽر ۾ رهڻ دوران، هو رات جو ٻراين کي ختم ڪرڻ لاءِ نڪرندو آهي ۽ وٺندو آهي سپاهين جي ڪوارٽرن جي دروازن ۾ اکيون وجهندو. جيڪڏهن ڪنهن سپاهي کي ڪنهن اخلاق جو مظاهرو ڪندي ڏسندو آهي ته هو وڏي وات چوندو آهي: "ٻلا اٿئي لڳو پيو آهين." ۽ صبح جو اها خبر سڄي لائين جي عملدارن ۽ سپاهين وٽ بحث جو موضوع هوندي آهي. هن کان اڳ ڪافي دفعا لائين آفيسر کي به ٻاگڙياٽيءَ سان دل پشوري ڪندي ڏٺو هئائين جنهن ڪيس سخت لفظن ۾ عزت افزائي ڪئي هئي پر هو عادت کان مجبور هو ۽ هن پوليس وارن کي واقعي به باڪردار ڏسڻ ٿي چاهيو. اها ته سڄي کي خبر آهي ته ٻاگڙياٽيون، فقيرياڻيون، ٻشني، ڇوڪرا، ڪدڙا ۽ ڇريون پوليس وارن جي سائي هيٺ رهي جهولي سائي ڪنديون آهن. پوليس وارا نشو ته بلڪل ڪن ئي ڪو نه. شل ڪو ڇاپي دوران ڪجهه هٿ اچي دير ئي نه ڪندا ان مهل ئي ڍير تي وجي ساڙيندا آهن، مجال جو خالي بوتل ڪٿان سنگهڻ لاءِ سندن ان عمل ڪري ته هتان جا اسمگلر صوم و صلوات جا پابند ٿي ويا آهن ۽ وتن ٿا ملڪين ملڪ تبليغ ڪندا.

خدن تي پوليس جو پڪو رنگ اجا تائين نه چڙهيو آهي، ان ڪري ته سڀئي پوليس وارا هن کي گاتي ۾ برداشت ڪرڻ لاءِ تيار ئي ناهن. هن جي صاف گوئي ۽ ڪردار مان تنگ آهن. ڪيس صحيح پوليس وارو ڪرڻ لاءِ پاڻ تان خواري لاهڻ لاءِ هن جي ڪوارٽر ۾ فقيرياڻيون ۽ ٽين جنس به موڪلي چڪا آهن، پر هن انهن کي باعزت رخصت ڪيو آهي پر هاڻي هو ٻيون کي ترڪيبون سوچي رهيا آهن.

● ● ●

بدامنيءَ جي ڪري علائقي ۾ هنڌ هنڌ پوليس پڪٽون قائم ڪيون ويون آهن، مين روڊ تي پڻ سچ لهڻ سان ڇپي ڇپي پوليس بيهي ويندي آهي. ڊيوٽين وارن هنڌن تي ننڍڙو مورچو ٻه هوندو آهي، جنهن ۾ سپاهي لڪي مقابلو ڪري سگهن. هن قسم جي ڊيوٽيءَ ۾ هڪ جمعدار ۽ ٻه پوليس وارا شامل هوندا آهن. ڪن حالتن ۾ سينيئر سپاهي جمعدار جي جاءِ تي موڪليو ويندو آهي. ڊيوٽيءَ دوران هڪ سپاهي مورچي ۾ ويهندو آهي ۽ باقي ٻه ڄڻا سڄي ۽ ڪابي پاسي سؤ ڪن پنڌ تي وڃي ويهندا آهن. ڊيوٽي پوري ٿيڻ کان پوءِ ڪين موبائيل ڪٽڻ ايندي آهي.

اڄ ڪين وارو آهي خدن مان ڪسرن ڪڍڻ جو. هو چاهين ته پنهنجي روايتن ڪي ورجائي مقابلو ڏيڪاري ڪائنس ڇوٽڪارو حاصل ڪري سگهن ٿا، پر هن جو ڏوهه ايترو گهٽو ناهي. هنن جو مقصد ڪيس سبق سيکارڻ آهي.

هو موبائيل ۾ چڙهي ڊيوٽي اسپاٽ تي اچي پهچن ٿا. سج لهي چڪو آهي ۽ رات پنهنجا پر ڦهلائڻ لڳي آهي. اونداهي ايتري جو هٿ نه ڏسي هٿ کي. ڪين هڪ ٽارچ آهي. جيڪا استعمال نٿا ڪن ڇو ته متان ڌاڙيل حملو نه ڪن. خدن کي مورچي ۾ ويهاريو وڃي ٿو ۽ باقي ٻيا سپاهي، پنهنجي جاين تي يعني مورچي جي سڄي ۽ کٻي پاسي وڃي ويهن ٿا. روڊ تي رکي رکي ڪا گاڏي گذري ٿي نه ته خير، اونداهي، تڏ ۽ ڌاڙيلن جي خوف ڪين ڇڙڪ اسٽيچو بڻائي ڇڏيو آهي.

خدن مورچي ۾ بندوق سنڀاليو بالم لڳو ويٺو آهي. اٽڪل ڪلاڪ کن کان پوءِ ٻئي سپاهي پير پير ۾ ڏيندا اچي مٿان ڪڙڪنس ٿا.

”هٿ مٿي ڪڻ ۽ بندوق اسان جي حوالي ڪر. اگر پوئتي ڏسندين ته گولين سان پروڻ ڪري ڇڏينداسونءِ.“

”آ.... آ.... ادا... ڏا ڏا.... ڙيل.... گ... گ... گولي نه... هڻ... جانءِ.... مر...
م... مان.... يه ته يم آهيان... آ... آ... اڪيلو پٽ آهيان....، آ... مان... کي.“
ڏڪندي ڪنبندي خدن چيو.

”اڙي روز روز اسان جا گهڻ جهليو بيٺا آهيو.... ڇڏي ڏيون توهان کي.“

”پ.. پ.... پائو.... ت.... وهان لنگهي ويندا ڪيو..... اسان اوهان..... کي ڏسنداسين ٻه ڪونه.“ خدن ڏڪڻ تي ڪنٽرول ڪندي چيو.

”اسان نانگ ته ناهيون جو مٿي ڪائينداسين. اسان سردين ۾ گرمين ۾ پوليس جي پهرن ۾ تڪليفون ڪري هٿن سان روزگار حاصل ڪيون ٿا، محنت ڪيون ٿا.“

”ب... ب... بندوق جي زور تي“ خدن جملو ڪٽيندي عادت کان مجبور ٿيندي چيو.

”اڙي توهان ته ڪري ڏيکاريو ائين.“ ڪنداک هٽندي چويس ٿو.

”تائين ڌاڙيل اسان... جا.... ڪ... ڪ جهه ساٿي ائين ڪندا آهن. اوهان ڀلي ائين ڪندا رهو.... پر ڀيلي غريبن جو خيال ڪريو. توهان برابر هٿ جي ڪمائي ڪيو ٿا ۽ هيءَ حديث حضور پاڪ اوهان لاءِ ته چئي آهي ته: سڀ کان افضل هٿن جي ڪمائي آهي.“

”اڙي بڪ بڪ بند ڪر. اڳتي هتي ڊيوٽي ڪرڻ نه ايندا ڪريو.“

"سائين ڏاڙيل خان! اسان جي روزيءَ تي لت نہ ڏيو. اسان نہ ايندا سين تہ غير حاضر ٿينداسين. غير حاضر ٿينداسين تہ پگهار بند ٿيندي. پگهار بند ٿي تہ پاڻ سياٽا آهيو."

"اڙي وري بڪ ٿو ڪرين." وري ٻہ هٽڻ لڳنس ٿا.

"ادا ڏاڙيل ماري رکيو ٻيلي منهنجون پاسيريون ٿي پچي رڱيو ٻيلي رحم ڪيو بادشاهہ پير جي صدقي، گنجي پير جي صدقي، ڇڏيو مون کي الائي ڪاڏي مري ويا منهنجا ساٿي اڪيلو ڪري...." هو ڇپن ۾ پٽڪي ٿو.

"اڙي ڪڪڙ ٿيءُ.... توکي ڇڏيون ٿا، پر تنهنجي بندوق کڻي ويندا سين وڏي ڪم جي شيءِ آ."

"سائين قسم اٿوَ ڏالن جو بندوق نہ کڻو، مان برباد ٿي ويندس."

"اڙي ڏالن جو قسم ٿو ڏين، اسان ڏالون ماري تہ ڏاڙيل ٿيندا آهيون."

"سائين قسم اٿوَ ڪلاشنڪوف جو مون کان بندوق نہ کسيو، مان نوڪري ئي ڇڏي ويندس وعدو ٿو ڪريان." خدن ليلائيندي چيو.

"اڙي توهان جي وعدن جي خبر آهي اسان کي."

"سائين مان انهن مان ناهيان. خدا جي واسطي بندوق نہ کڻي وڃو. اگر بندوق کڻي ويندؤ تہ هڪ پاسي نوڪري تيل تہ ٻئي پاسي جيل ۽ پوءِ منهنجي ٻچن جي ٿيڻ واري ماءُ شاديءَ کان اڳ ئي مون کان وڇڙي ويندي. رحم ڪيو ادا ڏاڙيل صاحب." خدن چيو.

"اڙي توهان اسان تي رحم ڪيو ٿا، پروموشن خاطر غريب ڳوناٺا ماري انهن جي ماس جا سيني تي ميڊل ٿا سجايو ۽ اڪين جا تارا ڦول سمجهي پنهنجي ڪلهن تي ٿا هڻو، ان مهل ڪٿي هوندي آهي، اوهان جي انسانيت رحم ۽ همدردي."

"سائين رحم ڪيو مون تي قسم اٿوَ ڏاڏيءَ ۽ نانيءَ جو جنهن توهان جي پيءُ ماءُ کي ڄڻيو آهي." خدن چيو.

"چڱو هي پيرو توکي ڇڏيون ٿا ۽ بندوق بہ کو نہ ٿا کڻون ۽ وري ڪيس بہ ٽي ٻہ هٽن ٿا خدن ڪڪڙ لڳو بيٺو آهي ۽ هو ڪيس اهو چئي پنهنجي ڊيوٽيءَ واري هنڌ وڃي ويهن ٿا تہ، "متان پوئتي نهاريو اٿئي اگر پوئتي نهاريندين تہ اتان ئي برسٽ ايندئي."

ڊيوٽي آف ٿئي ٿي تہ سندس ساٿي پوليس وارا وٽس اچن ٿا ۽ هو ڪين پاڻ مٿان تيل وارتا ٻڌائي ٿو. هو ڪيس عجيب نظرن سان ڏسڻ لڳن ٿا ۽ مٿس کلڻ لڳن ٿا. هو ڪبن وانڙن جيان گهورڻ لڳي ٿو ۽ چوڻ لڳي ٿو تہ، "مون سان ڏاڙيل هيڏي جٽ ڪري ويا آهن ۽ اوهان کلو ٿا شاباس اٿوَ."

"ڏاڙيلن کي اسان جا ٿا ڪري سگهون، بندوق تہ تو وٽ بہ هئي ڪري تون هٿ ڳنڍين ها تہ اسان بہ پهچي وڃون ها."

"واهہ واهہ! ميان نيو هن سر منهنجو بندوق بہ کنيو ٿي ويا پر مڙئي وڏن جا ۽ پيرن اوليائن جا واسطا ڏئي جان بچايم."

"چئبو تہ واهہ جو مقابلو ٿيو؟" ٻئي ساٿيءَ پڇيو.

"اڙي مقابلو وري ڪهڙو ادا! هٽي ٻہ سجائي رکيو اٿن، يار مان تہ ڪڏهن ڪنهن سان بي واجبي ڪئي ئي ڪانهي، پوءِ هي مون سان ڇو ٿيو؟"

"ضرور ڪنهن جي تہ دل آزاري ڪئي هوندئي." پهرين ساٿي سپاهيءَ چيو.
"وڏا! هونئن بہ بجڙي ٽيڻ جو وقت ئي مقرر ڪونهي."
"اڙي ٻوگهلا، يوڪ تون سڌرندين ڪو نہ." ٻئي سپاهيءَ چيو.

ايتري ۾ موبائيل وين اچي سندن آڏو بيهي ٿي ۽ چڙهي ويهن ٿا. خدن ڏاڍو پريشان آهي ۽ هن وري اچي آفيس سپرنٽينڊنٽ جا ڊيوٽي متارائڻ لاءِ پير پڪڙيا آهن، جنهن ڪيس مين روڊ تي شهر ٻاهران پوليس چيڪ پوسٽ تي رڪرايو آهي. چيڪ پوسٽ جي ڊيوٽيءَ لاءِ ٻيا بہ ڪيترائي سپاهي آهن. هر سپاهيءَ جي حصي ۾ 3 ڪلاڪ ڊيوٽي آهي. هن جي حصي ۾ صبح جو وقت آهي. اها ڊيوٽي هفتي ۾ مٽجندي آهي. چيڪ پوسٽ جي عملي جا ڪافي ماڻهو سندس ڪردار کان واقف آهن، جيڪي مڙئي ميار لاهڻ خاطر ساڻس مليا آهن، اچڻ سان ئي هن تبليغ شروع ڪئي آهي ڇو تہ هو چيڪ پوسٽ جي آداب ۽ اطوار کان اڳ ئي واقف آهي. ڪاٺين وارا گڏرڻ مهل ڪاٺيون، ڪير وارا ڪير، ڀاڄين وارا ڀاڄيون ڏيندا آهن. بسن ۽ ويگنن مان چيڪنگ جي بهاني وڏين مڇن وارن غريب ۽ ابوجهہ ماڻهن کي لٽڻ ڦرڻ ترڪن ۽ ٻين سامان ڪٽندڙ گاڏين کي بي جا تنگ ڪري ڳائڻ پئسا ڪڍڻ هنن جو معمول آهي.

خدن پنهنجي ڊيوٽيءَ جي وقت ۾ انهن ماڻهن کي روڪي ڇڏيو هو تہ هو ڪا بہ خوشامد نہ ڪن. اگر پئسہ نٿا ملن تہ ڪا بہ شيءِ نہ ڏين. نہ صرف اهو پر واندڪائي واري وقت خدن هنن جون سموريون ڪار گذاريون ويٺو ڏسندو هو. ڊيوٽيءَ وارا سپاهي شڪار ڦاسائيندا هئا تہ هو ان کي ڇڏائي ڇڏيندو هو ۽ ڪين بنا پئسي ڇڏائي ڇڏيندو هو. اجا تہ خدن کي چيڪ پوسٽ تي ٽي ڏينهن مس ٿيا هئا تہ جمعدار انچارج جو پيٽ وڃي پٽيءَ سان لڳو آهي. سپرنٽينڊنٽ جو ماڻهو هجڻ ڪري ڪيس ايترو ئي چئي ٿي سگهيو، "ميان خدن ائين نہ ڪر، هرويرو اسان جي روايتن کي نہ ٽوڙ. توکي اها خبر هجڻ گهرجي تہ هن چيڪ پوسٽ جي ڪمائيءَ مان اسان جي گهرن جا تہ چلها ٻرندا آهن پر مٿين کي کهڙو منهن ڏينداسين، ڇو تہ هنن پوسٽن جي ٻولي لڳل هوندي آهي. اسان تہ نہ هونداسين پر تنهنجا بہ ٽپڙ ڳول هوندا. ڪجهہ سوچ اسان جي ٻچن جي روزيءَ تي لت نہ ڏي."

"پر وڏا! اهو تہ نسورو ناحق آهي، ظلم آهي، بي ايماني آهي."
"ايمانداريءَ جو رڳو تو ٺيڪو کنيو آهي بودلا، صفا ڪو ٻوگهلو آهين."
"سائين مون کان اهو ڪو نہ ٿو پڄي." خدن نابري وارڻندي چيو.
"اسان ڪرڻ لاءِ تہ گهڻو ڪجهہ ڪري سگهون ٿا، پر توتي رحم ٿو اچي. بس صاحب اچي تہ تنهنجي ڪيس شڪايت ٿو ڪريان." انچارج ڌمڪي ڏيندي چيس.
"ڀلي اچي مان سڀ اوهان جا پول پڌرا ڪندس. تون ڇو مان ڪيس سڀ ڪجهہ ڏسيندس تہ هتي ڇا پيو وهي واپري."
"چڱو ڀلا ٻڌ... توکي موڪل ٿو ڏيان پهرين تاريخ تنهنجي پگهار ڪٽي." انچارج چيو.
"سائين مان مفت جي پگهار ڪو نہ کٽندس ۽ مون کي موڪل جي بہ ضرورت ڪانهي."
"اڙي تون تہ صفا يوڪ آهين."
"ها سائين! مون کي موڪل تي موڪلي هتي ويهي جاوا ڪيو ۽ غريبن جو ماس ڪوريو."

"ڇا ڪيو آ اسان غريبن ڪي؟"
"ڇا نہ ڪيو اٿوَ، هر طرح سان ڪين ڦريو اٿوَ."
"توسان تہ ڳالهائڻ ئي فضول آ." انچارج گرم ٿيندي چيو.
"سائين سچ ٿو چوان تہ پوڪ آهيان ۽ غريبن جو حق ٿو ماريان تہ ڇڱو ٿا تہ بڪ بند ڪر. پوءِ انهن گيتن جو ڇا مطلب "پوليس ڪا هي فرض مدد آپ ڪي"
"ڇگو بڪ بند ڪر ايس ايچ او صاحب اچي رهيو آهي ۽ هو ڪرسيءَ تان ٽپ ڏئي اٿي ٿو ۽ خدن پڻ سندس پويان آهي. انچارج زمين کي اٽ هٽي موبائيل وين مان لهندڙ ايس ايچ او کي سلوٽ ڪري ٿو.
"ڪيئن ٿو ڪم هلي." ايس ايچ او صاحب چيو.
"ٺيڪ سر پر ٿورو پرابلم آهي."
"سائين پرابلم وري ڪهڙو آ، بس ڳرهہ ڳهڻ ٿيو آ، هتي تہ وڏو ڪم ٿو هلي ڪو شريف انسان شل نہ هنن جي ور چڙهي اصل ڪيسو ئي پٽي ٿا وٺنس. پاڙو اوڙو تاراج ڪري ماريو اٿن. پاڇيون، ڪاٺيون، گيهہ، مکڻ ڪان وٺي ضرورت جي هر هڪ شيءِ زبردستي حاصل ڪن ٿا." خدن وچ ۾ ٽپو ڏيندي بنا بريڪ اهو سڀ ويو.
"ڪير آهي گامون سچار." ايس ايچ او چيو.
"سائين او ايس صاحب جو ماڻهو آهي." انچارج چيو.
"پر سائين اهو بہ نہ....."
"اڙي بابا! جيئن ڪم هلي ٿو تيئن هلڻ ڏي تنگ نہ ڪر...." ايس ايچ او خدن جي ڳالهہ ڪٽيندي چيو.
"واهہ! سائين واهہ واهہ جو انصاف ڪيو اٿئي. واهہ جو باباءِ قوم جي چوٽي ايمان، اتحاد ۽ يقين محڪم جو ڀرم رکيو اٿوَ."
"اڙي! ماٺ ڪر باباءِ قوم جا پٽ." انچارج چيو.
"سائين جي اها ڳالهہ آ تہ پوءِ اسان پوليس وارن ۽ ڌاڙيلن ۾ فرق ڪهڙو رهيو. هو ڪلاشن جي زور تي لٽن ۽ ڦرين ٿا ۽ اسين پوليس وارا وري ورديءَ جي زور تي اهو ڪم ڪيون ٿا. قبلا ڪجهہ تہ احساس ڪريو پنهنجي غريب عوام جو."
"خاموش، پوڪ، ٻوگهلا، گڏهہ بي لغام گهوڙا... تنهنجي ڪهڙي ضرورت آ... اڙي وٺوس." ايس ايچ او ڪاوڙجندي چيو.
اشاري تي بہ سپاهي اچن ٿا ۽ ڪيس اندر ڪنيي ڪٽي وڃن ٿا ۽ مٿس رحم ڪائي خوب مهمان نوازي ڪنس ٿا. ۽ ٽن منٽن کان پوءِ انچارج اندر اچي ٿو ۽ کين روڪيندي چوي ٿو.
"بس ڪيو ان لاءِ ايترو ڪافي آهي سنڌري ويندو هاٽي." ايس ايچ او صاحب هليو وڃي ٿو. انچارج جي ڪرسيءَ تي اچي ويهي ٿو خدن بہ ڏڪي ڏڪي ڪنجهي اٿيو آهي. ڪمري ۾ ڏاڍي خاموشي آهي. بيا سپاهي حيرت وچان خدن کي ڏسي رهيا آهن، هو ڪپڙا ڇنڊي رهيو آهي ۽ ويچاريون اکيون ڪري سائين کي ڏسي رهيو آهي، جن سندس ايتري عزت افزائي ڪئي آهي. هو پنهنجو سامان پيٽيءَ ۾ وجهي ٿو ۽ بنا ڪجهہ ڳالهائڻ جي چيڪ پوسٽ جي ڪمري مان نڪري ايس ايس پي آفيس ڏانهن رخ رکي ٿو ۽ آفيس سپرنٽينڊنٽ کي اچي چوي ٿو.

"سائين!.... هنن مون سان زيادتي ڪئي آهي...."

"بابا! سڀ خبر آ... نوڪري ائين ڪا نہ ڪبي آهي، جيئن هو چوني ٿا تيئن ڪر. شاباس پٽ... وڃ بابا، تنهنجو ڀلو انهيءَ ۾ آ...."

● ● ●

آفيس مان نڪري خدن پنهنجي گهر آيو آهي. سندس ماءُ خلوص ۽ پيار مان سندس استقبال ڪري ٿي، ڪيس اها جاءِ نہ ٿي ملي جتي خدن ڪي ويهاري. خدن جي من ۾ مانڌاڻ متل آهي ۽ منهن تي اداسي ۽ نراسائيءَ جا پاڇا عيان آهن. سندس مهڪندڙ منهن جي رونق ختم ٿي وئي آهي ۽ چپن تان مرڪ بہ غائب اٿس. هو اندر ئي اندر پري پيو آهي، چو تہ سندس ماءُ جو قسم ذهن ۾ ٻرڻ لڳو اٿس. هو مغز ۾ هٿوڙا لڳندي محسوس ڪري ٿو.

"ابا! خير تہ آهي نہ؟ تون ڪجهہ پريشان آهين." ماڻس پڇيو.

"امان! مون تنهنجو قسم پورو ڪيو. هاڻي تہ ٿڃ بخشيندينءَ نہ."

"پٽ! هي تون ڪهڙيون ٿو ڳالهيون ڪرين. ڀلا ڪهڙي ماءُ آهي جيڪا پنهنجي اولاد کي تڪليف ۾ وجهندي." ماڻس مٿي تي چمي ڏيندي پيار مان چيو.

"امان! مان نوڪري ڇڏي آيو آهيان."

"پٽ! هي تون ڇا ٿو چوين." ماڻس حيران ٿيندي چيو.

"امان پوليس جي نوڪري منهنجي وس کان ٻاهر آهي."

"ابا! توکي اتي ڪهڙي تڪليف هئي. ڪجهہ سالن ۾ ايس پي، ڊيسپي ٿي وڃين ها. هاڻي بہ ويل وئي ڪانهي واپس وڃ، ڇا ۾ خراب آ پوليس."

"ڇا ۾ ڀلي آ، هر برائيءَ جي جڙ آهي. توکي ڪهڙي خبر. امان اها نوڪري منهنجي طبيعت مطابق نہ آهي."

"پٽ تنهنجي مرضي. پر ڪجهہ وري بہ سوچ مون ۾ همٿ نہ رهي آ پورهئي ڪرڻ جي." ماڻس چيو.

"امان! توکي هاڻ پورهيو ڪرڻو نہ پوندو."

"ابا چئين سچ ٿو. اڳ ۾ ڪهڙا سک ڏنا اٿئي جو هاڻي ڏيندين." ماڻس ٽوڪيندي چيو.

"امان مان توکي سک ڏيندس."

"ها ابا ڏسنديس."

"امان تون ڇرڇو ٿي سمجهين، مان تغاري کڻندس، ڇولا ڪپائيندس پر جي همالي ڪرڻي پئي تہ اها بہ ڪندس. مرد آهيان، محنت ڪندس توکي سک ڏيندس. امان! تو گهڻو ئي ڀوڳيو آهي."

ماڻس پيار مان ڪيس ڀاڪر پائي پيشاني چميس ٿي. هو پاڻ کي پرسڪون محسوس ڪري ٿو ۽ سندس چپن مٿان فاتحانہ مرڪ رقص ڪرڻ لڳي ٿي.

●



اسلم لغاري 14 اپريل 1952ع ۾ ڪمال خان لغاري جي گهر جنم ورتو. هن پوليٽيڪنيڪل ڪاليج مان ڊپلوما ڪرڻ بعد بي اي ڪئي. هن لکڻ جي شروعات 1971ع کان ڪئي ۽ ڪيترائي مضمون، ڪهاڻيون ۽ ڪالم لکيا. ان کان سواءِ هن ڪجهه ڪتاب پڻ ترتيب ڏنا آهن.

هن جو هاڻوڪو ڏس بمبئي هوٽل آءِ آءِ چندريگر روڊ ڪراچي آهي.

# ڪهاڻي جي آڪاڻي

اسلم لغاري

سائين ايڊيٽر صاحب:

ٻہ ڏينهن اڳ پنهنجي هڪ جهوني دوست جي گهر ڍري گوڏ جا ور چڪي ڪٻاڙي ڪان ورتل هڪ پراڻي ڪتاب جا پنا اٿلائي رهيو هوس تہ توهان جي مقرر ڪيل محترم جوفون آيو.

هيلو

هلو

"سائين آئون ناچيز ڪرار حسين نڪ وي تو ڳالهايان" آواز تورو هلڪو پر صاف پٽڻ ۾ پئي آيو.

"سائين آئون پراڻو پيس لغاري حسين چپ وي تو ڳالهايان" مون عادت موجب پوڳ ڪندي چيو.

"ها سائين؟...! سائين ڀلا، صاحب صفت، بندءِ بخت آواز ادب محترم اسلم لغاري صاحب جن سان ڳالهہ ٿي سگهي ٿي؟" ڪرار فون تي پڇيو. لڳم منهنجي نالي سان گڏ ڪنهن 109 ۽ 107، 307 جا قلم هٽي ڇڏيا هئا. ڇڻ آئون ماڻهو نہ ڪا گاڏي هئس ٽويوٽا هائيلڪس، پڪ اپ، جي ايل آئي، پاور اسٽيرنگ.

"سائين، صاحب صفت، بند بخت ۽ آواز ادب، اهي ٽيئي ڄڻا پر گذاري ويا ۽ باقي اسلم لغاري جن ڳالهائي پيو" مون چڙ مان لفظ جن تي زور ڏيندي ڪجهہ ڪاوڙ ڪجهہ حيران ٿيندي چيو.

"توهان پاڻ بذات خود يعني بہ نفس نفيس اسلم لغاري صاحب ڳالهائيو پيا؟" ڪرار اعتبار نہ ايندڙ انداز ۾ چيو.

"اصل سورنهن آنا سائين سورنهن آنا" مون يقين ڏياريندي چيو.

"سائين احوال عرض هيءُ آهي تہ" توهان اسان جو ڇپايل ڪتاب "ڪهاڻي" ضرور پڙهيو هوندو." ڪرار ڳالهہ کي اڳتي وڌايو.

"ها سائين بلڪل ڪتاب ۽ ان ڪان گهڻا ان جا اشتهار پڙهيا آهن." مون چيو.

"گذارش گوش گذار ڪجي ٿي تہ اهڙوئي هڪ اعليٰ ڪتاب طباعت خاص ۽ اعليٰ جزبندي سان موضوع مزاح تي ڇاپي رهيا آهيون. ان سلسلي ۾ اوهان کي عرض خاص آهي تہ مطابق فن مزاح اوهان پنهنجي هڪ اعليٰ ۽ نڪور ڪهاڻي موڪليندا تہ مهرباني خاص ٿيندي، ۽ خاص عرض اهو تہ جي اهاڪهاڻي قابل طباعت هوندي تہ مبلغ پنج هزار رپيہ اکرين پنج هزار رپيہ بہ معاوضہ تحرير اوهان کي عنايت بہ ڪيا ويندا." ۽ هن پنج هزار تي زور ڏيندو چيو.

پنجن هزارن جو ٻڌي مون اھڙو ڇرڪ ڀريو جو ذري گھٽ گوڏ پيرن ۾ وڃي پئي ھئي. واڇون ڦراڻي ڀڳل ريلوي ڦاٽڪ جيئن کلي ويون ۽ سير کن گگون ڏندن جا بند ڀڃينديون قميص جا ڪالر ڀسائينديون سلوار جي پانچن تائين پھچي ويون ۽ فون تي منھنجي آواز جو نمونو ئي نرالو ٿي ويو ھو. ڀونڪڻ بند ٿي ويو ھو ۽ سڄيل ۽ بيسري ٻوٽ مان مناس ۽ نوڙت بکڻ لڳي ھئي. خوش ٿيندي چيو مانس.

"سائين بس اوھان ڇٽا آھيو، آئون لڳي ٿو وڃان، لطيف ڇٽئي." بس اوھان رڳو اھڙا حڪم ڪندا رھو، الله خير ڪري. آئون بنا فل اسٽاپ ۽ ڪاما جي ڳالھائيندو رھيو ھوس تہ منھنجي ڳالھ وچ ۾ ڪٽيندي ھن چيو:

"ھڪ ڳالھ ٻي." ھاڻ ھن جي لھجي ۾ سختي ۽ آواز ۾ ڪڙڪو اچي ويو ھو. شايد ھن منھنجي آواز مان منھنجي ٻڪ جو اندازو لڳائي ورتو ھو. "ان سان گڏ ھڪ عدد تازو فوٽو ضرور موڪلجو ڪھاڻي سان گڏ طاعت خاص واسطي."

"سائين فوٽو ڪي ڇڏيو نہ!" پنجن ھزارن جو ٻڌي منھنجي آواز ۾ مناس اڃا بہ وڌي وئي ھئي.

"نہ فوٽو ضرورت اول ۾ شامل آ ۽ ان جي انتھائي اھميت ۽ اوليت آھي." ھن جي آواز ۾ سختي اڃا بہ وڌي وئي ھئي.

سائين منھنجو فوٽو سنڌ وارا ڏسي اڃي ئي بہ مون کي "ڀاٽو" سڏيندا آھن ڇو تا ٻيو نالو رکرايو!"

"ڪجھ بہ آ، ضروري آ" ھن جو انداز تحڪمانہ، لھجو گھٽو سخت ھو.

"سائين جي منھنجو فوٽو ڇاپيو تہ پڙھندڙن کان اڳ ڇاپڻ واري مشين مين کي بہ تريون ھٽيون پوندو." مون ٿورو ھجائتو ٿيندي چيو.

"بحرحال جيڪڏھن ڪھاڻيءَ خاص سان گڏ اوھان پنھنجو ھڪ عدد فوٽو نہ موڪليو تہ ڳالھ جا قوي امڪان آھن تہ اوھان جو نالو خارج از لسٽ ٿي وڃي." ھن نھايت رعبدار آواز ۾ چيو ۽ جيسين آئون ڪجھ چوان ھن ڪڙڪي سان فون رکي ڇڏيو.

پنجن ھزارن جي لالچ ۽ تڪڙ ۾ پراڻو ڦاٽل چپل جنھن کي اڱڙين جا ڪشا ٻڌل ھئا ابتو پائي گوڏ جا ور ڇڪي ڪرڪ ڪرڪ ڪندو گھر پھتس. گھر جي دروازي تي ولر ٻارن جو وڪوڙي ويو. ٻن ننڍن ذري گھٽ گوڏ بيھر لاٿي ھئي. گوڏ بچائيندي ڇڙٻ ڏيندي چيم:

"ڇورا ھيءَ منھنجي گوڏ آھي ڪو سيلز ٽئڪس جو ڦارم نہ آھي جو ڇڪي ٿو ڦاڙيو."

"اسان لاءِ ڇا آندو اٿو ابا؟" ننڍي منھنجي ڇڙٻ تي ڌيان نہ ڏيندي چيو. پر منھنجا ھٿ خالي ڏسي بيھر گوڏ کي ڇڪ ڏئي گھر اندر پڄي ويو. گھر جي دروازي کي کلھي جو ٿيلھو ڏئي اندر داخل ٿيس تہ گھر واري مون کي ڪاوڙ مان گھوري رھي ھئي. بندرو قد، لوڻو منھن ننڍڙي چنجھين اکين مٿان ٻلوري تلھا ڪاوا، وڏا وريل ڪارڙا سرمئي چپ ۽ ڇپن تي لٽون رکي بينل ڊگھيرڙا ڦڪڙا ڏند، ڇپن تي لڳل ڳاڙھي ھلواڻ سرخي ڇپن جون سرحدون اورانگھي ڏند وات ھڪ ڪريو بيني ھئي ۽ سنھڙين اکين ۾ پاتل سير کن سرمون جنھن جو ڳچ جيترو حصو ڳول چشمي ۽ ڳلن تي پکڙيل ھو. نيري ڇيٽ جي جوڙي ۾ بينل ھو، مون لاءِ ڪنھن اپسرا کان گھٽ ڪا نہ ھئي.

”سنگتي خوش تہ آن نہ؟“ مون سندس ڪاوڙ جو اندازو لڳائي ڏند ڪڍي ٽڪڻ تي هٿ ڦيري چيو.

”خوش آن! گهر ۾ اٽو ڪونهين ۽ هي مئو آيو آهي ڏند ڪڍندو.“

هن اکيون ڪرڙيون ڪري چيو لڳم ڏک هٽي ڪيندي.

”ڳهبراءِ نہ“ مون چيو ”مون کي هڪ ڪهاڻي لکڻ لاءِ ملي آهي جنهن جا پاڻ کي پنج هزار ملندا بس پوءِ موجون ئي موجون.“

”پنج هزار!“ هن حيرت مان چيو ۽ سندس واڇون منهنجي واڇن ڪان بہ وڌيڪ ٽڙي ويون هيون ۽ هو ڪليل واڇن سان جهڙي سهڻي لڳي رهي هئي تنهنجو ذڪر في الحال ڪو نہ ٿو ڪريان.

”پوڻين ڪهاڻيءَ جا تہ توکي مئن پنج آنا بہ ڪو نہ ڏنا هئا.“ منهنجي زال حيرت ڳاڙڻ خوشيءَ ۾ چيو هئ.

”ماڻهو ماڻهو جو فرق آ، هو بکيا هئا، هي سيد آهن ملڪ ڦريو وينا آهن پاڻ کي ضرور ڏيندا“ مون چيو.

”هڪ ٻي ڳالهہ“ مون ڳالهہ کي اڳتي وڌايو ”ڪهاڻي لکڻ لاءِ ضروري آهي تہ خاموشي ئي خاموشي هجي. ٿڌڙي ٿڌڙي هوا هجي پيٽ ۾ بک نہ هجي ۽ چانهہ جو ڪپ اڳيان هجي، ڀلا تون گهڻ ۾ گهڻ ٻار تہ سمهاري ڇڏ نہ“

”بک تي مئا ڪيئن سمهندا“ منهنجي گهر واري ڳالهہ کي اڌ ۾ ڪٽيندي چيو.

”بکئي پيٽ سمهارڻ جو توکي ڪافي تجربو آهي تون مون کي بہ ڪيترائي ڀيرا ايئن سمهاري چڪي آهين مون هٿ ٻڌندي چيو، ٻار نہ سٽا تہ آئون ڪهاڻي نہ لکي سگهندس ۽ ڪهاڻي نہ لکي سگهيس تہ پنج هزار ڪيئن ملندا؟ بس ڪجهہ بہ ڪر ٻار سمهار“ مون ٻيهر هٿ ٻڌا.

”تون پنهنجن افعالن لنگهٽو سمهندو آهين.“

”پنجن هزارن جي رقم لاءِ هيءَ مولاٽڻ ڪجهہ بہ ڪرڻ لاءِ تيار هئي تنهن ٻارن کي ڪنهن بهاني ڊبل ڊوز آفيم ڪارائي سمهاري مٿان پراڻيون ڦاٽل رليون وجهي اچي منهنجي پير ۾ ويهي رهي ۽ ڏاڍي پيار مان ٽڪڻ جي بچيل وارن مان تيز رفتاريءَ سان جنئون ڪڍڻ لڳي ۽ آئون وڏي دانشورانہ انداز ۾ اچا پنا اٿلائڻ لڳس ڪجهہ دير لاءِ منهنجي ڪنن تي هن جو ناز و اندازوارو ٿلهڙو آواز پيو.

”اي سائين“

”هون“

”اڄ منهنجو روح ٿو چوي.

”چا ٿو چوي تنهنجو روح“ مون پنن تي نلها نپڪا پائيندي چيو.

”روحڙو ٿو چوي تہ ڪجهہ ڪنيون ڪجهہ ڇهريون ۽ ڪجهہ منيون شيون رڌجن“ هن منهنجي مٿي مان جهليل جوءَ ننهن سان ماريندي چيو، ڪنين ۽ ڇهرين شين جو ٻڌي مون ڪان رڙ نڪري وئي.

”چوري ڪٿي وري تہ ڪو نہ تي آٽي پيريءَ جو ماڊل؟“ ۽ مون رڙ ڪندي چيو.

”باھ ڏي مئن کي“ هن ڪنڌ ڏوڙيندي پيلا ڏند ڪيندي چيو ۽ مون کي ساھ ۾ ساھ پيو چو تہ هو جڏهن بہ ڪنهن ڪٺي ۽ ڇهري شئي جو مطالبو ڪندي هئي تہ پڪ تي ويندي هئي نئون ماڊل بجيٽ جو خسارو ساڻ ڪٺي پيو اچي ۽ هاڻ حالت اها آهي تہ گهر ۾ ايترا ٿانو ڪو نہ آهن جيترا ٻار آهن. هر رلي هيٺان بہ ستا پيا آهن. ويلي تي چار سير اٽو چٽ. مون ٽڏو ساھ کٽي اڃا چپ چوريا ئي مس هئا تہ منهنجي زال ڳالهائڻ شروع ڪيو.

”اڄ منهنجو وڙهڙو ٿو چوي تہ ڪڪڙ جا ڪوفتہ چٽن جي دال جو حلوو ۽ ٿوم ٽماٽرن جي چٽني ناهجي.“

”پر مولاڻ توکي تہ چٽن جي دال رڌڻ بہ ڪونہ تي اچي تہ تون چٽن جي دال جو حلوو ڪيئن ناهيندين؟“ پنهنجي گهر ۾ ڪڪڙ جو ٻوڙ تہ پري وڏي مال جي سريءَ جو گوشت بہ ڪو نہ ٿو رڌجي، سو تون ڪڪڙ جا ڪوفتا ڪيئن ناهيندين. مهينو اڳ تنهنجو رڌل ٻوڙ پاڙي واري جي ٻلي چٽي وئي هئي، سا اڃا تائين بيمار آهي ۽ ايندي ويندي پاڻ کي ڏسي ”مئون“ ڪريو پئي پٽي“ مون گهر واري ڏانهن سواليہ نگاهن سان ڏسندي چيو.

”هوءَ پاڙي واري پنجابڻ آهي نہ. هن مون کي هڪ پلو ڪتاب ڏنو آهي، جنهن ۾ ڪاڏن ناهڻ جو الاهي ترڪيبون لکيل آهن.“ منهنجي گهر واري لفظ الاهي کي ڊگهو ڪندي چيو ٽلهن ڪاون واري گول چشمي پويان سندس ننڍڙين اکين ۾ اعتماد جي جهلڪ صاف نظر اچي رهي هئي.

”پر پئسا ڪٿان ايندا؟“ مون ذري گهٽ رڙ ڪندي چيو:

”راشن واري کي اڃان تائين نہ ڏنا اٿم ان مان وٺي تي اچان.“

”۽ جي راشن واري گذريل سال جيئن منهنجي ٽڪڻ تي تورا چٽڻ شروع ڪيا تہ پوءِ“ توکي تہ خبر آهي تہ پوئين سال لڳل توري جو نشان اڃا تائين نہ لٿو آهي. مار پويس جهڙو چينڙ اڄ تائين نہ ڏٺو آهي.“ مون زال کي ٽڪڻ تي توري جو نشان ڏيکاريندي چيو.

”پاڻ کي پنج هزار تہ ملندا کهاڻي جا. ان مان ڏئي ڇڏيندا سين.“ بيگم وڏي اعتماد سان چيو.

”۽ هو ميڊيڪل اسٽور واري جو بل؟“

”اهو مان پاڻهين ڏيندس.“

”۽ هن ڪپڙي واري پٺاڻ جو بل جيڪو روز در تي گاريون ڏيئي ويندو آهي؟“

”اهو مان پاڻهين ڏيندس.“

”۽ هن ٿانون واري گوارڻ جا پئسا؟“

”اهي بہ مان پاڻهين ڏيندس.“ منهنجي هر سوال جي جواب ۾ هن جو اهو ئي جواب هو...

حقيقت ۾ پنجن هزارن جي آسري تي منهنجي دل بہ ڪجهہ وڏي وئي هئي ۽ منهنجي دل ۾ اها خواهش پيدا ٿي تہ جيڪڏهن گهر ۾ سنو ڪاڏو تيار ٿيو ۽ آفيم جو ڊبل ڊوز ڪاڏل ٻارن کي ڪجهہ سنو ڪاڏو ملندو تہ خوش ٿي پوندا. آخر پنجن هزارن مان انهن جو بہ تہ ڪو حق آهي نہ، آئون گهر واري کي راشن جي پنجن سون مان خرچ ڪرڻ جي اجازت ڏئي پاڻ دانشورانہ انداز ۾ سفيد پنن تي ٽبڪا پائڻ لڳس.

منهنجي گهر واري ٿوري دير ۾ ٻاهران ڪتابي نسخي مطابق سيڌو وڃي آئي ۽ اعتماد سان ڪتاب جا پنا اٿلائڻ لڳي ۽ آئون چئنل واڻ جي ڪٽ تي ويهي ڪنهن ڪهاڻي جي پلاٽ جي ڳولا ۾ مٿو ڪنهڻ لڳس. ٿوري ئي دير ۾ بورچي خاني مان ٺانئن جي ٺڙڪڻ ۽ مصالن جي ڪٽجڻ جا آواز اچڻ لڳا. بصرن جي ڇڇجڻ جي خوشبو، ڪير جي اٻارجڻ جي مهڪ، غسل خاني مان ايندڙ بوءِ تي حاوي ٿي چڪي هئي ۽ ان سان گڏ منهنجي پيٽ جي آندن ۾ وٽ به وڌڻ لڳا هئا. آئون اچا اچا پير ڪٽي ٻورچيخاني ڏي ويس. بورچي خانو ڇا هو ڪنهن پراڻي پنساري جو دڪان لڳي رهيو هو. ڪنهن پليٽ ۾ ڪٽيل ٿوم ته ڪنهن ساسر ۾ تازو مائو، ڪنهن پيالي ۾ گدامري جو پاڻي ته ڪنهن چمچيءَ ۾ چٽن جي دال مطلب ته شاديءَ جي پنجويهن سالن ۾ ڪنهن عيد تي به اسان جو بورچي خانو اهڙي ريت سينگاريل نظر نه آيو هو. مون پيار ۽ پاٻوهه مان گهر واري جي پٺيءَ تي هٿ رکندي چيو.

"سائين هاڻ ته جلد ڪر بک ماڳهين ڏڪڻ ڏئي ڇڏي آهي."

"ترس ترس، اهڙو ڪاڏو ناهي ٿي ڪارايانءِ جو سال ڪن پيو چپ چٽيندين. ڪتاب جا ڪاڏا آهن ڪو مذاق نه آهي" هن ڪتاب جا پنا اٿلائيندي چيو ۽ آئون موٽي اچي چئنل ڪٽ تي ويهي گنج ۾ ڪنهار ڪندي ڪهاڻيءَ جي باري ۾ سوچڻ لڳس.

ڪلاڪ اڌ ڪانپوءِ هو به پليٽون ڪاڏي جون ڀري ڪٽي آئي هڪ پليٽ ۾ حلوو ۽ ٻي پليٽ ۾ ڪڪڙ جا ڪوفتا ۽ پراڻي ميري چمچي ۾ به چار سڙيل مانيون. حلوي مان عجيب قسم جي خوشبو اچي رهي هئي. شايد مون اهڙا ڪاڏي سڄي حياتي نه ڪاڏا هئا. پر فرق صرف ايترو هو ته حلوي جو رنگ ٻوڙ جهڙو ۽ ٻوڙ جو رنگ حلوي جهڙو هو. پليٽون اڳيان رکندي چيائين:

"مئا جي اڄ به عادت وانگر ڪاڏي مان ڪوار ڪيئي ته مهري هٽي مٿو ڦاڙي وجهندي سانءِ ويهي آرام آرام سان ڪاءُ" هن مان ذرو به بچي نه."

"نه نه واهه جو ڪائبو" مون ٻانهون ڪنجهيندي چيو. ڀهريان مٺي يعني چٽن جي دال جي حلوي ۾ هٿ وڌا. حلوي ۾ دال، ڪير، بادام، ڦوٽا وغيره ته سڀ پورا پور هئا بس ڪنڊ جي جاءِ تي ويهارو ڪن چمچا لوڻ، گرم مصالو ۽ مرچون پئجي ويون هيون. اهڙي طرح ڪڪڙ جي ڪوفتن ۾ به ڪا برائي ڪا نه هئي. بس ٿورو مائو ۽ سير ڪن ڪنڊ وڌيڪ پئجي وئي هئي. ظاهر آهي ان ۾ منهنجي گهر واري جو ڪو ڏوهه ڪو نه هو. ڏوهه هوندو ته سڄو هوا جو، جنهن ڪتاب جا پنا هيٺ مٿي ڪري ڇڏيا هوندا. يا نظر جي بي وفائي جو جنهن نسخا مٽائي ڇڏيا هوندا.

"آئون ساهي ڪائي پوءِ ڪاوان؟" مون نڙي تي زور ڏئي اٽڪيل گرهه ڪي هيٺ ڪندي چيو هو.

"نه نه سڀ ڪاءُ ۽ هينئر ڪاءُ" هن مهري ڪي لوڏيندي، حڪم ڏيندي چيو. مهري تي اک پوندي مون ٽڪڙا ٽڪڙا گرهه هٽڻ شروع ڪيا. ڪاڌو اهڙو هو جو نڙي مان لنگهڻ جو نالو ئي نه پيو وٺي ۽ ان مان نڪرندڙ عجيب امونيائي تيز بوءِ سان ساهه ٻوساٽجي رهيو هو ۽ ان جو هر گرهه اندر ٻاهه جو ٻارڻ ٻاريندو ٿي ويو.

"پلا تون به ته ڪاءُ نه" مون مٿي تي هٿ رکندي گهر واري کي چيو.

"نہ مان پوءِ ڪائينديس ٻارن سان گڏ" هن نهڪار ۾ ڪنڌ ڌوڻيندي چيو. منهنجون اکيون پليٽن جي نہ ڪٽندڙ ڪاڏي تي کپي ويون. ڪجھہ مهري ڪٽي وينل زال جي خونخوار اکين ۽ ڪجھ پئسن جي زيان ٿيڻ جي ڊپ ۾ آئون ٻئي پليٽون زوري نڙيءَ کان هيٺ لاهي ويس.

ڪاڏو ڪائڻ وقت خيال آيو تہ جي اينٽي ٽيررسٽس عدالتون عمر قيد جي سزا بجاءِ ڏوهين کي منهنجي زال جو رڌل اهو حلوو هفتو کن کائڻ جي سزا ڏين تہ ڪر ڏوهن ۾ گهٽي گهٽتائي اچي وڃي ۽ پوءِ آهستي اهو حلوو مشهور ٿي ويو تہ ڪنهن گرفتار ٿيل دهشتگرد کي صوبيدار صاحب بجاءِ مارڪٽ، ڏاڙهي پٽ ڪرڻ جي عزت سان ڪرسي تي ويهاري شربت جو گلاس يا کير پتي چانھ جو ڪوپ ڏئي سگريٽ جو پاڪيٽ اڳيان رکي چوندو تہ "فلاڻا خان ڏوھ ٻاسين ٿو يا گهرايان لغاري صاحب جي گهر جو حلوو" ۽ جي ڏوهاري هٿ ٻڌي ڏوھ نہ ٻاسي تہ جيڪا چور جي سزا سا منهنجي سزا.

ماني ڪائي چيلھ تي هٿ رکي چنل ڪٽ تي اچي ڪري پيس، پيٽ ۾ دکيل مرچن مصالن جي دونهين آهستي پنيٽ پئي تي ساھ ۾ مونجھ سان گڏ پيٽ عربي سنحاري جيئن ڦوڪبو پئي ويو. اندر مان اپرندڙ سور جون سٽون برداشت کان ٻاهر ٿينديون تي ويون ۽ اکين آڏو ڏنڌ اچڻ لڳي، پيٽ تي هٿ رکي ميري وهاٽي ۾ منهن وجهي چنگهڻ لڳس ۽ آهستي آهستي سور جي شدت سان گڏ چنگهڻ جو آواز رڙين ۾ تبديل ٿيڻ لڳو تہ گهر واري ڊوڙندي آئي.

"مٺا ڇا ٿيو ٿئي؟" گهر واري رڙ ڪندي چيو.

"الاڙي!"

"مٺا ڏس تہ سهي ڇا ٿيو ٿئي."

"مران ٿو!"

"اهو تہ تون اڳي بہ چوندو آهين پر وينو تہ اهڙي جو اهڙو آهين." ۽ هن منهنجي ٻانهن کان جهلي اٿارڻ جي ڪوشش ڪندي چيو.

"نہ اڄ اصل صفا!" منهنجون رڙيون هاڻ وڌنديون ٿي ويون ۽ اهي گهر جون پٽيون پار ڪري پاڙي تائين پهچي ويون هيون. ٿوري ئي دير ۾ بہ چار پاڙي وارا گنجين ۽ گوڏن ۾ گڏ ٿي ويا هئا. پاڙي جي هڪ ميمڻ حاجي ذڪريا منهنجي ۾ ٻڌل پنجابي کي چيو:

"اي پنجابي ياهي لگاري صاحب جو پيٽ آهي کي ڪراچي جي سيئر بجار! سالو اونچي ٿئي تو نين نيچي ٿئي تو ان کي اوترو جورناڏي ڦٽي ويو تہ ٻهون نقصان ٿيندو. مکي لڳي تو ساري سرارت هن جي پيٽ جي آئي."

"اوئي نان اوئي نان، هي پيٽ جي گڙ ٻڙ ڪوئي نان آهي هن کي مرگهي ٿي وئي آهي، تي مرگهي جو مون وٽ بهترين علاج آهي."

پنجابي پنهنجي پنجابکي انداز ۾ چيو ۽ پنهنجي پيرن مان ٻارنهين نمبر پنجابک جوتو لاهي منهنجي نڪ تي رکي ڇڏيو. ان وقت مون کي احساس ٿيو تہ ڊاڪٽر آپريشن ڪرڻ وقت بيهوش ڪرڻ لاءِ اجايو انيسٿيزيا استمال ڪن ٿا. هن پنجابي ياءَ جا بہ چار جوتا آپريشن ٿيٽر ۾ رکي ڇڏجن، رڳو نڪ جي ويجهو آڻڻ جي دير آ، بہ چار ڪلاڪ مريض ٻانهن چوري نہ سگهندو.

سور جي شديد شدت جي باوجود مون ڪوشش ڪري نڪ تان جوتو لاٿو ۽ وڏا وڏا ساهه کڻڻ لڳس.

"ڏٺيا هوش ۾ اچي ويو نه!" پنجابي پاءُ پنهنجي ڪامياب علاج تي خوش ٿيڻ لڳو.

"نئين ڀائي هن تي ڪاري علم جو اثر آهي."

پاڙي جي مولوي پنهنجي بگي ڏاڙهي تي هٿ ڦيريندي چيو "ڏسو نه هن جو وات ۽ اکيون پنجي ويون آهن."

"اي توڪي تو سالو هر ڳالهه ۾ ڪارو علم نجر اچي ٿو. سالو ڪوئي ڪي ڳانسي ٿئي تو ڀي ڪارو علم، ڪوئي ڪي بڪار اچي تو ڀيڪارو علم. اي سالا مولبي تونجي تو سالي نجر ئي ڪاري ٿي وئي آئي." ذڪريا ميمڻ مولوي تي ڇوهه ڇنڊيندي چيو "هاٽي اين ڪرو، نين ڪلو ڀائي جي اينبولينس منگائي ڳنو نين ان ڪي اسپتال ڳني هلو."

اسپتال جو نالو ٻڌي منهنجي ساهه ۾ ساهه پيو ڇو ته مون ڪي ڊپ هو ته ڪٿي پنجابي پاءُ وري نه جوتو سنگهائي" جي وري مولوي پنهنجا ڦيٽا شروع ڪيا ته ٿيندا زال جا ڀاڳ ڀلا.

ٿوري دير ڪان پوءِ علو مڪراني ڪنهن ٻار سان گڏ اچي پهتو ۽ علو ڪي ڏسندي ئي ذڪريا ميمڻ علو ڪان پڇيو.

"تو واري ايمبولينس ڳني آيو آئين نا علو يا."

"اڙي اڙي.. آئون شيلا ڪرولا ڪٽي آيو آيان نه. هاٽي جلدي ڪرو ۽ مريض وريض ڪي ڪٽو پاڻ وڻ پالتو (فالتو) ٽائيم نائي." علو مڪراني پنهنجي مخصوص انداز ۾ چيو.

"تو وڻ تو سالو ٽائيم هجيج نه ٿو، بغير اسٽريچر جي ٿوڙي دير تو لڳني نا." ميمڻ علو ڪي ڇڙٻ ڏيندي چيو.

اڙي دير ميرو تي ۽ ڪٽي مريض ڪلٽي تي ويو، تو پانجي ذميواري نائي." مڪراني پاءُ منهنجي ٻانهه هٿ ۾ وجهي مٿي ڇڪڻ شروع ڪيو، ايتري ۾ ٻيا به ڇهٽي ويا. ڪنهن ٻانهن جهلي ته ڪنهن ٽنگ ڇڪي ڳنيي ڳٽي گهر ڪان ٻاهر ڪيائون، ٻاهر مون ڪي ڪا به ايمبولينس نظر نه آئي سواءِ هڪ گڏهه گاڏي جي جنهن جي تختن تي گل ٻوٽا ٺهيل هئا. گاڏي ۾ جوٽيل گڏهه ڪي پٺ جا ڳانا پاتل هئا، مون ڇنگهندي چيو.

"ڀا ايٽبولنس ڪٽي آهي؟"

"اڙي اي آئي نا اينبولنس، شيلا ڪرولا تون وري ڇا سمجهي تو." علو مڪراني گڏهه گاڏي ڏي اشارو ڪندي چيو ۽ هن اچل ڏئي مون ڪي گڏهه گاڏي ۾ اڇلي ڇڏيو ۽ ڪنهن سياٽي ۽ تجربيڪار ڊرائيور جي انداز ۾ گڏهه گاڏي تي ويهي گاڏي ڪي هڪل ڪئي.

"هل ڙي شيلا."

۽ پوءِ منهنجي لاءِ خاص طور گهرايل علو مڪراني جي شيلا ڪرولا ڪراچي جي رستن تي ڊوڙڻ لڳي ۽ آئون ٻانهه ڪنڌ هيٺ ڏئي ڇنگهندو رهيس. شيلا ڪورولا ڪيترين ئي گهٽين ۽ رستا اورانگهي هڪ ننڍي اسپتال آڏو اچي بيٺي. اسپتال جي دروازي تي هڪ ڪنارا ايمبولينس ۽ چار موٽر سائيڪلون ۽ هڪ اڌ ريڙهي وارو بيٺل هو. ڪاريڊور ۾ پيل بيڊ تي هڪ لاش مٿان هڪ پوڙهي عورت روئي رهي هئي. پوڙهي عورت جي پير ۾ به ڪوماٽل ٻار

بيٺا هئا. ايتري ۾ ٻه سڙيل سڪل وارڊ بواءِ پان چٻاڙيندا اچي گاڏي وٽ بيٺا. جيسين مون کي گڏهه گاڏي مان ڪڍي اسٽريچر تي سمهارين علو مڪراني هڪ وارڊ بواءِ کان پڇيو.

"اڙي اي پوڙي ڇو روئي تو؟"

"هن ويچاري جو نوجوان پٽ مري ويو آهي." وارڊ بواءِ پان چٻاڙيندي چيو ڄڻ اهو ته ڪو مسئلو نه آهي.

"ڇا ٿيوڙي ويچاري کي." علو نسوار ٿوڪاريندي چيو.

"پيٽ ۾ سور هئس، رات کو غلط ڪاڏو هئاين." وارڊ بواءِ مون کي ٽنگن مان ڇڪيندي پان چٻاڙيندي اسٽريچر تي سمهاريندي چيو: مون پنهنجي ڦوڪيل پيٽ کي ڏٺو ۽ مظلومانه انداز ۾ علو کي ڏٺو.

"تو ٻه ڙي." علو ڪنن تي هٿ رکندي چيو ۽ وارڊ بواءِ مونکي اسٽريچر تي کڻي اسپتال اندر هڪ ڪمري ۾ پيل بستري تي اڇلائي هليا ويا. ڪمري ۾ اسپرٽ جي ڌپ متي پئي هئي. ڇت تي لڙڪيل پراڻي دور جو ٻي ڊولو پکو دم جي مريض جيئن ڏکي ڏکي هلي رهيو هو جنهن ۾ هوا گهٽ ۽ آواز وڌيڪ هو. مون ڦوڪيل پيٽ تي هٿ رکندي دل ۾ چيو "لغاري اڄ گهر صحيح سلامت موٽڻ مشڪل آهي. ايري سيري پيٽ جي سور جا مريض ٻه موڪلائي ويا آهن تون ته پيٽ ڦوڪٽو ڪريو وينو آهين. معنيٰ ته پڪ زال جي الله ٻڌي آهي." دل ۾ آيم ته دري ٽپي پڇي وڃان پر بت ۾ اٿڻ جي سگهه نه رهي هئي.

پنجن ڇهن منٽن کان پوءِ هڪ نوجوان ڇوڪرو ڊاڪٽر ڪمري ۾ داخل ٿيو. سندس اکين تي نظر جو چشمو ۽ هٿ ۾ ٽياسڪي هئي.

"ڪهڙي تڪليف اٿئي؟" ڊاڪٽر مون تي سرسري نظر وجهندي چيو.

"پٽ ۾ سو..." مون ڪنجهندي پيٽ ڏانهن اشارو ڪندي چيو ۽ ڊاڪٽر پيٽ تان ڪپڙو لاهي پيٽ تي ٻه چار هلڪڙيون پر خاصيريون ٽپڙون هڻي ڪڍيون. لڳم پيٽ جو ڦوڪٽو ڇاڻ ڦاٽو ڪي ڇاڻ ڦاٽو.

"ٺيڪ ٿي ويندين." ڊاڪٽر پني تي ڪونسخو لکندي چيو ۽ نسخي جو پنو پر ۾ بيٺل ميجر ڪمپائونڊر کي ڏئي ڪمري مان ٻاهر نڪري ويو. ڪمپائونڊر ڪافي دير تائين هڪ ڪنڊ ۾ برتن ٺڪائيندو رهيو ۽ پوءِ هٿ ۾ هڪ اسٽين ليس اسٽيل جو لوٽو ۽ ڊگهو برتن کڻي ظاهر ٿيو. برتن جي تري تي هڪ ٿلهو ربڙ جو پائيپ لڳل هو جيڪو هن ميجر ڪمپائونڊر جي ٻئي هٿ ۾ هو. ڪمپائونڊر منهنجي پر ۾ بيهي چيو.

"اونڌو ٿيءُ."

"ڇو؟" مون ڪمپائونڊر کان سوال ڪيو.

"ڊوس ڪندس."

"ضروري آهي ڇا؟"مون پڇيو.

"ها."

۽ مون کٽي ڪنڌ هيٺ ڪيو.

ايڊيٽر صاحب

ان کان پوءِ جي حالتن جو ذڪرڪرڻ مناسب نہ ٿو سمجهان پر هن وقت اسپتال جي جنرل وارڊ جي هڪ پراڻي بستري تي پيو آهيان ۽ ٻارن جي بہ خبر نہ آهي تہ اهي ڊبل ڊوز آفيم کائڻ کانپوءِ اٿيا يا اڃا تائين يڪا ستا پيا آهن. اسپتال وارا چون ٿا تہ جيسين بل ڪونہ ڏيندين ٻاهر نڪرڻ ڪو نہ ڏينداسون، کهاڻي تہ آئون لکي ڪونہ سگهيس، اسپتال جو بل موڪليان پيو مهرباني ڪري بل جي رقم موڪلي ڏيو نہ تہ مهينو کن انهيءَ اسپتال ۾ پيوهوندس ۽ بل بہ پيو وڌندو.

مهرباني......

فقط...



نذير ڪمال جو اصل نالو نذير ميمڻ آهي. هو 18 آڪٽوبر 1936ع ۾ حيدرآباد ۾ ڄائو. هن 1962ع ۾ سنڌ يونيورسٽيءَ مان ايم اي اڪنامڪس ۾ ڪرڻ کان پوءِ ملازمت اختيار ڪئي جتان رٽائرڊ ٿيڻ کان پوءِ وڪالت شروع ڪئي اٿس.

هن لکڻ جي شروعات 1983ع کان ڪئي ۽ هن جي ڪهاڻين جو مجموعو ”ويهي ڪهڙا ڳهاءِ اڪيليان“ شايع ٿي چڪو آهي، انهيءَ کان پوءِ هن جا گهڻائي مضمون مختلف اخبارن ۾ ڇپجي چڪا آهن. هو ريڊيو پاڪستان حيدرآباد جي سون ورني ڊرتيءَ جي پروگرام ڪچهريءَ ۾ سيٺ جي ٿالي سان پڻ ڪردار ادا ڪندو رهيو آهي. هاڻ به هن جي ڪهاڻين جو مجموعو ۽ آمريڪا جو سفرنامو شايع ٿيڻ وارا آهن.

# ٽٽل جيون، سندر سپنا

## نذير ڪمال

منهنجي ڀاءُ ڪجھ وقت کان ولايت جا وڻ وڃي وسايا هئا. اسان جي والد جي وفات ڪانپوءِ اسان جو گذر سفر تمام تنگ ٿي پيو هو، جنهن ڪري منهن ڏيڻ لاءِ منهنجي ڀاءُ کي وطن ڇڏي پرڏيهه ۾ وڃي روزگار حاصل ڪرڻ لاءِ جتن ڪرڻا پئجي ويا. مان سوچيان ٿو ته جيڪڏهن هو ٻاهر وڃي ڏنڌي ڌاڙيءَ سان نه لڳي ها ته هتي ضرور ڌاڙيل بڻجي وڃي ها.

منهنجي ڀاءُ کي برطانيا ۾ رهندي اٽڪل چوڏنهن سال گذري ويا هئا. هو هر ٻئي سال، اسان جي سار سنڀال لهڻ ڪاڻ ولايت مان واپس ورندو هو ۽ پاڻ سان گڏ نقد رقم ۽ ولائتي سبيل ڪپڙن جا جوڙا پڻ وٺي ايندو هو. جيڪي اسين هن جي وري موٽي اچڻ تائين پائي، پنهنجن ڪپڙن ۾ ئي نه پيا ماپندا هئاسين. اها ٻي ڳالهه آهي ته اها اسان کي خبر نه هوندي هئي ته انهن مان کهڙا انگريز بهادر جي پاڪر آهن. انهيءَ مان اهو به فائدو ٿيو جو ڪڏهين ڪڏهين اسين وڃهه وٺي لنڊي بازار مان سستي ملهه ليلامي ڪپڙا وٺي اچي پائي ڇڏيندا هئاسين ته ڪنهن کي به انهيءَ جي ڪڙڪ ئي نه پوندي هئي ۽ ڳري گنجي کي انهن ڏانهن اک کڻي ڏسڻ جي همت به نه ٿيندي هئي.

منهنجو ڀاءُ ولايت ۾ هڪ وڏي پب (pub) ۾ پليٽون ڌوئندو هو. هن جڏهين پهريون گهمرو انهيءَ راز جو انڪشاف ڪيو هو ته مون کي چڱيءَ طرح ياد آهي ته منهنجو شرم مان ڪنڌ جهڪي ويو هو. مون کي دل هاريندو ڏسي منهنجي ڀاءُ منهنجي دل وڌائڻ ڪاڻ مون کي آٿت ڏيندي چيو هو ته يورپ ۾ نيچ ڪم ڪرڻ کي عار نه سمجهيو ويندو آهي. بلڪ هر قسم جي پورهئي کي عظمت جي علامت سمجهي انهيءَ تي فخر ڪيو ويندو آهي. منهنجو ڀاءُ جڏهين پويون گهمرو هيڏانهن آيو ته هن سڄي گهر جي ڀاتين کي هڪ هنڌ گڏ ڪيو. انهيءَ گڏجاڻيءَ ۾ اسان جي ماءُ اسان جي ننيڙي ڀيڻ ۽ آئون پاڻ به شامل هوس. هن ڪنهن پارٽي جي ميٽنگ جهڙي ان گڏجاڻي ۾ نهايت سنجيدگي سان اسان کي سمجهايو ته پرڏيهه ۾ هاڻي مهانگائي اهڙي ته چوٽ چڙهي وئي آهي جو بچت ته پري رهي هاڻي مرڳو ئي اتي گذارو ڪرڻ مشڪل ٿي ويو آهي، جنهن ڪري جيڪڏهن هن اتي وڌيڪ ڪم ڪيو ته هن جي سڄي پونجي رڳو هن جي پالنا (Maintenance) تي ئي رئي ٿي ويندي، جنهن ڪري هن هاڻ هميشه لاءِ وطن واپس ورڻ جو فيصلو ڪري ڇڏيو آهي.

هن جي ڳالهه ٻڌڻ سان منهنجون ته وايون ولڙيون ٿي ويون ته آخر هو هتي موٽي اچي کهڙا آڪ ڪارا ڪندو ۽ ته هن جي واپس اچڻ سان اسان جي ڪفالت جو ڇا ٿيندو؟ هن منهنجي دل جي ڪيفيت محسوس ڪري ورتي ۽ مون کي آٿت ڏيندي چوڻ لڳو "مون پنهنجي من جون سڌون ماري، تن کي تپسائون ڏئي، جيڪي ڏوڪڙ ڀاڄي ڪيا آهن سي ساڻ ڪري، هڪ عمدي عاليشان ڪار بڪ ڪرائي، پرڏيهه مان لڏي پلاڻي واپس ورندس، انهيءَ سان اسان جا سڀ ڏک ۽ ڏولاوا ڏور ٿي ويندا."

مون موٽر ڪار جي مخالفت ڪندي ڪيس منهن تي چٽيءَ ڏنو تہ ”پاڻ کي اجاين ڳالهين کي ڇڏي اوليت پنهنجي اَجهي کي ڏيڻ گهرجي، ڏس تہ بابي مرحيات جي سڄي ڄمار جي ڪرت ۽ پورهئي جو ثمر رڳو اهو اوقاف کاتي جو قبضي وارو پلاٽ آهي جنهن تي پاڻ پڪا اَڏي اَجهو ٺاهي وٺا آهيون. هاڻي اهو پنهنجو فرض آهي تہ انهيءَ کي پَڪَ سِرو ڪرائي گرمي سرديءَ جو بچاءُ ڪريون.“ منهنجي ڳالهہ سڻي هن جو ٻوٽ ڦري ويو ۽ وري مون کي سمجهائيندي چوڻ لڳو ”منهنجا ٻالا ڀولا ڀوڪ ڀاءُ! مان هن ڀوميءَ تي گهڻو پڙڪيو آهيان ۽ ڌڪا ڪائڻ ڪانپوءِ انهيءَ نتيجي تي پهتو آهيان تہ هن دنيا ۾ رڳو بناوٽ، ڏيک ويک ۽ ٺٺ ٺانگر جو مان ۽ قدر آهي، آئون گهر کان وڌيڪ موٽر ڪار کي انهيءَ لاءِ ترجيح ٿو ڏيان جو موٽر ڪار ماڻهوءَ جي رتبي جو اهڃاڻ (Symbol of status) آهي، انهيءَ سان نہ رڳو ماڻهوءَ کي معاشري ۾ عزت ۽ احترام ٿو ملي بلڪ سندس حيثيت ۽ درجي جو ڪاٿو ٿو ڪيو وڃي.“ مون کي هڻ جي ڳالهہ نہ وڻي ۽ منهن گهنجايم پر هو تہ پنهنجي ڳالهہ تي هوڏ ٻڌيو ويٺو هو.

”منهنجا مٺا! هن دنيا جو دستور نرالو آهي تون ڀلي کهڙي بہ عمدي ۽ عاليشان عمارت ۾ قيام پذير هجين پر جڏهين تون ڪو ڪم ڪٽي ڪنهن پرئي مڙس وٽ پيرين پنڌ وڃي نڪرندين تہ ڪم تہ پري رهيو هو توکي سوليءَ طرح گيڪاريندو بہ ڪونہ، ۽ هوڏانهن پاڻ اٿندي ئي هڪ نئين ماڊل جي ڪار ۾ چڙهي ڪنهن رڄ مڙس جي در تي ويندا سين تہ هو اهو تہ سوچيندو ئي ڪو نہ تہ پاڻ ڪو جهڳيءَ مان نڪري آيا آهيون، هو تہ پنهنجي عهدي ۽ سيهڙ ڪار کي ڏسي پاڻ کي پيو جيءَ ۾ جايون ڏيندو.“ هن چيو. مون پنهنجي ڳالهہ تي زور ڏيندي ڪاهريل قلفي وانگر چيو، ”آخر ڪيستائين پاڻ، جڙتو ۽ بناوٽي ڏيک ويک جي سهاري اصليت ۽ سچائي کان منهن موڙيندا سين.“

هڻ مون کي يڪ ٽڪ جواب ڏنو ”تون ڇو نٿو سمجهين تہ پاڻ معاشري ۾ صفا (LOWER MIDDLE CLASS) هيٺئين طبقي سان تعلق رکون ٿا، پاڻ کي زنده رهڻ ڪاڻ پنهنجي اصليت ۽ حقيقتن کي لڪائڻ لاءِ هڪ خوبصورت ۽ چمڪندڙ موٽر ڪار جي سخت ضرورت آهي، جنهن جي جهرڪٽي ۽ چِلڪي ۾ ماڻهن جون اکيون اهڙيون تہ چرخ ٿي وڃن جو اسان جون اوڻايون ۽ عيب انهيءَ چمڪي ۾ لڪي وڃن.“ مون ڪانئس بيزاريءَ مان پڇيو ”پاڻ ڀلي ماڻهن کان ڪيتري بہ اصليت لڪايون پر هڪ ڏينهن تہ ضرور ماڻهن تي پنهنجون حقيقتون ظاهر ٿينديون پوءِ پنهنجي منهن ۾ ڇا رهندو سواءِ ڇائي واري ڇڄ جي.“

”منهنجو اهوئي خيال آهي تہ جيڪو جيترو سڄو ۽ ڀينگيو هجي، انهيءَ کي پنهنجي ڪل بچائڻ خاطر اوتروئي نمائش نمود ۽ ڏيک ويک کان ڪم وٺڻ گهرجي، ڪڏهين بہ ماڻهوءَ کي پنهنجيون ڪمزوريون عوام اڳيان ظاهر ٿيڻ نہ ڏجن. منهنجا مِٺا اهو ڀلي ڀت سمجهي ڇڏ تہ جيڪڏهن ماڻهوءَ کي هڪ ٻئي جي صحيح حيثيت جي ڄاڻ پئجي وڃي تہ جيڪر پنهنجن ڇنبن سان هٽي هڪ ٻئي جون آنڊا ۽ گجون ڪڍي رکن، جنهن ڪري منهنجا ڀاءُ! پنهنجي عافيت اصليت لڪائڻ ۾ ئي آهي.“ منهنجي ڀاءُ ڀاشن ڏيندي چيو.

”پنهنجي گهر ۾ ڏس تہ ڀينگ پئي واڪا ڪري، انهيءَ ڳالهہ کان اکيون ٻوٽي موٽر ڪار ۾ چڙهي شهر ۾ گهمڻ تہ پنهنجي غربت جو مذاق اڏائڻ ٿيندو.“ مون هن کي سمجهايو.

"منهنجا من! تون گهر جو ڇوٿو فڪر ڪرين. جڏهين پنهنجي موٽر ڪار اچي وئي ته پٺهنجو ته پير ئي زمين تي ڪو نه هوندو. پاڻ ته سڄو ڏينهن ڪار ۾ چڙهيو پنهنجي ڪم سان لڳا پيا هونداسين پاڻ ڪي ته گهر ۾ پير ڌرڻ جي واندڪائي ئي ڪا نه هوندي. هاڻي منهنجا سهڻا ٻڌاءِ ته پنهنجي لاءِ ڪار ضرور آهي يا گهر." مون جڏهن ڏٺو ته هو پنهنجي هوڏ تان لهي نٿو ۽ هڪ ڳالهه تي ٽڪ ٻڌي بيٺو آهي ۽ سڀ ڪان وڏي ڳالهه ته پئسو به سندس آهي ته عقل به سندس. تنهن ڪري مان هن جي سوچ سان ترت ئي سهمت ٿي ويس.

انهيءَ ڪانپوءِ منهنجو ياءُ جلدي ئي موٽي آيو. ٻن مهينن ڪانپوءِ اسان کي ڪراچيءَ مان شپنگ ڪمپنيءَ مان اطلاع مليو ته اسان جي ڪار ڊڪي تي پهچي وئي آهي. اهو ٻڌي اسان ٻئي ڪراچي وڃڻ لاءِ اچي بس ۾ سوار ٿياسين. بس ۾ ماڻهن جي ايتري ته پيهه هئي جو اسان ٻنهي ڀائرن جا سيئي عضوا هڪ سيٽ تي ڪونه پئي ماپيا. بلڪ دريءَ وٽ ڳچي هئي ته ڄنگهان پائيدان وٽ ته وڇون ڏڙ وري پرائي سامان مٿان. اهڙي ابتر حالت ڏسي منهنجي ياءُ جو ساهه منجهڻ لڳو. اجا بس ٿورو مس رڙهي ته منهنجي ياءُ ٻوساٽجي مرڻ کان بچڻ خاطر پنهنجي ڳچي ٽوپلي سوڌي ڪٽي بس ڪان ٻاهر ڪئي. ڄامشوري وٽ. هوا جو اهڙو ته زوردار جهوٽو لڳو جو سندس ولاٽتي ٽوپلو هوا ۾ ڳالهيون ڪندو آسمان ڏي اڏامي اسان جي اکين کان اوجهل ٿي ويو. منهنجي ياءُ ڪاوڙ مان پنهنجو ڳاٽو بس ۾ اندر ڪندي رنياٽ ڪيو ۽ nonsense چئي ڪٽي منهن بچڙو ڪيائين تنهن تي پنهنجي ياءُ کي سهٽي نموني سان سمجهائيندي مون چيو "منهنجا ياءُ اها ته معمولي ڳالهه آهي. هيءَ ته انگريزي ٽوپلو اڏامي ويو. پر جڏهين تون هتي رهندين ته پوءِ توکي خبر پوندي ته هتي ماڻهو رڳو پنهنجي پٽڪي بچائڻ ۾ ئي پورا آهن." اسان جو مامو جيڪو ڪراچيءَ ۾ هڪ وڏي اداري ۾ اعليٰ عهدي تي فائز هو. تنهن اسان کي پنهنجي اداري جي موٽر ڪار ڊرائيور سوڌي ڏني. جنهن ۾ چڙهي. اسين امپورٽ ۽ ايڪسپورٽ آفيس مان پنهنجي درآمد ڪيل ڪار جي پرمٽ ڪڍائڻ ڪاڻ اتي وڃي پنهنجي مامي جي حوالي سان ڊائريڪٽر صاحب سان ملياسين. هن اسان جي ڪاغذن جي جاچ پڙتال ڪندي چيو "هنن ڪاغذن ۾ ته توهان جي لنڊن واري فارورڊنگ ايجنٽ وٽان توهان جي حق ۾ موڪليل ڪار جي مالڪيءَ جي ٻلٽي ته گٽل آهي."

منهنجي ياءُ جو انهيءَ ڳالهه ٻڌڻ سان مٿو ڦرڻ لڳو ۽ هن پنهنجو منهن ڦلڙو ڪري چيو. "انهيءَ قسم جو ڪاغذ ته مون کي اجا لنڊن مان پهتوئي ڪونهي."

"پوءِ ته توهان کي ڪار جي پرمٽ ملڻ مشڪل آهي." منهنجو ياءُ غش ڪائي ڪرڻ وارو هو پر مون هوش کان ڪم وٺندي ڊائريڪٽر صاحب ڪان پڇيو. "آخر انهيءَ جو به ڪو حل ته هوندو."

"حل اهو آهي ته توهان کي پنهنجي ڪار جي ملهه (value)جيتري بئنڪ گئرنٽي ڏيڻي پوندي."

انهيءَ ڪانپوءِ هن اسان جي ڪاغذن پٽن کي اٿلائيندي پٿلائيندي. حساب ڪري ٻڌايو ته جيئن ته هتي انهيءَ ڪار جي قيمت ساڍا چار لک آهي. تنهن ڪري اسان کي به ايتري رقم جي بئنڪ گئرنٽي ڏيڻ ڪانپوءِ ئي اسان جي ڪار جي پرمٽ جاري ٿي سگهندي.

اسين ٻئي ڀائر پنهنجا منهن مٿا پٽيندا. اچي مامي سان احوالي ٿياسين. هن اسان کي آٿت ڏئي ماٺ ڪرائي ۽ جنهن بئنڪ ۾ سندس ڪمپنيءَ جو بئنڪ اڪائونٽ هو اتي فون

ڪري سندس اداري جي اڪائونٽ جي ضمانت تي پوري هڪ هفتي جي ڊوڙ ڍڪ ڪانپوءِ ساڍن چئن لکن جي بئنڪ گئرنٽي جو ڪاغذ تيار ڪرائي اسان جي حوالي ڪيو.

انهيءَ ڪانپوءِ اسين پنهنجي ڪار جي پرمٽ کڻي خوشيءَ ۾ ٽينگ ٽپا ڏيندا شپنگ ڪمپنيءَ جي آفيس ۾ وڃي ڪائونٽر تي ويٺل شخص کي پنهنجي پرمٽ پيش ڪئي، انهيءَ کي ڏسندئي هن پنهنجي ٽيبل جي خاني مان هڪڙو فارم ڪڍيو ۽ انهيءَ تي ڪار حاصل ڪرڻ لاءِ ڊليوري آرڊر بہ لکڻ لڳو ۽ هورياں هورياں اسان کان پنهنجا ڪاغذ بہ گهرندو ويو. پاسپورٽ.... شناختي ڪارڊ... سندن ڪمپنيءَ جو ليٽر.... فارم اي.... منهنجي ياءُ پنهنجي بريف ڪيس مان هڪڙو هڪڙو گهربل ڪاغذ ڪڍندو هنجي اڳيان رکندو ويو. اوچتو انهيءَ شخص دانهن ڪندي چيو"توهان جي ڪار جي بلٽي؟"

منهنجي ياءُ جو هٿ بريف ڪيس ۾ ئي رهجي ويو. ڪائونٽر تي ويٺل شخص اکيون مٿي کڻي پنهنجي عينڪ مان اسان کي گهوريندي ورجايو.

"بل آف ليڊنگ.....؟"

"انهيءَ لاءِ اسان اڳ ۾ ئي ساڍن چئن لکن جي بئنڪ گئرنٽي ڏئي، پرمٽ ڪيرائي آيا آهيون."

"تنهن هوندي بہ توهان کي وري بہ بئنڪ گئرنٽي ڏيڻي پوندي... جيئن سياڻي ٻيو ڪو اهو بل آف ليڊنگ کڻي اچي تہ اسان جي ڪمپني تہ آجي هجي."

"بئنڪون ڪو اسان جي بابي جون آهن ڇا جو رڳو پيون اسان کي گئرنٽيون ڏينديون..." منهنجي ياءُ دانهن ڪئي.

"خير اهو توهان جو مسئلو آهي..." انهيءَ شخص اطمينان سان چيو. اسان کي تہ ڪار جي ڊليوري آرڊر ڪڍڻ لاءِ اوتري ملهہ (Value) جي بئنڪ گئرنٽي گهرجي، جيترن ڏوڪڙن ۾ توهان اها ڪار لنڊن ۾ خريد ڪئي آهي."

منهنجي ياءُ جو پارو مٿي چڙهي ويو ۽ ڪاوڙ ۾ "گندو (Dirty)" چئي پنهنجا ڪاغذ پٽ ڪائونٽر تي ڦٽي ڪري آفيس کان ٻاهر نڪري ويو.

منهنجي پڇڻ تي هن شخص ڪار جي رسيد وٺي مون کي حساب ڪري ٻڌايو تہ اسان کي هڪ لک جي بہ بئنڪ گئرنٽي جي گهرج آهي.

مان بريف ڪيس سنڀالي شپنگ ڪمپني جي آفيس کان ٻاهر آيس تہ منهنجي ياءُ ٻاهر ٻاٿون پئي ڪاڏيون، مون بئنڪ گئرنٽيءَ جو نالو هن جي اڳيان وٺڻ مناسب نہ سمجهي چيو، "ادا گهٻرائڻ جي ڳالهہ ڪانهي پاڻ اجهو هلي ٿا مامي سان صلاح ڪريون."

جڏهن اسين پنهنجي مامي جي ڪار ۾ چڙهي سندس اداري ڏانهن روانا ٿياسين تہ رستي ۾ مون ڪيس سمجهائيندي چيو، "ادا تون اڃان تازو هتي ولايت مان پڌاريو آهين، جنهن ڪري جلدي توائي ٿيو وڃين، اهڙا جهٽڪا تہ هتي هلندي هلندي ماڻهوءَ کي روز لڳندا آهن."

منهنجي انهيءَ ڳالهہ تي هن شوڪارو ڀريندي چيو، "منهنجي اها غلطي آهي جو مان لنڊن ۾ ديسي ڪمپنيءَ جي ذريعي پنهنجي ڪار ٽيڪ ڪرائي جن مون کي منهنجي ڪار جا پورا ڪاغذ بہ ڪو نہ موڪليا آهن، جنهن ڪري هي سڀ مصيبتون پاڻ تي نازل ٿيون آهن."

"ادا سوچڻ جي ڳالهه اها آهي ته پنهنجي ڪار لنڊن مان هتي ويسٽ وهارف تي پهچي چڪي آهي، هاڻي جيترا ڏينهن پاڻ ڪي ان کي ڇڏائڻ ۾ لڳندا، انهيءَ حساب سان اسان کي يون پاڙو (Demurrage) به پري ڏيڻو پوندو، سو ائين نه ٿئي جو پاڻ کي ڪار ڪڍائڻ ۾ ايترا ڏينهن نه لڳي وڃن جو پاڻ تي يون پاڙو ڪار جي قيمت کان وڌيڪ لڳي وڃي ۽ ساڳي ڪار پنهنجي ملڪ ۾ خريد ڪرڻ ۾ سستي پوي."

اهو ٻڌي منهنجو پاءُ پگهر ۾ سڄو شل ٿي ويو ۽ ڊرائيور کي ڪار تيز هلائڻ لاءِ چئي پاڻ ڪار جي سيٽ تي پئجي رهيو.

مامي وٽ پهچي مون ساٿس بئنڪ گٽرنٽي جي ڳالهه ڇوري مامي جي منهن تي ذرو به گهنج نه پيو ۽ اهو چوندي بئنڪ گٽرنٽي جو بندوبست ڪري ڏنائين ته "بابا ڳوٺ ۾ پنهنجي گاڏي هوندي ته پئي ڪم ايندي."

اسين مامي جي گاڏي ۾ چڙهي وري وڃي ڪسٽم هائوس پهتاسين جتي اسان کي گاڏيءَ جو محصول ادا ڪرڻو هو، اتي مون کي ائين لڳو ڄڻ ٻڪرا منڊي ۾ اچي پهتا آهيون، جتي رڳو ٻڪر پوسائڻ لڳي پئي هئي، ڦاسڻ ڪانيوءَ ڦٿڪڻ ڪهڙو، اسان به اتي جي دستور موجب پنهنجو سر وڃي اڏيءَ تي رکيو ته هڪ ئي ڌڪ ۾ اسان جا ڪاغذ پٽ تيار ٿي اسسٽنٽ ڪليڪٽر ڪسٽم جي ٽيبل تي وڃي پهتا، اسان جي ڪاغذن جي ڏي وٺ ۾ ڪا ڪمي رهجي وئي هئي جو هن اسان جي ڪار تي ڏيڍ لک رپيا ڪسٽم ڊيوٽي لڳائي ڇڏي. ايتري ڳريءَ ڊيوٽي جو ٻڌي منهنجي پاءُ کان بي اختيار دانهن نڪري وئي "ٻچڙائيءَ جي به حد هوندي آهي."

"توهان کي خبر نه هئي ڇا ته ڪسٽم ڊيوٽي هميشه حساب ڪتاب سان لڳندي آهي."

مان پريشان هوس ته ڪسٽم آفيسر کي جواب ڏيان يا پنهنجي پاءُ کي سنڀاليان.

پنهنجي پاءُ کي ڏسان ته وڦلي پيو "اهڙي ڪار ٻاهران آڻڻ ۾ ڪهڙو فائدو جو ڪار جي قيمت ڪانسواءِ به هتي سوا سيڪڙي ڪان به وڌيڪ محصول ڏيڻو پوي، انهيءَ ڪانسواءِ سختيون، ڪشالا، ڊڙڪا ڊاٻا، منٿون، ميڙون الڳ. اهو سون ٿي گهوريو جيڪو ڪن ڇني."

مون وڌيڪ وقت وڃائڻ ڪانسواءِ هن کي ياد ڏياريو. "ادا يون پاڙو!"

منهنجي ڳالهه ٻڌي هو ساٿو ٿي پئجي رهيو. هن ۾ ايتري سگهه نه هئي جو پنهنجن هٿن سان ڪسٽم ڊيوٽي ادا ڪري سگهي، جنهن ڪري مون هن کان سندس بريف ڪيس کسي انهيءَ مان پئسا ڪڍي وڃي پاسي واري بئنڪ مان ڪسٽم وارن جي نالي پي آرڊر ٺهرائي انهن جي حوالي ڪيو.

ايڏي جاکوڙ ۽ ڪشالن ڪانپوءِ به اسان جي مشڪلاتن جو ازالو نه ٿيو، اسان کي اڃان به آزمائشن جي ڪُن ۾ غوطا ڪاٽڻا هئا ۽ صبر جو سمنڊ پار اڪرڻو هو. ٻئي ڏينهن ساجهر اسان پنهنجي ڪار سان تعلق رکندڙ ڪاڳرن جا ستا پنهنجي سر سان سانڍي سهڪندا سهڪندا اچي ڪراچي سمنڊ جي الهندي ڪناري جي شيڊ ۾ نڪتاسين، جتان اسان کي پنهنجي ڪار جا ڪاغذ ڏيکاري هڪڙي ڪسٽم آفيسر کي ساڻ ڪري سمنڊ جي الهندي ڪناري جي ڊڪي تي پينل پنهنجي ڪار جي انسپيڪشن ڪرائي ان کي حاصل ڪرڻو هو.

مون کي ويسٽ وھارف جي شيڊ ۾ ٻہ ڳالھيون عجيب لڳيون. ھڪ تہ نوٽيس بورڊ تي ٽنگيل ڇھ پاسپورٽ، جيڪي اتي جي اڙانگي ۽ پيچيده طريقيڪار جي پيچري ۾ پيسجي انھن جا مالڪ اتي اچلائي پنھنجي سامان تان ھٿ کڻي پٺي ويا ھئا. مون کي انھن شخصن تي رشڪ اچڻ لڳو، گھٽ ۾ گھٽ ھنن کي دلي سڪون تہ ميسر ھوندو ۽ اسان وانگر ڪين اندر ۾ وڌ تہ نہ پوندا ھوندا. ٻيو اتي ھڪڙي ٿلھي ٿنيري پڪي عمر جي عورت ھڪ ڪاٺ جي پيتيءَ تي اھلي پئي ھئي، پڇا ڳاڇا ڪرڻ تي خبر پئي تہ سندس گھر واري، قطر مان ڪيس پنھنجي ملڪ موڪليو ھو تہ پنھنجي مائٽن سان گڏ وڃي ھيلوڪو عيد ملھائي. ۽ پنھنجي دل کي خوش ڪري. ايتريءَ ۾ ھن جي پاسي ڪان ڪسٽم آفيسر اچي نڪتو مائي ھن کي ڏسندي ئي شينھڻ وانگر پيتي تان ڇلانگ ڏئي ڪسٽم آفيسر تي الر ڪندي چوڻ لڳي "بابو صاحب! منھنجا سيئي وڳا ھن پيتيءَ ۾ آھن سواءِ ھن ھڪڙي وڳي جي، جنھن کي پنھنجي تن تي پھريندي اچ ڏھون ڏينھن ٿيو آھي. اھو ھڪڙو وڳو بہ ڏسو تہ ڪھڙو نہ ميرو ٿي ويو آھي، روزاني پاڻ جي ڪري سَت ڇڏي ويو آھي ۽ اھڙو تہ گرو ٿي ويو آھي جو انھيءَ ڪان اپ پيو ڏسڻ ۾ اچي، توھان منھنجي سامان جي چيڪنگ ڀلا ڪريو تہ پوءِ مون تي رحم ڪائي پيتيءَ مان گھٽ ۾ گھٽ ھڪ وڳي ڪڍڻ جي تہ اجازت ڏيو." ڪسٽم آفيسر کي ڪا بہ ڳالھ سمجھ ۾ نہ پئي آئي ۽ مائي جو جڏھين ھٿ ڇڏائي پري نڪري ويو تہ مائي مايوسيءَ ۽ نااميدي ۾ پرچي پنھنجو منھن بچڙو ڪري وري وڃي سندس ڪاٺ جي وڏي پيتيءَ تي ليٽي پئي.

مائي کي جيئن تہ اتي جي دستور جي خبر نہ ھئي تہ جنھن ڪري مون کي لڳو تہ مائي جي سڄي ڄمار اتي انھيءَ ڪاٺ جي پيتي تي گذري ويندي، پھريائين مائي جو وڏو ۽ ويڪرو پھراڻ ليڙون ليڙون ٿي ڳري ويندو، پوءِ سندس ماس سڙي سڙي ناس ٿيندو، آخر ھڪ ڏينھن ماڻھو ڏسندا تہ انھيءَ ڪاٺ جي پيتيءَ تي ھڪڙو ھڏائون پڃرو پيو آھي، جنھن کي ڪسٽم وارا لاوارث ڄاڻي انھيءَ ساڳي پيتي ۾ بند ڪري ڏاڍي اعزاز سان ان کي زمين ۾ پوري ڇڏيندا.

منھنجي گھٽي ھٿ پير ھلائڻ تي جڏھن ڪنھن بہ ڪسٽم آفيسر ڌيان نہ ڏنو تہ منھنجي ياءُ ڪان دانھن نڪري وئي، "نياڳا."

"نياڳا..." مون وضاحت چاھي.

"دنيا ڪتان جو ڪتان وڃي نڪتي آھي، اسين آھيون جو اڃا تائين دفتري چڪرن ۾ ڦاٿا پيا آھيون."

ايتري ۾ اسان جو ڪسٽم آفيسر واندو ٿي اسان سان گڏجي گوديءَ تائين ھليو، اتي مون کي پنھنجي ڪار ڏسي اھڙو تہ سرور آيو جو مون اتي ئي ڪجھ پاسيرو ٿي سجدو ڪري بہ رڪعتون شڪراني جون ادا ڪري ورتيون. منھنجي ياءُ کي ھتي جا سور سجھيا پئي سو ڪار مان ريڊيو، ٽيپ رڪارڊر، لائيٽر، بتيون، ۽ آرسيون اڳ ۾ ئي ڪيرائي لنڊن مان پاڻ سان گڏ ھوائي جھاز ۾ کڻي آيو ھو. جنھن ڪري ھاڻي انسپيڪشن ڪانپوءِ اسان جي ۽ ڪار جي وچ ۾ ڪابہ ديوار نہ ھئي. مان خوشيءَ ۾ نينگ ٽپا پئي ڏنا تہ وري ھڪڙو ٻيو مسئلو واسينگ وانگر ڪر کڻي بيٺو. ھن ڇا ڪيو ھو جو لنڊن ۾ ڪار ۾ بہ سوڙون، پڻ وڃھي ڇڏيون ھيون، جيئن ڪار سان گڏ اھي بہ نڪري وڃن. انھن مان ھڪڙي سوڙ ھن پنھنجي لاءِ آندي ھئي ۽ ٻي سوڙ ھن امڙ لاءِ آندي ھئي. سوڙن کي ڏسي ڪسٽم آفيسر پنھنجا ٻئي ھٿ

ڇنڊي ڇري ٿي بيهي چوڻ لڳو. ”جيستائين منهنجي ڪم جو تعلق آهي، مون پنهنجي واعدي مطابق توهان جي گاڏيءَ جي انسپيڪشن ڪري ڇڏي آهي. پر جيئن تہ توهان جي گاڏي سامان سان ڀرُ آهي، جنهن ڪري هاڻي وري توهان کي محصول لڳائڻ واري ڪسٽم آفيسر کي آڏو پوندو ۽ باقي ڪارروائي اهو ڪندو.“

اسان جي منزل ويجهي اچي پري ٿي وئي تہ منهنجي پاءُ کي بخيلي وٺي وئي ۽ دانهن ڪندي چيائين ”اوهہ خدايا! اسان کي خبر نہ آهي ڪهڙن گناهن جي سزا ملي رهي آهي.“

وري جڏهين سامان جي چيڪنگ ڪرڻ واري ڪسٽم آفيسر کي منٿ ميڙ ڪري گاڏي وٽ وٺي آياسين تہ هن اتي پهچندي ئي حڪم صادر ڪيو تہ ”ڪار جا سيئي دروازا کولي پري ٿي بيهو.“ اسان هن جي حڪم جي تعميل ڪئي تہ هن پنهنجن اسسٽنٽ جي مدد سان، اهي ٻئي سوڙون ٻاهر ڪيرائي، انهن جا بخيا اُڌڙائي ان ۾ پيل ڪپهہ کي ڦوندا ڦوندا ڪري ائين جاچيندو ويو ڄڻ تہ اسان ان ۾ ممنوع شيون (Contr band) لڪائي ڇڏيون هجن. ٻئي سوڙون ڦوندا ڦوندا ٿيندو ڏسي مون کان دانهن نڪري وئي. ”اٽاٽي بہ وئي تہ ٽٽاٽي بہ وئي، وري ساڳي ڪپهہ جي ڪپهہ.“

اهو منظر منهنجي پاءُ کان زور هو هن رنپاڻ ڪيو. اذيتناڪ رانياڻ ۽ پوءِ غش ڪائي ڪرڻ وارو هو تہ مون کيس سنڀالي ورتو. اهي ڪپهہ جا ڦوندا منهنجي ۽ منهنجي پاءُ جي بدن تي ائين اچي چنبڙيا هئا ڄڻ تہ برف باري (Snow fall) ٿي هجي. اسين جڏهين سامت ۾ آياسين تہ هڪ ٻئي جي منهن تان ڪپهہ جا ڦوندا ائين لاهڻ لڳي وياسين جيئن ووڻٽن جي فصل ۾ ڦٽيون چونڊيبيون آهن. منهنجي پاءُ جو جڏهين چهرو صفا صاف ٿي ويو تہ هن رڳو ايترو ٻوليو ”منهنجي امڙ، مون توکي سياري ۾ سوڙ جو سک ٿي ڏيڻ چاهيو پر دنيا وارن اهو بہ نہ سَٺو.“

انهيءَ مرحلي گذرڻ کانپوءِ اسان جيئن ئي اتي جي انچارج کي پنهنجي ڪار جا ڪاغذ پٽ ڏيکاري رهيا هئاسين تہ اتي جي انچارج منهنجي پاءُ جو شناختي ڪارڊ ڏسڻ چاهيو جو هن پڪ ٿي ڪرڻ چاهي تہ ڪار ساڳي ماڻهو کي ملي رهي آهي يا نہ؟ شناختي ڪارڊ ۾ منهنجي پاءُ جو نالو ايم ايل سنڌ واسي درج ڪيل هو. ويسٽ وهارف جي ڊڪي جي انچارج کي اهي لفظ سمجهہ ۾ نہ آيا، جنهن ڪري آڏي پڇا جي خيال سان چيائين ”اهو ڇاجو شارٽ فار آهي؟“

”منو پٽ لونگ، ذات سنڌ واسي.“ منهنجي پاءُ اطمينان سان جواب ڏنو.

”تون ڪيئن ٿو چوين تہ اهو ساڳين لفظن جو مخفف آهي؟“ ”ايم“ مان تہ ملادو پيازو بہ ٿي سگهي ٿو، ممتاز دمساز بہ ٿي سگهي ٿو بلڪہ مولا جٽ بہ ٿي سگهي ٿو، جنهن ۾ مصطفيٰ قريشي ڪم ڪيو هو.“

انهيءَ ڳالهہ ٻڌڻ سان ڏنم تہ منهنجي پاءُ جو پنهنجو پاڻ مان بہ اعتماد ختم ٿي ويو ۽ هن جو وجود پنهنجي جاءِ تان سرڪڻ لڳو.

”اهو مان انهيءَ ڪري ٿو چوان جو مان پنهنجو پاڻ کي چڱيءَ طرح سڃاڻان، مون کي خبر آهي تہ منهنجو نالو منو آهي ۽ مان اهو ساڳيو منو آهيان. جنهن جي هي بد بخت ڪار آهي.“ منهنجي پاءُ پنهنجي وجود کي بچائڻ جي ڪوشش ڪندي چيو، ”مون کي افسوس آهي

جو مان انهيءَ منطق کي مڃڻ لاءِ تيار نہ آهيان I am very sorry" انچارج جي آڏي ابتي جواب تي منهنجو پاءُ ايترو تہ نروس ٿي ويو جو هو پنهنجو پاڻ کي بہ سجاڻي نہ پيو سگهي، وڏي مشڪل سان مون کي سڃاتي، پنهنجي اعتماد کي بحال ڪرڻ خاطر هن جهيڻي آواز ۾ مون کان پڇيو، "ادا هي تہ ذاريا آهن مون کي نٿا سڃاڻن پر تون تہ پنهنجو آهين. تون تہ مڃين ٿو نہ تہ مان منو آهيان، ساڳيو منو، تنهنجو ڀاءُ منو. تو تہ مون کي وساريو ڪونهي."

مون سوچيو تہ چئي ڏيانس تہ منهنجا مٺا! توکي منو چوائيندي ننڍي هوندي کان شرم ايندو هو جنهن ڪري تو پنهنجي نالي کي گهٽو گهٽائي اصليت کي لڪائڻ جي ڪوشش ڪئي پر ڏس تہ ڪيئن نہ حقيقت ماٺهن تي خود بخود عيان ٿي وئي. پر هن کي ڪامپليڪس ۾ مبتلا ٿيندو ڏسي مون اهو جملو چوڻ مناسب نہ سمجهيو. پاڻ هن جي دل وڌائڻ کان چيومانس "منهنجا پيارا ڀاءُ نالي ۾ ڇا رکيو آهي سٺي يا خراب نالي سان ڪو ماڻهوءَ جو ڊؤل بدلجي ويندو آهي ڇا؟ تنهنجو تہ اسان کي وڏو آسرو آهي، اسين پلا توکي ڪيئن ٿا وساري سگهون."

اسان کي ڪار ملڻ کان جواب مليو تہ اسين ويسٽ وهارف تان ناڪام ۽ نااميد ٿي موٽي رهيا هئاسين تہ مون دکي تان سمنڊ جي ڇولين کي ڏٺو، جيڪي پاڻ ۾ ڇيڳڙائي ۽ ڇيڙ خانيءَ ۾ مست ٿي دکي سان ٽڪرائجي راهہ ويندڙن کي آڪسائي رهيون هيون تہ هو بہ اچي ساڻن موج مستيءَ ۾ شامل ٿين پر مان پنهنجي ڀاءُ جو هٿ مضبوطيءَ سان جهلي هن کي اتان ڪڍي آيس ڇاڪاڻ جو مون کي خوف هو تہ متان منهنجو ڀاءُ انهن ڇولين جي چرچ تي لڳي، ساڻن سيني سان سينو ملائي نہ وڃي هڪ ٿئي. ٻئي ڏينهن اسين شپنگ ڪمپنيءَ جي آفيس ۾ وڃي نڪتاسين جتان منهنجي ڀاءُ جي ٽالي جي پوري تصديق ڪرائي اهو ڪاڳر ڪٽي اچي ڪسٽم وارن جي حوالي ڪيوسين تڏهين مس مس وڃي هنن اسان جي حيثيت کي مان ڏنو ۽ اسان جو وجود تسليم ڪري اسان کي پنهنجي ڪار ڪٽي وڃڻ جي اجازت ڏنائون. اسين ايترو پريشان ٿي ويا هئاسين جو اسان تہ ڪار ملڻ جو آسرو ئي لاهي ڇڏيو هو پر اهي اسان جا ڀاڳ هئا جو اسان کي ڪار ملي هئي، ان لاءِ اسان ڪپڙن ۾ ئي نہ پيا ماپون، منهنجي ڀاءُ ڪار جو اڳيون در کولي منجهس ٿي ويٺو ۽ ايڪسليٽر کي دٻائي ڪار اسٽارٽ ڪيائين تہ ڪيڪڙاٽ ڪري ڪار اسٽارٽ ٿي وري جهٽڪي سان وڃي اڳتي بيهي رهي منهنجي ڀاءُ گهڻي مٿا ماري ڪئي پر ڪار چوي تہ مان ڇران چوٽي. منهنجي ڀاءُ جڏهين ڪار جو پيٽرول چيڪ ڪيو تہ سڄي ٽانڪي خالي ڏسي هن دانهن ڪئي. "بيوقوف!!Foolish" ڪجهہ دير ڪانپوءِ سامت ۾ اچي چوڻ لڳو. "پيٽرول جي ٽانڪي تہ مون لنڊن مان ئي فل ڪرائي ڇڏي هئي."

اسين ٻئي ڇتا مٽي تي هٿ ڏيو ڪار جي ويجهو دکي تي ويهي منجهيا ويٺا هئاسين تہ اسان جي مٿان هڪڙو مڪراني ٽائيپ جوان، هٿ ۾ تارن جو مڇو لوڏيندي چوڻ لڳو.

"ڪار اسٽارٽ نٿو ٿئي؟ سيٺ فڪر جو ڳالهہ نہ آهي مان هينئر ئي تو ڪار کي اسٽارٽ ڪريان." اسين ٻئي وائڙا ٿي وياسين، هيستائين اسان ٻين جي ٻولين ۾ پي ڳالهايو پر هن کي پنهنجي ٻولي ۾ ڳالهائيندو ڏسي اسان کي پيٽ ۾ ساهہ پيو "آخر پنهنجائي ڪم آيا."

منهنجي ڀاءُ ڀڻڪندي پنهنجا ڪپڙا ڇنڊيا، زمين تان اٿي ڪڙو ٿيو. مڪراني جوان ڇاڪيو جو اسانجي مامي جي ڪار جي بيٽريءَ سان پنهنجون برقي تارون ملائي، اهي ڪٽي اسان جي ڪار جي پلگن سان ڳنڍي، ڪٽي اسان جي مامي جي ڪار اسٽارٽ ڪئي ته اسان جي ڪار ۾ ڪرنٽ اچي وڃڻ جي ڪري اسٽارٽ ٿي وئي. منهنجو ڀاءُ مون کي ڪار ۾ ويهاري پاڻ ايڪسيليٽر کي دٻائي ڪار کي زوزاٽ ڪرائڻ لڳو ۽ ڪار کي گرم ڪري جيئن ٿورو اڳيرو ڪيائين ته ڪار ٿورو اڳتي ڏڪجي، وري جهٽڪو کائي بيهي رهي. مڪراني جوان ڊوڙي اسان وٽ اچي چوڻ لڳو، ”توهان جي ڪار اسٽارٽ آهي.... رڳو پيٽرول جي ضرورت آهي...“

گاڏي بيهڻ تي منهنجي ڀاءُ کي باهه وٺي وئي، وري به مڪرانيءَ جي چوڻ تي ڇاڪيائين جو هن ڪان ربڙ جي نلڪي وٺي هڪ پاسو مامي جي ڪار جي پيٽرول جي ٽانڪيءَ ۾ وجهي، ٻئي پاسي کان مٿي ڦوڪ ڏئي نلڪيءَ جو ٻيو پاسو ڪٽي موبيل آئل جي خالي ڊٻي ۾ وڌائين ته ڊٻو پيٽرول سان ڀرجڻ لڳو. اهو ڏسي مڪراني جوان، منهنجي ڀاءُ کي ابهرائي مان چيو، ”سيٺ مون کي پنهنجا پئسا ڏئي چلتو ڪريو.“

”ڇا جا پئسا...!!“

”ڪار اسٽارٽ ڪرڻ جا، صلاح ڏيڻ جا، ٻيو ڇاجا.“ مڪراني جوان پنهنجيون مڇيون پڪوڙي رنڀيو. منهنجو ڀاءُ دهلجي ويو، هن جڏهين ڏٺو ته هاٿي هو وڙهڻ ۾ ويرم نه ڪندو ته هن کي سئو رپيا ڏئي پوسرندي ڇڏايائين ”هتي ڪير به ڪنهن جو ڪونهي، سڀئي پئسي جا پٽ آهن.“

منهنجي ڀاءُ هيستان جيڪي َڪشٽ َسٺا، جيڪي تڪليفون برداشت ڪيون اهي هن جي چهري تي ظاهر نظر پئي آيون، تنهن هوندي به پاڻ سنڀالي، موبل آئل سان ڀريل پيٽرول جو ڊٻو ڪٽي جيئن ئي پنهنجي ڪار جي ٽانڪيءَ ۾ اوتيائين پئي ته پريان بيٺل چوڪيدار دل ڏاريندڙ دانهن ڪئي. ”خبردار! هتي ڪليل پيٽرول جي استعمال تي بندش آهي.“ منهنجي ڀاءُ جو اڳ ۾ ئي بگل ڦريو پيو هو، وري جو مٿان هي نادر شاهي حڪم ٻڌائين، تنهن ته هٿي هن کي پاٽيءَ مان ڪڍي ڇڏيو، ڇڻ ته ڪنهن پيٽرول کي تيلي ڏيڪاري هجي. هن چوڪيدار کي ڇنڊ پٽيندي چيو، ”پيٽرول گانسواءِ گاڏي اسين مٿي تي رکي ڪٽي ويندا سين ڇا...؟“

منهنجي ڀاءُ جو مٿو تپي ويو، غصي ۾ باهه ٿيندي وٺي زور سان دانهن ڪيائين، شرمناڪ ۽ دل جلائيندڙ، جهڙو پنجابي فلمن جو ولين! پوءِ ويسٽ وهارف جي سيمنٽ جي تلهي تي ائين وڃي ڦهڪو ڪيائين جيئن دادو لائين تي ريلوي جي سنگل تي پکي نند ۾ ستل ڳجهه، اڌ رات جو سنگل ڊائون ٿيڻ تي ڦڙ ڦڙائيندي اچي زوم سان هيٺ ريلوي جي پٽڙين تي ڪرندي آهي.

انهيءَ اوچتي ڦهڪي تي گوديءَ ۾ ڪم ڪندڙ مزدورن ۽ ٻين آفيسرن جو اسان ڏانهن ڏيان ڇڪجي ويو ۽ ڊوڙندا اسان طرف آيا. منهنجي ڀاءُ کي گهٽوئي هٿن پيرن تي ترين هٿي مهٽيائون ۽ ٿڌي پاڻيءَ جا ڏول ڀري منهنجي ڀاءُ جي مٿان هاريائون پر منهنجي ڀاءُ کي هوش نه آيو ته نه آيو. لاچار تي هنن فون ڪري ايمبولينس گهرائي منهنجي ڀاءُ کي اسٽريچر تي سمهاري ڪٽي ايمبولينس ۾ رکيائون، اهو ڏسي مان به ايمبولينس ۾ ويهڻ لاءِ ڀڄس پر ماڻهن

جي ميڙ جي ڪري منهنجي پهچڻ کان اڳ ۾ ئي ايمبولينس هلڻ لڳي، جنهن ڪري مان انهيءَ جي پويان تکو تکو ڊوڙڻ لڳس ته رستي ۾ مون کي ساڳيو مڪراني جوان ٽڪرايو. هن مون کي روڪيندي همدرديءَ مان چيو "سائين توهان خام خواهه جي پڪائي ڪئي... هڪ سئو رپئي جي ته ڳالهه هئي..... پوءِ توهان ڪار ۾ پيٽرول ته ڇا پر بارود به پريو ها ته ڪو به منا (منع) ڪرڻ وارو ڪو نه هو." مون پنهنجو هٿ زور سان جهٽڪو ڏئي ڇڏائيندي ڪيس جواب ڏنو "اسان ته مرڳوئي ڪار تان هٿ کنيو، هاڻي رڳو اسان جو ٻارُ صحيح سلامت ملي." نوجوان مڪرانيءَ اجان به منهنجي جان نه ڇڏي. مان ايمبولينس جي پويان ڊوڙي رهيو هوس ۽ هو منهنجي پويان دانهون ڪندو آيو. "سائين وڏا چوندا آهن ته ڏنو پٽ ڇٽي جو." مون ايمبولينس جي پويان ڊوڙندي پنهنجو ڪنڌ ورائي هن کي چيو "بابا... اسان ته..... جي پڇر ڇڏي، هاڻي رڳو..... متي ٽئي."

●



منصور گوهر 1964ع ۾ علي گوهر ٻرڙو جي گهر جنم ورتو. هن لکڻ جي شروعات 1982ع کان ڪئي ۽ اڄا تائين مسلسل لکندو رهيو آهي. هن جون ڪهاڻيون، مضمون ۽ ڪالم مختلف اخبارن ۽ رسالن ۾ شايع ٿيندا رهيا آهن. هن جو پنهنجن همعصر ليکڪن سان گڏيل ڪهاڻي ڪتاب ”اڄ جو آدم“ ڇپجي پڌرو ٿي چڪو آهي.

هو هن وقت حيدرآباد ۾ رهائش پذير آهي.

# ميرل، منهنجو دوست!

## منصور گوهر ٻرڙو

جيتوڻيڪ ميرل کي اسان جي سرڪاري آفيس مان بدلي ٿيندي ڪافي سال گذري چڪا آهن، پر آفيس جي ملازمن جي اڄ تائين اها راءِ آهي تہ، ميرل منهنجو پڪو يار هيو جڏهن تہ مان ان راءِ سان متفق ناهيان. ها، ايترو ضرور آهي تہ هو مونکان ڪڏهن وسريو ناهي.

ميرل، حيدرآباد ۾ نوڪري سانگي ڇهہ سال کن رهيو پر ڪٿي بہ جڳهہ جي مسواڙ ڪا نہ ڀريئين. شروع ۾ ٽي ڪيس هتي پنهنجا ذات وارا مليا ويا ۽ پرديس ۾ اها ذات جي سڃاڻپ مائٽيءَ ۾ تبديل ٿي وئي. سندس اهي مائٽ هڪ سرڪاري ڪوارٽر ۾ مفت ۾ رهيا پيا هئا، سو هي بہ وڃي ساڻن گڏ رهيو. اٽڪل ٽي سال کن اتي رهيو ڪيترائي ڀيرا ڪين ڇيو ويو تہ، ڪوارٽر خالي ڪريو يا الاٽمينٽ ڪرايو پر سڀئي همراهہ ٽوٽي، ڪٿهن ڪان نہ ڀڳو تہ ڪجهہ پئسا گڏ ڪري ڪوارٽر پنهنجي نالي ڪرائين. نيٺ هڪ ملازم الاٽمينٽ آرڊر وٺي ۽ پوليس جي گاڏي ڀري ڪين ٻي گهر ڪري ڇڏيو. وري ميرل کي خبر پئي تہ پاڻ واري آفيس سپرنٽنڊنٽ جي هڪ جڳهہ جي او آر ڪالونيءَ ۾ خالي پئي آهي پر ڪنهن بہ انسان جي رهڻ جهڙي ڪانهي ۽ ميرل، مفت جي جڳهہ هٿڻ ڪري اتي رهڻ لاءِ بہ تيار ٿي ويو هو ۽ اتي سال کن رهيو. هڪڙو ڀيرو منهنجو بہ اتي وڃڻ ٿيو هو. در تہ ايترو ننڍڙو هو جو داخل ٿيڻ سان ٽي مٿو وڃي ڪاٺ سان لڳو ۽ جيترو وقت اتي ويٺم بس مٿي تي هٿ هيا. اتي وڃڻ سان ٻي معلومات اها بہ ملي تہ هتي نہ پاڻي آهي نہ لائٽون ۽ نہ وري بجلي آهي ۽ اها ماجرا ٻڌي ۽ ڏسي اهو راز بہ کليو تہ ميرل، هر روز آفيس مان ورندي دڪان تان پلاسٽڪ جون ٿيلهيون ڇو وٺندو هو ۽ بس سمجهڻ وارا سمجهن ٻاقي هرويرو يار جي ڪڇي ڪا نہ ڪبي. پر اها جاءِ بہ ميرل جو مستقل ٺڪاڻو نہ ٿي سگهي. ڇو تہ مالڪ ان کي ڪپائڻ جي چڪر ۾ هو ۽ پوءِ جلد ئي ان جو ڪنهن ڌر سان سودو ٿي ويو ۽ هن جڳهہ ڪپائي ڇڏي.

..... ۽ آخري جڳهہ منهنجي يارڙي کي هيرآباد ۾ مفت جي نصيب ٿي. سندس ڳوٺ جي هڪ وڏيري جو اتي خالي بنگلو هو. وڏيري مسواڙ تي ان ڪري نہ ڏنو هو جو اويل سويل هو پنهنجي خاندان سان اچي رهندو هو سو ميرل کي اهو سوچي رهايائين تہ جڳهہ جي مالڪي پئي ٿيندي.

بس هڪڙي ڳالهہ ۾ يار ناڪام ويو تہ سندس، ڪنهن صنفِ نازڪ سان ڪا دوستي ڪا نہ ٿي سگهي. هونئن تہ ميرل شادي شاده ۽ ٻن ٻارن جو پيءُ هو پر هن جو ارادو هو تہ حيدرآباد ۾ بہ ڪنهن سان مڙئي دوستي هجي ان سلسلي ۾ ٿيندڙ خوارين ۾ هو سدائين خود ڪفيل رهيو. اڪثر، روڊ رستي ڪا اڪيلي عورت ڏسندو هو تہ ٿورو فاصلو رکي ان عورت،

ڪي ڪنهن سواري يا گهر تائين پهچائڻ پنهنجو فرض سمجهندو هو. ان وچ ۾ ڪنگهه، کڙڪو، اک ٽيڏ ۽ هٿن جا اشارا جاري رهندا هئا ۽ پوءِ جيڪا جٽ ٿيندي هيس اها ڏسڻ وارا اچي اسانکي ٻڌائيندا هئا پر پاڻ کي ٻڌائڻ جي همت ڪا نه ٿيندي هيس. مسئلو اهو هو ته يار اڪثر، ڪاري برقعي واري معاملي ۾ ڌوکو کائي ويندو هو. هن کي اها خبر ڪا نه پوندي هئي ته برقعي واري عورت جوان آهي يا ڪراڙي بس هن کي اها ڳڻتي هوندي هئي ته فرض کان غافل نه ٿي وڃان.

هڪڙي پيري رات جا اٽڪل نوَ ٿيا هئا، هڪ عورت سواريءَ جي انتظار ۾ روڊ تي اڪيلي بيٺل ڏٺئين ته هو ڪجهه فاصلي تي بيٺو رهيو ۽ عادت مطابق ڪنگهه کڙڪو، اک ٽيڏ ۽ هٿن جا اشارا ڪندو رهيو. ڪافي وقت تائين ڪا سواري نه آئي ته اڳتي وڌي چيائينس:

"توهان کي ڪيڏانهن وڃڻو آهي؟" عورت گهٻراهٽ مان وراڻيو: "حسين آباد."

"حسين آباد ته ويجهو ئي آهي، چئو ته مان توهان کي پنڌ ئي ڇڏي اچان."

عورت کان به شايد وڌيڪ انتظار برداشت نه پئي ٿيو تنهنڪري هوءَ ساڻس گڏ هلڻ لاءِ راضي ٿي وئي. رستي ۾ عورت ٻڌايس:"مان شادي شده آهيان پر تنهنجي جرئت کان متاثر ٿي هلڻ لاءِ تيار ٿي ويس." ميرل جڏهن وري ملڻ جي آس ظاهر ڪئي ته چيائينس: "مان توسان سڀاڻي صبح جو ڏهين وڳي راڻي باغ ۾ ملنديس."

واقعي ٻئي ڏينهن مقرر وقت تي اها عورت راڻي باغ ۾ پهتي ۽ ميرل جو غير حاضر هئڻ ته ممڪن ئي نه هو. ٿي سگهي ٿو اهو به عين ممڪن آهي هن رات راڻي باغ ۾ ئي گذاري هجي! انهن ڏينهن ۾ ميرل جي او آر ڪالوني وار ڄاءِ ۾ رهندو هو. عورت سان گڏ جڳهه ۾ داخل ٿي اڃا مس سڪون جو ساهه کنيئين ته در تي ٺڪ ٺڪ ٿي در کوليئين ته ٻه پوليس وارا اندر ڪاهي پيا. ميرل رڙ ڪئي:"هن مائيءَ کي جڳهه خريد ڪرڻي آهي تنهنڪري مان ڪيس جڳهه ڏيکارڻ لاءِ وٺي آيو آهيان." پر سپاهيءَ جي هڪ ٿڦڙ لڳڻ سان يار حوصلو هاري ويٺو. اها شرارت سامهون هوٽل واري جي هئي. جنهنجا ميرل تي ڪجهه مهينن جا پئسا رهيل هئا. ٻنهي کي سپاهي ٿاڻي تي وٺي آيا. عورت تي کهل کائي سوني منڊي گروي رکي پوليس وارن ان شرط تي ڇڏيو ته سڀاڻي پنج سوءِ ڏيئي منڊي وٺي وڃجان ۽ عورت ائين ئي ڪيو. باقي يار کي ڪجهه ڏينهن پئجي ويا. ملاقات تي ويومانس ته ميرل شاعريءَ ۾ پنا ڪارا ڪري ڇڏيا هيا. سٽ نه ملي سٽ سان، پر مطلب هو ميرل جو ته:"پاڻان پري نه ڪيو." اڪائونٽ آفيسر کي عرض ڪيوسون جنهن سندس ضمانت ۽ ڏنڊ ان شرط سان ڀريو ته سندس پگهار مان ڪٽيو ويندو.

ميرل سان دوستي رکڻ جو پهريون تجربو ئي منهنجو تلخ گذريو هو. ٿيو ائين جو هڪ ڏينهن فلم ڏسڻ جو پروگرام ٺاهيوسين. مون سوچيو هيو ته آمريڪن سسٽم يعني پنهنجو خرچ پاڻ ڀرڻ جي اصول تحت عمل ڪبو پر ٽڪيٽ وٺڻ دوران يار صفا پڙ ڪري بيهي رهيو چيئين: "مان اجايو پئسا خرچ ڪرڻ تي هِريل ئي نه آهيان. منهنجي پيءَ مونکي ائين سيڪاريو ئي نه آهي." فلم ته سئي هئي پر اَجايو چٽي پوڻ ڪري زهر لڳي هيم.

هڪڙي ٻيري ڪيس علامه دائودپوٽو لائبريري ۾ پهريون ڀ آخري ڀيرو وٺي ويو هيم. آخري ڀيرو ان ڪري جو واپسي دوران هن جڏهن انگريزي هفتيوار نيوز مئگزين ٽائيم مان ڦاڙيل وچ وارو پنو ڪيسي مان ڪڍي ڏيکاريو ته ميرل تي ڏاڍي خار آئي هيم ۽ ڪيس لائبريري وٺي وڃڻ تي پڇتايو هيم.

مون سان ڪڏهن ڪڏهن ادبي پروگرامن ۾ ان آسري تي هلندو هيو ته اتي ڪي خوبصورت چهرا ڏسبا ۽ ڪجهه ڪائڻ پيئڻ لاءِ ملندو ۽ جيڪڏهن ڪنهن پروگرام ۾ ريفريشمينٽ جو انتظام نه هوندو هو ته ميرل ۽ منهنجي وچ ۾ واپسي دوران نه صرف ڪيترن ئي فٽن جو فاصلو هوندو هو پر اختلاف به تي پوندا هئا.

هڪ ادبي پروگرام ۾ ڪيس اها ليکڪا نظر اچي وئي، جنهن سان ڳالهائڻ جي خواهش دل ۾ سانديو، ميرل ڪيترن ئي پروگرامن ۾ وڏي جوش ۽ جذبي سان ڇانيي جو تيل هٽي وارن جي چڳي سينڌ ڪيي شريڪ ٿيندو لڳو هو، دراصل ان ليکڪا جي مون وٽ پيل هڪ ادبي رسالي ۾ ڇپيل تصوير ڪان متاثر ٿي هن سندس ڪهاڻي پڙهي هئي، جنهن ۾ هن مردن کي وڏو ظالم قرار ڏنو هيو ۽ علامتي عدالت ۾ مجموعي طور مرد کي واجب القتل قرار ڏنو هو. ميرل جو خيال هو ته هوءَ مونکي ڪنهن پروگرام ۾ نظر اچي ته مان ان کان پڇان ته ”مرد قتل ٿي ويندو ته پوءِ عورت ڪيئن جنم وٺندي؟“ ريفريشمينٽ جو جڏهن اعلان ٿيو ته ميرل وڃي ان ليکڪا جو پاسو ورتو ۽ چيو: ”توهان مرد ذات تي ڏاڍا ڇوهه چنديا آهن. سيئي مرد ته اهڙا ناهن هوندا.“ ليکڪا حيران ٿي وئي ۽ پاڻ سان گڏ بيٺل پڻ سهيلين کي اها ڳالهه ٻڌائي ته سيئي کلڻ لڳيون ۽ مون کي ان وچ ۾ موقعو ملي ويو ته مان ميرل کي ٻانهن کان ڇڪي ٻاهر کسڪي وڃان پوءِ ڪٿي ميرل ٻنان ڪاڏي پيتي جي پروگرام مان نڪرڻ جي ڪاوڙ ۾ ڪجهه فٽن جو فاصلو رکي ئي ڇو نه هلي!

هتي جڏهن نسلي فسادن دؤران ماڻهن جي لڏ پلاڻ ٿي ته ڪيترائي ڏينهن هن جو گذر امدادي ڪئمپن ذريعي جاري رهيو. هونئن به هو بي دعوتيو دعوتن ۾ شريڪ ٿيڻ جو شوقين هوندو هو. ۽ پوءِ هڪ ڏينهن هو پنهنجي بدلي ڪرائي ڳوٺ هليو ويو هيو جتي ڪي به فساد نه ٿيندا ها جتي فقط پيار هوندو هو.

●



**شمس الدين سومرو** 25 مارچ 1948ع ۾ غلام حسين سومرو جي گهر واقع حيدرآباد ۾ جنم ورتو. هن 1963ع کان لکڻ شروع ڪيو ۽ هيل تائين مسلسل لکندو رهيو آهي. هن جي لکڻين جا ڪتاب ”جل ڦناڪر“، ”چڻڪمري ٻلي“، ”ماسي ڪتو“، ”شيري ۽ پوري“ ۽ ”جنهن کي رب رکي“ شايع ٿي چڪا آهن.

هو هن وقت سنڌي ادبي بورڊ ڄامشوري ۾ ملازم آهي ۽ گهر نمبر 714-C/3 پير شاهه جو پڙ حيدرآباد ۾ رهائش پذير آهي.

# بي دعوتيا ماڻهو

شمس الدين سومرو

چوڻي آهي تہ ”پلي بک پرم جي، شال مَ وڃي شان“ اهو مثال يا چوڻي تڏهن قائم ٿيا، جڏهن ماڻهن کي شان ۽ شوڪت جو خيال هوندو هو. ماڻهو ڏينهن جا ڏينهن بکيا رهندا هئا، پر نہ ڪنهن جي اڳيان هٿ ٽنگيندا هئا ۽ نہ ڪنهن کي پنهنجو بکيو پيٽ کولي ڏيکاريندا هئا.

هينئر ميڊيا ايتري سستي ٿي وئي آهي. جو ڪنهن جي مرڻ جي خبر تہ اخبار ۾ ڇپجي ئي ٿي، پر ان جي ٽيجهي، چاليهي ۽ خيرات جي ماني جو اشتهار پڻ اخبارن ۾ ڇپجي ٿو. پوءِ ماڻهو ڇا لاءِ پنهنجي شان ۽ شوڪت جو خيال ڪندا يا پوءِ ڇا لاءِ بکون ڪٽيندا.

مرڻ، ٽيجهي، چاليهي، خيرات جي مانيءَ کان علاوه اڄ ڪلهہ تہ اخبارن ۾ گهوٽ جي شاديءَ جي تاريخ، وليمي جو ٽائيم بہ ڇپجي ٿو. پوءِ بغير دعوتيا ڇا لاءِ دعوت پهچڻ يا ڪارڊ اچڻ جو انتظار ڪن.

اهڙو ئي هڪڙو ڪردار منهنجو دوست شير علي آهي. هو روزانہ صبح جو مارڪيٽ چونڪ واري بڪ اسٽال تي پهچي لوڪل توڙي ڪراچيءَ جون اخبارون مفت ۾ پڙهندو آهي ۽ ائڊريسون نوٽ ڪندو آهي ۽ پنهنجي طرفان ان اخبار واري توڙي ٻين دوستن کي دعوت ڏيندو آهي. وري هڪ ٻن دوستن کي پنهنجي هوندا تي ڪٺي دعوت واري هنڌ تي پهچندو آهي. سندس اهو نظريو آهي تہ اخبار ۾ اطلاع ڪرڻ جو مقصد ئي اهو آهي تہ ان ٽيجهي، چاليهي يا خيرات جي مانيءَ ۾ سڀ ڪو اچي. پوءِ مان يا منهنجا دوست ان دعوت ۾ ويا تہ ڇا ٿي پيو. هو دعوت واري هنڌ تي سدائين ڪلاڪ کن اڳ پهچندو آهي ۽ اتي انهن ماڻهن وٽ ”نہ ڄاڻ نہ سڃاڻ، مين تيرا مهمان“ جي مصداق انهن سان اهڙو تہ رلي ملي ويندو آهي، جو هو منهنجي ان دوست کي پنهنجو وڏو همدرد سمجهندا آهن.

اسان چار پنج دوست جڏهن بہ دعوت ۾ ويندا آهيون تہ منهنجي ان دوست کي ضرور وٺي ويندا آهيون. حالانڪہ منهنجي ان دوست کي دعوت ڪو نہ هوندي آهي پر فخر سان هلندو آهي ۽ چوندو آهي تہ ”مون کي دعوت ناهي تہ ڇا ٿي پيو. منهنجن دوستن کي تہ دعوت آهي نہ. پوءِ آئون ڇو نہ هلان.“ اسان ان دوست کي ان ڪري وٺي ويندا آهيون، جو اسان کي ماني ٻوڙ، پلاءُ، مرغ مسلم، سلاد ۽ مٺاڻ، ٽيبلن تي ويٺي ئي ملي ويندو آهي.

دعوت ۾ پهچڻ شرط منهنجو اهو دوست، اسان کي ويهاري پاڻ سڌو رڌ پچاءَ واري جاءِ تي هليو ويندو آهي ۽ انهن کي چوندو آهي تہ ”مهمانن جو چڱي طرح خيال رکجو. ڪنهن وٽ بہ پليٽ خالي نہ هجڻ گهرجي. جيئن ئي ٽيبل تي ٿانءُ خالي ٿئي تہ يڪدم ڀري ڇڏجو.“ رڌ پچاءُ ڪرڻ وارا ويچارا ان کي انتظاميہ جو ماڻهو سمجهي ها ڪندا آهن. ان جو نتيجو اهو

نڪرندو آهي، جو جيئن ئي ٽيبلن تي ماني لڳندي آهي تہ هو بورچخاني ۾ وڃي بہ ٽانوَ ٻوڙ جا پرائي ڪٽي ايندو آهي ۽ اهي اسان وٽ رکي پاڻ پنهنجي لاءِ هڪ فل پليٽ چڪن جي رڌٽي مان پرائي ڪٽي ايندو آهي. اها ڪائي بس ڪندو تہ پوءِ وري اسان سان گڏ ويهي ڪائيندو آهي. پوءِ جڏهن دعوت ڪائي ٻاهر نڪرندا آهيون تہ اسان کي صلاح ڪندو آهي تہ "اڄ فلاڻي جو ٽيجهو آهي، توهان هلو تہ توهان کي وٺي هلان. نہ تہ آئون وڃان پيو." اسان سيني جو پيٽ، پيٽ هوندو آهي، ڪو لالو کيت تہ ڳوٺ هوندو آهي، جو اسين وري وڃي ان سان ڦاٿون.

هڪ ڏينهن لطيف آباد جي پهاڙ تي اماني شاھ ڪالونيءَ ۾ حليم جي دعوت جي خبر پئي. اوڏانهن هلڻ لاءِ مون بہ "ها" ڪئيمانس. جمعي جو ڏينهن هو. ٻارهين بجي جي دعوت هئي. مان آفيس مان موڪل ڪري وٽس مني هڪ بجي پهتس. بس رستي تي ڦيريون پئي پاتائين ۽ منهنجو انتظار پئي ڪيائين. مون کي ڏسي لٽ ڪٽي چڙهي ويو تہ هيڏي دير ڪري ڇڏيئي. حليم ختم ٿي ويو هوندو. وري مون کي دلاسو ڏنائين تہ، "هاڻي هلي چا ڪريون." مون بہ ٿوري بي رخي ڏيکاري مانس تہ، "پلا نتا هلون. کهڙي پاڻ کي دعوت آهي، جو حليم کائڻ هلون." يڪدم پاليسي بدلائيندي چيائين تہ، "پلا هلي تا ڏسون. متان پنهنجي نصيب جو بچيل هجي."

اسان موٽر سائيڪل کي اسپيڊ ڏيئي، ويهن منٽن ۾ اتي پهتاسين. اسان جو سماجي ورڪر هجڻ جي ناتي وڏو استقبال ڪيو ويو. هنن اخباري بيان تي اسان جي اتي پهچڻ کي غنيمت سمجهو ۽ اسان ٻن ماڻهن لاءِ حليم جا بہ وڏا شاهي ڊونگا، داغ ڏنل بصر، ليما، ڪوتمير، ساوا مرچ، ڦودنو، گدامڙي جو رس ۽ انب چور آڻي رکي. اسان پليٽن ۾ هڪ هڪ ڊونگو لاٿو ۽ ڏاڍا ان ۾ مرچ مصالحا، ليما وجهي کائڻ لڳاسين. ماني کائي کائي ٽڪجي پيس. ان دوست اهڙا بہ ڊونگا ٻيا بہ کاڌا. ايتري ۾ حليم ڪرڻ وارو آيو ۽ خيرو عافيت کان پوءِ پڇيائين تہ، "حليم ڪاڌوَ؟" منهنجي دوست چهري کي معصوم بنائيندي چيس تہ، "ڪجھ حليم کاڌوسين. چاڪاڻ جو گرم ڪو نہ هو." هن جو ايترو چوڻ ۽ بس پوءِ تہ هن ماڻهو اسان کي ٻانهن کان جهلي واپس صوفي جي حوالي ڪيو ۽ پنجن منٽن ۾ بہ ڊونگا گرم گرم حليم جا ڪٽي آيو. انهن مان ٿورو مون بہ کينو ۽ باقي سڀ هن کاڌو.

حليم کائي بس ڪيوسين تہ مون کيس گهر هلڻ لاءِ چيو. هن چيو تہ هڪ دوست سان ملي، پوءِ تا گهر هلون. اوڏيءَ مهل سندس دوست جي گهر بہ وليمي جي دعوت هئي. وري اتي دعوت کاڌائين. اتي اسان کي چار ٿي ويا. مون کيس عرض ڪيو تہ، "هاڻي گهر هلون. کائي کائي اڌ مئا ٿي. ڦاٽي پيا آهيون." هٽ ٻڌي چيائين تہ، "هينئر ڇئين بجي منهنجي دوست رفيق جي سالي جي دوست جي پڦيءَ جي پٽ جو محمود ميرج گارڊن ۾ نڪاح آهي. ان منٿ ڪئي هئي تہ مان ان نڪاح ۾ ضرور اچان. سو پنج منٽ ان کي منهن ڏيکاري پوءِ تا گهر هلون." گهٽي ئي جان ڇڏائڻ جي ڪيم پر هو نہ مڙيو ۽ اوڏانهن هليو. پنجين بجي نڪاح ٿيو. بوتلون پيارپائون. منهنجي دوست جو صرف بوتلون هجڻ ڪري منهن ئي لهي ويو. گيٽ تي پهتاسين تہ اتي ڳهوٽ جي ڀاءُ چيو تہ، "سائين محمود ميرج گارڊن کان ڇهين نمبر نرسري کان بہ گهٽيون ڇڏي، کاٻي پاسي کان ٿورو اڳيان هلبو تہ بورڊ جي اسٽيڊيم جي پنيان ٽنڊو فضل ايندو اتي ويھ نمبر بنگلي ۾ مانيءَ جو بندوبست ڪيو اٿئون. سا کائي پوءِ گهر ويندا." بس همراھ جي چهري تي رونق اچي ويئي. پنڌ ئي پنڌ اتي پهتاسين. پوءِ اتي

ماني سان اهڙي ڪيائين جهڙي ٻارن ڪئي ٻرڙي سان. ٽي رانون ڪڪڙ جون ڪٽي پنهنجي پليٽ ۾ وڌائين ۽ ٻه رانون ڪٽي منهنجي پليٽ ۾ رکيائين. پليٽ ۾ برياني ۽ ٻڪر جو گوشت وجهي، مون کي چيائين، "کاءُ." مون پيٽ تي هٿ رکي چيومانس ته، "پيٽ ڀريو پيو آهي. هاڻي مون کي معاف ڪر. مان نٿو کان." ڪن ۾ آهستي چيائين ته، "پليٽ مان هٿ نه ڪڍجانءِ. مان پاڻهي پنهنجي پليٽ ڇڏ ڪري اچي ٿو پچائين."

منهنجي دوست سان محبت به ڏاڍي آهي. اهو ان ڪري جو هو هر ڪاڌي جي دعوت ۾ مون کي ٺي وٺي هلندو آهي. ٻين دوستن کي هو نٿو وٺي وڃي يا هو پاڻ نٿا هلن. ان ڳالهه جي خبر مون کي ڏاڍي دير سان پئي، جو سندس دوست شڪيل حجام مون کي ٻڌايو ته، "شير کي ڪٿي به شادي، وليمي، ميت، ٽيجهي، چاليهي يا خيرات جي ماني جي دعوت ڪو نه هوندي آهي. هو اخبارن ۾ پڙهي يا ڪٿي به ڪا ڳالهه ٻڌي، بي دعوتيو پهچندو آهي. ماڻهو به ڪيس سڃاڻي ويا آهن."

نڪ جي ڏاڍائيءَ جي به انتها ڪري ڇڏيندو آهي. سندس دوست مختيار جي پٽ جي سالگره هئي. مون کي، عدنان، اشرف، انور، رفيق ۽ محمد علي کي ٻن موٽر سائيڪلن تي لطيف آباد وٺي هليو. اتي پهچي اسان کي در تي ئي ٻڌايائين ته، "ماني سنٽي رڌل هوندي ڊبائي ڪائجو." اسان چيس ته، "گلن جا هار وغيره ته وٺون ۽ دعوت رڳو توکي آهي." چيائين ته، "ماٺ ڪري رڳو هلي ماني کائو. آئون پاڻهي مختيار کي پنجاهه رپيا ڏيندس."

انهيءَ دوست مان آخرڪار جان ڇڏائڻ وارو ڏينهن به اچي ويو. چوندا آهن ته بيگاني شادي ۾ عبدالله ديوانا، هڪ ڏينهن پنجين بجي منهنجي گهر آيو. ڪيس ڪرڪيٽ راند ڪڍڻ وارن جو لباس پيل هو ۽ ڪئميرا ڳچيءَ ۾ پيل هئس. يڪدم مون کي حڪم ڪيائين ته، "پينٽ شرٽ يا ڪمپليٽ سوٽ پائي اچ. ڏيالداس ڪلب ۾ دعوت آهي." مان به واندو ويٺو هئس. سو نيڪي اور پوڇ پوڇ. يڪدم لنڊي جو ڪمپليٽ سوٽ پائي آيس. اسان ٺئي نوين بجي ڏيالداس ڪلب پهتاسين. اندرئين دروازي وٽ هوندا بيهاري، اندرئين ئي دروازي کان اندر هلڻ لڳو. پنڊال ۾ اندر گهڙي پري پري تائين نظر ڊوڙايائين. پوءِ آهستي چپن ۾ چوڻ لڳو ته، "هتي ته ڪو به واقفڪار ڏسڻ ۾ نٿو اچي." مون ڪائنس پڇيو ته، "ڇا ڳالهه آهي؟" چيائين، "ڪجهه ڪونهي. تون اندر هل." ڪنڌ پاسو وٺي ويناسين. ڏهين بجي ڇڄ آئي ته سيٽ تان وڃي گهوٽ کي ياڪر پائي مليو. ان سان گڏ اسٽيج تي 15 منٽ چڙهي ويٺو. هاڻي ڪير چوندو ته شير يا مان پرائي شاديءَ ۾ بيگانا آهيون. ماني کاڌيسين. آخر ۾ هڪ شاپنگ بيگ مرغ بريانيءَ جي مون لاءِ پرايائين ۽ هڪ سندس لاءِ ان ڏينهن مون کي احساس ٿيو ۽ پڪ ٿي ته اڄ اسان بيگاني شاديءَ ۾ عبدالله ديوانا ٿي ويا هئاسين. ان ڏينهن کان پوءِ مون هن کان ڪناره ڪشي شروع ڪئي، پر وري به هڪ آخري دعوت جاويد جي پاران مليل مون کي هن سان گڏ کائڻي پئي. مان اٺين بجي شير کي وٺڻ سندس گهر ويس. هن گهر کان نڪرڻ ۾ ڪلاڪ لڳائي ڇڏيو. ان وچ ۾ مون ٽي دفعا در کڙڪايو ۽ سندس پٽ هتان نياپو ڪيو ته تون هيٺ ته لهه. پر نه لٿو. آخرڪار جڏهن هيٺ لٿو ۽ مون ڪيس جاويد جي گهر دعوت جو ٻڌايو ته زور سان مٿي تي هٿ هڻي چيائين ته، "تون اها ڳالهه پهرين ته

ڪرين ها تہ آئون گهر ۾ ناشتو تہ نہ ڪريان ها. تو تہ منهنجو نقصان ڪرائي ڇڏيو." خار ۾ مون کي ڇانهہ پاڻي جي صلاح بہ ڪو نہ ڪيائين ۽ جاويد ڏانهن هلڻ لاءِ ڇيائين. اتي بہ جهڙو پيٽ پنجوءَ جو ڪري وينو ڪائڻ.

● ● ●

هاڻي منهنجي ننڍي هوندي جي دوست امداد جهرڪيءَ جو کهڙو توهان جي اڳيان، ڪاڏي جي ڪڏ وارو حساب بيان ڪريان. ڊگهو، سنهڙو، سڪل، پر مفت جا مال ڪائڻ جو ڇتو. هڪ اخبار ۾ بہ ڊيوٽيون ڪندو هو. هڪ صبح جو ائين بجي کان ٻين بجي تائين، ٻي رات جو ستين بجي کان هڪ بجي تائين.

امداد جهرڪي روزانہ صبح جو ساڍي ڇهين بجي، بغير ناشتي جي گهران نڪري، فقير جو پڙ، پڪو قلعو، ڪچو قلعو، صدر، تلڪ چاڙهي، ٽنڊو ولي محمد، هيرآباد ڪان چڪر هڻي، ائين بجي ڊيوٽيءَ تي ايندو هو.

ٻنپهرن جو ٻين بجي کان وٺي شام جو ستين بجي تائين مفت جي دعوتن جي ٻلي هوندو هو. وري ڪڏهن ڪڏهن رات جو ڪٿي ڪا سٺي دعوت هوندي هئي تہ موڪل ڪندي بہ دير نہ ڪندو هو.

پاڻ ئي ٻڌائيندو هو تہ مان گهر جي رڳو ڇانهہ پيئندو آهيان. باقي ٽيئي وقت ماني، ٻاهران مفت ۾ ڪائيندو آهيان. امداد لاءِ اهڙو ڪو سالن ۾ منحوس ڏينهن هوندو جنهن ڏينهن هن کي مفت واري دعوت نہ هجي.

ان پريس ۾ رات جو ائين بجي هڪ حليم وارو ايندو هو جيڪو ٻن آنن ۾ هڪ پليٽ ڏيندو هو. هڪ ڏينهن شرط لڳايائين تہ ڪير مون کي مفت ۾ پنجاهہ پليٽون ڪارائي تہ مان ڪائي ويندس. ٻہ ٻہ سؤ رپين ۾ شرط لڳي. حليم ڪائڻ کان اڳ ۾ ڇيائين تہ، "اڄ ٻنپهرن جو صرف هڪ هنڌ دعوت ڪاڌي اٿم. ان ڪري جيڪڏهن چار نان ۽ هڪ ٻوڙ گهرائي ٻهرين ڪارايو تہ منهنجو پيٽ پرجي نہ تہ توهان شرط هارايو وينا آهيو." سيٺي ڇٽن هڪ ٻئي جي منهن ۾ نهاريو ۽ هڪ پوڙ ۽ چار نان گهرائي ڪيس ڪارايا. ٽي گلاس مٿان پاڻي جا پي ۽ حليم ڪائڻ شروع ڪيائين. پوريون پنجاهہ پليٽون حليم ڪائي ويو ۽ بہ سؤ رپيا بہ ڪٽيائين بلڪہ چار نان ۽ ٻوڙ ماني بہ مفت ۾ ڪاڌائين.

منهنجي هڪ دوست شهمير خان ٻڌايو تہ هو هڪ ڏينهن اتفاق سان رات جو امداد جهرڪيءَ وٽ مهمان جي حيثيت ۾ وڃي ٽڪيو. گرمين جا ڏينهن هئا، سو ڇاءِ جي ڇت تي وڃي ستا. اتي ٿڌي ٿڌي هير لڳي رهي هئي. اوياريون لهواريون ڪندي، خبر ناهي ڪيڏي مهل اک لڳي ويئي.

صبح ٿيڻ شرط امداد جهرڪي مون کي ننڊ مان ذوڙاڙا ڏيئي اٿاريو ۽ مان ڇرڪ ڀري، اپو ٿي ويهي رهيس ۽ حيرانيءَ مان ڏانهنس نهارڻ لڳس. امداد جهرڪي ٻهرين اوير طرف نڪ جي ناڪوٽين کي نوس نوس واري انداز ۾ حرڪت ۾ آندو ۽ وري نڪ کي موڙو ڏيئي، اولهندي طرف نوس نوس ڪرڻ لڳو. اتي بہ ساڳيو عمل دهرايائين. نڪ کي موڙو ڏيڻ جو. آخرڪار جڏهن اتر طرف نوس نوس ڪيائين تہ منهن تي سُرهاڻ وري آيس ۽ يڪدم خوشيءَ مان ڪڏ تي ٽپا ڏيڻ لڳو.

مان امداد جهرڪيءَ جي اها حرڪت ڏسي، ماٺ ڪري نہ سگهيس ۽ آخرڪار پڇيومانس تہ، ”يار امداد، ڇا ڳالهہ آهي جو ٽن طرفن ڏانهن ڏسي منهن بڇڙو ڪيئي ۽ هڪ طرف ڏسي منهن سُرهو ٿيئي.“ چوڻ لڳو، ”اهو منهنجو روز جو معمول آهي.“ پڇيومانس، ”اهو ڇا جي ڪري؟“ چوڻ لڳو تہ، ”مان گهڻي ڀاڱي مفت جون دعوتون ڪائيندو آهيان ۽ گهڻو ڪري بي دعوتيو هوندو آهيان.“ مان ان جي ان انڪشاف تي وري بہ حيران ٿي رهيس، ڇو جو اصل ڳالهہ اوير، اولهہ، ڏکڻ، اتر طرفن ڏانهن نهارڻ جي رهجي ويئي. منهنجي ان حيراني کي دور ڪرڻ لاءِ امداد جهرڪيءَ مرڪيو ۽ چوڻ لڳو تہ، ”يار شهمير، اصل ۾ چار ئي طرف ان ڪري نوس نوس ڪندو آهيان، جو مون ۾ ولِ پاور ايترو آهي جو مون کي ان نوس نوس ڪرڻ مان خبر پئجي ويندي آهي تہ اڄ ڪهڙي طرف طعام تيار ٿي رهيو آهي پوءِ ان پاسي نوس نوس ڪندو اتي پڄي ويندو آهيان ۽ انهن کان ڳاڏي جو ٽائيم وغيره پڇي ان ٽائيم تي اتي پهچي ڪائيندو بہ آهيان ۽ وري گهر اچي ڪائڻ لاءِ اتان ماني ڪٽي بہ ايندو آهيان.“ اها ڳالهہ ٻڌي منهنجا تاڪ ئي لڳي ويا.

● ● ●

منهنجي دوست طفيل احمد جي ڀاءُ ڊاڪٽر زاهد جي وليمي جي دعوت زرين هال ۾ مون کي بہ مليل هئي، مان مٿئين پورشن جي ڏاڪڻ چڙهي رهيو هئس تہ طفيل هڪ نوجوان، پڙهيل لکيل ڇوڪري کي ٻانهن کان جهلي هيٺ لهي رهيو هو. مون پڇيومانس تہ، ”ڪير آهي؟“ مون کي مئنيجر جي آفيس تائين هلڻ لاءِ چيائين اتي پهتاسين تہ مئنيجر جي آفيس ۾ اڳي ئي چار ڇوڪرا بند پيا هئا. طفيل دروازي جو ڪنڊو کولي ان پنجين ڇوڪري کي بہ ان آفيس ۾ بند ڪري ٻاهران ڪنڊو لڳائي ڇڏيائين، پڇڻ تي ٻڌايائين تہ، ”اهي سڀ ڇوڪرا بي دعوتيا هئا، ان ڪري هنن کي بند ڪيو اٿم.“ مان اتي ويهي رهيس. طفيل مٿي ويو تہ انهن ڇوڪرن کي دروازو کولي آزاد ڪيم ۽ ماجرا پڇيم، ”ڪلي چيائون تہ اسان هر دعوت اتي ڪائيندا آهيون پر ڪيڏيءَ ڪيڏيءَ مهل پڪڙجي پوندا آهيون پر اها ڪا خاص ڳالهہ ڪانهي.“ پوءِ اهي پنج ئي ڇوڪرا الائي ڪيئن مٿي چڙهيا، ماني ڪائي هٿ پئي ڌوتم تہ انهن ڇوڪرن کي رڌڻي ۾ پليٽن ۾ بچيل ڳاڏو ڪائيندي ڏٺم.

● ● ●

اسان جي آفيس شروع شروع ۾ سيڪريٽري ۽ چيئرمين جي سهوليت لاءِ هڪ جيپ ورتي. اها جيپ پهرين تہ سومار هلائيندو هو. پر پوءِ صاحب ان کي بہ ٽي درجا پڙهايا تہ اها جيپ محمد بخش اچي هلائڻ شروع ڪئي. رنگ ۽ قدبت ۾ جهڙو محمد بخش ڪارو ڪلوٽو، تهڙو سومار. وارن جي اسٽائيل مڪرانين جهڙو، وري هر وقت مٿي تي ور ڏيئي رومال ٻڌل. صاحب جو ڪراچيءَ هليو تہ مونکي ۽ سومار کي بہ وٺي هليو، محمد بخش جيپ هلائي. ان زماني ۾ صاحب نارٿ ويسٽرن هوٽل ۾ رهندو هو. هو صاحب ۽ مون کي هوٽل تي ڇڏي، جيپ اتي بيهاري اهو چئي ٻاهر ويا تہ، ”اسان اچون ٿا.“ محمد بخش جي پيٽ ۾ بہ انود ڪاسائي واري ڪڏ آهي. گهر ۾ بہ هڪ ڪلو گوشت کان گهٽ ڪونہ رڌرائي، ان ۾ اڌ ڪلو گوشت سندس لاءِ تہ اڌ ڪلو گوشت گهر جي ڌهن ڀاتين لاءِ.

هوٽل جي پاسي واري گهٽيءَ ۾ تنبو لڳل هئا. شايد ڪا وليمي جي دعوت هئي، محمد بخش مفت جي ماني کائڻ لاءِ سومار کي به انهيءَ وليمي ۾ وٺي ويو. هو ٻئي ڄڻا ڪاڌي جي حوس ۾ بجاءِ مردن واري پنڊال ۾ وڃڻ جي عورتن واري پنڊال ۾ وڃي نڪتا. ماين واري پنڊال ۾ جو به ڪارا قداور ماڻهو ڪاهي پيا ۽ انهن جو اسٽائيل ساڳيو ڊرائيورن وارو هو ۽ دعوت ۾ آيل ماين لاءِ هو نوان هئا. هڪ اڌ مائي پاڻ ۾ سس پس ڪئي ۽ "ڌاڪو... ڌاڪو... چور... چور..." ڪري وٺي دانهون ڪيائون. بس پوءِ ته سڄي پنڊال ۾ ڀڄ ڊڪ لڳي ويئي، ماڻهن ڪٺي محمد بخش ۽ سومار کي قابو ڪيو انهن کي ماري ماري ساڻو ڪري ڇڏيائون. ڪپڙا ليڙون ليڙون ٿي وين. ڪو به هنن جي ٻڌڻ لاءِ تيار نه هو ته هو ڪير آهن؟ سڀني جي زبان تي رڳو هڪ ئي ڳالهه هئي ته هيءُ به ڄڻا ڌاڪو آهن.

ٽن چئن ڪلاڪن کان پوءِ ڪلفٽن ٿاڻي تان فون آيو ته صاحب ۽ مان ڪلفٽن ٿاڻي تي اچون ۽ پنهنجن ماڻهن جي سڃاڻپ ڪيون. صاحب پريشان ٿي ويو. پر پوءِ همٿ ٻڌائي مانس. اسان ٽيڪسيءَ ۾ چڙهي ڪلفٽن ٿاڻي تي پهتاسين ته محمد بخش ۽ سومار لاڪ اپ ۾ بند پيا هئا. پوءِ صاحب انهن کي شخصي ضمانت تي آزاد ڪرايو ۽ هوٽل تي وٺي اچي پيٽ ڀري انهن کي ماني کارائي.

● ● ●

اسان جو هڪ مائٽ جان محمد به ڪاڌي جو پيٽير هوندو هو. پر هن ڪڏهن به اخبار ۾ پڙهي دعوت ڪو نه کاڌي. گهر وارا هن لاءِ گهر جي سمورن ڀاتين جيتري ماني ته رکندا هئا پر هوٽل تان هڪ ٻوڙ ۽ چار نان الڳ گهرائي رکندا هئا. هو ڪڏهن به بيمار ڪو نه ٿيو. زندگي جي آخري ڏينهن ۾ سخت بيمار ٿي پيو. آنڊو ڪمزور ٿي پيس. ڊاڪٽر چانور ۽ چڪناهٽ واري شيءِ کائڻ کان منع ڪيس پر حاجي اسماعيل جي پٽ سليم جي شادي تي هنن ٻوڙ ماني ۽ چانور ڪيا هئا. هو ان دعوت ۾ منهنجي پاسي ۾ ويٺو هو ٻوڙ جي سڄي پليٽ ڀري کنيائين، چار نان ۽ چانورن جي پليٽ به کاڌائين. مون منع ڪئي مانس ته جواب ۾ چيائين ته، "کي کارائي مري ويا ته ڪي کائي مري ويا. زندگيءَ جا آخري ڏينهن آهن اڄ مران يا سڀاڻي مران. گهٽ ۾ گهٽ بکيو ته نه مران. کائي مران ته سٺو." جان محمد ويچاري اها آخري دعوت کاڌي ۽ هفتي کن کانپوءِ مري ويو.

اڄڪلهه شير علي هڪ ميٽنگ گهرائي رهيو آهي جنهن ۾ مون سان گڏ امداد جهرڪي، سومار ۽ محمد بخش کي خصوصي دعوت ڏني وئي آهي. هن جو خيال آهي ته بي دعوتين جي هڪ مقامي انجمن ٺهڻ گهرجي پر منهنجو خيال آهي ته اخبارن ۾ پلي ٽيجهي، چاليهي يا خيرات جي ماني جا اشتهار ڇپجن پر انسان کي پنهنجو به ته ڪو خيال ڪرڻ گهرجي ته سندس به ڪا معاشري ۾ عزت آهي، پلاجي هرو ڀرو لاهي پاهي ڪو بيهي رهي ته مفت جي، بغير دعوت جي ماني کائيندس ته گهٽ ۾ گهٽ اهو ته سوچي ته پلاجي مال پرائو آهي ته پيٽ ته پنهنجو آهي نه؟ پوءِ ڇو ويهي هبڇ ڪجي.

●



ڊاڪٽر غلام قادر سومرو 15 فيبروري 1933ع ۾ نبي بخش سومرو جي گهر واقع ڳوٺ ڏيتا تعلقي ڪنڊياري ۾ جنم ورتو. هن 1955ع ۾ گريجوئيشن ڪرڻ کان پوءِ لکڻ شروع ڪيو ۽ اڄا تائين مسلسل لکندو رهيو آهي. هو ٽيڪسٽ بوڪ جو پڻ ليکڪ رهيو آهي.

هن جا ڪتاب ”ڏوڙيا پئجي ويا“ ۽ ”سهڻا ٿوهه“ ڇپجي پڌرا ٿي چڪا آهن.

هو عبدالله بليسنگ، نزد نسيم نگر قاسم آباد حيدرآباد ۾ رهندو آهي.

# آءُ تہ پرچون پاڻ ۾!

## ڊاڪٽر غلام قادر سومرو

شمن ماءُ جو اڪيلو دادلو پٽ "شمن" ڄائو تہ خيرن سان پٽس موڪلايو ۽ اهوئي سبب هو جو شمن پنهنجي ذات بابرڪات ۾ مڪمل طرح "مادر زاد" يعني پنهنجي ماءُ جو "مائو پٽ" بڻجي پيدا ٿيو. "شمن" ڪهڙو؟ چي: شمن ماءُ وارو پٽ شمن. جڏهن تہ نہ پٽس ئي پاڻ باقي رهيو هو ۽ نہ سندس نالو. البتہ والد جي ملڪيت مان زمين جا ٻہ چار ٽڪرا، مال متاع وغيره جو هو اڪيلو مالڪ بڻجي چڪو هو.

شمن ڇا ٻہ هو پر اڄ ننڍو سيان وڏو، نيٺ اچي جوان ٿيو. جواني ۾ پير پاتائين تہ جذبن جا جنسار بي اختيار اٿلي پيا. دراصل هو پنهنجي ماءُ جي آسن ۽ اميدن جو آسرو بڻجي اڀريو. ڦوهہ جواني ۾ آيو تہ ڪٽمست بنجي ويو. سلوار قميص ٿي سنڌي ٽوپي، ڪلهن تي اجرڪ، پيرن ۾ نئين ڊزائين جو سليپر پاتل، پري کان ڇڻ "ملهہ" جوان پيو لڳي. انهيءَ کان علاوه ڪلهي تي سينگاريل "ڪهاڙي" جنهن سان ڪا "ڪلهاڙي" مقابلو نہ ٿي ڪري سگهي.

۾ واري ڳوٺ ۾ جمن خان نالي هڪ پلوڙ شخص رهندو هو، ڪيس هڪ پٽ شاهن شير، دولهہ دلير، ساڳيائي پير، هڪ نياڻي بنهہ سياڻي هئي، جنهن جو نالو "گلار" هو.

گلار جي ماءُ جي وفات ڪانپوءِ پاڙي ۾ رهندڙ سندس پڦيءَ، ماءُ بڻجي پاءُ، پيڻ ڪي تاتي نپائي وڏو ڪيو. پنهنجي نظر ۾ ڪيس ديني تعليم جا ابتدائي سبق ڏنائين ڪجهہ وقت ڪيس پرائمري اسڪول ۾ ڇڏيو ويو. سال ٻن ڪان پوءِ ڪيس ننڍي عمر ۾ ئي گهر جو ڪم ڪار، رڌ پچاءُ، سڄڻ سيهڙ ۾ هوشيار ڪري ڇڏيو، جنهن ڪري هن ايندڙ سالن لاءِ گهر هلائڻ جو هنر سکي ورتو هو. شاهن سورهيہ هو پر طبيعت جو اُڇهرو ۽ اهنڊ هو. ٻہ ٽي درجا پڙهي بس ڪيائين "گلار" تہ گلن جهڙي نفيس هئي. جهڙو نالو هوس اهڙي ئي سهڻي من مهڻي هئي. سندس سونهن جو اهو ڪرشمو هو جو جواني ۾ جڏهن ٻانهن لوڏي هلندي هئي تہ گهٽڻ ڇڙن ٻي وڙن جي هڻ تاڙ تي ويندي هئي ۽ ڪئين وات ڦٽيا، حُشر تي خوش وانگر، پنهنجو پاڻ ۾ خوش پيا ٿيندا هئا. بس ائين ڪٽي سمجهو تہ:

هتي جن نہ ڪن، ادي جن کي عشق اَنڌو ڪري وڌو!

چوندا آهن تہ پڪل ٻير ۾ سيڪو ڇاڙپ هٽندو آهي. هونءَ ٻہ، "پرٽو" گار تہ نہ آهي جا لڳي پوي. لڪئي جا ليڪ آهن. گلار جو مڱڻو شمن سان ٿي ويو. هن گهٽو ئي چيو تہ پهريائين سندس ڀاءُ شمن شير جي شادي ٿئي پر شمن نہ مڃيو چيائين:

"پهريائين نياڻي ساماڻي شينهن ڪلهي چڙهي، بعد ۾ پنهنجي شاديءَ لاءِ سوچيو ويندو."

ڪجهہ وقت ڪانپوءِ وهانءَ جي تِٿ تاريخ مقرر ڪئي وئي. چنڊ جي چوڏهين تاريخ تي شادي جي تاريخ پڪي ڪئي وئي. مَٽن، مائٽن، ڀاڙيوارن، ڳوٺ وارن ۽ ٻي ست راڄي کي "يت جو سڏ" يعني شاديءَ جي ڪوٺ ڏني وئي.

شاديءَ کان اڳ ٻڪي واري ڏينهن تي گهوٽ راجا جي وهاڻءِ جي "ٻڪيءَ" جي رسم ٿي گذري، جنهن ۾ لاڏا، سهرا، ڳيچ ڳايا ويا.

نيٺ ڏينهن ڍُڪيندي شاديءَ واري سهاڳ رات بہ اچي ويئي. گهوٽ اٺموٽ ڇڄ وٺي، دهلن شرناين جي ڌمچر ۾ ساهراڻي گهر پهتو. گهوٽ ڪنوار جي وهانءِ واري رات تي خوشيءَ جي اظهار لاءِ عورتن ڳيچ ڳايا، نچڪا، ٽپڪا، جهومرون پاتيون، ڇيڇ ۽ هنبوشي هنئين، مطلب تہ ساري رات شاديءَ جو منڊل متو رهيو. شادي جا مختلف سانڍ سڱوڻ، ريتون، رسمون ساري رات ٿينديون رهيون.

پيڇ پنئيءَ مهل گهوٽ جي "اريهڻ" کي گهوٽ کان الڳ ڪيو ويو، ڇاڪاڻ تہ باقي سفر گهوٽ کي اڪيلي سر طئي ڪرڻو هو. ڳيچن جي گوئنچار ۾ گهوٽ ڪنوار وٽ آندو ويو. پوءِ ڏانوڻ ڏائڻ، تر مٺڻ وغيره وارا سانڍ پورا ڪيا ويا. آخر ۾ گهوٽ ڪنوار کي "لاٺون ڏياري" کين اڪيلو ڇڏيو ويو.

گهوٽ، ڪنوار جو لايو سجايو ٿيو. صبح جو گهوٽ راجا کي وهنجاري سهنجاري، سينگاري مرداني منهن ۾ آندو ويو. واڌايون وري ويون ۽ مبارڪن جا هوڪريا پئجي ويا.

منجهند جي مانيءَ کانپوءِ گهوٽ پنهنجي ڪونج جهڙي ڪنوار ساڻ ڪري سينگاريل ڪار ۾ ويهاري ڇج سوڌو ڳوٺ موٽي آيو. چڙهندو موٽر ۾، موملِ ماڻيندو. ڪيترائي فقير لاڳ وٺڻ لاءِ اچي ڪٺا ٿيا هئا. خير جو ستاوڙو بہ ڪري موٽيو.

شاديءَ جي ريتن، رسمن، رواجن مان واندو ٿي "شمن" گهوٽ "سرهي سيج پاسي پرين" جو فائدو وٺندي جواني ماڻڻ ۽ شادي جون خوشيون ملهائڻ ۾ لڳي ويو.

تتي ٿڌيءَ ڪاهه ڪانهي ويل ويهڻ جي!

زال جي قرب ۾ ڪڙجي وانگجي، پنهنجي گهر واريءَ جو اوبيڊينٽ هسبينڊ يعني فرمانبردار مڙس بڻجي ويو. ماڻهو سندن خوشي ۽ خوشنصيبين تي ريس ڪرڻ لڳا. سندن گهر ۾ خوشين جو سڄ سدائين اپريل رهيو.

شمن ۽ گلار جي شاديءَ کي ٻہ سال پورا ٿيڻ وارا هئا پر گهوٽ، ڪنوار ميڙيو چونڊيو ڪجهہ بہ نہ. ٻئي ٺلها نکر ٿي رهيا هئا. کين ڪو اولاد نہ ٿيو. اوڙي پاڙي ۾ اها چئہ پچئہ لڳي ويئي تہ، "چو پلا، هنن ايتري دير لائي ڇڏي آهي!"

يا تہ آهن وٽ ڪوتا يا ڦودني ۾ ڦير آ!

گلار ڏڄ مڄ ۽ سونهن سينگار ۾ اڳري، پنهنجي جوان جماڻ جيڏين سرتين جو "نڪ" هئي. اهو ئي سبب هو جو شمن ماءُ، پنهنجي پياري ننهن تان ڏهہ ڏهہ پيرا ڏينهن ۾ ٻلهار ۽ گهڙي گهڙي گهور پئي ويندي هئي پر آسائتي ماءُ جي آس اميد ڇي جهولي کيستائين خالي هوندي! اهو ئي هڪ سوال هو جنهن جو جواب کيس گهرڻو هو. هڪ دفعي گلار کي چيائين: "امان سون ورني راڻي، ڪيترو وقت گذري ويو آهي. اسان کي ٻچڙو ڇٽي نہ ڏنو اٿيئي؟!"

گلار لڄ ڇان، چپ چاپ ۾ ڪنڌ جهڪائي ڇڏيو. شمن ماءُ وري چيو: "توکي خبر آهي تہ دينڻ ماءُ، ڳوٺ ۽ اوسي پاسي وارن جي آزمايل دائي مائي آهي. پيرن ۽ وڏيرن جي حاويلين تي ويم ڪرائيندي آهي. ڏاهي اهڙي جو ڊاڪٽرياڻيون ۽ اسپتالن جون نرسون پري ڪري مار! کيس ڇڻي آئي آهيان. اڄ اسان وٽ ايندي."

سس جي ڳالهه ٻڌي هلي ويئي ۽ وڃي گهر جي ڪم ڪار ۾ لڳي.

ڪلاڪ ٻن ڪان پوءِ ديناڻ ماءُ سندن گهر پهچي چڪي هئي. "اي ادي ڀلي آئينءَ!"

"ڀيڻ خير هوندءِ!"

"ماسي ڀلي ڪري آئينءَ!"

"امان، جواڻي ماڻي، خوش هوندينءَ سدائين!"

پوءِ ٻيئي جهونيون ڪچهري ۾ لڳي ويون، جڏهن ته گلار، جهٽ پٽ ۾ چانهه جا ٻه ڪوپ ناهي، هڪ ديناڻ ماءُ ۽ ٻيو پنهنجي سس کي اچي ڏنائين. چانهه پي دائي مائي، گلار جي تپاس ڪي لڳي ويئي. طويل تپاس ڪان پوءِ واپس اچي شمن ماءُ وٽ ويٺي جيڪا مات کيو سندس انتظار ڪري رهي هئي اتي گلار به آئي.

نيٺ دائي مائي چيو.

"مون سوين وير ڪرايا آهن ۽ عمر انهيءَ پورهئي ۾ گذاري ڇڏي اٿم. وڏيرو ولڻ خان مون ڇڻايو، پير صابن مون ڇڻايو، توڪي شمن مون ڇڻايو. مان هڪ پيڙهائتي دائي آهيان. دائي ڪان پيٽ ڳجهو هوندو ئي ناهي!" پوءِ ساهي پٽيندي چيائين، "گلار ته صفا ٺيڪ ٺاڪ لڳي پئي آهي. منجهس ڪا زالاڻي خرابي نه آهي. اتبار نه اچيوَ ته ڀلي شهر ۾ ڪنهن وڏي ڊاڪٽرياڻيءَ کي ڏيکاريو. منهنجي ڳالهه ڪوڙي ٺئي ته ڏنڊ ۾ پنهنجا ٻئي ڪن وڍائڻ لاءِ تيار آهيان. باقي شمن ڀلي ڪنهن هوشيار ڊاڪٽر ڪان پاڻ تپاسرائي."

دائي مائي جي رپورٽ ٻڌي شمن ماءُ ڊڪرجي ويئي ۽ منهن پاروٺي واڳڻ جهڙو ٿي ويس. جڏهن ته گلار ٻهڪي رهي هئي.

ٻئي ڏينهن شمن ماءُ، پٽ کي پاڻ وٽ گهرائي پاسائتو وهاري مائي دائي واري ڳالهه ٻڌائي ۽ کيس صلاح ڏنائين ته هو شهر ۾ ڪنهن وڏي ڊاڪٽر کي پاڻ ڏيکاري "ايلاج" ڪرائي. شمن کي ٻهريائين ته ڏاڍي ڪاوڙ لڳي پر پوءِ ماڻس جي سمجهائڻ ۽ زور ڀرڻ تي ٻئي ڏينهن ڪنهن وڏي ڊاڪٽر سان ملڻ لاءِ شهر پهتو.

شهر جا باناقار ڊائگنوسٽڪ سينٽر جي ماهر ڊاڪٽر دلباز خان دلاري جي خدمت ۾ حاضر ٿيو ۽ نمبر وٺي انتظار ڪرڻ لڳو.

ڪيس سڏ ٿيو ماهر ڊاڪٽر آڏو آيو جيڪو پنهنجي سائيز مطابق اسپيشل آرڊر تي تيار ڪرايل ڪشادي ڪرسي تي جلوه افروز ڪنهن سوچ ۾ سيٽيو لوهه لڳو ويٺو هو. ائين ٿي لڳو ته ڇڻ ڪنڊ جو جهاز ٻڌي ويو اٿس يا وري ڪنهن احتساب سيل جي پڪڙ ۾ آيل آهي. سندس پيش اچڻ جو انداز شائستو ۽ همدردي وارو پئي لڳو. انهيءَ جاءِ تي جيڪڏهن ڪو اسان جو سنڌي ڀاءُ ڊاڪٽر هجي ها ته شمن شير کي شيرڙ ورڙ ڪري گهر جون رليون وڪڻائي ڪيس ڪنگلو بڻائي ڇڏي ها.

شمن جي مڪمل طبي چڪاس ڪان پوءِ پنهنجي ماهراڻي راءِ جو اظهار هن ريت ڪيو:

"تون هونئن ته ٺيڪ ٺاڪ آهين پر...."

"پر، ڇا سائين؟"

"ڳالهه هيءَ آهي ته تو ۾ اولاد پيدا ڪرڻ جي صلاحيت موجود نه آهي. مون کي معاف ڪجانءِ!"

ڊاڪٽر جي فتويٰ، شمن کي ڏونڌاڙي وڌو هو. نيٺ ماءُ سان صلاح ڪيائين جيڪو سارو احوال پاسائيٽو لکي گلار بڌي ورتو. ڪيس هاڻ ۾ ڏک لڳي ويو.

گهڻي پڇ پڇار ڪان پوءِ شمن ماءُ، پٽ کي ٻي شادي ڪرائڻ جو اصولي فيصلو ڪري ورتو. ڪيس پنهنجي پٽ جو اولاد ڪيندو هو.

هوڏانهن گلار جي شادي ڪان پوءِ پڻ، سندس پڦي سندن گهر ۾ ئي رهندي هئي ۽ پياءُ ۽ پائٽي جي خدمت ڪندي هئي. گلار سان ملڻ لاءِ شاهن پاڻ ويندو هو ۽ ڀيڻ کي سوڪڙيون پاڪڙيون ڏيئي حال احوال وٺي ايندو هو. شمن جي ٻي شاديءَ واري فيصلي جي خبر زود اٿر، پاڙي جي حد ڪان وڌيڪ نيڪ نام خاتون مائي مرادان ڪائي نباتان کي وڃي پئي، جنهن جهڻ پٽ ۾ شمن کي وڪڙ ۾ آڻي ڇڏيو. مائي مرادان پنهنجي پهرين ٻن مڙسن کي نمبر وار گهمائي هن جهان فاني مان رخصت ڪرائي خير سان ٽيون مڙس ڪيو هو جيڪو پڻ ڪنگهندي ڪنگهندي چوندو هو ڪنگهندين سال ٿيا ويندس مفت مري!!

سچ ته مائي مرادان جهڙيون ٻه چار ٻيون نيڪ بخت زالون پيدا ٿي پون ته جيڪر سڀ جهڳا جهڻ ٿي وڃن!

مائي مرادان، انتهائي چالاڪيءَ سان، دلالي واري انداز ۾ چاڙهاڪا ڏيندي، شمن کي ٻي شادي لاءِ تيار ڪري ڇڏيو ۽ هام هڻندي چيائين: "شمن لاءِ ڇوڪريون ڪوڙ! چوانءِ ته ٿي ته چونڊي ڪڍجانءِ!"

شمن جي ٻيءَ شادي واري خبر گلار جي مائٽن تائين وڃي پهتي. سندس والد ڏاڍو فڪرمند ٿي ويو. شاهن کي ڀيڻ سان ملي اچڻ لاءِ موڪليائين. شاهن پهتو ته گلار گهر ۾ اڪيلي ويٺي هئي. سسٽس پاڙي ۾ ويل هئي. گلار وجهه وٺي ساري ماجرا پنهنجي سورهيه ڀاءُ شاهن کي ٻڌائي.

"ادا هتي پاڙي ۾ هڪ شودي ڪناس رن، ڏائڻ ڏوتي مرادان منهنجي شمن کي لغڙ ڏيڪاري ٻي شادي لاءِ تيار ڪيو آهي."

شاهن ڀڙيائين ته تپي باهه ٿي ويو. پر پوءِ ڀيڻ کي مخاطب ٿيندي چيائين، "ڏس گلار ڀيڻ! تنهنجو ڀاءُ اجا ته جيئرو آهي. تنهنجو وار به ونگو ٿيڻ نه ڏيندس...."

ڀيڻس ڪيس جوش مان هوش ۾ آڻيندي چيو، "ڏس ادا، معاملو ڏاڍو نازڪ آهي. ڪاوڙ ڇڏي ڪو اهڙو گس ڳولي ڪڍ جو لعل به لٻي پريت به رهجي اچي!

شاهن ابهرائي ڇڏي ڪا ٻي واٽ وٺڻ تي سوچڻ لڳو. ڀيڻ کي حوصلو ڏيارڻ لاءِ. پاڻ سان آندل کهو جي مضبوط ڳن واري کهاڙي وڏائيندي چيائين، "شمن اٽڪلون ڪري ٻي شادي ڪرڻ لاءِ تو تي ڪو وڏو الزام هڻي مارڻ تو چاهي. توکي "ڪاري" ڪري مارڻ جي اجازت هرگز نه ڏينداسين.

کهاڙي اسان سنڌين جو شان آهي، جنهن سان ڪلاشڻ به نه پڄي. هيءَ کهاڙي وٺ. پنهنجو بچاءُ پاڻ ڪجانءِ. شينهن ڀاءُ جي ڀيڻ جو آهين."

پوءِ ٻه چار نوٽ گلار ڀيڻ کي ڏيندي سندس مٿي تي شفقت جو هٿ رکندي چيائين، "چڱو ڀيڻ الله واهي! تون متان دل لاهين!" گلار جي ڳلن تان ڳوڙها ڳڙي پون ٿا.

ڦرڪو ڦري چڪو آهي. شمن جي خطرناڪ ارادن کان گلار ڪي سياندا اپري رهيا آهن. هو پنهنجي محبوب ڪنوار يعني گلار کان گهڻو پري نڪري چڪو آهي. سارو وقت گهر کان ٻاهر رهڻ، جيڪڏهن گهر اچڻ ته ٽيپ رڪارڊر تي جلال جا ڪلام ٻڌڻ ٿي وي هوندي ڳوٺ کان ڳپل پري خير محمد خارباز جي هوٽل تي وي سي آر ڏسڻ، زمين تي نه وڃڻ، سارو هٽ هارين جي حوالي ڪري ڇڏڻ، منهن هميشه سوٽل رکڻ، ڳالهائجي ته رڙهون ۽ ڇهڙون ڏيڻ وغيره انهن بدليل حالتن جي نتيجن جي پوَ کان پنهنجي سس سڳوريءَ ڪي پنهنجو ڏيرو حال اورڻدي گلار چوي ٿي، ”ڏس چاچي، هتي منهنجي سس به تون ته ماءُ به تون. ڪنهن سان سور سليان، ڪنهن ڪي دانهن ڏيان؟ تون پاڻ ڏسين پئي ته گهر گهاٽ ۽ مال متاع جي سار سنڀار ڪريان، مال لاءِ ڪتر به آئون هٽا. ساري رات سندس انتظار ڪريان. جي تون نه هجين ته ڇري ٿي پوان!“

سندس اکين ۾ ڳوڙها تري اچن ٿا. وڇهلندي چوي ٿي: ”گذريل رات، سندس اوسيئڙي ۾ جاڳي جاڳي ننڊ ٽٽي ويئي. آڌي رات ڪڏهوڪو گذري چڪي هوندي. اوچتو ڌڪو ٿيو جيئن ڪو پٽ تان هيٺ ٽپو ڏيندو هجي. ڇرڪ ڀري جاڳي پيس. تون ننڊ ۾ پئي هئينءَ ڇلانگ ڏيئي اٿيس ۽ ڊوڙي وڃي بلب ٻاريم. ڏٺم ته پاڻ بيٺو هو. ڳالهايم، پر ورندي نه ڏنائين. پوءِ کٽ تي پاسو ورائي سمهي پيو.“ شمن ماءُ سيڪجهه ٻڌندي رهي. گلار وڌيڪ چيو:

”چاچي تون گهڻو پري پنهنجي کٽ تي سمهي پوندي آهين ۽ آئون سندس الڪي ۾ جاڳندي رهندي آهيان. چاچي! مون کي ڏاڍو ڊپ لڳندو آهي. اڄ کان وٺي روزانو رات جو سندس اچڻ تائين مون سان سمهي پوندي ڪر.“

اڄ واري رات ڏاڍي ڳوري پئي لڳي. لڳي ٿو ته وقت کي ڏانوڻ پئجي چڪا آهن. سڄي ڪائنات ستل آهي. هڪ وياڪل وينگس، لڇندي ڦٽڪندي، پاسا ورائيندي، واجهائيندي، ڪنائيندي رهي آهي. گلار جي من ۾ مانڌاڻ متل آهي. جڏهن ته ساڻس گڏ ستل سندس سس يعني شمن ماءُ اگهور ننڊ ۾ آهي. رات جو پويون پهر آهي. گهڻين ۾ ڪتن جي ٻاهوٽ ختم ٿي چڪي آهي. ستل ڪتن کي ستل ئي رهڻ ڏنو وڃي ته بهتر!

پيج پني جي منڙي تڏ ۾ رلي ورائي سسڻس کي ماءُ جي گود سمجهي، سندس ڇاتيءَ سان لڳي سمهي رهي ٿي. پاءُ شاهن کان مليل ڪهاڙي کٽ جي واڏڻ ۾ هٽيڪي ڪيل آهيس. ڪيس ننڊ جي جهٽڪي اچي وڃي ٿي. شمن دروازي کي کڙڪائڻ بدران، چورن وانگر پٽ ٽپي، خبرداريءَ سان، چپ چاپ ڪري اڱڻ ۾ پهچي ٿو ۽ مٽن کان ٿورو پري بيهي رهي ٿو. سندس ڪلهي ۾ وڏي ڦر واري تجليدار خونڻ ڪهاڙي لڙڪيل آهي.

پنهنجي شادي واري ڇير کٽ تي پيل پلين رلين واري سيج تي به ماڻهو گڏ ستل ڏسي، ٽپي ٻاهه ٿي وڃي ٿو. سندس غيرت پڙڪو کائي ٿي، ڪهاڙيءَ کي ڪلهي مان لاهي، هٿن ۾ مضبوطيءَ سان جهلي ٿو. ڀرپور وار ڪرڻ لاءِ ڪهاڙيءَ کي اپو جهلي ٿو بيهي. اوچانڪ ڪيس گلار سان گذاريل جوين ڏينهن ياد اچي وڃن ٿا. سندس ٽنگون ٿڙڪڻ لڳن ٿيون. گهڙي پلڪ خيالن جي ٻوڏ ۾ وهڻ شروع ڪري ٿو. وري پاڻ سنڀالي وٺي ٿو ۽ حملي ڪرڻ لاءِ ڪهاڙيءَ کي پوزيشن ۾ آڻي ٿو. ڪيس ٻيءَ گهڙي جو انتظار آهي، جڏهن رت جا درياهه وهڻ لڳندا ۽ گلار هيءَ دنيا ڇڏي چڪي هوندي!

شمن جي آنڊ مانڊ واري ڪيفيت، سندس مشتعل جذبات مان پيدا ٿيل دل جو دهڪو ۽ ساهه جو سهڪو، ننڍ پيل ڳلار جي سرلن ڪنن تي پهچي چڪو آهي. هو انتهائي ڦڙتيءَ سان اٿي، واڏڻ ۾ رکيل ڪهاڙي کڻي ونئي ٿي. پوءِ ڪهاڙي کي پنهنجي هٿن ۾ سڪ ڪري، پوزيشن سنڀالي ونئي ٿي "ڪير آهين؟" ڳلار شينهن واري گجگوڙ ڪري ٿي، "متان ڀڳو آهين؟" هڪلن تي ڳلار سان ستل، سندس سس يعني شمن ماءُ جاڳي پوي ٿي ۽ دانهن ڪري چوي ٿي: "متان ڪهاڙي ورائي اٿيئي! ٻيو ڪير ايندو اسان جي گهر؟ اهو هوندو تنهنجو شمن."

انهي بدليل صورتحال ڪان، شمن جا حوصلا خطا ۽ ڊپر ڊرا ٿي وڃن ٿا. ڪهاڙي سندس هٿن مان ڪسڪي هيٺ ڪري پوي ٿي ۽ هو ڀانواٽي ڪائي ويهي ڪري ٿو.

سندس مٿي مان "ڪارو- ڪاري" وارو ڀوت بلاڙو گم ٿي وڃي ٿو ۽ هو هڪ ڀيرو وري انسان بڻجي وڃي ٿو.

شمن ماءُ، ڳلار کي ڇاتيءَ سان لائي ٿي ڇڏي ۽ ڳلار جي اکين مان ڳوڙهن جا بند ٽٽي پون ٿا. روئي رڄ ڪري ٿي جنهن سان هنيانءُ هلڪو ٿي پويس ٿو.

هوڏانهن شمن ڄڻڪ 110 جو جوابدار بڻيو، ڪنڌ هيٺ ڪيو بيٺو آهي. شمن ماءُ سندس ڪلهي تي هٿ رکي ٿي ۽ هو دانهن ڪري چوي ٿو، "بس ٻيو ڪجهه نه ڪپي. مون کي ڳلار ڪپي. منهنجي ڳلار کي مون کان ڌار نه ڪيو."

شمن ماءُ، ڳلار جو هٿ ونئي شمن جي هٿ ۾ ڏئي ٿي. شمن ڪيس پاڻ ڏانهن ڇڪيندي، ويجهو آڻيندي چوي ٿو، "هلي آ ڳلار هلي آ! هيڏي آءُ رُس مَ. رسڻ گهوريو! آءُ ته پرڄون پاڻ ۾!"

ٻئي زال مڙس ٻيائي ۽ جدائي کي ڇڏي پاڻ ۾ ملي، ٻه ته ٻارنهن واري سگهه سان هڪ دفعو وري هڪ بڻجي وڃن ٿا.

مسجد مان فجر جي نماز جي آذان اچي ٿي. صبح جو اعلان ٿي چڪو آهي. ڏينهن جون سرگرميون شروع ٿيڻ واريون آهن. فضا ۾ پرڄاءُ جي تازگي سمائجي وئي آهي. منڙي هير ۾ گلن جي هٻڪار آهي.

●



ڊاڪٽر عزيز ٽالپر جو اصل نالو عزيزالله آهي. هن 1 جنوري 1953ع ۾ حاجي غلام علي ٽالپر جي گهر واقع ڳوٺ پائي خان ٽالپر تعلقو ٽنڊو محمد خان ضلع حيدرآباد ۾ جنم ورتو.

هن ننڍي هوندي کان لکڻ شروع ڪيو ۽ هن وقت تائين مسلسل لکندو رهيو آهي. هن جون ڪهاڻيون، مضمون، ڪالم، طنز و مزاح ۽ شاعري مختلف اخبارن ۽ رسالن ۾ شايع ٿيندي رهي آهي. هو ماهوار "صبح ٿيندو"، "انجيڪشن" ۽ "ڌرتتي" جو ايڊيٽر پڻ رهيو آهي.

هو هن وقت ٽنڊو محمد خان ۾ عوامي اسپتال هلائي ٿو ۽ اتي ئي رهائش پذير آهي.

# جن ڪهاڻي

## عزيز ٽالپر

حليم بروهي ٽي اجا ٻه گهر ۾ ڪجهه سک ملندو هوندو پر اسان ڪي اهو ٻه نصيب ۾ ڪونهي. چند ڏينهن جي ڳالهه آهي جو اچي زڪام لڳم. زڪام جو دائرو ۽ شدت ايتري شديد هئي جو رڇسٽر وارو پيمانو ٻه ڪم نه ڪري. زڪام جو مرڪز نڪ هو. نڪ ائين پيو وهي ڄڻ آڪاش ڪو جذباتي شعر پيو پڙهي.

”نڪ جي سير مان سنگهه جو ڇلو،
ٽيندو وڃي گهرگهلو يار جلدي اگهو،
يار جلدي اگهو.“

زڪام مان اچي ڦاٽس، نيٺ اباڻو طريقه علاج ياد آيم ۽ گهر جيجل جوءِ ڏانهن نياپو موڪليم ته ٿوماري تي مشتمل لنچ تڏي تي سجائي رکجان آئون اچي نوش فرمائيندس. گهر وڃي نوش فرمايان ته ڇا نوش فرمايان؟ ڪچي ٿوم جو ڇڄ پريو پيو هجي، چئي، ”مٺا! اها ٿوم مانڙي ڪري چر! ڪتان آڻيان تو لاءِ گيهه ۽ مرچ مصالحا جو ٿومارا ناهيان.“ پاڻ سان ٻڪر وارو ورتاءُ برداشت نه ڪري سگهيس ۽ الٽا جيان چڙ ۾ ڳاڙهو ٿي ونءِ تو دٻڪي ۽ ڇڄ کي اڇلايان ته وڃي دابيجيءَ ۾ اڇلايل ڪراچي جي ڪن تي ڪريا. ٻارن ٻچن ۽ اوڙي پاڙي وارن اچي منٿون ڪيون ته ماني کاءُ پر آئون ٻه ٻروچڪو ٻار سو قسم کڻي ڇڏيم ۽ چيم ته، ”هاڻ جي گهر جي ماني کاوان ته ”ڪهاڻي“ ڪتاب جا پنا کاوان.“

قسم کڻڻو ته کڻي ويس پر پوءِ سنڌوءَ جيان سڪل آندن ائين اچي وٽ ڏنا ڄڻ سنگت جي دستوريءَ گڏجاڻي ۾ ڪنهن نئين ليکڪ تي آڙيڪاپ اديبن وٺ لاتي هجي.

سوچيم اڄ جنهن صدوريءَ منهنجي بيعزتي خراب ڪئي آهي سا امان مرهيات شوئق ڪري زوري پرڙائي هئي جو نه مقام تي وڃي ڪيس دانهن ڏيان سو هليو ويس پنهنجي اباڻي قبرستان تي. اتي امان جي قبر ڇا ڳوليان؟ هٿ ئي نه اچي. امان جي قبر ڪا نه تي ڄڻ طوفان ۾ گم ٿيل شيخ ڪرهيي جي ڪنهن مهاڻي جو لاش هجي. نيٺ مقام جي بااختيار اداري جي قائم مقام آرگنائيزر عرف مجاور کان مقام جو بروشر کولرايم، جنهن ۾ امان جي لاش جي انٽري ته هئي پر لاش جي هيپي هوم جو نمبر، بلاڪ، لين، پاڙو، تپو ۽ تحصيل نهي ئي ڪونه. سبب معلوم ڪرڻ تي اڳين متان اچا پروڻ متي ڪري اهڙي تڏي ۽ ڏڪاري آهه ڪيڊيائين جو ڄڻ جمال کان پبلڪ اسڪول جي نوڪري رسي هجي. ان کان پوءِ جڙي صحافيءَ جيان هرويرو، آن ڪال سير سيپٽو منهن مبارڪ تي ست سورهن جي پاني سان فڪس ڪري، وڏن ڦاٽن جي ڦاٽڻ جي امڪانن سميت اهڙا ته ڪانشيسلي سب ڪانشيسلي ۽ ان ڪانشيسلي دليلن وارا بيان ڏيڻ لڳو جو آئون حيران ٿي ويس ته هي مجاور پيو ڳالهائي

يا ڪنهن نئين صوبي جو ايڊهاڪي ۾ ڪانٽريڪٽي گورنر پيو ڳالهائي. نيٺ جڏهن هنيوچيون هٽي ٽڪو ته رکي رکي اوچتو هي انڪشاف ڪيائين ته سنڌيالاجي وارن کي علڻ فقير اها ڦوڪ ڏني ته هي مقام پنج هزار سال پراڻو آهي. جنهن جي تصديق الله بچائي کان ڪرائي، اهي ٽرالر کڻرائي آيا ۾ هتان جي قبرن جا ڪتبا، ٺڪر پٿر سميت مجاور جي رلي ۾ ڳنڍ جا آثر به کڻي ويا، قائد اعظم جي جاءِ پيدائش وانگر ڪتبن جا نالا تاريخون ڦٽائي، پراڻيون تاريخون هٽي دراوڙن جي دؤر جا يادگار بنائي ڪبٽن ۾ رکي ڇڏيا اٿن ۾ انگريزن جي ڪوپڙين جا اسڪرو ڍرا ڪرڻ لاءِ هڪ قبر مان هڏائون پڃرو به ڪڍي ويا آهن جنهن تي آرين جي سردار مهاروتن جو ليبل به هٽي ڇڏيو اٿن. جڏهن ته اهو هڏائون پڃرو مشهور چور اڪ ماڇي جو هو. سون تي وري سهاڳو اهو ٿيو جو روحاني دنيا مان محمد قاسم ان جا يادگار ڪلام هٿ ڪري ڪبسٽن ۾ پري فقط باذوق ۾ موسيقي جهڙي نفيس آرٽ جي نفيس محبت ۾ گرفتار نفيس ماڻهن کي گاڏي ڪاتي جي فٽ پاٿن تي وڪڻي پيو. ان ۾ وڏيڪ ناقابل يقين هي ڳالهه به آهي، اوهين يقين ڪريو يا نه ان جي ڪمپني ذميوار ناهي. باقي توهان جي وڏي ڪي به اعتبار ڪرڻو پوندو ته آرين جي سردار مها روتن جو ته آواز آهي. ڇاڪاڻ ته اهو فنڪار هو باقي شاعري قمبراڻي ۾ اڏيرائي جي آهي. جنهن جي فرمائش اسان جي پياري دوست ٽموهي لخلاناتاڻي چوهڙ جمالي جي بيت الخلا مان سيٽلائيٽ سياري رستي براهه راست ڪئي آهي. جنهن جي ماءُ جو زال جو يا سريت جو نالو راستي هجي ته اهو دل ۾ نه ڪري، ان ڪري جو پروف جي غلطي راست کي راستي ڪري سگهي ٿي پوءِ مجاور مون کي اڪ ماڇي جي جلاوطن ڪيل لاش جي، ڪوآپريٽو بئنڪ جيان خالي ٿيل اها قبر به ڏيکاري.

مجاور به علي احمد بروهي وانگر ڪو ڪچهري جو ڪوڏيو هو، صفا ڪمبل ٿي ويو، مون مان هٽ ئي نه ڪڍي. مون به ان شئي جو بهانو ڪيو، جيڪا نپاڳي مگدار کي گهور مهل ۾ پاڪستاني ڪرڪيٽر کي اسڪور مهل تنگ ڪندي آهي. سو علي بابا وانگر ڪَهت هٽي غائب ٿي ويس. مجاور جي سندس هيڊ آفيس رواني ٿيڻ کان پوءِ ڦري وري خالي ٿيل قبر وٽ آيس سوچيم ته ڇو نه ۾ ٽي منٽ اندر لهي مڙدي ٿيڻ جي ريهرسل ڪريان جو اڳو پوءِ اتي ته اڇڻو ئي آهي. نيٺ پٿر هٽائي اندر لهي ويس ۾ مانڙي ڪري سڌو ٿي ليٽي پيس.

مون کي قبر ۾ لاش جي ڏپ محسوس ٿي ڇڻ قبر ۾ نه هجان آرٽس فيڪلٽي جي ڪنهن ڪمري ۾ هجان. ڪنن ۾ ڪنهن جنرل باڊي ۾ ٿيندڙ جوڏن جون تقريرون پڻ گونجڻ لڳيون. اوسي پاسي نظر ڊوڙايم ته قبر جي الهندي ڪچي مان نڪتل ڪرڙ جي پاڙ ۾ هڪ عدد تسبيح ٽنگي پئي هئي. پڪ ٿيم هتي مون کان اڳ ڪجهه سياستدان "يا ڪرسي يا ڪرسي" جو ورد ڪندي لاجنگ ۾ بورڊنگ ڪري ويو آهي.

بهرحال تسبيح کڻي وڏو داڻو اڳ تي رکي مقدس مقامن جي ديدار ڪرڻ جي ڪوشش ڪيم ته جهڙو هڪ خطرناڪ جن اچي حاضر ٿيو. جن لڏي لمي پانهون هلائي ائين پيو مون تي رعب وجهي جيئن عبدالقادر جوڻيجو انگريزي ادب جا ڪتاب ميز تي رکي ان جا حوالا ڏيئي سيڪڙاٽ اديبن کي پيو دڙڪا ڏيندو آهي. جن قد ڪاٺ ۾ جهڙو سنڌي ٻولي جو بي اختيار ۾ بي ميار ادارو. اوچتو مصطفيٰ قريشيءَ واري انداز ۾ چوڻ لڳو:

"ڪٿون آئي هو سوهڻيا!"

چيومانس، "جن صاحب مون سان پنجابي نہ ڳالهائي آئون پاڻيخان جي بدنصيب ڳوٺ جو سنڌي آهيان. "چيائين، "ڪوڙ ٿو ڳالهائين! تون سنڌي هجين ها تہ هن قبر ڪي ڪليم تي ڪرائي اچي قبضو ڪرين ها ڇا؟ گمان غالب آهي تہ تون ڪالا بورڊ ڪراچي جو تلميز الحسنين ڪتيانوي آهين. توهان شهرن تي قبضا ڪيا. اسان جي مقامن ۽ مساڻن ڪي مسمار ڪري سئنيمائون، شاپنگ سينٽر ۽ پلازا نهرايا. اسان ڪپري جي هارين جيان ٻارڻ ٻچين ٽپڙ ڪٽي پراڻا کوهہ وسايا، اهي بہ ڪاٽن، ڪن ڪٽن، لنگڙن ۽ پورن لاشن سان پري ڇڏيا. اسان مجبور ٿي سنڌيالاجي جي مهرباني سان خالي ڪيل هن قبر ۾ اچي ڪيمپ هنئي تہ اها بہ توهان ڪليم تي ڪرائي اچي قبضي ۾ ڪئي."

جن اوچنگارون ڏيئي پار ڪدي ائين روئڻ لڳو جيئن قادر بخش منو تنگون پڇڻ مهل پئي گهوڙا گهوڙا ڪئي.

چيومانس، "جن صاحب! توکي غلط فهمي ٿي آهي. آئون مهاجر ڪو نہ آهيان، مقامي سنڌي سباجهڙو آهيان. مون وٽ ڊوميسائيل بہ آهي."

جن وراڻيو، "هـُنہ! ڊوميسائيل؟ ڊوميسائيل تہ سنڌ جا ڊي سي ڪي ٿو جي پاڪيٽ ۽ ٽيسٽي سوپاري جي عيوض برمي، بنگالي، افغاني ۽ بهاري تہ نهيو اسان جنن کي ئي ناهيو تا ڏين."

چيومانس، "پر جن صاحب مون وٽ سائين موسي جو ڏنل پرائمري سرٽيفڪيٽ آهي جيڪو اجا تائين ڇا پاڪو ول گهوٽي پئي پيو ۽ حال حيات آهي."

چيائين، "تہ پوءِ پڪ سان تنهنجي حسب نسب ۾ رولو هوندو!" اها ڳالهہ ٻڌي مونکي گيرت جا گند چڙهي ويا چيومانس، "بيگيرت! گهڻ وڏ نہ ڳالهائي اسين ماڙهو اصل اشراف آهيون. منهنجا وڏا ماروئڙا، سانگيئڙا، جوڳيئڙا ۽ ڏوتيئڙا هئا." جن کو مرحيات حفيظ قريشيءَ جي صحبت ۾ رهيل هو الاهي ڇا! جو ماروئڙن، سانگيئڙن ۽ ڏوتيئڙن ڪي پٽي گار ڏنائين.

ڪنهن پتي باز طرفان قاسم آباد جي مسڪين شهري ڪي مليل گار جيان برداشت ڪندي ڪيس چيم. "ايترو ڪارو نہ ٿي جن صاحب! آئون تلميز الحسنين ڪتيانوي جيان هتي مستقل قبضو ڪرڻ ڪو نہ آيو آهيان پر ٽيمپرري بنياد جي وزٽ ويزا تي آيو آهيان ۽ ٿوري دير کان پوءِ هتان ائين هليو ويندس جيئن اسان جو هڪ اديب ادبي بورڊ جي لائبريري مان روزانہ سڀ اخبارون مفت ۾ پڙهي گولي ٿي ويندو آهي."

اها ڳالهہ ٻڌي جن اطمينان جو ساهہ ڪنيو ۽ ڪيسي مان ڦٽي ڪدي حميد سنڌي واري اسٽائيل جا وار ناهي چوڻ لڳو، "تہ پوءِ نڪر ٻاهر قبر مان." آئون بہ اڇا اڇا پير ڏيئي اشرافت سان قبر مان ائين ٻاهر نڪري آيس جيئن حيدري گيهہ جي فيڪٽري مان قمر شهباز نڪري آيو هو.

ٻاهر اچي نم جي ڇانوَ ۾ پڳهر سڪائيندي سوچيم تہ ممڪن آهي تہ جن جو ساهہ تسبيح جي وڏي داڻي ۾ هجي ان ڪري جو پهريون دفعو ان ڪي هٿ لائڻ سان جن حاضر ٿيو هو. پوءِ تسبيح جي وڏي داڻي تي هٿ مهٽيم تہ جن اچي حاضر ٿيو، جهڪي چيائين، "حڪم ڪريو آقا!"

پرچايان، هفتي جي تشو ڀيپرن جو خرچ ئي پنج هزار ست سو اٺانوي روپيا آيو آهي. ڇٽڪڻ، ڦوڪڻ، پالو، دهل واري باندر ۽ ٻين رانديڪن جو بل الڳ آهي. هاڻي خرچ ڪپي ۽ ڪم ڪار ۾ مون سان ساٿ ڏيو نه ته آئون ٿو موڪلايان. آخري اطلاعن موجب ميان صاحب ڪي پرچائڻ، نڪ، اکيون ۽ ڳل اگهڻ، ۽ ٻين پرچاءُ سرچاءُ جي انيڪ طريقن لاءِ ميم لام نون جي اڳواڻن جو هڪ ٽائيم ٽيبل مطابق ڊيوٽيون لڳي رهيون هيون."

پيپلز پارٽي شهيد ڀٽو جي سيڪريٽريٽ جا احوال ڏيندي جن چيو ته، "اتي پارٽي جو صوبائي اڳواڻ ڪارڪنن کي اهي پئي مشورا ڏنا ته پوني جي آزادي جو مسئلو هجي، رخسار جوڻيجو جي بيماري جو مسئلو هجي، ڊي سي لاءِ ڪاري ٻڪريءَ جو مسئلو هجي، ٿر ۾ ڏڪار، ڪالاباغ ڊيم يا کهڙو به سنگين مسئلو هجي پر بک هڙتال، مظاهري ۽ جلوس ڪڍڻ وقت اوهان جو پهريون مطالبو ڪامريڊن جي آزاديءَ جو ۽ پوءِ ٽائيم هجي ۽ ڳالهه به نه وسري هجي ته ان مطالبي ڪرڻ يا نه ڪرڻ جي ڳالهه، وقت جي نزاڪت، موقعي مناسبت ۽ اوهان جي موڊ تي ڇڏيل آهي ۽ پارٽي طرفان اوهان تي ڪو به زور بار ڪونهي."

جسقم جي ميڊيا سينٽر جي هي خبر ڏنائين ته، "آريسر صاحب وري به اڃي اتي پنهنجو ٽيلهو ۽ بسترو رکيو آهي. دوستن جي رات ڏينهن جي متاڪٽ وارن گوريلا ۽ انقلابي ڪارروائن ڪري سنڌوديش عنقريب نهڻ وارو هو. نوٽن تي تصوير وارو مسئلو به حل ٿي ويو. قانون سميت سيني محڪمن جا قلمدان به ڪائونسل جي ميمبرن ۾ ورهائجي چڪا هئا. باقي رڳو گورنر جنرل جي عهدي تان همراهه پاڻ ۾ ڪو نه نهيا. نتيجي طور اڳتي جو پروگرام نامعلوم مدي تائين پوسٽ پون ڪيو ويو آهي."

ترقي پسند هائوس جي رپورٽ ڏنائين ته، "پارٽيءَ مان حمل فقير جا ذات ڀائي ڪلين بولڊ ٿيندا وڃن. دودي مهيري تي واشنگٽن واري ون ڊي مئچ دوران مئچ فڪسنگ جو الزام هڻي پارٽيءَ مان ايل بي ڊبليو ڪيو ويو آهي. انهي سنگين صورتحال بعد پارٽي جي ٿنڪ ٽينڪ يعني حسين بخش ٿيبو آله سماعت مان سيل ڪڍي، سوچن جي بيڪران سمنڊ ۾ نامعلوم مدي تائين غلطان ٿي ويو آهي. جڏهن ته باقي بچيل اڳواڻ قاسم آباد ۾ ٿيندڙ ڀتي بازي جي دانهن ملڻ کان پوءِ ان جي حل ڪڍڻ لاءِ ويچارا ايترا ته پريشان ۽ ڪوشان هئا جيترو ڀتو ڏيندڙ به ڪونه ٿيا هوندا."

سنڌ ڊيموڪريٽڪ هائوس جا احوال ڏيندي جن اهڙا ته عجيب انڪشاف ڪيا جو آئون حيران ٿي ويس. چئي، "تن الڳ الڳ ڪمرن ۾ ڪلاڪ ڪلاڪ جي وقفي سان ٿي الڳ الڳ ميٽنگون ٿيون هڪ جنرل باڊي جي، هڪ ضلع صدرن ۽ آرگنائيزرن جي، هڪ ڪاروباري ڪاميٽيءَ جي. ڪمرن ۾ فرنيچر به الڳ الڳ هو ۽ ريفريشمينٽ به الڳ الڳ هئي پر ماڻهو اهي ئي ساڳيا ست. ٽيئي ميٽنگون اٽينڊ ڀيا ڪن.

سيئي ماڻهو هڪ ئي وقت ڪارڪن به هئا ضلعي اڳواڻ به هئا ته مرڪزي ليبر به هئا.

سيني جي ڳالهائڻ جو انداز ۽ لب و لهجو دانشورانه ۽ ٽيڪنو ڪرانه هو. سيئي ويل ڊريسڊ مٽي جي وارن ۾ ڊسڪائونٽيڊ. امپورٽيڊ سينٽ مان ٻريل. جيليٽ سان شيو ٿيل نازڪ و نفيس جهڙا سئزرليند جا ماڻهو. ٽائي، ٽائيپ ۽ پائيپ جي استعمال جا ماهر. رڳي پئي ڊرافٽنگ ڪيائون. هڻ هٽان هڻ هٽان. سڄي سنڌ جا ڏوهه ثواب پئي ڊرافٽ ڪيائون

جهڙا ڪرامن ڪاتبين. ان مان هڪڙي همراهہ کي ڪا اضافي ۽ سٽيي نوڪري ملي هئي. جنهنڪري سيني پئي ڪيس نوٽن ۽ گلابن جا هار وڌا پر ان مان گلن ٻوٽن جا شوقين ڪنڌڙ هڪ همراهہ ڇا ڪيو جو سندس گهر ۾ ڪونڊين ۾ بيٺل ولائتي ٿوهرن جي گلن مان هڪ هار ٺاهي اچي پارايو تہ همراهہ سراپاءِ احتجاج بنجي ويو. ٿوري دير لاءِ ماحول تشنگيءَ جو شڪار ٿي ويو پر وقت جي نزاڪت کي محسوس ڪندي پارٽي چيئرمين پيپلز پارٽي جي وري اقتدار ۾ اچڻ جي امڪانن تي ڀرپور دليل ڏيئي ماحول کي سازگار بنائي وڌو."

جن، عوامي هائوس جي هي رپورٽ ڏني تہ، "هائوس جي نان پينٽ ۾ بجلي ڪٽيل هئي. وشنو مل هيٺان کان پاڻي جون بالٽيون کڻندي پرولتارين تي سامراجي ظلمن بابت ڳالهايو پئي. ڏاڏا قادر رانٽو سورنهن فوٽ اوچي ڇت تي ٽنگيل پنکي کي پٽ تان بيهي صاف ڪري رهيو هو. سيد عالم شاهہ ڳچي ۾ سٽ اچڻ ڪري پٺو ٻڌيو پئي هليو ۽ هر وقت ڳاٽ اوچو رکڻ لاءِ مجبور هو.

ڊاڪٽر عزيز ۽ ماما عارب ۾ ايندڙ مهمانن کي ڇانهہ پيارڻ يا نہ پيارڻ واري معاملي تان لامحدود ۽ سنجيده بحث شروع ٿيو. پوءِ جڏهن اياز لطيف انهي موضوع جي قانوني حيثيت مطابق مشورا ڏنا ۽ محمد خان پرهڙي انهي موضوع جا سنڌ، پاڪستان، ايشيا ۽ بين الاقوامي سياست تي دور رس اثر پوڻ جي امڪانن تي روشني وڌي تہ بحث غير سنجيدگي طرف وڌي رهيو هو. پئي پاسي ورڪشاپ پئي هليو. جنهن جا موضوع هي هئا. چين عالمي سامراج لاءِ اک جو ڪنڊو، روس ۽ چام صادق جي ٽٽڻ جا سبب، برصغير جي سياست ۾ سنڌ جو ڪردار ۽ انقلابي جدوجهد لاءِ آڏي، ٽيڙي، ڏنگي، ڦڏي، ورن وڪڙن واري، ڏاڪي بہ ڏاڪي واري واٽ، جڏهن تہ حڪيم زنگيجو اهو احتجاج ڪري رهيو هو تہ دال ۽ چٽن واري پت تي ڏڪڻ ايشيا جي سياست ڪرڻ ۾ الاهي گنڀير مسئلا پيدا ٿي سگهن ٿا."

سنڌي پريس بابت سوچيندي ڪياڙي کنهندي چيومانس تہ "هاڻي وڄ ۽ وڄي سنڌي پريس جي خبر چار وٺي اچ."

اک پور ۽ اک پٽ ۾ هي احوال ڏنائين تہ ڀهريائين سڏو ويس پريس ڪلب اتي چاچو عارب لوهار ٽي بريڪ جي وقفي کان پوءِ پنهنجا بوريا بستر سميت اچي وارد ٿيو آهي. چون ٿا تہ الاهي ٽيم هوٽل جي ماني تي آندو هيرائڻ کان پوءِ ڪيس ٻن ٽن ڏينهن جي گهر جي ماني پاڻ ڪا نہ پئي، ٽنڊي باگي جي ڊاڪٽرن ڪيس هوٽل جي ماني وارائڻ ۽ پريس ڪلب اڳيان آرام فرمائڻ جو مشورو ڏنو آهي. سو پنهنجي مرحوم يار رفيق ڪوسي سان سنگت نڀائڻ خاطر ۽ بي حس حڪمرانن کي اجا بہ وڌيڪ خوار ڪرڻ لاءِ جنگ جوٽيو اچي. وڌيڪ چيائين تہ جنهن بہ تنظيم کي حاجت جي ضرورت پوي ٿي سي ڪنهن نہ ڪنهن اشو جي آڌار تي پريس ڪلب کان سڃا سارا سوءِ انچ پري کان مظاهرو ڪريو اچو گيٽ تي اڍائي تقريرن ۽ پوٽين ٽن نعرن کان پوءِ منتشر ٿين. منتشر ٿيو پريس ڪلب جي فل ٽائيلس واري عاليشان باٿ رومن ۾ ڏينهن کان روڪيل سڀ حاجتون پوريون ڪري، سرهي صابڻ سان هٿ منهن ڌوئي، قد آدم آئيني اڳيان چنڊن کي ڦٽي ڏيئي، جوتن کي برش هڻيو دليپ ڪمار بنجيو ٻاهر نڪرن.

پريس ڪلب جي ٻاهرين ديوار تي اقبال ملاح روس ۾ ڄام ساقي جي ٽنڻ جا سبب لکي رهيو هو، اتي رڪيل لوهه جي ٽانڪي مان 103 ڊگري تي ٽهڪندڙ پاڻي هر هر پيئندي اهو چئي رهيو هو ته آئنده لاءِ مون کان اهو سوال پڇڻ جي بجاءِ پٽ تي پڙهو. جڏهن ته پنهنجن مضمونن کي جان ڏيڻ لاءِ امداد قاضي، قاسم پٽر، ڪامريڊ روچيرام، لکانو ٻهراڻي ۽ ٻيا راڄ ليفٽيننٽس جا ديوار جي مواد کي پنهنجي ڊائري جي ورق تي "خوشبوءِ منهنجي خيالن جي" سمجهي اتاري رهيا هئا. ٻئي پاسي پريس ڪلب جي چاڙهي جي ديوار تي ض ڪوسو ائين چڙهيو ويٺو هو جيئن ننڍي هوندي ٽنگن وچان ڪاني ڏيئي گهوڙو بنائي هلندو هو. هميشه جيان مرڪ سان منهن ۾ ميندي ۽ سان مٺو ريڊ ائنڊ وهائيٽ لڳا پيا هئس. "سچ" جي اوچتي ٽپيءَ بعد حضرت خضر جيان ظهور ٿيڻ تي هي شعر جهونگاري آئي ويئي جو توجه ڇڪائڻ جي ڀرپور ڪوشش ڪري رهيو هو.

شيشي ڀري گلاب کي پٿر تہ توڙدون

تيري وري آني پر "سچ" گهر گهاٽ ڇوڙدون.

اندر گهڙڻ سان گيٽ تي رٽائرڊ صحافيءَ جيان اونڌي پيل ڪاٺ سان وچڙي ٽاپڙجي وري وڃي اندر ڪائونٽر تي وينل همراهه سان وچڙيس چئي "غير صحافي ڪا اندر جانا ممنوع هي." چيومانس، "يار مجهه ڪو تم سجاٽتا نهين هي. ننڍي هوندي تمهاري ساٿ ڊب ڊڍي راند ڪيا هي. وڏي فلم هي هم ڪو نهين سجاٽتا هي. مين قتل پور سي نڪلني والي روزانه "ڪتراڳ" ڪا في سبيل الله نمائنده نياڳا خان هون." پوءِ ته مونکي پوليس جي رٽائرڊ جمعدار جيان سلوٽ ڪري اڳتي روانو ڪيائين. وري ٻئي اندرئين ڪائونٽر تي به هڪڙو سوٽيڊ بوٽيڊ ماڻهو ڀنا ڊائل وارو فون سر هينان لڪايو ويٺو هو. اهو جهڙو روبوٽ، رڳو شور وجهيو پيو ڏسي.

خير گهڻو مٿو هڻڻ کان پوءِ خبر پئي ته متيون هال رعايتي سيل تي ڪتاب ڪپائڻ وارا نوانوي سالن جي ليز تي ڪٽائي ويا آهن. ڪلب جي ڇت وري باراني زمين جيان حق شفا جي قانون موجب سياسي تنظيمن ميرن جي جاگير سمجهي تقاوي تي ڪٽائي ويون آهن. ڇت تي وڃڻ جون ڏاڪڻيون چڙهڻ وقت ڪٽن ئي ڪو نه. جوان ڪامريڊ پنن تي ڪوهه پيمائن وارا آڪيسجن جا سلنڊر ٻڌي چڙهندا آهن. جهونا ڪامريڊ ۽ صحافي وري طاقت جي سئي هٽائي پوءِ چڙهندا آهن.

پريس ڪلب جي دائمي صدر بابت معلوم ٿيو ته چوهڙ جمالي ۾ ٿيندڙ مڇن جي بين الاقوامي مقابلي واري ٽورنامينٽ ۾ ڪوچ جا فرائض سرانجام ڏيڻ لاءِ "اٺ پاڙي تي ڪري" روانو ٿي ويو آهي. اٺ پاڙي تي ڪرڻ جو سبب اهو ٻڌايو ويو ته ساسو ۽ بئنڪن ۾ بين ادارن جي قرض جي وصولي ڪري ڇگن پلن، ڏسڻ وائسڻ جهڙن ماڻهن جون مڇون به 180 ڊگري جي حساب سان لڙڪي پيون آهن. جن لاءِ ڪلف گلو، چاڪ، لاپي، پلاسٽر آف پيرس، صمد بانڊ، ميجڪ، پوچي، ريگمال ۽ ٻيا ڪيميڪل سائيڪل ڪٽي نه سگهي هئي. وينڊي وينڊي نسرين شڪيل لاءِ نياپو ڇڏي ويو آهي ته واپسي ۾ اهو اٺ بانڊيڊ ليبر وارن پيلن ۾ پارڪرين سان پرائي اينڊس تون هاءِ ڪورٽ جي پارڪ ۾ ٻيٺي هڄجان. چوهڙ جماليءَ مان وري ٻي ٻي

سي وارن کي اي اين پي مان اڳڀاڙي ۽ پوياڙي ٽوڙائي نڪتل همراهه اجمل خٽڪ جو لائيوَ انٽرويو پيو ٽيليفونڪ ٽاڪ تي ٻڌائي. اجمل خٽڪ جي پاران ڪپڙي واري پناڻ ٽڙا ماشا خان کي، نسوار جي سڄي ساري ڇٽانگ جو آسرو ڏيئي، وڻ سان ٻڌي مائيڪ آڏو ويهاريو اٿس.

ٻئي طرف هيڏي دنيا داستي خلاف ٽڙا ماشا خان جي ساٿي کٽڙا خاشا خان ڇوهڙ جي بنا ڇت واري پريس ڪلب جي نکن تي وينل ۽ ڊبل پٽيءَ پان ڪائيندڙ صحافين کي هڪڙي صفا تکڙي سڏايل پريس ڪانفرنس کي خطاب ڪندي چيو ته، ”خانه خراب بي بي سي ريڊيو کو ڇوڙو، ٽي وي ۾ ديکو تمهارا ڇمڇي جهوٽ بولتي هي. خدا قسم اجمل خٽڪ ني هي ٽڙا ماشا خان پرديس مين مصيبت ۾ ڦاسي ويئي هي.“

صحافي جعفري کي مٽي ۾ نڪتل ڳوڙهي کي انٽرنيشنل ميڊيا ايٽرو ته اچلايو جو پريس ڪلب جي ميمبر صحافين اڪثريت راءِ سان ڳوڙهي ڪڍي ان کي ٽنڊي يوسف جي قبرستان ۾ دفنائڻ جو بـل پـاس ڪيو. پر جڏهن ڊاڪٽرن جي ٽيم پهتي ۽ همراهه کي لان ۾ دسي ڳوڙهي ڪيڻ چاهي ته همراهه وڙهي پيو چئي، ”آئون ئي اڪيلو پريس ڪلب وارن جي ڦنبر آهيان ڇا؟ يا مونکي توهان اٿلاڻ سمجهيو آهي؟ خبردار! جي ڪير منهنجي ويجهو آيو آهي. اها ڳوڙهي منهنجي شناختي ڪارڊ جي نشاني آهي ڳوڙهي نڪتي ته هن فوجي دور ۾ چوئنڪ چوئنڪ تي مرغو بنائيندا پيو ته در جي سوراخ مان بيگم صاحبه اها ڳوڙهي ڏسي در کوليندي آهي. ڳوڙهي نڪتي ته پوءِ آڌيءَ رات جو ڪنهن جي در تي ويندس؟ ۽ منهنجو قدبت ئي اهڙو آهي جو توهان واريون بيگمون ته مونکي ڏير ئي نٽيون قرار ڏيـن.“ اتي سرفراز وسطڙي ٽٽو ساهه پري چيـو، ”ڪـاش! ڊاڪٽرن جي انهي ٽيـم ۾ هادي بخش جتوئي هجي ها ته پاڙان وڍائي ڇڏيس ها، پر هي ڊاڪٽر هڙيئي هٿا ڪانٽريڪٽي پنجن سالن ڪان بنا ڀڳهار جي جهڙا اربابن جا بورچي، سو تا صحافي سان وڃائين ته صبحاڻي انهن جو بيان ڪير هلائيندو.“

بهرحال همراهه چاوڙي ٽاٽي تي ناحق روڪ ناحق بند ۽ ٽنڊڙي عمر ۾ عزت خراب ڪرڻ جو ڪيس داخل ڪرڻ لاءِ مني ٽيڪسي تي لڙڪي هليو ويو آهي. ٿوري دير ڪان پوءِ وٽ ونان ٽي ويئي ۽ الاهي کهڙين ايجنسين جا اهلڪار گيٽ بجاءِ پٽيون ٽپي آيا ۽ پريس ڪلب جي واحد هوشيار فوٽوگرافر مسٽر ڪارڙو جيڪو سيڙهين تي ويهي پنهنجن بغلن مان جيون جهلي رهيو هو ۽ امن امان ۾ هو، تنهن کي اشتعال انگيز حرڪتون ڪري گرفتار ڪيائون ۽ اهو پئي چيائون ته مرحوم حفيظ قريشيءَ اسان کي خواب ۾ ٻڌايو آهي ته هي يهودي ايجنٽ آهي، تنهنڪري وچ ۾پئي ڪير بـه ڪانچ نـه ڦاڙائي. همراهه ڪيس ميونسپل جي گاڏيءَ ۾ الاهي ڪيڏانهن ڪٽي ويا. ٻئي ڏينهن سيني اخبارن سندس آزاديءَ لاءِ ڪسوسي ضميما هلائي اخبار جي قيمت رپيو وڌائي ڇڏي. سندس شان ۾ ڏاڍا ايڊيٽوريل، مضمون، ڪـالم، خدمت جي مڃتا، مطالبا، آزاد نظم، ڏيان طلب، باڪس ۾ فرنٽ پيج تي لڳا پر ڪنهن بـه اخبار سندس منهن مبارڪ وارو فوٽو ڪو نـه هلايو پڇڻ تي خبر پئي ته سرڪيوليشن مئنيجرن اعتراض ڪيو هو ته اهو فوٽو هلائڻ سان اخبار ڪا نه وڪامبي. مطرقو، سچ وارو، ڏوهاري، ڏک وارو همراهه، لونگ، ڦوٽا، پيراٽو، چنيءَ وارو، ماسي ڦاپو، مرر وارو، چام وارو، شهه زور، جواءِ انجواءِ، سڄي دنيا جي گولڊ ميڊلن وارو، حڪيم شهزادو ڊاڪٽر سيني انهي

موضوع تي مٿو هنيو پر نيٺ سنڌس بازيابيءَ ۾ ڪامياب حسن درس، حفيظ ڪنڀر ۽ طارق عالم ابڙو ٿيا.

اتان نڪري وري مختلف اخبارن جا بيورو آفيس ڏٺاسين. بلڪي بلڪي اصل اوطاقون لڳيون پيون هيون. اخباري خرچ واري فون تي سيني لونگن پنهنجي پنهنجي ڳالهين سان پئي ڪچهريون ڪيون. پاڻ کي سنڌيل ۽ فيشني محسوس ڪرائڻ لاءِ آئي وئي کي ليمان نپوڙي پئي ڏرين ٿي پيارياتون هڪ اردو اخبار وارا پنهنجن بيورو آفيس کي لوهي شيخن وارو در لڳائي لاڪپ ٿيا پيا هئا. "قيد ۾ هي بلبل وه ڪٿي مسڪرائي" پئي ڳاياتون. هڪ انگريزي اخبار جي سنڌي رپورٽر پنهنجي آفيس ۾ رکيل وڪڙيي جي صحافي شڪڙيئي پيل کي پئي دپ ڪڍي تہ توهان ٿر جي صورتحال بابت اسان کي انگريزي ۾ خبرون ڇو نٿا موڪليو؟ جڏهن تہ شڪڙيئي پيل هر هر گيتا جو قسم کڻي پئي چيو تہ مون کي سنڌي ئي لکڻ ڪانہ ٿي اچي. انگريزي ڪيئن تہ لکان؟" انهي آفيس ۾ ڊاڪٽر گلزار بہ ويٺو هو جيڪو نئين چايل ٻار لاءِ پنجاب، سهريجن کي رلڪن ۽ تنجٽن لاءِ فون ڪري رهيو هو تنهن فارغ ٿيڻ بعد سڪڙيئي پيل کي صلاح ڏني تہ "بابا! پنهنجون ڊگيون ٻڪيون وڪٽي بہ ٽي سال لنڊن مان ٿي اينڊين تہ صفا انگريز ٿي پوندين ۽ پوءِ اهي صحافي ماٺهو تو اڳيان ڪڙ هوندا." شڪڙيو پيل ان بعد تڪڙو تڪڙو هيٺ لهي ويو ۽ گيتا تي وچن ڪيائين تہ تاحياتي وري ڪنهن بيورو آفيس ۾ ڪو نہ ويندس.

اتان ٿي خلق جي آفيس ۾ آيس تہ مدد علي سنڌي، سچاروي ۽ بختور وارو همراهہ پتي راند ڪيڏي رهيا هئا. پنيوالي کي احترامن "ساٿي" چئي سڏي چانهہ پاٽي ۽ پڪوڙا پئي گهرايائون. ابا اوچتو آفيس جنگ جو ميدان بنجي ويئي. فرنيچر ٽٽي ويا اسٽاف ۽ ايڊيٽر پڇي ويا. پڇا ڪرڻ تي خبر پئي تہ ماڳهين اڄ ڏيڍ بجي پنيوالي کي اها خبر پئي تہ "ساٿي" فيملي پلاننگ وارن جي ڦوڪٽي کي چوندا آهن. اتان ٿي عبرت پريس واري بلڊنگ پهتس، مين گيٽ تي ترڪٽين ٽائيلن تان ٽي دفعا ترڪي ڳنج زخمي ڪرايم. ڊاڪٽر ڪان پنٽي ڪرائي باءِ ايئر اندر ويس، اندر جيڪا پروائي پٽي ۽ غني درس واي زماني ۾ رونق هئي سان ڪا نہ هئي. بحرحال موجوده انچارج جي مڙس ماٺهو هئڻ ڪري اسٽاف جي ڇوڪرن مان وانڙپ ختم ٿيندي پئي ويئي. مٿئين حصي ۾ آئي وئي ۽ گري گنجي تي امپريشن وجهڻ لاءِ هول سيل جي حساب سان ڪمپيوٽر لڳايا هئائون. هال کي جامي چانڊئي شاندار آفيس ۾ تبديل ڪري ڇڏيو آهي، جنهن ۾ هڪ ئي وقت ٻن ڪرسين ۽ ٻن انگريزي ڪتابن جي گنجائش هر وقت موجود هوندي آهي. ٻن ڪان وڌيڪ اينڊڙ مهمانن کي جامي چانڊيو ڪريز ڪان ٻاهر نڪري ٻاڪڙا هوٽل تي وٺي ويندو آهي. جتي چانهہ پاران سول سوسائٽي ۽ نان خطائي پاران گڊ گورننس جا ليڪچر پياري روانو ڪري ڇڏيندو آهي.

اتان نڪري ڦوجين جي پاڙي ۾ ڪاوش بلڊنگ ۾ پهتس، گيٽ تي بہ ٽي ڪنگ سائيز مڇين وارا ڪلاشنڪوفون کڻيو بيٺا هئا. مون کي پڪ ٿي مون ڪان اڳئي اخبار کي ڌاڙو هڻيو بيٺا آهن پر پوءِ ٻڌم تہ ماڻهو ڪين گارڊ چئي رهيا هئا. ڪاڻئن علي قاضي جو پڇيم تہ مون تي سڌا برسٽ هلايائون، ڇگو ٿيو جو آئون جن هئس ۽ يڪدم ماڪوڙي بنجي گيٽ ٽپي

آيس. اندر گهڙي چا ڏسان اصل اخبارن جي مارڪيٽ لڳي پئي هجي. ڪي صبح ساڻ "شام شام" پيا ڪن ڪي صفا "وطن جا خادم" لڳا پيا هجن. هڪڙا "ڪوششون" پيا ڪن پيا "ڪاوشون" پيا ڪن. نيٺ پڇائون ڪري مارئي واري ڪوٽ جا ور وڪڙ ڪاٽي انن جاين تي تلاشيون ۽ پڇاڻا ڏيئي اندر گهڙيس ته نياز پنهور پنهنجي ڪبوتر خاني ۾ ڪاٺ جي ڦٽي ڏيئي رهيو هو. پڇا ڪرڻ تي خبر پئي ته پنهنجي ڪَهنديدار وارن کي دليپ ڪٽ بنائڻ جي چڪر ۾ آفيس جون پلاسٽڪ واريون ٽيهڻ ڦٽيون پڇي چڪو آهي. نيٺ تنگ ٿي مالڪن واڍن واري پڙ مان ٻڌل هيڙي جي ڪاٺ مان خاص آرڊر تي ڦٽي نهرائي ڏني آهي. جيڪا ڪٽڪ جي لابارن جي سيزن ۾ ڳوٺ به کٽي ايندو آهي ۽ ڦٽي سان به ٻه ٽي ڪرا به وٺرائي ايندو آهي.

مون اخبار جي ڪرتي ڌرتي سان ملڻ جي خواهش جو اظهار ڪيو ته ٺپ جواب ڏيئي ڇڏيائون ۽ چيائون ته "سيڪيورٽي جي تقاضا آهي ته تون اتان ئي پڪي ٿي وڃ" مون پيو ڪو چارو نه ڏسندي ڪين گشو هنيو ته "آئون اسلام آباد ۾ سي بي آر ۽ ٻين سرڪاري شعبن جو ائڊيور ٽائيزمينٽ بيورو آهيان." پوءِ ته ابا سيني مون کي هٿ ڏنو. مون لاءِ فانٽا، ٽيسٽي سوپاريون ۽ هلال جا ڪنا منا ڪنمنا گهرايائون. ڪنهن چشمو، ڪنهن پين، ڪنهن رومال تحفي ۾ ڏنو. نياز ويچاري ته گنجي لاهي مون کي تحفي ۾ ڏني. ايتري ۾ انٽر ڪام تي علي قاضي کي اطلاع مليو سو پاڻ آفيس جو در کولي ٻاهر نڪري مون سان وڏي اڪير ۽ سڪ سان ڀاڪر پائي مليو ڇو اسين سالن کان وچڙيل هڪ ٻئي جا دوست هجون. بحرحال مون کي هڪ ڦرٽي ڪرسي تي ويهاريائون جتي مون کي مزو اچي ويو ۽ آئون ڦرڻ لڳس مون سان گڏ ٻين ڪرسين تي وينل ناز سهتو ۽ رشيد راڄڙ به ڦرڻ لڳا. آئون ٻيهان ته هو به ٻيهن، آئون ڦران ته هو به ڦرن نيٺ آئون ٻيٺس ۽ علي قاضي پائيپ ۾ تماڪ ڀرڻ دکائڻ، وسائڻ ۽ وري دکائڻ واري عمل سان گڏ ڪاوش جي لارجيسٽ سرڪيوليٽيڊ ڊيلي علاقائي اخبار جي موضوع تي ڳالهائيندو رهيو ۽ منرل واٽر جي بوتل مان پنج پنج ملي ليٽر پاڻي به پيئندو رهيو ۽ اسان ٽنهي کي واڏو واهه جو پاڻي في ماٿو ليٽر جي حساب سان ڳڙڪايو ويو. ايتري دير ۾ چانهه اچي ويئي، جنهن لاءِ ڪنڊ ڪير ته هٿا پر پتي جون پڙيون ڪو نه هيون. علي قاضي ان ۾ دٻلي مان تماڪ جي پتيءَ جون چپٽيون وجهندي چيو ته هن پتيءَ جي ٽيسٽ زبردست آهي. حقيقت ۾ آئون شرلاڪ هومز وانگر اهيو سمجهي ويس ته اها سندس چال هئي جيئن مون کي انهيءَ پتيءَ سان موگو ڪري اشتهار وٺي. مون به ڪوپ مان خالي بڇڪا پريندي آهستي آهستي ڪري سڄو ڪوپ جوراب ۾ لڪائي ڇڏيو.

تيسين ٻپر واري آفيس ۾ گوڙ ٿي ويو. در کولي جو ڏسان ته ڪوشش جا نمائندا، ڪاوش جي نمائندن پاران گڏ ڪيل خبرن مان بچيل خبرن تي ائين جهپٽي پيا هئا جيئن گدڙ شينهن جي بچايل آندن تي مڙي ايندا آهن. ڪاوش وارا به هئا استاد تن واقعاتي ۽ حادثاتي خبرون ورَ ۾ لڪائي باقي يونٽ جي نائب صدرن ۽ تعلقي جي پريس سيڪريٽرين جا اٺ جيڏا مضمون ٽائيپ پريس بيان ڪين ڏيندا ويا. جيڪي هنن وري هيٺ بيٺل شيشا بوتل ۽ ردي واري کي اٺ آنه ڪلو جي حساب سان پئي وڪيا. منهنجي آبزرويشن علي قاضي برداشت

نہ ڪري سگھيو ۽ مون کي قميص مان جهلي ڪرسي تي ويهاري چوڻ لڳو "گھٽيئي ٿيو سائين! هاڻي ڪا بزنس وغيره جي ڳالھ ڪريو آئون هڪ نہ ٻي ڏينهن ڪاوش جو ضميمو ڪو امان الله ۽ ڪامريڊ وشنو، مير عالم، ڪرونئي، اظهرالدين، ڪاجول ۽ ريما لاءِ ڪو نہ پيو ڪڍان. اندريان ٻئي پيج توهان لاءِ رات ڏينهن قلبان آهن قلبان."

چيومانس"يار علي قاضي سچي ڳالھ اهيا اٿئي تہ آئون آهيان جن آيو آهيان تنهنجي اخبار جي سروي ڪرڻ پر اندر ڇڏين ئي نہ سو ائڊورٽائيزمينٽ بيورو جو ليڪو ڏيئي هٽ پهتو آهيان."

پوءِ تہ علي قاضي ڪاوڙ ۾ ڏڪندي سيڪيورٽي وارن کي نوڪري مان ڪڍي ڇڏيو ۽ پٽيوالن کي حڪم ڪيائين هن گوماندر کي ڪنيي وڃو ۽ منٺيءَ واري ڪوسٽر جي ڇت تي ٻڌي اچوس، پر منهنجي قسمت سٺي هئي جو پٽيوالن کي رسو هٿ ڪو نہ آيو، جيسين گوڏون ٻڌي ڪانچن مان اڳٽ ڪين آئون صفا ننڍڙو تي ناز سهتي ۽ رشيد راڄڙ جي ڪنن تان زوڪاٽ ڪري وڃي علي قاضي جي پاڙي تي ويٺس، جنهن اتان چيٽي سان جهلي پائيپ ۾ وجهي جا ڦوڪ ڏني تہ وڏو ٿي دري مان هوائي جهاز بنجي پڇي ويس.

اتان اٿي لال بتي آيس تہ هڪ انتهائي سيريس ايڪسيڊنٽ جي مريض بابت شام جو نمائندو ڊاڪٽر سان ڳالهائي رهيو هو. سندس خواهش هئي تہ همراهہ ياريهين تائين مري پيو تہ شام لاءِ فرسٽ ڪلاس خبر نهي پوندي. ڊاڪٽر کي ڇٺا ۽ قلفيون ڪارائي مريض ڪان غافل بہ ڪري رهيو هو. اهيو لقاءُ ڪاوش واري نمائندي ڏسي ورتو، تنهن وري ڊاڪٽر کي مريض جي سين ۽ دوائن لاءِ ٻہ تي سئو ڏيندي اها تاڪيد ڪئي تہ مريض 12 بجي تائين هر حال ۾ نہ مرڻ کپي جو شام جي پليٽ نهي وڃي ۽ خبر ڪاوش ڪٽي وني. ڊاڪٽر مريض کي اهڙي بوتل هنئي جو مريض 12 تائين ڪو نہ مئو توٽي جو شام واري نمائندي ڊاڪٽر کان اک بچائيندي مريض جي بوتل بہ بند ڪري ڇڏي ۽ پيٽ ۾ هڪ لت بہ وهائي ڪڍي. ڊاڪٽر باٿ روم ۾ ويو تہ چڪ سان سندس تپاس جا اوزار بہ خراب ڪري ڇڏيا. هوڏانهن ڪاوش واري نمائندي مريض جي سيرانديءَ کان وضوءُ ڪري ويهي قرآن پڙهيو تہ نہ مري.

ٿيو بہ ائين ٻارهين تائين مريض ڪو نہ مئو ۽ شام وارو ڦڪو ٿي ڊاڪٽر کي ڌمڪيون ڏيئي ويو هليو. ڪاوش واري بہ قرآن شريف نيي رکيو ۽ ڊاڪٽر کي چيائين هاڻي وارو ڪر ماري ڏي تہ اخبار لاءِ ٺاهوڪي خبر نهي ۽ تنهنجو فوٽو بہ ڏي تہ اهو بہ هلرائيندس پر قدرت خدا جي مريض ۾ ڪو ڪتي جو ساهہ هو سو رات جو ٻارهين تائين ڪو نہ مئو ۽ ڪاوش جي پليٽ بہ پريس ۾ هلي وئي. پوءِ تہ ڪاوش وارو بہ مريض جون بوتلون ۽ پٽيون ٽوڙي، ڊاڪٽر خلاف اسٽوري هلائڻ جون ڌمڪيون ڏيئي هليو ويو.

خادم وطن جو اسٽاف سدائين موڪل تي پر سچي پچي موڪل واري ڏينهن وٺ ٺان هوندي اٿن جڻ سچي ڪائنات جو بار مٿان پيو هجين معلوم ڪرڻ تي خبر پئي تہ ويچارن جو ريڙهو هلي ئي تڏهن ٿو جڏهن ٻين اخبارن جا ڊپارٽمينٽل اسٽور بند ٿا ٿين.

هوڏانهن سري گهاٽ جي ماين اخبارن خلاف جلوس ڪڍيو جن جو مطالبو هو تہ مٿا اخبار وارا روزانہ مردانا طاقت لاءِ جوائي وٺو انجوائي ڪريو، وياگرا، شادي کان اڳي ٽوڙي پوءِ

ساڳيو اچو منهن، طلاءِ ڦلاٽو، شهزور، سلاجيت، حڪيم، شهزاده ڊاڪٽر ۽ ٻيا ڪشتا ڪڙا اخبارن ۾ ڇپيو اسان صنف نازڪ سان دشمني ڪندا اچن. ڪين ٽپ ٽو چڙهي جو ڪڏهن ڪٿي زنانه طاقت لاءِ بہ ڪو اشتهار هلائين. مايون ويون پئي مارڪيٽ ٽاٽي جي صوبيدار جهان خان ڪي دانهن ڏيڻ جيڪو وياگرا نہ پچائڻ ڪري صدر ٽاور ۽ لجپت روڊ جي ميڊيڪل اسٽور وارن کي لاڪپ ڪريو ويٺو هو.

اهي احوال ٻڌائڻ کان پوءِ جن صفا ساٽو ٽي پيو. ٽيبل کي وڄائيندي بخشڻ مهراڻوي وانگر وارن کي جهٽڪا ڏيئي ڳائڻ لڳو:

”او ٺنڊي ٺنڊي بوتل ڪو پينا چاهيئي،

چاءِ آءِ يا نہ آءِ، پيپسي پينا چاهيئي.“

چيومانس تہ، ”جن صاحب هتي جهنگ ۾ پيپسي ڪٿان ملندي؟ البتہ مِيي امين جي کوھ مان توکي پاڻي پياري سگهجي ٿو.“ جن چيو، ”نهيو يلا! اهو ڪم بہ آئون ٿو ڪريان.“ ابا ويني ويني ٻانهون ڪٿي ڊگهيون ڪيائين ۽ ٺنڊي محمد خان جي هوٽل ڪرن مان بہ پيپسي جا ٽن ڪٽي ورتائين هڪ پاڻ ڏوڪيائين هڪ مونکي ڏنائين.

مون پيپسي کي ڏوڪ فرمائيندي پڇيو تہ، ”يلا ياٺو قمر پٽي، مولانا عزيز الله ٻوهيو، خالق جوڻيجو، جي اين پرڳڙي، اظهر جتوئي ۽ فهميده قريشي وارين پارٽين جا احوال ڪو نہ ڏنئي.“ اهي نالا ٻڌندي ئي جن اچي ڪل ۾ چٽو، پيپسي پيئڻ جي ڪري اٽڃي پيو. ساهہ چڙهي ويس. ماڳهين مئو ٽي ۽ ڳون ڳچيءَ ۾ ٽي پيو.

پر پوءِ پاٽيهي هوش ۾ اچي هي اهم انڪشاف ڪيائين تہ، ”انهن پارٽين وٽ ميمبر شپ فارم جي کٽي وڃڻ ڪري ميمبر شپ عارضي طور بند ڪئي ويئي آهي. سندن اڳواڻن جي گهرن ٻاهران ميمبرشپ وٺڻ لاءِ بيقرار ماڻهن جا هجوم بي قابو ٿي رهيا هئا، جن کي سنڀالڻ لاءِ پوليس جون ٽيمون ۽ رينجرز جا جٿا روانا ٿي چڪا هئا، معاملي جي نزاڪت کي محسوس ڪندي ميمبرشپ فارمن جي ڪثيرالاشاعت لاءِ حڪومت هڪ بمپر ڪوٽا منظور ڪئي آهي، جنهنجو آرڊر چين کي موڪليو ويو آهي ۽ ڪاغذ سان ڀريل پندرهن بحري جهاز چين مان روانا ٿي ويا آهن ۽ ٻيا لوڊ ٿي رهيا آهن.

ماڻهن جي رش سبب وڏن شهرن جي ڊي سين هڪ پريس نوٽ ذريعي هنگامي حالتن جو اعلان ڪري ڇڏيو آهي.“

مون چيو تہ، ”هاءِ ڙي هاءِ ڪٿي ڍور سڃيا تہ ڪٿي چور سڃيا!“

چيومانس، ”جن صاحب! تو سروي تہ زبردست ڪيو آهي، پر ممتاز ڀٽو صاحب واري پارٽي فرنٽ جي رپورٽ ڪا نہ ڏنئي؟“

چيائين، ”اوڏانهن بہ ويو هئس پر مون تي اهڙا تہ خطرناڪ ڪتا ڇڏيائون جو ماڳهين ڪانچ ٽي ڦاٽي، اها پارٽي سائين مون کان زور آهي. هڪڙو سر هجي تہ ماڻهو منهن ڏي سڃا سارا ڏهہ. سو ڳنهن کي ڪٿي ڪنيو آهي جو ڪيٽي ۾ وڃي. اخباري جنن سان ئي وڙهي پيو اسين وري کهڙي باغ جي موري آهيون.“

جن اجا سندس ڳالهہ ئي مس پوري ڪئي تہ بلبل ڪورواهي جيان ڪا بلبل آسمان تان
ـارا ڏيئي هيٺ لٿي ۽ تسبيح کڻي اڏامي ويئي. تسبيح ڪڇڻ سان ئي جن بہ گم ٿي ويو.
ۦ ڪن الطاف شيخ جهڙن رولاڪ ماڻهن، جن ڪي صحافي ذريون باوذوق ذريعا چونديون
ن، کان خبر پئي تہ اها تسبيح بلبل جي چهنب مان ٽنڊو جهانيان ۾ ان جاءِ تي ڪري، جتي
ار نقوي لالي پاپ ڪائڻ کي لڳو پيو هو ۽ ان جي ڪاڻي ۾ تسبيح لٽڪي پئي ۽ وانگر
ـراهہ راتورات جن جي معرفت اچي ڪاري جو مالڪ ٿي ويو ۽ انهي جن جي ئي مهرباني
ي جو سالن کان قسم کنيل کهاڻيڪارن کي زوار ميز ڪرسي تي ويهاري کهاڻي لکرائي
ي.
منهنجي مٿان بہ ساڳيو ئي جن ڏنڊو کڻيو بيٺو آهي. هي پنا ڏنا اٿمانس تہ وچي جند
ـي آهي.




..... مزاح هڪ فن، هنر ۽ ڪاريگري آهي، جنهن تي لکندڙ ان وقت تائين قلم کڻي نہ سگهندو آهي، جيستائين هو ان ۾ ڪل ۽ ٽوڪ جي سمائي نہ سگهي. ڪجهہ ماڻهن ۾ مزاح جو بنياد سندن اندر جي نفرت هوندي آهي، ڪجهہ چٽاڀيٽي ۾ اڳ ڪيڻ چاهيندا آهن، ڪجهہ ان کي تفريح لاءِ استعمال ڪندا آهن ۽ ڪجهہ وري پنهنجي اندر مان مايوسي دور ڪرڻ لاءِ مزاح نگاري اختيار ڪندا آهن. هنن جو خيال هوندو آهي تہ مزاح انساني لفظن جي سخاوت ڏيندي آهي. بهرحال اها حقيقت آهي تہ مزاح انسان جي ڏکن ۽ دردن کي ٿاري ماٺو ڪري ڇڏيندي آهي ۽ گهڙي پل لاءِ سندن اهي اهنج ختم ٿي ويندا آهن جن جي ڪري هو هر گهڙي پريشان رهندا آهن.

ساري دنيا ۾ مزاح انهن بدنصيب ماڻهن لاءِ چيرڻ ۽ چانوَ هوندو آهي، جيڪي غربت، اڪيلائي ۽ تڪليفن ۾ وقت گذاريندا آهن. گهڻي ڀيو ڪجهہ ٻہ نہ پر پل لاءِ ٿي سهي گهٽ ۾ گهٽ ڪين هڪ مرڪ ضرور ڏيندو آهي....